
دنيا دم
درياءُ
(ناول)
ناصر زهراڻي
MUNAWAR ABRO

# دنيا دم درياءُ

(ناول)

ناصر زهراڻي

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري.
2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Book No.33

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | دنيا دم درياءُ |
| موضوع | : | ناول |
| ليکڪ | : | ناصر زهراڻي |
| ڇاپو ٻيو | : | اپريل 2018ع |
| ڇپرائيندڙ | : | سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو. |
| ڪمپوزنگ | : | مرتضيٰ، عبدالمنان، عبدالغفار |
| سرورق | : | منور ابڙو |

مُلهه: **200** روپيه

***Duniya Dam Darya*** *(Novel)*

*By:* ***Nasir Zuhrani***

*1st Edition: Jan. 2017*

*Published by:*

رابطي لاءِ

Mob # 03360811518

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”دنيا دم درياءُ“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناميارِي ليکڪ ناصر زهراڻي جو لکيل ناول آهي.

هيءُ ناول سنڌي سماج توڙي بيوروڪريسي جي مٿان چڙهيل نقلي نقاب کي بي نقاب ڪري ٿو ته ٻئي طرف سنڌ جي موجوده حالتن جي محرومين ۽ مجبورين جي عڪس بندي به پيش ڪري ٿو. جيتوڻيڪ دادلو زهراڻي بيوروڪريسي جو حصو پڻ آهي هن پنهنجي صغير ۽ شعور کي سماج آڏو جوابده سمجهي پنهنجي دامن کي بچائي هليو اهي. جنهن ڪري هن جو دامن اڄ به اجرو آهي.

هن ڪتاب جو **ٻيو ڇاپو سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري** پاران اپريل 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون محترم عيسيٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# اداري پاران

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري جو هي 33هون ڪتاب آهي جيڪو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي پرجستي ڪهاڻيڪار دادلي ناصر زهراڻي جو ناول ”دنيا دم درياهہ“ جي نالي سان ٻيو ڀيرو شايع ٿيو اهي. هيءُ ناول سنڌي سماج توڙي بيوروڪريسي جي مٿان چڙهيل نقلي نقاب کي بي نقاب ڪري ٿو ته ٻئي طرف سنڌ جي موجوده حالتن جي محرومين ۽ مجبورين جي عڪس بندي به پيش ڪري ٿو. جيتوڻيڪ دادلو زهراڻي بيوروڪريسي جو حصو پڻ آهي هن پنهنجي صغير ۽ شعور کي سماج اڏو جوابده سمجهي پنهنجي دامن کي بچائي هليو اهي. جنهن ڪري هن جو دامن اڄ به اجرو آهي. جنهن تي سنڌ ۽ تاريخ کي هميشہ فخر رهندو. هن غربت جا سڀ جهان اکين سان ڏٺا آهن ان ڪري هن پنهنجي سموري درد ڪٿا پڻ هن ناول ذريعي اظهاري آهي.

اسان پُراميد آهيون تہ هي ناول سنڌي ادب، سماج ۽ سنڌ جي ساڃاهہ وندن اڳيان گهربل عزت ۽ مانُ ضرور ماڻيندو.

**عيسيٰ ميمڻ**
چيئرمين
سرسوتي ساهت گهر

# انتساب

منڍي جيجل سنڌ! تنهنجي اڻ ڪٿ دردن جي نالي.

ڳِهــڙي گهــڙو هــٿ ڪــري، الاهــي توهــار،
ڄنگهہ ڄرڪـي وات ۾، سِســي ڪـي سيســار،
ڇُــوڙا، ٻِيــڙا ڇِــڪَ ۾، لُــڙ ۾ لُــڙهيس وار،
لڪين ڇُهتِيَسِ لوهٽيون، ٽيلهيـون ٽرنئون ڏار،
مِڙيــا مَــچَ هــزار، پاڳــا ٽينــدي ســهٽي.
(پٺائي)

## پنهنجي پاران

هن ناول جي لکڻ جي بنيادي محرڪن ۾ ڪيترن ئي فرضن، ڪيترن ئي قرضن ۽ ڪيترن ئي دردن جو عمل دخل آهي.

**ناصر زهراڻي**
ڪراچي.

# مهاڳ

ذهن جي خودڪار نظام ۾ جڏهن بہ دادلي زهراڻيءَ جي ياد اوچتو هوا جي ڪنهن جهوٽي وانگر گهلي پوندي آهي تہ ان وقت الائي ڇو هن جي سانوري، ڪلمک ۽ سدا ملوڪ چهري سان گڏ حيرت ۽ افسوس جون بہ ڪيتريون ئي نشانيون تصور ۾ سڪل وٽن جي ٽڙن جو روپ وٺي نڪري نروار ٿي بيهنديون آهن ۽ مان هڪدم گهلجي اسيءَ واري ڍاڪي ۾ پهچي ويندو آهيان...

هي دادلي جي ٻاراڻي وهيءَ مان نڪري بلوغت جي پهرين ڏاڪي تي پهچڻ وارا ڏينهن هئا. هن جو ٻاهمت، رويئي جو ٻاجهارو، حاضر دماغ ۽ سدائين چست ۽ ڦڙت رهندڙ والد موريل ( جيڪو شاعر ۽ انگريزي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو. جنهنڪري اڪثر مهين جي دڙي تي ايندڙ سياحن جو گائيڊ بہ بڻبو رهندو هو. ) تازو تازو گذاري ويو هو. يتيمي ننڍڻ اس ۾ واريءَ جو رڻُ بڻجي دادلي جي اڳيان اچي وئي هئي. جنهن ۾ پري پري تائين ڪنهن ڇانوَ ڏيندڙ وڻ جوڪو نانءُ نشان نہ هو. تڏهن هن ۾ الائي ڪٿان ايتري سگهہ اچي وئي هئي، جو هو پنهنجي ٻنهي پيرن تي مضبوطيءَ سان بيهي وقت سان وڙهڻ لاءِ سينو تاڻي بينو هو. پنهنجي ڪکائين گهر مٿان آيل ڏکي گهڙيءَ کي ٽارڻ لاءِ پيءُ جي پورهيي جا اوزار هٿن ۾ سوگها

ڪري ورتا هئائين. گڏوگڏ مئٽرڪ جي پڙهائيءَ جو سلسلو بہ ساڳي پابندي ۽ دلچسپيءَ سان جاري رکيو هئائين.

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي هن سان ملاقات پنهنجي سهري صوفي محمد ايوب پناڻ جي حوالي سان ٿي هئي. جيڪو هن جي والد جو ويجهو دوست ۽ همخيال هو.

مون هن ۾ ان پهرين ملاقات ۾ ئي علم حاصل ڪرڻ جو وڏو چاهہ ڏٺو هو. نہ رڳو ڪورس، پر ان ڪان علاوه ادب جا ٿلها موٽا ڪتاب پڙهڻ بہ ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي روزمرهہ جي زندگيءَ جو معمول بڻائي ڇڏيو هئائين.

مونکي ياد آهي تہ مون هن کي تڏهن امرجليل جون ڪهاڻيون لازمي پڙهڻ جي تلقين ڪئي هئي. ڇوتہ منهنجي دوست رزاق مهر جي پنهنجي تجربي ڪانپوءِ بہ ڪيترن ئي ليکڪن ۽ اديبن جي اها متفقہ راءِ هئي تہ امر جليل جون ڪهاڻيون ڪنهن نئين پڙهندڙ ۽ لکندڙ لاءِ انڪري ضروري آهن تہ اهي نہ صرف اڳتي هلي سنا پڙهندڙ ۽ لکندڙ ٿين ٿا پر باقائده ۽ چٽي طرح پنهنجو دڳ پيچرو بہ سجاڻي ۽ حاصل ڪري وٺن ٿا.

پوءِ ائين ئي ٿيو ۽ هن جيئن ئي امرجليل جي ڪهاڻين جو مطالعو شروع ڪيو تہ الائي ڪهڙين غفائن مان ۽ ڪٿان قلم ٻوڙندو اچي هن جي هٿن سان ساهہ وانگر سلهاڙيو ۽ هن هڪ جي پنيان ٻي ۽ ٻيءَ جي پنيان ٽين ڪهاڻي امرجليل جي اسلوب کي اپنائي ۽ قلمي نالي ناصر زهراڻيءَ سان لکي اچي پهريان پهريان مونکي ٿي پڙهائي.

جيئن تہ هن جي قلم ۾ رواني هئي، درد هو ۽ موضوعن جي انوکائپ هئي، انڪري اڳ ۾ مون پاران ٿيندڙ حوصلہ افزائيءَ مان اتساهہ وٺي هن جي اندر جو ننڍڙو ليکک سندرو ساهيندو وڏو ٿيندو ويو. بيشمار ڪهاڻيون لکندو ۽ سنڌي ادبي سنگت، ڏوڪريءَ جي دستوري گڏجاڻين ۾ باقائدگيءَ سان تنقيد لاءِ پيش ڪندو ۽ بعد ۾ مختلف رسالن ۾ ڇپائيندو ويو.

ان مسلسل تخليقي عمل ۽ ڪهاڻين ۾ توجہ ڇڪائڻ جهڙو گهڻو ڪجهہ هجڻ ڪري هن جو قلمي نالو ناصر زهراڻي پهريان ٿَرَ ۾ ۽ پوءِ سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيندو ويو.

پوءِ جڏهن عمر جي مند ڇيٽ جو گلابي ويس اوڍي آڏو آيس تہ " جليلي انداز " ڇڏي نِج پِج پنهنجو انداز اپنايائين. جنهن سان هن جو مان مرتبو اڃا سرس ٿي پيو. تڏهن ئي سنڌ جي ڪيترن اديبن، شاعرن ۽ خاص طور تي اسانجي ٿَرَ جي برجستي ڪهاڻيڪار ملڪ آگاڻيءَ جو تہ هو محبوب ڪهاڻيڪار بڻجي پيو. جنهن جو اظهار هڪ ادبي گڏجاڻيءَ ۾ دادلي جي تنقيد لاءِ پيش ڪيل ڪهاڻيءَ تي راءِ زني ڪندي ملڪ آگاڻيءَ هيئن ڪيو هو تہ، " مونکي يقين آهي تہ هي ڪهاڻيڪار مستقبل ۾ اسانجي سنڌي ڪهاڻيءَ کي وڏو عروج بخشيندو. "

ادب جي افق تي چمڪڻ وارن تن ڏهاڙن ۾ ئي هن کي بنا ڪنهن سفارش جي ۽ رڳو ئي پنهنجي غيرمعمولي ذهانت ۽ اهليت جي ڪري ۽ چٽاپيٽي جي امتحان ۾ انصاف سبب ماستريءَ جي نوڪري حاصل ٿي، تہ نہ صرف هن جي گهر جي حالتن ۾ ڪافي ڦيرو آيو، پر هن جي سوچ ۾ بہ تمام

گهڻي تبديلي آئي. ڪهاڻين سرجڻ سان گڏ هاڻي هن پنهنجي جنونيت کي اڪيڊمڪ پڙهائيءَ ڏانهن به لاڙي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته هن اهو تيستائين پنهنجي ڪيل مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار پليءَ پٽ پروڙي ورتو هو ته پڙهائي نه فقط سوچ جا زاويا تبديل ڪري ماڻهوءَ کي " ماڻهو " بڻائي ٿي، پر حقيقي زندگيءَ جي رنگن روپن کي به بدلائڻ ۾ بيحد ئي مددگار ٿئي ٿي.

۽ واقعي به هن جڏهن ڏينهن رات هڪ ڪري، اوجاڳا ڪڍي پي سي ايس جو امتحان ڏنو ته پهرين ئي اچل سان اهو کوهُ ٽپي وڃي سيڪشن آفيسر جي ڪرسيءَ تي وينو. جتان ترقي ڪري اڄڪلهه ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي عهدي تي اچي پهتو آهي.

ڪامورڪي سٽ سان سلهاڙجڻ وارن ابتدائي ڏينهنِ ۾ ته هن پنهنجي ادبي ڪم يعني ڪهاڻين کي سهيڙي هڪ ڪتاب جي شڪل ڏني هئي. جيڪو ڇپائڻ جي تياري به ڪئي هئائين. پر بدقسمتيءَ سان اهو مسودو ڪانئس الائي ڪيئن ۽ ڪٿي گم ٿي ويو هو. تڏهن هن دلشڪستو ٿي نه رڳو اهي ڪهاڻيون ڪتان هٿ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي،پر اهو ڪتاب ٻيهر ڇپائڻ جي ارادي ۾ به ڪڏهن ڪا سرگرمي نه ڏيکاريائين.

ائين هن جو اهو سالن جو ڪيل پورهيو "ناصر زهراڻي" جي قلمي نالي سميت وقت جي اوندهه ۾ گم ٿي ويو ۽ هو ادبي دنيا کي ڪهاڻين جي گم ٿيڻ سبب ڀڳي هَڏَ سان ڇڏي وڃي جهان جي ٻين خفن ۾ مصروف ٿيو.

ورهيه گذري ويا. جنهن ڪانپوءِ اوچتو ڪتان خبر پئي ته دادلي ڪو ناول لکڻ شروع ڪيو آهي. ڏاڍي خوشي ٿي. يادگيرين واريون سڪل ٽڙن جي عجب جون نشانيون تصور ۾

ساون وڻن جو روپ وٺڻ لڳيون. پر گمان جو پڪي ٻه پڙکو ڏئي اڏي حقيقت واري پت تي وينو تڏهن تصديق لاءِ کيس فون ڪري پڇيم ته ”چا اها خبر درست آ؟“ ته ”هائوڪار“ ڪندي چيائين، ”شروع ته ڪيو اٿم، پر دعا ڪيو ته تڪميل تائين پڄائي سگهان.“

ان تڪميل ۾ ٻه هن کي ڏينهن، هفتا ۽ مهينا نه، پر ڪجھ سال لڳي ويا. جنهن ڪانپوءِ ”دنيا دم درياهہ“ جو نالو ڏئي هي ضخيم ناول منهنجي دلي دوست هدايت منگيءَ جي موپي پٽ عزيز منگيءَ جي هٿان مهاڳ لکڻ لاءِ مون ڏانهن ڏياري موڪليائين.

ستن بابن تي مشتمل هي ناول هٿ ۾ رسڻ سان مون پنهنجون ٻيون سڀ مصروفيتون پاسي تي ڪري ڇڏيون. ڇو ته انهي ” پَوَ“ منهنجو پيڇو نه ٿي ڇڏيو ته جيڪڏهن مون مهاڳ لکڻ ۾ ٿوري ٻه ڏِرَ ڪئي ته دادلي جي مَنَ جو عارُ ڪنهن ٻئي پارِ هليو ويندو. انڪري گوڏو پيچي ناول جيئن ئي پڙهڻ شروع ڪيم ته هڪ ”خوشگوار حيرت“ جو دائرو ذهن ۾ جڙندو، ويڪرو ويڪرو ۽ ٻي حد ئي ويڪرو ٿيندو ويو ۽ مان ڪنهن مقناطيسي ڪشش يا چقمق وانگر چڪجي ان جو حصو بڻجندو ويس.

”مهران“ جي سيئين وصفين سهڻي ۽ سگهڙ ڪردار کي ڪٽي ناول نگار لوڪ ڪٿا جو انداز اپنائي آهستي آهستي اسانجي چئوطرف پکڙيل سماجي براين وارين ٻهراڙين، انهن ۾ ٿيندڙ اجهاڳ ناانصافين، ڏاڍاين، ناسهپن، ناڪامين، نا اميدن، انائن، انتقامن ۽ اهڙين اهڙين اگرين ۽ لونءَ ڪانداريندڙ حقيقتن تان پردو ڪڻندو وڃي ٿو، جيڪي صدين ڪانوني سنڌ جي قومي تشخص کي نياڳ جي نائي تي ڇهٽي

پيون آهن. ان جي اڇي اڇري پيشانيءَ تي بدنما داغ ٿي پيون آهن. جن جو روئڻو لطيف ۽ ان کان اڳ بہ سچن قلمڪارن رنو هو تہ اڄ دادلي جو سچو قلم بہ روئي رهيو آهي ۽ هن جي قلم جي نِبُ مان بي ساختہ هي جيڪو سچ جو نورُ نروار ٿي رهيو آهي، اهو پنهنجي روشنيءَ سان اسانجي اڄوڪي جيوت کي انسان جي تاريخ کان اڳ واري وحشي دور سان ڳنڍي مرن کي بہ ماٺ ڏياري ٿو ڇڏي!

ٻوليءَ جي غير روايتي اظهار ۽ تشبيهن، استعارن، محاورن، پهاڪن، ورجيسن ۽ چوڻين جي ڪيترين ئي ڪهڪشائن سان سينگاريل هن ناول جي ڪردارن جا قافلا پنهنجين پنهنجين ڪهاڻين جون ٻيڙيون ڪڍي، پنهنجي سفر جو آغاز بہ ڪن ٿيون تہ ڪنهن نہ ڪنهن حيران ڪندڙ، دڪدائڪ ۽ ڀيانڪ پڄاڻيءَ جي ڪناري جو جلوو بہ پسائين ٿيون.

مُک ڪهاڻي ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا سنڌ سيڪريٽريٽ جي گلو نالي هڪ پٽيوالي جي حياتيءَ جي آخري گهڙين جي آهي. جنهن جي سهپ کان ٻاهر جي عذاب وارن پهرن ۾ سندس ياد جي دري امالڪ ڪڏهن ”مهران“ جي ڪردار تي کلي ٿي تہ ڪڏهن سخاوت عليءَ جي ڪردار تي، ڪڏهن صوفن تي تہ ڪڏهن خيربخش خيراڻ، امير بخش ڪاريهر، رحمان علي ٽنبڙ ۽ ڪڏهن صوفي صاحب تي.

يادن جي انهن دائرن اندر اڻکٽ ڪهاڻيون جنم وٺن ٿيون، جيڪي ڄاڻايل ڪردارن جي تعلق مان ڦٽي ناول جي ڌرتيءَ تي سمنڊ جي لهرن وانگر اپرنديون وڃن ٿيون. جيڪي پڙهندڙ جي ذهن کي مڪمل طور تي پنهنجي گرفت ۾ قابو ڪنديون ۽ انهن جي دلين جي اندرين تهن جي ڦرهين تي

پنهنجا اڻمٽ ۽ نہ وسرندڙ نقش ڇڏي اتي هميشہ لاءِ محفوظ ٿي وڃن ٿيون.

سنڌي ناولن جي ڇتيءَ جيتري آسمان ۾ ماڻڪ ڪانپوءِ نرالي ۽ تجرباتي اسلوب ۾ لکيل هي ناول پنهنجي ستن بابن ۾ مونکي تيز رفتار ريل جي اهڙين ستن اسٽيشنن جي سفر وانگر لڳو، جنهن جي تيزيءَ سان گذرندڙ هر منظر ۽ ڪردار ۾ ناول نگار زندگيءَ جي حقيقي جهلڪ ڪنهن ڊجيٽل ڪيميرا ۾ محفوظ ٿيل عڪس وانگي بيحد ئي ڇٽي ڪري بيهاري آهي ۽ ڪنهن ڪردار جي اک جو ڳوڙهو، ڏک جو گهنج، تلوار جو ڌاءُ، ظلم جو داءُ، احساس جو قتل، نااميديءَ جي دانهن، بيوسيءَ جي چيخ پڪار وڏي وستار سان واضح ڪري ڏيکاري تہ آهي ئي، پر ڪنن جا پردا ڦاڙيندڙ آواز ۾ ڪمال ڪاريگريءَ ۽ فڪري ۽ فنائتي جادوگريءَ سان جڻ ٻڌائي بہ آهي.

وڏي ڳالھ تہ سڄو ناول پڙهندي اهو احساس بار بار پيو ٿئي تہ مُک ڪردار سميت ڪنهن بہ ڪردار کي ناول نگار پنهنجي قلم جي زنجير ۾ ٻڌي ڪٽي بہ گهليندي نظر نٿو اچي. پر اهي سڀ پنهنجي فطري انداز ۾ ايرن ٿا، وري گم ٿين ٿا، وري نون ڪردان کي جاءِ ملي ٿي. جيڪي پنهنجين نين ڳالهين جي سحر ۾ قابو ڪري، پڙهندڙن کي پنهنجي سفر ۾ ساڳي دلچسپيءَ سان ڳڏ ڳڏ وٺي هلن ٿا. انڪري پلجي بہ پڙهندڙ ناول نگار کي ناول جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ راھ تان ٿڙي وڃڻ جو ڏوراپو نہ ٿو ڏئي. ڇو تہ هن ڪردارن ۽ ڳالهين تي پنهنجي گرفت تنبوري جي تارَ وانگر تاڻي ۽ ڇڪي رکي آهي جيڪا ڪنهن بہ ناول جي بهترين ۽ وڏي ۾ وڏي خوبي ڳڻي ويندي آهي.

ڀِرا ڙيءَ سان گڏ شهر جي ڪردارن جي بہ اڇوڪن ۽ صدين جي ڪيترن ئي سچن کي آئيني جهڙي صاف ۽ شفاف حقيقت نگاريءَ سان سلهاڙي بنا ڪنهن مصلحت جي ۽ وڏي دليريءَ سان وائکو ڪندڙ هي ناول جيترو گهڻ رخو ۽ گهرو آهي، اوترو ئي مونکي ناول نگار ۽ پنهنجي يار دادلي زهراڻيءَ جي جراحي قلم تي پيار بہ اچي ٿو تہ سندس اهڙي برجستي تخليق واري تعارف تي فخر بہ محسوس ٿئي ٿو.

تاريخ:
22 نومبر 2016 ع

**محمد علي پتافي**
لاڙڪاڻو.

# ناصر زهراڻي: تاريخ جو روشن باب آهي.

جُڳن جي تاريخ ۾ انسان پنهنجي وندر ورنهن تفريح ۽ اصلاح لاءِ قصا، ڪهاڻيون ۽ داستان وغيره نه صرف پيش ڪندو رهيو آهي پر انهن جي محفوظ ڪرڻ لاءِ غارن/پٿر واري دؤر کان اڄ جي جديد ٽيڪنالوجي دؤر تائين ڪوششون به ڪندو رهيو آهي. ڇا ڪاڻ ته اهي قصا ڪهاڻيون توڙي داستان پنهنجي ذات ۾ خود هڪ تاريخ به رکن ٿا. اهي سڀ ڳالهيون مجموعي انسان ذات جون نه صرف ميراث آهن پر جديد اب جو بنياد به آهن. سنڌي ادب جي شروعات هونئن ته نظم سان ٿي آهي، جنهن ۾ جنگي، رومانوي ۽ خيالي داستان ۽ قصا بيان ڪيا ويا آهن جيڪي اڄ تاريخ جو املهه حصو آهن ۽ نثري صنفن جي شروعات خطن سان ٿي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ قديم ترين خط راجا ڏاهر جو چھين صديءَ ۾ ملي ٿو. باقي نثري صنفن جو باقاعده آغاز انگريز دؤر کان نظر اچي ٿو. جنهن ۾ ڪهاڻي، مضمون، ناول، ترجمو، تحقيق، وغيره جهڙا علم شامل آهن. انهن نثري صنفن ۾ ناول جي شروعات ته داستان ۽ قصا آهن جن ۾ ”بوبنا ۽ ڇام جراڙ“، ”لاکو ۽ مهر راڻي“، ”اڊو ڪيهر“ ۽ ”هوٿل پري“ وغيره مهم جوئي عشقيه داستان رهيا آهن جيڪي اڳتي هلي مغربي ناول جي اثر ۾ سنڌي ناول جو بنياد بڻيا. ان کان اڳ دنيا جو پهريون ناول سرواتنس (Cervants) جو ڊان ڪنگز وٽ Don Quingzote اسپين ۾ 1605ع ۾ شايع ٿيو هو. سنڌيءَ ۾ پهريون ناول جانسن جي

انگريزي ناول ”راسيلاس“ جو ترجمو ڪري 1870ع جي منشي اڌرام ٿانو داس، ۽ ساڌو نولراءِ شايع ڪرايو. جنهن ڪان پوءِ اصلو ڪا ناول لکڻ جو آغاز پڻ ٿيو. جنهن ۾ 1885ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو ناول رستم پهلوان ۽ 1990ع ۾ ”زينت“ ناول شامل آهن. ان ڪان اڄ تائين سنڌي ادب ۾ ناول ترقي ڪري سماجي مسئلن ڪان قوميت، صوفي ازم، دهريت، اشتراڪيت جي موضوعن تي لکيا ويا آهن. جنهن سان سنڌي ادب جي جهولي مالا مال ٿي آهي.

سنڌي ادب جي هن سفر ۾ سائين ناصر زهراڻيءَ جو هيءُ ناول ”دنيا دم درياهه“ پڻ هڪ زبردست اضافو آهي- ناصر زهراڻيءَ جو تعارف هونئن ته ادب جي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻي ڪار جو رهيو آهي. جنهن جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون جهڙوڪ ”لوڙهو“ ”رنڊيءَ جو پٽ“، مان ”تڪجي پيو آهيان“، ”غربت جو زهر“، ”چچريل آڱريون“ وغيره سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والا رين ٿيون. هي ناول جيڪو وک وک تي سماج جي پيڙائن جو ذڪر ڪندي، ماڻهوءَ جي ڪيفيت ئي تبديل ڪري ٿو ڇڏي. ناول شروع ڪرڻ ڪان ختم ڪرڻ تائين پڙ هندڙ ڪي پنهنجي سحر ۾ رکي ٿو ته هڪ ئي وقت شهري زندگي توڙي ٻهراڙيءَ جي سماج جي تصوير به پيش ڪري ٿو. جنهن ۾ قبائلي جهيڙن جي منظر ڪشي، بک جو احساس، ڪينسر جي مريض جون ڪيفيتون، آفيسر شاهيءَ جون بدمعاشيون، هيٺين ڪلاس جون محروميون ۽ مجبوريون پسي سگهجن ٿيون. جنهن ۾ انهن المين سان گڏ شاهه لطيف، شيخ اياز شاعريءَ ڪان وٺي حضرت علي جي قولن تائين فڪري طور تي تراشيندو رهي ٿو. ”ناول“ جيڪو پنهنجو ڀرپور اثر ته ڇڏي ٿو

پر پڙهندڙ جي ذهني ڪيفيت ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏي ته اتي تاريخ جا ٻه دروازا کولي ٿو. هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

چاليهي جي ڏينهن ۾ اتر سنڌ ڪڇڙي منجهند جو ائين ويران ٿي ويندي آهي جڻ ته رڳو "گهوڙا ڙي گهوڙا ڙي" جو آواز بلند ڪري مدد خان پناڻ جي لشڪر جي آمد جو اطلاع ڏنو ويو آهي."

ناول نگار نه صرف حالتن جو پسمنظر پيش ڪري ٿو ان سان گڏوگڏ انهن حالتن جو پيشمنظر به کولي رکي ٿو ته ساڳي وقت آفيسر شاهيءَ جي اندر ۾ لڪل بدمعاشي جو ذڪر ڪندي، ڊي سي صاحب جو به ذڪر ڪري ٿو. اهو ڪامورو جيڪو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي گهراڻي جو چشم چراغ آهي پر آفيسر شاهيءَ جي نشي ۾ چُور ٿي مظلوم ماڻهن جو رت چوسڻ ڪان ونئي، عورتن جي عصمت دريءَ تائين سڀ عمل ڪري ٿو پوءِ به سماج جي نگاهه ۾عزت لائق آهي. هي سڀ درد جا داستان ناول نگار پنهنجي اکين سان نه صرف ڏٺا آهن پر انهن جو گهرائيءَ سان مشاهدو به ڪيو آهي.

هي اهوئي ناصر زهراڻي آهي جيڪو 27 مئي 1971ع تي ڏوڪري جي اوڀر-اتر ۾ 3 ڪلو ميٽر پري ڳوٺ ڏني واهڻ ۾، ان دؤر جي تاريخ جو اهم نانءُ غلام حسين موريل زهراڻي جي گهر ۾ جنم ورتو هو، غلام حسين موريل زهراڻيءَ جنهن جا پورهيت هٿن، ڏوڪريءَ جي روڊن تي ويهي جتن کي ڳنڍيو ۽ ان وقت جي نوجوانن توڙي سياسي، سماجي ۽ ادبي ڪارڪنن جي ذهني ۽ فڪري پرورش ۾ به ڪردار ادا ڪيو. هن ناصر نه صرف پنهنجي والد جي ڇڏيل فڪري ۽ علمي ڪم کي اڳتي وڌايو آهي پر پنهنجو الڳ تعارف ۽ مقام به پيدا ڪيو آهي. جيڪو ايندڙ نسلن جي رهنمائي لاءِ مشعل

راهه رهندو. هن جو سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري ۾ ڪيل ڪم هجي يا موهن جو دڙو سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن ڏوڪريءَ ۾ علم جون شمعون ٻارڻ هجڻ، اهي سڀ عمل تاريخ جو روشن باب آهن. هي ناول ان روشن باب ۾ زبردست اضافو بہ آهي ۽ حوالو بہ آهي.

**عيسيٰ ميمڻ**

# چچريل آڱرين کان دنيا دم درياهہ تائين

هُن جڏهن ”چچريل آڱرين“ جهڙي شاهڪار ڪهاڻي لکي هئي تڏهن بہ هُن، اُن ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سمورو درد، عذاب، آسون، اميدون، نفرت، ڪروڌ ڀري ڇڏيو هو. اُن ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي تن تي پيل ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿيل هئا. دوزخ جهڙي ڌرتيءَ تي پيرا اگهاڙا هئا، پيٽُ ست رشي ڪاڏن کان خالي هو، آرهڙ جي اُس ۾ مٿُو اگهاڙو ۽ تهہ سياري جي برف جهڙين راتين ۾ بہ زندگي اُتر هير جي سامهون بيٺل هئي. قلم ۽ ڪتابن وارن هٿن ۾ جڏهن پيٽ جي دوزخ کي ڀرڻ جي لاءِ لوهي آرسان ڪُٽل ڪيٽڙا ٽوپيندو هو تڏهن آڱرين سان گڏ هُن جو روح بہ چچريون ٿيندو هو.

هو ٽوٽن، انبن، زيتونن، نمن ۽ ٽالهين جي وڻن ۾ آباد پنهنجي ڳوٺ ڏنو واهڻ (سونهري ريگيوليٽر) کان ڏوڪريءَ پنهنجي اهل علم والد صاحب سان گڏجي هر روز صبح جو ڪتاب هٿن ۾ ڪٽي ڪچيءَ سڙڪ سان علم حاصل ڪرڻ اسڪول ايندو هو. تڏهن ڏوڪريءَ تائين پهچندي پهچندي پنهنجي والد صاحب کان ڪيترائي سوال پڇي وٺندو هو. ۽ ڪيترائي خيال اُن کي ٻڌائيندو هو. بہ ڪهي چپل، تن تي سادا ڪپڙا، آرهڙ جي لڳ ساڙيندڙ جهولِن ۾ پيءُ پُٽ جي انهيءَ جوڙي کي ماڻهون بيهي ڏسندا هئا. سندن بحث جا موضوع دنيا جي سياست، مذهب، نظريا، فڪر ۽ سنڌ جي آزادي هوندا هئا. ۽ هو جڏهن ڏوڪريءَ جي شهر ۾ پهچندا هئا تہ جڻ ڀٽائي جي بيت جو هوبهو عڪس هوندا هئا.

مٿن ٽُبڪ ٽُبڪڙا، چڪندڙا اڇن،

گڙيون گهه پُڪليون، پگهر سَرَ پيرن،
اي وَڙُ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيو.

۽ ڪيئي سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ اڄ وري سندس قلم مان هي ناول ڦٽي نڪري نروار ٿيو آهي. جيڪو سنڌ جي ماضي قريب ۽ حال جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي. ورهه گذري وڃڻ ڪانپوءِ به سندس قلم ۾ اڄ به اهائي سچائي خودداري، بي انتها روانگي ۽ فڪري اُڏار جي سگهه آهي. سالن جي سخت محنتن ڪان پوءِ مقابلي جي امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڪامورا شاهي واري طبقي ۾ شامل ٿيڻ جي باوجود هُن جي طرز زندگيءَ ۾ ڪوبه فرق نه پيو آهي. سندس طبقو تبديل هُجڻ باوجود پٽائي جي سٽ تي عمل پيرا آهي ته.

اي۽ نه مارنُ ريت، جوسيڻ مٿائن سون تي.

اهوئي سبب آهي جو هُن جو پنهنجي ڌرتيءَ، پنهنجن مارو ماڻهن ۽ زندگيءَ ڏانهن رويو اهوئي مارئي وارو آهي. جنهن جي ڪري ئي اهڙو ناول تخليق ڪري سگهيو آهي. سندس طبع زاد ناول ”دنيا دمِ درياءُ“ ۾ سنڌ جي ڳوناٺي زندگيءَ جا ڪيئي رُخ ۽ رنگ موجود آهن. ته ٻئي طرح سنڌ جي شهرن ۽ اعليٰ ادارن ۾ ٿيندڙ سنڌ جي استحصال جا داستان ۽ قصا آهن. جن کي پڙهندي حيرت، غم، ڪاوڙ ۽ خوشي واريون گڏيل ڪيفيتون پيدا ٿين ٿيون.

مثال طور سنڌ جي ڳوٺن ۾ جڏهن بجلي بند ٿيندي هئي ته ٻوسٽ، رُڳه جي ڪري مارو ماڻهن جو ساهه ٻوساٽبو هو تڏهن ڳوناٺان پنهنجي پنهنجي گهرن ۽ اوطاقن ۾ ڏکڻ جي هوا کي ڪيئن سڏ ڪندا هئا. ناول جي پهرين باب ۾ لکيل آهي ته:

”ڏور ڪنهن پاڙي جي ڳوٺ مان ڪنهن جوان جي درد ڀري صدا
تي اُڀري،
الاهه، الله الاهه! آءُ ڏکڻ ڏيهي،
ڀڄ ميڇرن جي پيهي،
گهوڙو ٻڏانءَ ٻير سان،
چمڪندي آ چير سان.
ناول ”دنيا دم درياءَ“ انن بابن تي مشتمل اهڙو ناول آهي جنهن ڪي سنڌ جي موجوده سياسي، سماجي ۽ معاشي استحصالن جو دستاويز چئي سگهجي ٿو. انن بابن ۾ مختلف ڪردارن جي ڪهاڻين کي اهڙي ته دلڪش انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي جو سيني ڪردارن جون ڪهاڻيون هڪ ٻئي سان جُڙيل نظر اچن ٿيون. ناول جي ڪردارن جي ٻولي انهن جي ماحول مطابق نظر اچي ٿي. جيئن هڪ ڳوناڻي عورت جي بجلي نه هجڻ ڪري گرميءَ سبب ٿيندڙ تڪليف بيان ڪئي وئي آهي ته:
”پانورءَ وارئو شل مار پئيو. آءُ منهنجا ٻچڙا آءُ ته توکي جهلي هٿان منهنجا منڙا رب ٻاجهه ڪجانءَ، حقؤن ٻه رکجانس ته ناحقؤن ٻه رکجانس.“
”ڪتن ۾ باهوڙ پئجي وئي ۽ ماڻهون رڙيون ڪندي باهر نڪتا آيو..........نه ويندين...........وٺينس ڙي وٺينس“
انن بابن تي مشتمل ناول ۾ ڪردار پڻ نج ڳوناڻان ۽ سنڌ سان ڳنڍيل نظر اچن ٿا. جيئن مهران، سخاوت علي، جان محمد جانب، گاجي ۽ زيبل، صوفن ۽ موران، خيربخش خيراڻ، امير بخش ڪاريهر، رحمان ٽنڊڻ، دلاور حسين ۽ گُلو پٽيوالو.
سنڌ جي ادبي ماحول ۾ مختلف رُخن ۽ موضوعن تي ناول ۽ ڪتاب ڇپيا ويا آهن پر سنڌ جي اعليٰ اداري سنڌ سيڪريٽريٽ

جي باري ۾ پهريون دفعو هن ناول ۾ اُتي ٿيندڙ استحصال جا قصا بيان ڪيا ويا آهن جنهن ۾ گُلو پٽيوالو، امير بخش ڪاريهر، رحمان ٿنڀڻ ۽ دلاور حسين جا ڪردار ۽ سندن مڪالما انتهائي چرڪائيندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيئن:

”عجب دنيا آهي سنڌ سيڪريٽريٽ، پٽيوالي ڪان وٺي سيڪريٽريءَ تائين. خواهش سيني جي ڪيسا پرڻ آهي. مَها بي ايمانن ڪي ايمانداريءَ جو چُولو پاتل هوندو آهي. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سنڌ جي نالي ۾ واپار ڪيو ويندو آهي. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ايمانداريءَ ڪانسواءِ باقي هر شيءَ موجود هوندي آهي. سيڪريٽريٽ جي دِروازي جي مسجد خلاف توقع آفيس جي ٽائم تي نماز وقت ائين پربي آهي جڻ اج دنيا جو آخري ڏينهن هُجي. لُٽ ڦُر جا شهنشاهه عوام جي ڳوڙهن ڪي پنهنجي جوتن جي پالش سمجهندڙ ڊگها ڊگها سجدا ڏيندا آهن“

صوفن جهڙي الستيءَ ڪردار ڪي ترجي ماڻهن هميشه مستيءَ واري حالت ۾ ڏٺو هو. پر هن ناول ۾ صوفن جو ڪردار پڙهڻ ڪانپوءِ خبر پئي ٿي ته هُن ڪيڏو وڏو گناهه ڪيو هو. پنهنجي پيار ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ معصوم اسماعيل ڪي سدا واهه ۾ غوطا ڏئي ماري ڇڏي ٿو ۽ معصوم اسماعيل جا سدا واهه ۾ صوفن جي هٿان غوطا ڏئي مارڻ دوران لفظ اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏين ٿا ته، پرا صوفن ميڪون نه مار، موران تيڏي اي، موران تيڏي اي، ميڪون نه مار موران تيڏي اي“

ناول جي مڪالمن، خيالن ۽ ڳالهين ڪي وڌيڪ وزنائتو ڪرڻ جي لاءِ حضرت علي جي قولن، شاهه لطيف، استاد بخاري فريد بابا، بلهي شاهه، شيخ اياز جي شاعريءَ ۽ بيتن ڪي اهڙو ته استعمال ڪيو ويو آهي جو موقعي ۽ مهل ۽ ڪردار تي نهڪي

اچن ٿا. ناول ۾ سماجي وهنوار کان وني فڪري اُڏار تائين هر لفظ، هر جملو جيءَ کي جهوري رکندڙ آهي. مثال طور پهرين باب ۾گلو پٽيوالي جي واتان هي لفظ ته“

”پيڙا، ۽ اُها به موت جي پيڙا عجب آهي. دراصل موت جي پيڙا انسان ۾ زندگيءَ سان اُنس پيدا ڪندي آهي. ۽ موت جو تصور انسان ۾ جيئڻ جو اُتساهه پيدا ڪندو آهي“ خيربخش خيراڻ جي باب ۾ هڪ جڳهه تي لکي ٿو ته ”سنڌ ۾ غريب شاعر ۽ ڪاري ڪري ڪُنل جو موت هڪ جهڙو هوندو آهي. بئي ڪفن لاءِ محتاج بئي پنهنجن ڪلهن تي بار، غيرتمند، ارڏن ۽ اڙٻنگ سِرن جو مقدر مقتل گاهه ئي هوندو آهي“

ناول جي وک وک تي ماڻڪ موتين جهڙا خيال وکريا پيار آهن جن کي پڙهي ڏندين آڱريون اچيو وڃن ٿيون جيئن هي لفظ ته:

”مالِ غنيمت صرف جنگين جي ميدان مان ئي حاصل نه ٿيندو آهي. هن دنيا ۾ هر پهچ وارو انسان بي پهچ، بي وس، يتيم ۽ غريب کي مال غنيمت ئي سمجهندو آهي. گُلو پٽيوالي جي ڇئن پهرن جي سڪرات واري حالت جي مختصر وقت جي اندر لکيو ويندڙ هي ناول جڏهن پڙهجي ٿو ته سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جا عڪس اُکين اڳيان اُڀري اچن ٿا. رات جي پهرين پهر کان شروع ٿيندڙ هي ناول رات جي آخري پهر جي آخري حصي ۾ گلو جي سڪرات کان پوءِ هن دنيا مان الوداع ڪري وڃڻ تي پورو ٿو ٿئي پر اُن ۾ سمايل عذابن، دردن، سچن واقعن، تاريڪ راتين جي قصن ڪهاڻين، سنڌ جي حالتِ زار، آپيشا هي، غربت، تنگدستي، محنتن، عشقن ۽ اعليٰ مقام تي پهچڻ جا جيڪي داستان لکيا ويا آهن اُهي آندن ۾ هٿ وجهي لکيا ويا آهن. جن کي پڙهندي انسان جي جسم مان

سِسراٽيون نڪريو وڃن ٿيون. ناول جا ڪردار هن ئي سماج ۽ ڌرتيءَ جا ڪردار آهن. اوهان ڪي هڪ گهڙي لاءِ بہ اهو محسوس نہ ٿيندو تہ هي ڳالهہ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي آهي. بلڪ اڪين ۾ آب اچڻ اُن جو ثبوت آهي تہ هيءَ ڳالهہ منهنجي اندر جي ڳالهہ آهي. جيئن گلو پٽيوالو باب ستين جي هڪ جڳهہ تي چوي ٿو تہ:

”اُن ڏينهن مون زندگيءَ جو سڀ کان اهم سبق سکي ورتو هو. اسان پٽيوالن لاءِ صاحب، صاحب ئي هوندا آهن. پوءِ اُهي پنهنجي جوهر ۾ ڪاريهر هُجن، ٽندبڻ هُجن، يا وري صوفي هُجن“.

**هدن جيسر**
ڳوٺ ”منهن ماروئڙن جا“
ڏوڪري لاڙڪاڻو

# اسان جو دادلو: ”ناصر زهراڻي“

**1981**ع ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ ۾ ڇهين جماعت ۾ منهنجي داخلا ٿي هئي، ان ڪان پوءِ به انين جماعت تائين هن بابت ڪا يادگيري ڪانه ٿي آئڙي. ڪجهه ڏنڊلا ۽ اڻ ڇٽا اولڙا جڏهن ياد جي آئيني ۾ ڏسان ٿو ته، هڪڙو سنهڙو سيپڪڙو، سادو سَلوڻو، هنيلو ۽ ارڏو نينگر منظر تي پَسجي ٿو. البت نائين درجي ڪان پوءِ وري اڄ تائين هن جي هر ادا (جنهن ۾ ذهانت، سنجيدگي، اورچائي، هشمت ۽ رعب شامل آهن) من جي ڪئنواس تي اُڪريل ئي رهي آهي. ان وقت هن جي سڃاڻپ مون لاءِ بس ايتري ئي هئي ته هو اسڪول جو انتهائي هوشيار، محنتي ۽ مسڪين شاگرد دادلو ولد محمد موريل زهراڻي آهي. هي اُهو به عرصو هو، جڏهن مان سنڌي ادبي سنگت شاخ بگيءَ جي تنقيدي گڏجاڻين ۾ شرڪت به ڪندو هوس ۽ ماهوار ”گل ڦل“ ۽ هلال پاڪستان اخبار جي ٻارڙن واري صفحي ”گلن جهڙا ٻارڙا“ ۾ منهنجي ٻاراڻي شاعري ۽ ڪهاڻيون وغيره شايع ٿيڻ شروع ٿيا هئا. شايد اهو ئي اهم سبب هيو جو تُرت ئي اسان هڪٻئي جي شخصيت ڏانهن مائل ٿيڻ لڳا هئاسين، جنهن جو پيچ ڏهين جماعت ۾ پختو ٿيو ۽ هو نالي وانگر سچ پچ اسان سيني جو ”دادلو“ بڻجي چُڪو هو. هن جي سادگي انتهائي سحرانگيز هئي، جو اسان هڪٻئي جي لاءِ لازم ملزوم بڻجي وياسين. هاءِ اسڪول ڪان 1986ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري، سائنس ڪاليج ڏوڪريءَ ۾ يارهين جماعت ۾ داخل ٿياسين ته، اسان ٻنهي ڪان

اڪئڊمڪ پڙهائي پاسو ڪرڻ لڳي ۽ رڳو ادبي ڪتاب هٿ ۾ ڪريو لائبريرين جي چڪرن ۾ پئجي وياسين.

مون کي ياد آهي تہ هن ڏهين جماعت ۾ لکڻ جي شروعات ”ناول“ سان ڪئي هئي، جيڪو زماني جي گردش ۾ هن وٽ محفوظ نہ رهي سگهيو ۽ پوءِ انٽر وارن ڏينهن ۾ پڻ هن هڪ شاندار ”ناول“ سرجيو، جنهن جون ڪجھ قسطون هن سنگت شاخ ڏوڪريءَ جي تنقيدي گڏجاڻين ۾ تنقيد لاءِ پيش پڻ ڪيون هيون، سو بہ هن جي هٿن مان الائي ڪيئن يادن جي مسافتن واري جهان ۾ وڃائجي ويو. انهن ناولن جي گم ٿيڻ جو ڪيس ڪيترو اُلڪو هوندو، سو ڪنهن ماپي ۾ شايد ئي سمائجي سگهي، پر مون کي اڄ تائين اهو خيال صدمي واري ڪيفيت ۾ وڪوڙي ڇڏيندو آهي.

هن ئي عرصي ۾، ”ڪهاڻيون“ هن جي قلم مان سرجڻ لڳيون هيون. سي بہ اهڙيون تہ اثرائتيون جو سنگت جي حلقي ۾ هي تمام اهم ”ڪهاڻيڪار“ طور سڃاپجڻ لڳو. طوالت کان بچڻ لاءِ مان هن وقت تائين ڪي تفصيل پيش نہ پيو ڪريان تہ هن پهرين ڪهاڻي ڪڏهن ۽ ٻي ڪڏهن لکي يا آخري ڪيتري عرصي کان پوءِ. ڇاڪاڻ تہ هن جي اندر جو ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار ڪو ڊڪڻ وانگر ”نهيل گهڙيل ۽ رندو لڳل“ نہ آهي. هي تہ انگريزيءَ وارو Self made قلمڪار آهي، جنهن اُتساهہ پنهنجي والد صاحب کان ورتو ۽ فن توڙي فڪر سماج کان. هن جون لکڻيون ڪنهن حد تائين جذباتي پڻي جو شڪار ضرور هيون، پر، سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ جي گڏجاڻين ۽ وسيع مطالعي ۽ مشاهدي واري ڇاڻيءَ مان ڇڻي، جڏهن اهي اول ”ڪملا شيام“ جي اختيار ڪيل نالي سان ”سگهڙيون“ رسالي

۾ شايع ٿيون ۽ بعد ۾ سنڌيءَ جي هر معياري ادبي مخزن، رسالي ۽ اخبار ۾ اوليت جي بنياد تي جاءِ والارڻ لڳيون، تڏهن ”ناصر زهراڻي“ سنڌي ڪهاڻيءَ جو برجُستو ليکڪ تي اُڀريو.

نہ رڳو ايترو، پر ان وقت يعني نوي واري ڏهاڪي ۾ ”سهڻي“ رسالي جو ايڊيٽر طارق اشرف هن کي خط لکي داد ڏيندو ۽ اُتساهيندو هو. ناصر زهراڻي استادي/شاگرديءَ واري خفي ڪان گهڻو پري رهيو ۽ ڪنهن جي شاگردي يا استادي قبولڻ بجاءِ هن هميشہ س.ا.س جي تنقيدي ڪلاسن کي اهميت ڏني ۽ ٻئي نمبر تي سنڌي توڙي انگريزي ادب جا ذخيم ۽ پُر مغز ڪتاب مطالعي هيٺ آڻيندو، اڳتي وڌندو رهيو.

ناصر زهراڻيءَ جي اصل سڃاڻپ ڪهاڻي ۽ ناول آهي، پر هن انگريزيءَ ۾ ڪالم، مضمون ۽ تجزياتي فيچر پڻ ليکا آهن، جيڪي انگريزي اخبار ”دي فرنٽيئر پوسٽ“ ۾ ان جي بندش تائين شايع ٿيندا رهيا ۽ ”ڊيلي ڊان“ ۾ پڻ سندس آرٽيڪل شايع ٿيا. انگريزي زبان ۽ ادب تي هن جي دسترس ٿيڻ پويان پڻ مزيدار (هن لاءِ ڪربناڪ) محرڪ هو، جنهن جو هتي ذڪر مناسب ڪونهي، سو وري ڪتي ٻئي هنڌ ان جو عکس پيش ڪبو.

ناصر زهراڻيءَ هڪ ڊزن ڪان وڌيڪ شايع ٿيل ڪهاڻيون گڏ ڪري مجموعو شايع ڪرائڻ جي تياري ورتي تہ، هڪ دوست ڪانئس سموريون ڪهاڻيون زوريءَ ڪسي مطالعي هيٺ آڻي ناهوڪو مضمون لکي ڏيڻ جو چئي اهڙو تہ خانہ بدوش لفظن جي قافلي ۾ محو تي ويو جو سموريون ڪهاڻيون الائي تہ ڪٿي ۽ ڪيئن گم ڪري، نرجائيءَ سان اچي ڪيس ٻڌايائين تہ هو، سندس قلمي پور هئي جي سموري پونجي بنا

مُلھہ جي لُٽائي آيو آهي. اهي ڏينهن ۽ هي ڏينهن ناصر زهراڻي اهڙو تہ دلگير ٿيو جو سرڪاري آفيس جي فائيلن ۾ وڃائجي مصروف ٿي ويو.

ہ سال اڳ جڏهن مون کي عيد جي ڏينهن مبارڪ ڏيندي اها خوشخبري ٻڌايائين تہ ناول لکي رهيو آهي، تڏهن بي اختيار اکين ۾ سرهائيءَ جا رنگ نکرڻ لڳا. ۽ هاڻي اهو ناول ”دنيا دمِ درياءُ“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ناول کي توهان تائين پڄائڻ ۾ مون ہ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا. ڊائريءَ تان اتاري، فيئر ڪري ڪمپوزنگ لاءِ ڏيڻ تائين منهنجو پگهر ۽ اوجاڳو ہ هن ناول ۾ شامل آهن، ۽ ها منهنجا ڪوڙ سارا لڙڪ، ٽڏا ساهہ، مُرڪون ۽ سُڏڪا پڻ هن ناول ۾ شامل آهن. مون هٿ اکرن ۾ اُتاريندي اُتاريندي پاڻ کي ہ ان ناول جو هڪ غير معروف ڪردار تصور ڪيو آهي ۽ يقين اٿم تہ توهان پڻ هنن ڪيفيتن کان پاڻ کي آجو ڪرائي نہ سگهندا.

**عزيز منگي**
لاڙڪاڻو.

باب پهريون

# مين تہ اک خيال آن.......

هاءِ هيءَ سياري جي سرد رات ۽ جيءَ کي جهوريندڙ اڻ کٽ درد. موت، موت، هرطرف موت جو پڙاڏو آهي، گونج آهي. پر موت، بدبخت موت کوهين ڏور، شايد کوهہ قاف جي ڪنهن واديءَ ۾ ڪنهن پريءَ جي هنج ۾ ٻکيو پيو آهي ۽ آئون، گلڻ عرف گُلو پٽيوالو ڦڦڙن جي ڪئنسر ۾ مبتلا، آخري اسٽيج تي پهتل، هن جو انتظار پيو ڪريان. سيني ۾ اپرندڙ درد جي لهرن ۾ (نہ نہ درد رڳو منهنجي سيني ۾ ڪونهي، درد تہ منهنجي وجود جي هر ذري ۽ روح جي هر گهرائيءَ ۾ لهي ويو آهي) ۽ اچانڪ سوچ جو دروازو کلي ٿو ۽ ذهن جي پردن تي حضرت عليءَ جو جملو تري ٿو اچي، ”انسان جو وڏي ڪان وڏو محافظ ان جو موت آهي، جڏهن نہ اچڻو هوندو آهي تہ ان کي ڪير بہ آٽي نہ سگهندو، ۽ جڏهن اچڻو هوندو آهي تہ ڪير بہ ٽاري نہ ٿو سگهي“.

يقين اٿم گهڻو وقت زنده نہ رهي سگهندس. ڪئنسر منهنجي اندر کي ڪائي ڪوکلو ڪري ڇڏيو آهي، پر ڪا خبر ڪانہ اٿم ڪڏهن اکيون ٻوٽبيون، ساهہ جو سڳو ٽٽندو ۽ جُز ڪل ڏانهن روانو ٿيندو. عابده جي ڳايل ڪلام جيان ”مين تہ اک خيال آن ملسان نال خيال دي“. زندگيءَ جو مادي چڪر پورو ٿيندو، خيال جو نئون چڪر شروع ٿيندو- پر ڪڏهن؟ خبر ناهي ڪئنسر جو بہ اسان سان عجب رشتو ۽ ناتو آهي- بابو ٻلي جي ڪئنسر ۾ مري ويو ۽ آئون ڦڦڙن جي ڪئنسر ۾.

گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي، ڪنهن دوست هڪ ڊاڪٽر جي باري ۾ ٻڌايو هو. جڏهن به ڪو مريض وٽس ويندو هو ته سندس پهريون سوال هوندو هو، ”ياءُ پيٽ ته خراب نه ٿي؟“ سالڪن جڏهن ڊاڪٽر جي رويي تي ويچار ونديو ته پتو پيو، ڊاڪٽر صاحب خود پيٽ جي مرض جو شڪار هو. سو ان ڊاڪٽر جيان مون کي به جڏهن موت جو خيال ايندو هو ته ڦري گهري ڳالهه اتي اچي ڪٽندي هئي ته جيئن ته بابو ڳلي جي ڪئنسر ۾ مئو هو ته، منهنجو موت به يقيناً ڳلي جي ڪئنسر جي ڪري ٿيندو. جڏهن به ڳلو خراب ٿيندو، ليس، زڪام، ڪنگهه ٿيندي هئي، خيال هميشه اهيو هوندو هيو ته موت جي فرشتي پنهنجي مياڻ مان تلوار ڪڍي ورتي آهي، هو ڳلي جي ڪئنسر جي ذريعي وارڪندو.

هڪ خيال هميشه ڏڍ ۽ آٿت ڏيندو رهيو ته، ڪئنسر به پلاڪا بيماري آهي جنهن جي لاءِ پريشان ٿجي!

جنهن انسان پنهنجي پيءُ کي ڪئنسر جي چنبي ۾ پاڙيءَ بغير مڇيءَ جيان تڙپندو ڏٺو هجي، ان جو اهڙو خيال! ”ته ڪئنسر به پلا ڪا بيماري آهي“! نه رڳو ڪل جوڳو آهي، پر محسوس ائين ٿيندو، سوچيندڙ يا ته چريو آهي يا خوش فهم.

چريائپ ۽ خوشفهمي منهنجي وجود جو اڻ ٽٽ حصو آهن. پر ڪئنسر جي لاءِ منهنجو مٿيون خيال راجيش کنا ۽ اميتاب بچن جي فلم ”آنند“ ڏسڻ کان پوءِ پيدا ٿيو هو.

فلم جي زنده دل ۽ خوش مزاج هيري کي جڏهن ڊاڪٽر ٻڌائيندو آهي ته ڪيس آندي جو ڪئنسر آهي، تڏهن هيرو خوش مزاجيءَ مان چوندو آهي، ”ڪئنسر- اهيا به پلا ڪا بيماري آهي!“

ڪئنسر ۾ مون پنهنجي پيءُ کي بوند بوند، قطرو قطرو ۽ ذرو ذرو ٿي مرندي ڏٺو آهي ۽ جيستائين انت نہ ايندو، مان بہ پل پل درد جي درياءَ مان گذرندس، گھڙي گھڙي مرندس.

پيڙا، پيڙا کي ڪير بيان ڪري تہ ڪيئن ڪري، ان جو نقشو ڪڍي تہ ڪيئن ڪڍي!

پيڙا ۽ اها بہ موت جي پيڙا عجيب آهي- دراصل موت جي پيڙا انسان ۾ زندگيءَ سان انس پيدا ڪندي آهي. موت جو تصور انسان ۾ جيئڻ جو اتساهہ پيدا ڪندو آهي، اهيو جذبو آهي. اهيو ساڳيو ئي جذبو مون مِهران ۾ ڏٺو هو.

هوءَ ڳوٺ جو نڪ هئي ۽ قدرت واري جي کھڙي مِهر هئي جا مهران جي مٿان نہ هئي. سندس عمر اڌ وهيءَ کان مٿي چڙهي هلي هئي، پر سندس اڃا قِدُ گلابي رنگ، ڊگھو قد، اڌ اڇو مٿو ۽ مور جي چال گواهہ هئا تہ هوءَ نہ رڳو ماضيءَ ۾ اهڙي حسينہ هئي جنهن کي ڏسي کيترن جا ٽڏا ساهہ سينن ۾ سڏکو ٻڻجي ويندا هئا، پر لهندڙ سج جي شامن بہ سندس حسن کي ڏنڏلو نہ ڪيو هو.

مِهران پنهنجي اولاد کي بہ پنهنجي حسن مان حصو پتي ڏيڻ ۾ ڪا ڪنجوسي نہ ڪئي هئي. سندس چار پٽ بہ ڏيئرون پنهنجي ماءُ جيان ڳوٺ جي حسين ترين ٻارن مان هئا. ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ مهران جو گھر حُسن جي ابتدا بہ هو تہ انتها بہ. حُسن کان علاوه ڀاڳ ۽ بخت بہ ڄڻ اچي مهران جي درتي دنگ ڪيو هو. ڇئن مان ٽي پٽ ۽ ٻئي ڌيئرون پرڻيل آل اولادي، سون سپوهہ. هر وقت بہ ٽي سُوا مينهون ۽ ڳئون، کير مکڻ. ڪهڙي شيءِ هئي جيڪا مهران جي گھر ۾ نہ هئي. جڏهن بہ ڳوناڻن جي ڇئوياري ۽ چوڪڙي لڳندي هئي، جڏهن بہ ڀاڳ ۽ بخت جي ڳالهہ مثال ۾ ايندي هئي، تڏهن ڪونہ ڪوچئي ڏيندو هو ”هئو! يار هئو، ميڻ مراد آ، ڏتي جا ڏيڻهار، ڳالهہ ميڻ مراد آ، نئون پراڻو ان ڳڏائي ڪير ڪائي، مهران جو گھر ڪائي، اڃا ڏڏيون ڪنهن جي ڪليءَ تان چڙن سائين، مهران جي ڪلي تان.“

ڀلوڙي بخت تنهنجا رنگ ۽ ڪمال!

اجان ٻيو ڪو ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندو، ”ياءُ بخت جي وراڻ مهران جي درتي چو نہ وري، پُٽن ڌي ڏسينس، جهڙو رب پاڪ ڏنو تن حسن اهڙو تن اخلاق- يار پاڻ ۾ وينا

آهيون،پنهنجي هنيانءَ تي هٿ رکي ڳالهه ڪريو، گهر اندر گهر ٻاهر، ٻنيءَ ٻاري ڪٽي ڪا پاڻ ۾ ڏند شيڪ ڪندي ڏنوَ يا ٻُڌوَ! هڪٻئي تان قربان پيا ويندا، هڪڙو سڏ ڪندو ته ٻيئي سڏ ۾ سڏ ائين ورنائيندا، جڻ ته چئني جو آواز هڪ هجي.“

ڪو ٽيون چوندو، ”هائو يار تڏهن ته مٽيءَ ۾ تا هٿ وجهن ته سون ٿيو پوي!“

ڪو چوٿون سگهڙ نما شخص چوندو، ”يار! هو ڪانير ۽ پڪيءَ جو قصو نه ٻڌو اٿو“! ڳالهين ڳالهين ۾ ائين پلي پت محسوس ٿيندو ته، سگهڙ اٽڪل ۾ مهران ۽ مهران جي پٽن جي خوش بختيءَ جو قصو ٻڌائڻ لاءِ پنهنجي فن سگهڙائپ جو مظاهرو ڪرڻ ٿو چاهي. ويٺلن مان ڪو سمجهو سمجهي ويندو، ”هائو! ٻڌائجان پيلا ڪيئن آ اهيو قصو.“

سگهڙ نما شخص پنهنجي نڙي صاف ڪندو، ويٺلن تي اهڙي نموني نظر وجهندو جڻ محسوس ڪرائيندو هجي ته سندس فن، علم ۽ عقل اڳيان ٻيا سڀ هيچ، هيٺان ۽ ڪمتر آهن. ان ڪان ٻه اڳتي هو سيني ڪي جڻ ته اکين ئي اکين جي اشاري ۾ محسوس ڪرائيندو هجي ته، پنهنجا ڪن سرلا ڪري ويهو، ڏيان ٻي پاسي پٽڪڻ نه ڏيو، ٻي صورت ۾ هو جيڪو عقل پريو نُڪتو نروار ڪرڻ وارو آهي، جيڪڏهن ڪنهن نه ٻڌو ته پوءِ هو اڳ ۾ ئي بي علمي، ابوجهائپ ۽ ڇسائپ جي گهري کوهه جي گهرائيءَ ۾ اجان ٻه اضافو ڪندو.

سگهڙ نما شخص جو قصو شروع ٿيندو.

”پائو، ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ هو غريب ڪانير- غريبي ۽ بد حاليءَ ڪان بيزار ٿي، هڪ ڏينهن هن پنهنجي پٽن ۽ زال کي ساڻ ڪري ڪٽي جهنگ منهن ڪيو. گهٽي وقت هلڻ ڪان

پوءِ هو ڪنهن گهاٽي جهنگ ۾ اچي پهتا. ٻڪ ۽ پنڌ هٽي همراهن جا هڏ ساٽا ڪري وڌا هئا. ٻڙ جي ڪنهن گهاٽي وڻ هيٺان پنهنجي ٻڪيي عيال کي وٺي همراهه اچي ويٺو. جيئن ئي همراهه ڪوپو ڪوڙيو، عضوا نريا، پنڌ جو ٿڪ پيچڻ لڳو، تيئن پيٽ ۾ ٻڙڏڪ مچڻ لڳس ٻڪ ڪاريهر نانگ جيان ڪر ڪنيو. همراهه پنهنجي پٽڙن ۽ زال ڏانهن ڏٺو. پنهنجي ٻچڙن ۽ زال کي ٻڪ ڪان بيحال ڏسي سندس اندر ۾ وڍ پئجي ويا. وري سندس زال جي پرم ۾ پيل ڳنڍ تي نظر پيس. سوچيائين ڳنڍ ۾ آهي ئي ڇا، ٻه ٽي نڪرجا ٽانو، هڪ اڌ سئي ڏاڳو ٻيو ٽيو مڙو ئي خير- ٻکيو، ساٽو، نستو، ٿڪل همراهه وڻ هيٺان ليٽي پيو- ليٽندي جيئن ئي نظر مٿي ڪيائين، ڏٺائين، وڻ تي هڪ وڏو ڏڪُ پکي ويٺو آهي. چوندا آهن ٻکيي ماڻهوءَ کي، چنڊ ٻه مانيءَ جيان نظر ايندو آهي، سو همراهه سوچيو، "وڃ پيٽان، جي پکيءَ کي ڦاسائجي ته پنهنجو واهه جو قوت ٿي پوندو!"

اِهيا سوچ ايندئي اٿي ويٺو، هڪ پٽ کي هڪل ڪيائين، "بابا وڃ جهنگ مان سرَ وڍي آ"، ٻئي کي چيائين، "يار تون وڻ مان سنها سنها ڇهبڪ پڃي وٺ." ٽئين کي چيائين، "پاڻين ڇهبڪ پڃنيدو وڃي، تون انهن کي گڏ ڪندو وڃ." زال کي چيائين، "ٻڙي تون باهه تيار ڪر." سندس ڇئيوان زال چيو، "ميان! تنهنجو حڪم سراکين تي، پر پچائڻ لاءِ ته ڪجهه ٻه ڪونهي." همراهه زال کي چيو، "پاڳيري! فڪر نه ڪر اجهو ٿو تنهنجو ڪُنو ٻيڪي. چوڪرا سامان گڏ ڪري ونن، آئون ڊبي ناهي ان پکيءَ جو شڪار ڪندس."

ڪانير جي صالح اولاد بغير چون چران جي پنهنجي ڪم ۾ لڳي وئي." ائين چئي سگهڙنما شخص هلڪي

کنگهڪر ڪري پنهنجو گلو صاف ڪيو. هڪ نظر وينلن تي ائين وڌائين جڻ يقين ڪندو هجي تہ وينل سندس علم ۽ عقل مان ڀرپور نموني سان مالامال ٿي رهيا آهن.

”او پائو ڳالهہ ٻڌ!“

ڪانير حيران ٿي ويو- هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين، پري پري تائين، سندس ڪٽنب ڪانسواءِ نہ بندو نہ بندي جي ذات. سوچڻ لڳو، آواز ڪٿان آيو. هڪ دفعو ٻيهر آواز آيو، ”پائو مٿي ڏس مان پکي ٿو ڳالهايان!“ ڪانير نظر ڪٽي مٿي ڏٺو- واقعي پکيءَ ٿي ڳالهايو. پکي ڳالهہ جو سلسلو جاري رکيو.

”پائو مون کي ماري توکي ڇا ملندو!“

ڪانير پکيءَ کي گهوري ڏٺو ۽ وراڻيائين، ”توکي اسان جا هيٺا ڏٻرا جسم نظر نٿا اچن، الاءِ ڪيترا ويلا گذري ويا آهن. لنگهڻ ڪٽيندي. منهنجو اندر وڃي ٿو پوي، جڏهن پنهنجي گهروارن جي بکايل پيٽ تي نظر، ٿي پويم- توکي ماري گهٽ کان گهٽ هڪ ويلو تہ ٽاريندا سين.“

پکي ڪانير جي ائين پئي ڳالهہ ٻڌي جڻ سڄي بک سندس رڳ رڳ ۾ رچي وئي آهي ۽ پوءِ آٽت واري انداز ۾ چيائين. ”پائو، مون سڄو لقاءُ ويني ڏٺو. مون کي تنهنجي بک جو احساس تہ آهي ئي آهي، پر تنهنجي گهر وارن جي ٻڌي ۽ صلحت مون کي حيران بہ ڪيو آهي ۽ خوش بہ- هاڻي تون مون کي ماري ويلو ٽارڻ وارو خيال ڪَڍُ، بسم الله ڪري ان وڻ جي پاڙ کي کوٽ، ايترو ملندئي جو تنهنجون ست پيڙهيون ويهي کائينديون.“

پکي پڙڪو کائي اُڏامي ويو.

ڪانير حيرت مان ڪيس ڏسندو رهيو. سوچيائين پڪي ته ويو، ڀلا وڻ جي پاڙ ڪوٽڻ ۾ هرج ڪهڙو آهي، سو پنهنجي ٻارن سان گڏ اچي وڻ جي پاڙ کي ڪوٽڻ لڳو. ڪوٽيندي ڪوٽيندي ڇا ٿو ڏسي ته مار پينسان ديڳ دنيا جي پوري پئي آهي.“

سگهڙ نما شخص پنهنجو قصو ختم ڪيو- وينل سوچ ۾ پئجي ويا- مهران ۽ ڪانير جي وچ ۾ ڪهڙو تعلق ڪهڙو ڳانڍاپو! پر سگهڙ نما شخص وينلن کي سوچڻ کان بچائيندي قصي جو تت سمجهائيندي چيو:

”ياءُ، اصل ڳالهه آهي ٻڍيءَ جي، جي ڪانير جي گهر ۾ ٻڍي نه هجي ها ته امير نه هجي ها. اهڙي سوچ آهي مهران جي گهر ۾. ياڳ ۽ بخت جون نديون ان ڪري پيون وهن جو انهن ۾ ٻڍي آهي“.

اها اماس جي اوڻٽيهين اونداهي، جون مهيني جي گرم رات هئي، جڏهن مهران جي ياڳ موٽ ڪئي هئي ۽ سندس گهر لٽيو هو. اها رات عجيب رات هئي، هڪ هئي ساهه گهٽيندڙ گرمي ۽ مٿان وري بجلي بند، مڇرن جو طوفان. اونداهي اهڙي جو هٿ نه ڏسي هٿ کي. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته الله سائين نمرود مٿان نازل ڪيل سڀ عذاب ٻيهر هن ڌرتيءَ تي موڪلي ڏنا هئا.

رڪي رڪي ڪنهن ٻار جي رڙ ڪنهن رعد جي سيني جيان رات جي سيني کي چيريو ٿي. ٻار جي هنيانءَ ڦاڙ رڙ کان پوءِ ان ئي ٻار جو آواز ٿي ايريو، ”اباڙي! امان مري ويو مانءِ، گرميءَ ۾ مري ويو مانءِ، مڇر منهنجا هڏگڏ ڪُٽي ڪائي ويئي!“ ماءُ، منڙي ماءُ، جيجل ماءُ پنهنجي ٻار کي تسلي ڏيندي

۽ پڪو جھليندي بجليءَ وارن کي پاراتا ڏيندي چيو تي، ”اڙي پانور وارئو شل ڦيٿ پويو- شل معصومن جي ڪيھن جي ڪا هچا پويو. وري بار کي تسلي ڏيندي چيائين، “منھنجا ٻچا سمھ سمھ مان توکي پکو تي جھليان، منھنجا راڻا تون سمھ.“

ڏور ڪنھن پاڙي جي ڳوٺ مان ڪنھن جوان جي درد پري صدا تي ايري، ”الاھ الله الا، آ ڏکڻ ڏيھي ڀيج مچرن جي پيھي، گھوڙو ٻڌانءِ ٻير سان چمڪندي آ چير سان.“

۽ ڪنھن پوڙھي پنھنجي مينھن سان مخاطب ٿيندي چيو، ”اڙي پٺاري، اڳيئي اسان مئا پيا آھيون، الله کان چوري تا ساھ ڪٽون، مٿان وري توکي پچ سان مُٺ جو مينھن منھنجي مٿان ئي وسائڻو ھو.“

اھڙيون ئي آھن، ڪيھن پريل اونداھي رات.

جون جي گرمُ رات.

گرمي، جنھن جي لاءِ شيخ اياز چيو، گرمين جي موسم ۾ اتر سنڌ ۾ جيڪڏھن جبرائيل لھي اچي تہ ھوند سندس پر سڙي وڃن.

اھڙيئي رات ۾ مِھران جو سيڪجھ لٽجي ويو. ڀاڳ رسي ويو، بخت ڀڄي ويو.

شايد رات جو ٽيون پھرھو. ائين تي لڳو ڄڻ تہ قدرت جون آفتون اڄ پنھنجو انتقام وني پوءِ ئي جان ڇڏينديون.

رات جي ان پھر ۾ اچانڪ جوانن جون ھڪلون ايريون، ”نہ ڇڏيندو سانءِ، ھٿ پري ڀيڻ جا..... اڙي تون موتبر آن چا، وڏيرو آن چا، ڪيٽيءَ جو مالڪ آن چا؟ رنڊيءَ جا پٽ. نہ نہ....... اڙي مڙس کي ماري وجھندين.

پوءِ هنيانءَ کي هٿ وجهندڙ ڪيهه اپري ”او منهنجا ادا......او منهنجا جاني ياءُ.“
هڪ وڏي او چنگار جو آواز.

آس پاس جي ڳوٺن جي ماڻهن کان قدرت جون نازل ٿيل سڀ مصيبتون گرمي، مچر، اونداهي وسري ويون.

هڪ اڻ لکي خوف ۽ هراس جي لهر اپري- ڪنهن جوانڙيءَ جي دل ۾ دهڪو پيو- اڄ شايد هُن جو انت اچي ويو.

ڪنهن پوڙهي سوچيو، ”چور بہ انسان جا ڦرئي ناهن، ههڙي مصيبت ۾ بہ شڪار ڪرڻ کان مڙن ئي نٿا.“

ڪنهن ماءُ پنهنجي جوان پٽ جي خالي بستري ڏانهن ڏٺو، سندس هنيانءَ ۾ وڍ پيو، سوچيائين، ”ڪيترا دفعا قسم ڏنا ٿمانس تہ ابا چوري چڪاري کان مڙي وڃ. شل ڪپر تي پير پوين، سنگتي ڪيس ڪٿي ٿا ڇڏين. پوءِ عاجزيءَ سان الله ڏي هٿ ڪنيائين، ”منهنجا منڙا رب، ٻاجھ ڪجانءِ حقئون بہ ڍڪجانس ناحقئون بہ ڍڪجانس.“

ڪتن ۾ ٻاهوڙ پئجي وئي ۽ ماڻهو رڙيون ڪري نڪتا، ”آيو آيو.....نہ ويندين...... ونيس ونيس......“

جڏهن ٿوري دير ڪانپوءِ اصل ڳالهہ جي خبر پئي تہ ائين لڳو ڄڻ تہ ڳوٺ ۾ قيامت اچي وئي آهي. ڪربلا برپا ٿي وئي آهي.

موسمياتي آفتن، گرمين، سردين کان علاوه ڪهڙي نعمت هئي جنهن سان قدرت واري واهہ جي ڪناري تي آباد هن ڳوٺ کي نہ نوازيو هو. ٻارهو ئي وهندڙ واهہ.

بي تحاشا جر جو نلڪن مان ايندڙ منو پاڻي، جيڪو گرمين ۾ سرد ۽ سردين ۾ گرم. واهہ جي ڪناري سان نمن،

توت، ٽالهين ۽ سرينهن جا وڻ، جن جي هيٺان گرمين ۾ ڳوناڻن جا ميلا متل. تاس راند جي ڌم. رابيل ۽ گلاب جي گلن جون ڏکيون قطارون-

ڳوٺ جي آس پاس، انبن، زيتونن ۽ ٻيرين جا باغ بهار جي رُتَ ۾ رابيل جا گل، گلاب جا گل، سرينهن جا گل، انبن جو ٻور ائين خوشبو پيدا ڪندا، لڳندو ڄڻ هر طرف خوشبوئن جا دڪان کلي ويا آهن.

واهه مان مرندڙ مڇي، جيڪا اميري غريبيءَ جي فرق کان سواءِ سڀني جو حق هئي.

ڳوٺ جي ملڪان ملڪ مشهوريءَ جو اصل سبب هو ڳوٺ جي اوپر ۾ لين جي جهنگ ۾ پير جڙيل فقير جي اجڙيل قبر. پير جڙيل جنهن جي لاءِ ٻه ڳالهيون مشهور هيون، هڪ ته هو جلالي پير آهي. ڪنهن ٻه مجاور کي پنهنجي مٿان آستانو اڏڻ نه ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪوشش ڪئي ٻه ته، جلالي پير ڪنهن جي اک ڪڍي ڇڏي، ته ڪنهن کي لولو لنگڙو ٻڻائي ڇڏيو، ته ڪنهن جي مورڳو گهر کي ئي باهه لڳي وئي، سندس الهه تلهه سڙي ويو. ٻيو پير جڙيل لاءِ مشهور هو ته ٻار کي کهڙي ٻه بيماري هجي، ٻار ڪيترو ٻه ڪمزور هجي، چار آچر يا سومر ٻار کي پير تي وهنجارڻ سان ٻار ڇڱو ڀلو ڏندو ڏوٿو ٿي پوندو. اهو ئي سبب هو ته آچر ۽ سومر تي پير جڙيل تي ميلو مچي ويندو هو ۽ ڏنارن جي ٻيگهي.

ڳوٺ جا ماڻهو، بلڪ، آسپاس جي سڀني ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي مستيءَ ۾ مست- سيڪو پنهنجي ٻنين ٻارين، محنت مزدوريءَ ۾ مشغول. شادي غميءَ ۾ هڪ ٻئي ڏي ائين پير پرين ڄڻ ته هڪ گهر جا ڀاتي هجن- اڻ ڪٺ ساوڪ، گلدار ۽

خوشبودار گلن، وڻن، هر سال جهجهي نموني لهندڙ فصلن، ماڻهن جي مزاجن ۾ مناس، محبت، سهپ ۽ رواداري ڀري ڇڏي هئي. اهڙو پُر لطف ۽ منڙو ماحول ڀيانڪ رات جي ور چڙهي ويو.

ان رات مِهران جا ٻيون ۽ ٽيون نمبر پٽ، نور علي ۽ سليمان پاڻيءَ جي واري تي ويل هئا- اوچتو ئي اوچتو پر واري دنگئي هاريءَ سان سندن منهن ماري ٿي پئي. منهن ماري، دڙڪن، دهمانن ۾ بدلي، دڙڪن ۽ دهمانن گارين جو رنگ ورتو، گاريون کاري ڳن وارين چلکندڙ کهاڙين ۾ بدليون.

۽ پوءِ..........

رڙ پئي....... راڙو ٿيو-

چلکندڙ کهاڙي مهران جي پٽ نور عليءَ جي ميجالي ۾ کُپي وئي ۽ سليمان جي، سجي ٻانهن کي مچيءَ جيان چيري ٻه ڦاڪون ڪري ڇڏيو.

جڏهن ڳوٺ ۾ حقيقت جي خبر پئي ته قهرام مچي ويو. ماڻهن کان قدرتي آفتون وسري ويون. ٿوري دير لاءِ ائين لڳو، جيڪو جتي آهي، اتي جڻ ته پٿر پهڻ ٿي ويو هجي، ائين لڳو جڻ کهاڙي مهران جي پٽن جو نه پر سيني جو ميجالو ٻه اڌ ڪري ڇڏيو هجي.

ابتدائي صدمي کان پوءِ ائين لڳو جڻ لکين ڪروڙين روداليون ڳوٺ ۾ آيون آهن.

پٽڪو ئي پٽڪو....

پارئي پار...

پاراتا ئي پاراتا......

ٻي ڏينهن جڏهن جنازو کنيو ويو ته، هر اک آلي ٿي وئي.

هر دل ۾ درد لهي آيو.
هر اک ۾ نفرت هئي، غصو هو، ڪاوڙ هئي، ڪروڌ هو. هر جذبي جي پنيان ذاتي ۽ قبائلي انتقام جي آرزو هئي، ۽ پوءِ........
ڳوٺ ۽ آس پاس جو سڄو ماحول مٽجي ويو-

ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ وڻ ۽ گلن ۾ خوشبوءَ بجاءِ رت واسجي ويو آهي. ريتون رسمون مٽجي ويون. ڪلهہ تائين جيڪي ماڻهو ذات پات جي فرق ڪان مٿانهان ٿي، هڪ ٻئي جي ڏک سک، مرڻي پرڻي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. هڪ ٻئي جا ساٿي ۽ همراهہ ٿيندا هئا، هڪٻئي جي ننگن کي پنهنجو ننگ سمجهندا هئا، هڪٻئي جي مال متاع ۽ فصلن جي سڳن ڀائرن جيان حفاظت ڪندا هئا، تنين جون دليون ذات پات ۽ قبيلي جي ڪدورت ۾ ڪنيون ٿي ويون. هڪٻئي کي خوني دشمن جي نظر سان ڏسڻ لڳا. هڪٻئي جي مال متاع کي دشمن ۽ مفتوح جو مال سمجهڻ لڳا.

شيطان صفت وڏيرا ۽ ڀاڙن جا چڱا مڙس، نفرتن تي گاسليٽ وجهندا رهيا. جلالي پير جڙيل جو جلال ٽڏو ٿي ويو. ڪالهہ تائين جنهن پير تي ڪو مجاور پنهنجا پيرَ پائي نہ سگهندو هو، محرم فقير سڀ ڪان ڀهريائين تہ ان جو جهنگ صاف ڪري، اتي پنهنجو آستانو اڏيو. ۽ چوڻ وارا چوڻ لڳا تہ، محرم فقير جي آستاني تي عاشق معشوق جي ملاقاتن سان گڏ، چرس بہ ملي ٿي سگهيو. آچر ۽ سومر تي ماڻهو پنهنجا ٻار وهنجارڻ لاءِ ڪٽي اچڻ ڪان لنوائڻ لڳا.
ڳوٺ جي ڪچهرين جو موضوع مٽجي ويو.

ڪالهہ تائين جتي مهران جي ياڳ بخت جا قصيدا ڳايا ويندا هئا، اتي مِهران جي بدبختيءَ جا مرثيا ٻڌجڻ لڳا. هر ماڻهوءَ وٽ مهران جي بدبختيءَ جو پنهنجو پنهنجو تجزيو ۽ خيال هو.

ساڳيو سگهڙ نما شخص جيڪو مهران جي ياڳ ۽ بخت جا قصا وڏن وڏن مثالن سان ٻڌائيندو هو، تنهن مهران جي بدبختيءَ جي بيان لاءِ بہ مثال ڳولي ورتا هئا-

محفل ۾ آواز اٿندو، ”هاءِ ڙي بخت، اچين تہ اڻ گهرئي پَل پرين، رسين تہ راڻي جيان پرچڻ جو نالو نہ ڳنهين.“

ويٺل سمجهي ويندا تہ ڳالهہ جو منهن ڪيڏانهن مُڙندو، اشارو ڪهڙي طرف آهي- تڏ ا ساهہ ڪنهن جي بخت لاءِ پريا پيا وجن-

سگهڙ نما شخص حسب معمول محفل جي رخ کي پروڙي وٺندو ۽ پوءِ پنهنجي سگهڙائپ ۽ قصہ گوئي جي هنر لاءِ ڳالهہ چوريندو: ”ادا هو وزير ۽ باشاهہ جو قصو ٻڌو نہ اٿوَ.“

ويٺلن جا ڪن ڪڙا ٿيندا- سگهڙ نما شخص ڏي متوجہ ٿيندا.

قصو اڳتي وڌندو-

”ها تہ، چون ٿا تہ هڪڙي ملڪ ۾ هڪ باشاهہ هو، سهڻو، سيبتو، سريلو، جيئن باشاهہ ٿيندا آهن. اڄ وارن وانگر ڦورو، چور، نڳ، ڪوڙو نہ.

باشاهہ تہ باشاهہ هو، پر باشاهہ جو وزير مڙيئي باشاهہ کان بہ رتيون ڪسر هو. الله جي ڪرڻي ائين ٿي تہ هڪ ڏينهن باشاهہ وزير کي چيو، ”وزير پاڻي تہ پيار.“

وزير اٿيو، شيشي جي گلاس کي صاف ڪيائين ۽ ادب سان اڳتي وڌي باشاهہ کي پاڻي پيش ڪيائين.

باشاهه جيئن ئي وزير کان پاڻي ونڻ لاءِ هٿ وڌايو ۽ وزير کان پاڻي ونڻ جي ڪوشش ڪئي، گلاس ۾ باشاهه جا هٿ بہ نہ پيا ۽ وزير جي هٿن مان بہ نڪري ويو.
گلاس ڌڙام سان هيٺ ڪري پيو.
وينل وائڙا ٿي ويا، حيرت ۾ پئجي ويا، دوڏا ڦاٽي وَين.
ڇا ڏسن، مار گلاس فرش تي ڪريو، هيٺ پڪي فرش تي ڪريو، شيشي جو گلاس، پر گلاس ۾ تر جيترو بہ جهير نہ پيو.
ان کان بہ وڏيڪ حيرت جهڙي ڳالهہ ٿي. وزير باشاهه ڏي ڏٺو ۽ فرش تي پيل صحيح سلامت گلاس ڏي ڏٺو- سندس اندر مان رڙ نڪتي ۽ اکيون وڏ ڦڙي وانگر وسڻ لڳيون.
حيران وينل درٻارين جي حيراني ويتروڏي وئي. باشاهه سلامت کي پهريان تہ حيرت ٿي، پوءِ غصو اچي ويو.
رڙ ڪيائين.
"وزير!" وينلن جا ساهه سڪي ويا، وزير ادب مان باشاهه ڏي ڏٺو.
"اڙي وزير! ڇا جو پڻٺو ٿو پٽين ۽ هي کهڙي مذاق آ. مان تہ سمجهندو هئس تہ تون منهنجو سڀ کان وڏيڪ وفادار ۽ سياڻو وزير آن، پر اڄ مون کي خبر پئي تہ تون اندر جو ڪيڏو ڪوڙو ۽ ڪارو آن. اڙي گلاس ڀڳو آ تہ ان تي وينو آهين ساڙيلين رنن وانگر روئڻ. توکي منهنجي ايتري فائدي تي ايترو رنج ٿيو، پوءِ تہ تنهنجي دل ۾ الاءِ کهڙا مڇ مچندا هوندا!"
"باشاهه سلامت جان جي امان ملي تہ عرض ڪريان! جيڪو توهان سمجهو ٿا مان ان لاءِ نہ ٿو رَوان."

”تہ پوءِ ڇا جي لاءِ ٿو روئين؟“ باشاھ اجان بہ وڌيڪ غصي ۾ گجيو-

”باشاھ سلامت“، وزير نهايت ادب، نهنائي ۽ نماڻائيءَ سان وراڻيو- ”باشاھ سلامت، مون توهان کي پاڻي ڏنو، شيشي جو گلاس فرش تي ڪريو، ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ بجاءِ ان کي تہ رهڻ بہ ڪانہ آئي.“

”تہ پوءِ؟“

”باشاھ سلامت مٿان ڪان هيٺ ڪريل گلاس ۽ ان جي سلامتي ان ڳالھ ڏي اشارو ٿي ڪري تہ، باشاھ سلامت جي بخت چوٽي ڪئي.“

”اڙي، پوءِ ان ۾ ڏک جي ڪهڙي ڳالھ آ؟“ ”ڳالھ آهي، باشاھ سلامت ڳالھ آهي!“ وزير ڳالھ جاري رکندي چيو- ”مٿيون باري باشاھ باشاهن جو باشاھ آ، پنهنجي ڳجھ کي پاڻهي ٿو، سمجهي، پر هر بلنديءَ کي هيناهين هوندي آ، هر عروج کي زوال آ. شيشي جو گلاس پڪي فرش تي ڪريو آ، پوءِ بہ ذريون ذريون نہ ٿيو آ، تہ پوءِ..........“

وزير ٿوري دير لاءِ ماٺ ٿي ويو- ڄڻ تہ مناسب لفظ چونڊيندو هجي، پوءِ وري چَپ چوريائين، ”تہ پوءِ، باشاھ سلامت جي سربخت ڏي خير هجي، ان ڪان مٿي بخت جي چوٽي ٿيڻي ناهي. ان ڪان مٿي عروج اچڻو ناهي، ان ڪان مٿي بلنديءَ تي وڃي نہ ٿو سگهجي، ان ڪري پاڻ کي هاڻي احتياط ڪرڻ کپي.“

وينلن جا منهن حيرت مان اجان بہ وڌيڪ کلي ويا.

باشاه ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو.

سگهڙ نما شخص ٻيڙي دکائي وڏو ڪش هنيو.وينلن مان ڪنهن پنهنجي چڏن ۾ هٿ وجهي ڪنهيو، ڪنهن مٿي کي،ڪنهن ٻيڙي دکائي تہ ڪنهن ڪنن ۾ آگر ڦيرائي. قصي جومزو وٺڻ لاءِ سگهڙنما شخص جي اجان بہ وڌيڪ ويجهو سري آيا.

قصو اڳتي وڌيو. ڪجھ وقت ڪان پوءِ ......

”منهنجا يائرو! الله جي ڪرڻي ائين ٿي، رب جو ڏمر ائين اچي ٺُتو جو رات پيٽ ۾ ملڪ مٿجي ويو.باشاه خلاف چو ڦير واويلا مچي وئي. ”نہ کپي نہ کپي“، پي ٿي. ڳالھ ڏينهون ڏينهن زور وٺندي وئي، وڌندي وئي، ملڪ ٽاندا ٿي ويو.ماڻهن جون اکيون اُلا چڏڻ لڳيون.باشاه بيوس ٿي ويو.صفا هچ ۾ لاچار. ڪا واه وسيلو ڪونہ بچيس، پوءِ آزيون نيازيون،گيسيون منٿون ڪري وزير سان گڏ وڻي ائين ڀڳو، جيئن ڪنهن زماني ۾ ايران جو بادشاه، شاه ايران، يا اسان وري پاڻ واري ملڪ جو شريف نواز.

باشاه ۽ وزير جان بچائيندا، لڪندا، ڀڄندا،ٿاٻا کائيندا، اچي ڪنهن ٻئي ملڪ ، ڪنهن ڪندڙيءَ ۾ ٽانيڪا ٿي وينا.

جيڪا ٿوري گهڻي مال ملڪيت آندي هئائون، اها تہ ڪجھ ڏينهن ۾ ختم ٿي وئي. هاڻي ڇا ڪن. نہ ڪو اوهي نہ واهي، نہ ڪو مٽ نہ مائٽ، نہ ڪو ڄاڻو نہ سڃاڻون، همراه ڪن تہ ڇا ڪن، وڃن تہ ڪيڏانهن وڃن!

وري بہ وزير سوچيو.

باتشاه کي عرض ڪيائين. ”باتشاه سلامت پاڻ وٽ تہ هاڻي ڪجھ بچيو بہ ڪونهي، جيڪو بہ ارڪو ترڪو هو، کائي کپائي وياسين. هاڻي پاڻ مزوري ڪري پيٽ تہ پالي سگهنداسين ڪونہ، بس هاڻي هڪڙو ئي رستو بچيو آهي.“

”کھڙو؟“ باشاه سلامت پڇيو.

”باشاه سلامت تون منهنجو آقا آهين، منهنجو مالڪ آهين، منهنجو باتشاه آهين، مان تنهنجو ٻانهو ۽ نوڪر آهيان، تنهنجو غلام آهيان. هاڻي ٿيندو هيئن تہ مان پننديس ۽ پوءِ پاڻ ٻئي پنهنجو پيٽ گذران ڪنداسين.“

باشاه عجب، ڏک ۽ بيوسيءَ مان وزير ڏانهن ڏٺو. ڪيس وزير جي بخت جي چوٽيءَ واري ڳالهہ ياد آئي. سڏڪو سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.

نيڻ نينهن ماريل ناريءَ جيان ٽمي پيا.

وقت جو ڦيٽو ڦري ويو. ڪلهہ جو وزير اڄ جو فقير ٿي ويو.

هاءِ ڙي دنيا دم دريا!.

۽ پوءِ وزير روز گدا ٿي ويندو هو. جيڪو ڪجهہ ملندو هئس، شام جو اچي باشاه جي اڳيان رکندو هو.

ڏک سک ۾ وقت گذرندو ويو.

رکي رکي باتشاه پنهنجي باشاهيءَ کي ياد ڪري ائين ٿڌا ساهہ پريندو هو ۽ لڙڪ لاڙيندو هو جيئن پاڻ وارو نباب شريف پلي پار ۾.

وزير کي وسرڻ لڳو تہ هو بہ ڪنهن باتشاهيءَ جو وزير هو.

وري وقت ڦيرو ڪاڏو.

هڪ ڏينهن ڏاڍي عجيب ڳالهہ ٿي.

جڻ تہ صفا اڻ ٿيڻي، پر ٿي وئي.

ٿيو هيئن جو وزير سڄو ڏينهن گدا گري ڪندو هو. کھڙو انسان هو جنهن جي اڳيان هن هٿ نہ ٽنگيو هو. کھڙو در هو جنهن تي هن سئن نہ هنئي هئي. پر سڄي ڏينهن جي گداگريءَ

ڪان پوءِ ڪيس ملي هئي تہ هڪ سڪل ماني. ٽڪل، اداس، ڏڪويل،وياڪل وزير واپس وريو.
سڀي ڏينهن جي مليل خيرات، هڪ سڪل ماني باتشاه جي اڳيان رکيائين.
باتشاه وزير ڏانهن ڏٺو، وزير باتشاه ڏانهن.
اکيون مليون.
دليون درد جو درياءُ ٿي پيون پر ٻئي سُور پي ويا.
باتشاه وزير کي چيو. ”وزير تو سڄو ڏينهن گدا ڪئي آهي، سڄو ڏينهن ڄنگهون هنيون آهن، هاڻي هيئن ڪر تہ هن مانيءَ تي پهريون حق تنهنجو آهي تون هي ماني کاءُ.“
وزير وراڻيو، ”باتشاه سلامت، سڄو ڏينهن لوڙيو اٿم تہ ڇا ٿي پيو، مان تہ تنهنجو ٻانهو آهيان. ان مانيءَ تي پهريون حق منهنجي مالڪ يعني توهان جو آهي.“
باتشاه ۽ وزير ۾ پهريان تون پهريان تون جو تڪرار شروع ٿي ويو.
خدا جي ڪرڻي ائين ٿي ، پرسان ئي ڪا وزير ۽ باتشاه ڪان وڏيڪ بکايل ڪُتي واجھ وجهيون ويني هئي. موقعو ملنديئي ڪتيءَ جهپڙ هڻي، وزير ۽ باتشاھ جي هٿن مان ماني ڪنيون اهيا ٿي وجئي زوم زوم ڪندي.
باتشاھ حيرت، افسوس ۽ حسرت سان مانيءَ کي ڏٺو پوءِ روئڻ لڳو.
وزير مانيءَ کي ڏٺو، ڏسي کلڻ لڳو.
باتشاھ وائڙو ٿي ويو. ٿوري دير ڪان پوءِ سندس دل ۾ ڏک غصي جي شڪل ۾ باھ ٻڻجي پڙڪڻ لڳو.

وزير کي چند پٽيندي چيائين، ”اڙي وزير! سڄو ڏينهن پنيئي، مليو ڇا؟ هڪ سڪل ماني، سا بہ ڪتي ڪسي وئي هٿن مان. تون وري ڪلين ٿو. ان لاءِ ڪلين ٿو نہ تہ، هاڻي ڪُڏجي بک مرنداسين.“

”باتشاهہ سلامت!“ وزير مخاطب ٿيو، ”باتشاهہ سلامت ڪلان ٿو تہ پنهنجا ڏکيا ڏينهن ويا.“

”ڏکيا ڏينهن ويا؟“ باتشاهہ سلامت چيو. ”پني پيٽ تا پاليون، جي ڪو لولو ملي بہ ٿو تہ ڪتي هٿ مان ڪسيون ٿي وڃي، هي چوي ٿو تہ ڏکيا ڏينهن ويا، واهہ ٻَلي!“

”باتشاهہ سلامت!“ وزير ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو، ”مون سڄو ڏينهن گدا ڪئي، مليو ڇا؟ هڪ سڪل ماني، سا بہ ڪتي هٿن مان ڪسي ڪٽي وئي. هاڻي توهان ٻڌايو تہ ان ڪان وڏو نياڳ ڪا وڏي بدبختي ٿيندي جيئن ڪنهن زماني ۾ پنهنجي ياڳ چوٽي ڪئي هئي، ائين ئي هاڻي پنهنجي نحوست دنگ ڪيو. ان ڪان اڳتي ٻيو ڇا ٿيندو. باتشاهہ سلامت! منهنجو سر توتان قربان. منهنجي ڳالهہ جو يقين ڪريو، پنهنجي لاءِ سٺائو واءُ ورڻ وارو آهي. پنهنجا ڏکيا ڏينهن ختم ٿيڻ وارا آهن.

سائين منهنجا الله جي ڪرڻي تہ ڏسو، رنگيءَ جا رنگ تہ ڏسو! جيئن وزير سو چيو هو، ٿيو بہ ائين. جن ماڻهن باتشاهہ کي تڙي ڪڍيو هو، تنهن ماڻهن سان اهڙي تہ ويڌن ڪئي، اهڙو تہ قهر ڪيو جو رعيت رڙيون ڪرڻ لڳي.

”اچي اچي واپس اچي، اڳيون باتشاهہ واپس اچي.“ ماڻهن جي زور اڳيان نون باتشاهن ڪٽي زاري ڪئي، ڪٽي هٿيار ڦٽا ڪيائون. پراڻي باتشاهہ کي ماڻهن ڳولهي ڦولهي وڃي هٿ ڪيو. عزت سان اچي تخت تي ويها ريائونس.

”سو، سائين منهنجا“ سگهڙ نما شخص هيڏي ساري وڏي قصي جي حاصل مطلب ڏانهن وڌيو.

”جڏهن مِهران جي گهران اڇ ڏڏيون تي چُڙيون، جڏهن نئون پراڻو گڏائي کائڻ لڳا. جڏهن ٻين جون ٻنيون فصلن ۾ کوٽ کائڻ لڳيون ته هنن جون ٻيٽيون ٽيڻ لڳيون. جڏهن مٽيءَ ۾ هٿ تي وڌائون ته سون تي تي پيو، تڏهن سالڪن اشارو سمجهي ورتو هو. الله جي بي آواز لٺ جو آواز ٻڌي ورتو هو، ته بخت چوٽ کئي. قصي ٻڌڻ کان پوءِ وينلن جي دلين کي درد وکوڙي ويو. افسوس جون ريکائون سندن منهن تي اڀري آيون. مِهران، سُکي ستابي مِهران، ڳوٺ جي خوشحاليءَ جي علامت مهران سان ظالمن ڪِيسُ ڪيو هو، ظلم ڪيو هو، ناحق ڪيو هو، بغداد ڪيو هو. اهي ڪِلا خالي هئا جتي اڇ ڏڏيون چڙنديون هيون اهي گُنديون ۽ پَليون خالي هيون جتي نئين اَن اچڻ کان اڳ پراڻو اَن پريل هوندو هئو.

جوانن جون ڪنون خالي تي ويون هيون.

صدمي ۾ ننهن اڏچري تي پئي هئس.

هڪڙو للنگهہ پٽ روندو تي پيو هو.

ٻيو پٽ انتقام وٺڻ لاءِ پاڳيلو تي ويو هو. مِهران جي مڙس جي زبان کي تالو لڳي ويو هو، جڻ گونگو تي ويو هو.

۽ مِهران، مِهران ته خود زنده لاش هئي، سندس اکيون نور ڇڏڻ لڳيون هيون، سندس اڪثر وقت مئل پٽ جي قبر تي دشمن کي پٽون پاراتا ڏيندي ۽ موت کي سڏ ڪندي گذرڻ لڳو هو. هوءَ جڻ ته نه جيئرن ۾ هئي نه مئلن ۾.

پوءِ هڪ عجب واقعو ٿيو. رنگيءَ رنگ ڏيکاريو. هڪ ڏينهن مِهران رڙيون ڪرڻ لڳي. هنيانوَ ڦاڙ رڙيون، سيني ۾ درد جون رڙيون.
سيني سمجهيو اڄ شايد مهران جون موت لاءِ دعائون اگهامي ويون. قصو پڄاڻيءَ تي پهچڻ وارو آهي.
تڪڙ تڪڙ ۾ مهران کي اسپتال ڪٽي ويا.
ٻئي ڏينهن جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو مهران جي عيادت ڪرڻ اسپتال ويا تڏهن، هنن جيڪو مهران جي واتان ٻُڌو تنهن ڇڻ ته سندن پنهنجن ڪنن تان اعتبار ئي ختم ڪري ڇڏيو.
مِهران پنهنجي پوٽن، ڏهٽن، مٽن مائٽن کي ڏک ۽ حسرت مان ڏنو ۽ پوءِ چيائين ”پيڻ! مان ڏاڍئڻ ڪهڙي اياڳي آهيان، ندوري آهيان. روئندي هئس، رڙندي هئس، ٻاڪاريندي ۽ الله کي ٻاڏائيندي هئس، موت لاءِ پر جڏهن موت ويجهو ڏٺم ته مون کي پنهنجي جاني پٽ جو وڇوڙو وسري ويو. رڙيون پئي ڪيم ته بچايو بچايو. پيڻ مون سمجهي ورتو آ، موت گهرڻ ته سولو آ، پر مرڻ ڏاڍو ڏکيو آ.“

باب ٻيون

# مان موتي نہ ايندس.......

پانيان ٿو رات جي پهرين پهر جو ٻيو حصو پورو ٿي ويو آهي. هر طرف گگهہ اونداهي آهي. ڪائنات تي خاموشيءَ جي چادر تاڻيل آهي. تاريڪ رات جي بي زبانيءَ ۾، خاموشيءَ جي ان بي انت ساگر ۾ جن تہ مهاتما ٻُڌ ڪي نِرواڻ ملڻ جي ابتدا ٿي چُڪي هجي!

سخت سرديءَ ۾ هر ساهوارو، لڳي ائين ٿو، جڻ ساهہ بچائڻ خاطر لڪي ويو آهي، نہ ڪنهن گدڙ جي اوناڙ نہ ڪنهن ڪُتي جي ڀونڪ.

اهڙين خاموش سرد ۽ اونداهين راتين ۾ قدرت جا ڪرشما ظاهر ٿيندا آهن. اهڙيئي رات ۾ ڪنهن گوتم کي نرواڻ ملندو آهي ۽ سروم دکم دکم جوانت ٿيندو آهي. اهڙيئي رات ۾ ڪو سالڪ صوفي حقيقت جي جهان ۾ غرق ٿي، معرفت جو معراج ڪندو آهي. اهڙيئي رات ۾ سنڌين جو مرشد اعليٰ تنبوري جي تند تي هٿ هڻي چوندو آهي، ”جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سا مهون.“

اهڙي ئي رات ۾ عاشق لوڙهو ٽپي ڪنهن اگري جاءِ تي اچي پنهنجي محبوب کي سيني سان لڳائي، جلديءَ ۾ جسماني لطف وٺي الوپ ٿيڻ جي ڪوشش ۽ وري ملڻ جو واعدو ڪندو آهي. اهڙي ئي رات ۾ ڪلهي ۾ ڪلاشن لٽڪيل ۽ منهن تي ڪاري ٻُٺ ٻڌل ڪنهن غريب جي گهر ۾ ٻَڌلُ، ان جي آخري اميد، ڌيءُ جي شادي، پٽ جي وهانوَ يا گهر جي ڇت اَڏائڻ لاءِ ٻڌل ڪو ڊور ڊنگر چوڙي پوءِ اونداهيءَ ۾ ٻلي جيان

چمڪندڙ اکين سان هڪٻئي کي مبارڪون ڏيندي جلد کان جلد ڳوٺ جي حدن مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

پر مون وٽ تہ هن رات ڪاشيءَ ڪانهي ڪا، سواءِ موت جي انتظار جي، انتظار، جنهن لاءِ استاد بخاريءَ چيو:

"زهر کان تلخ تر، لهر کان بيقرار انتظار انتظار."

ذرا تصور ڪريو، ڪئنسر جي آخري ڏاڪي تي پهتل هڪ انسان جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي.

مون کي هن خاموشيءَ کان وحشت ٿيڻ لڳي آهي. دل چوي ٿي، هي در ۽ ديوار ڳالهائين ڇو نہ ٿا؟ هي وڻ جهومي جهومي مون کي آٿت ڇو نہ ٿا ڏين؟ گدڙ اوناڙون ڪري ۽ ڪتا ڪؤنڪات ڪري منهنجي حال ڀائي ٿيڻ جي ڪوشش ڇو نہ ٿا ڪن؟ ڪنهن گوتم جي اچانڪ آمد ڇو نہ ٿي ٿئي؟ هو مٿان اچي، پنهنجو مسيحائي هٿ منهنجي پيشانيءَ تي رکي چوي، "تون منهنجو ڀڪشو تہ نہ آهين، پر مان تہ دنيا مِ دک دور ڪرڻ جي لاءِ مقرر ٿيل آهيان. اي منهنجا ڀڪشوئن جهڙا ٻچڙا اچ اچ تہ مان توکي، تنهنجي پيڙا جي ڀڄاڻيءَ جي خوشخبري ٻڌايان".

ڪو سالڪ صوفي پنهنجي مراقبي مان منهن مٿي ڪڍي، منهنجي وجود کي پنهنجي رحمت جو چولو پارائي ڇڏي ۽ ڪائنات مِ سرور جي هڪ لهر ڦهلجي وڃي. ٻيو نہ تہ، ڪو چور ئي در مان داخل ٿئي، مون کي دابو ڏيندي چوي "خبردار جو اٿيو آهين، سڌيون هٽندو سانءِ." ۽ مان پنهنجي وجود جو سارو ست گڏ ڪري ڪيس عرض ڪريان "يار! اهِو ڪرم ڪرڻ مِ دير ڇو ٿو ڪرين."

مون کي اتي مرشد جي سٽ ٿي ياد اچي، "ڪوءِ سا ڪاٽي راتڙي، جا پرين ري پيئي."

پرين، هن مهل منهنجي لاءِ موت ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو پرين ٿي سگهي ٿو. موت؟ موت الاءِ ڪٿي، ستن پردن ۾ لڪو پيو آهي.

هي ڇا، اچانڪ درد جي لهرن مان منهنجي سوچ جي دري کلي ٿي. پنهنجو دلبر دوست سخاوت علي اکين اڳيان اچي بيهي ٿو. سخاوت علي ذهين، سلڇڻو، منڙو سخاوت علي، جڏهن اسان مئٽرڪ ۾ پڙهندا هئاسين، تڏهن هن رائيس ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي هئي.

ائين ٿو لڳيم ته سخاوت علي منهنجي اکين اڳيان بيٺو آهي. مرڪندي مرڪندي مون کي چوي ٿو، ”يار گهٻرائين ڇو ٿو. ياد ڪر، جڏهن منهنجو درد حد کان وڌي ويو هو ته، مون ڇا ڪيو هو؟“

درد جي هڪ گهري لهر منهنجي اندر مان ايري ٿي، پر مان محسوس ڪريان ٿو، هيءَ لهر ڪئنسر جي درد واري لهر نه آهي. هن لهر جو پيرو ته، پوئتي ٿو موٽي، ٻيهر پنجٽيهه سال پوئتي، جڏهن اسان مئٽرڪ پڙهندا هئاسين ۽ سخاوت علي خودڪشي ڪئي هئي.

هي ڇا، ڪئنسر جو درد مانو ٽيڻ لڳو آهي ۽ سخاوت عليءَ جي درد ڪهاڻي منهنجي ذهن جي پردي تي فلم جيان هلڻ لڳي آهي.

ϖ سخاوت علي اسان جي ڪلاس جو روشن ستارو هو. سنهڙو، لئي جي لڪڻ جيان لچڪندڙ، سانورو ۽ قد جو ڊگهو. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ سهڻا ٿوهہ پٽن تي پيا آهن. سونهن اميري غريبيءَ کي نہ ڏسندي آهي. ڏيءُ تہ محلات ۾ رهندڙ ڪنهن وڏي زميندار جي بہ سهڻي ٿي سگهي ٿي ۽ ٽٽل جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ ڪنهن غريب هاري ناري ۽ مزدور جي بہ. فرق صرف ايترو آ تہ، محلات ۾ رهندڙ ناري نرمل، سندس هر هڪ ادا لک لهي ۽ سندس هر لفظ حڪم. امير جي ڏيءُ ڪپڙا پائيندي پائيندي ايترو تہ تنگ ٿي وڃي جو ائين فيشن ڪري جڻ ويچاريءَ جي گهر ۾ ڪڏهن ڪنهن پاٽولي پير ئي نہ پاتو آهي. ان جي ابتڙ غريب جي ڏيءُ، الا ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اميرزاديءَ جي لاءِ اميد وار هوندا شاديءَ لاءِ شهزادا. يا اهي، جن تي صاحبزاديءَ جي نظر ڪرم پوي.

غريب زادي ويچاريءَ جو حسن وبالِ جان، موت جو پيغام. ٽٽل جهوپڙي، جسم پرست عاشقن جا لامارا. پيءُ ويچارو، رات جو سمهي تہ هوا جي ڪڙڪي تي بہ لُڏي وڃي. متان چوري...............

صبح جو اٿي تہ پنهنجي ٿوپي يا پٽڪي کي ڏِسي، ٿڌو ساهہ ڀري سوچي، شڪر آ، اڃان تہ عزت بچيل آهي. ماءُ، ماءُ ويچاري وتي مهيني جي ڏينهن ڏينهن جو حساب ڪندي. جي هڪ اڌ ڏينهن چڙهي وڃي تہ سندس ساهہ سُڪي وڃي، هنيانءُ مُٺ ۾ اچي وڃيس. خيال ڊوڙائي، ڇوري ڪٿي ڪٿي وئي هئي، ڪنهن ڪنهن سان بيني هئي. اڙي منيس. فلاڻي، پڪي پڙوي. الئہ ڪيترن جا حظ لاهي ڇڏيائين. ربّ منهنجا پناهہ ۾

رڪجانءِ. سڪ جو ساهه تڏهن ڪٽي جڏهن، ڏيءُ ڪي هينيون ڪپڙو ڏوئندي ڏسي.

ءَ ڏيءُ............ ڏيءُ ويچاري، پيءُ جي بي چيني ءَ ماءُ جي تڙپ ڪي ڏسندي به ءَ سمجهندي به نه سمجهڻ جو ڍونگ ڪري. ڪهڙي گهڙي ڪهڙو پل اهڙو هوندو جنهن ۾ هوءَ سيني جو آواز، آئيني جو اولڙو، مڇ جو تاءُ، جلال جو ڪلام نه ٻڌندي.

سچ ته اهو آهي ته ڪنهن نه ڪنهن سيني، ڪنهن نه ڪنهن آئيني جي اولڙي، ڪنهن نه ڪنهن مڇ ءَ ڪنهن نه ڪنهن جلال جي ڪلام تي، سندس اندر ۾ اٿل پٿل ٿيندي، اکيون ڳولڻ شروع ڪنديون، ڪن واجهائڻ شروع ڪندا ءَ دل تيز ڌڙڪڻ لڳندي پر پوءِ اکين اڳيان ايرندو، پيءُ جو اداس چهرو.

ماءُ جو هيسيل وجود.

خاندان جي عزت.

جذبا خوف ۾ ٿڌا ٿي ويندا.

ٿي سگهي ٿو ته اکيون اذرات جو وهاٽي جي ڇوَ ڪي آلو ڪنديون هجن. بيوسي ءَ لاچاريءَ جو اڻ ڪٿ عذاب غريب لاءِ.

مرشد جي سٽ ”سرجيس تان سور، سامائي ته سڪ ويا“ حقيقت جو روپ، بيرحم حقيقت، دل کي جهوريندڙ حقيقت جو روپ وٺي وڃي.

ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي ته، هڪ حُسن، ٻيو غربت نه تال نه ميل.

ان غربت ءَ حسن جي تال ميل تي هڪ چڱي مڙس جي ٻڌايل ڳالهه تي ياد اچيم. هو ڳالهه ٻڌائيندو هو.

”لک لعنت آهي غريبيءَ تي. وري ڪروڙ لعنت آهي ان غريبي تي جنهن سان حُسن گڏ هجي. سو اسان سان بہ اهيا مصيبت هئي، هڪ غريب، مٿان وري رنون حسين. پوءِ جي رنون ڪنهن ڪم ڪار، رونبي لاب، گاه پني، يا پاڻي پرڻ لاءِ نڪرن تہ، پوءِ ماڻهو ڪن انتظار. ڇي، اڙي بيهو بيهوا جهو ٽا جتن جا ٻار اچن، ٿورڙي فلم ڏسون، مزو ونون.“

الله جي ڪرڻي ائين ٿي، تڙپي تڙپي اڳيان وڏياسين مڃي ماني وارا ٿياسين تہ اهيئي ساڳيا ماڻهو جيڪي ڪالهہ تائين اسان جي رنن جو انتظار ڪندا هئا، سي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا، ”اڙي پاسو ڪيو پاسو، جتن جا ٻار ٽا وڃن.“

ڳالهہ ڪٿان شروع ٿي ۽ ذهن ڪاڏي لڙي ويو. ها تہ چوندا آهن تہ ”سهڻا ٿوهہ پٽن تي پيا آهن.“ جيئن سونهن اميري غريبيءَ جي محتاج نہ هوندي آهي اهڙي طرح، ذهانت بہ رنگ نسل، ذات پات، اميري غريبيءَ جي محتاج نہ هوندي آهي. سو سخاوت علي، ڪهڙو سبجيڪٽ هو جنهن ۾ ماهر نہ هو. انگريزي، ڄڻ تہ پئدا ئي انگريز جي گهر ۾ ٿيو هيو. حساب ۽ سائنس ڄڻ تہ آئن اسٽائين جو شاگرد هو. سنڌي، ڄڻ تہ تمر فقير پٽائيءَ سان گڏ گهمندو هجي. سندس پڙهڻ جو قصو بہ عجيب هو. سندس پيءُ جيڪو دايو هو تنهن ڪيس رسم رواج مطابق سنڌي اسڪول ۾ داخل تہ ڪرايو هو. سوچيو هئائين، ڇوڪرو پنج درجا پڙهندو پوءِ ڪيس پنهنجي ڪم سان لڳائيندس.

پر قسمت کي ڪِي ٻيو منظور هو.

جڏهن پنجين درجي جا امتحان ٿي ويا، تڏهن سخاوت عليءَ جي پيءُ کي سائين محمد دائم سڏايو. ڪيس چيائين ”شمن علي وڏي ڀاڳ وارو آهين جو اهڙو سلڇڻو هوشيار پٽ

پيدا ٿيو ٿئي. ان ڪي ائين نہ وڃاءِ، سندس ذهانت کي زنگ نہ هڻجانءِ. ڪيس انگريزي اسڪول ۾ داخل ڪرائينس.“

”سائين دائم! “شمن علي وراڻيو” مان هڪ تہ آهيان هيڪل وسورو. سڄو ڏينهن وتان گڏهہ هڪليندو. مان ڇا ڄاڻان انگريزي ٻنگريزيءَ مان. ڇورو پنج پڙهيو. ڪوڙ ٿيس. هاڻي مون سان هٿ ونڊائي تہ مان بہ ڪو سک جو ساهہ کڻان“.

”نہ شمن علي نہ“ سائين دائم سختيءَ سان وراڻيو. ”ائين نہ ٿيندو. ههڙي ذهين ٻار کي گڏهہ هڪلڻ لاءِ نہ ٿو ڇڏي سگهجي. هن کي هر حال ۾ پڙهائڻو آهي.“

”سائين غريب جو ٻار آهي. پڙهندو تہ ڪهڙو ڪليڪٽر ٿيندو. ڇڏينس تہ وڃي ابي ڏاڏي جي ڪار سان لڳايانس.“

”ائين نہ چئہ شمن علي“ سائين دائم وراڻيو. ”ڏٺيءَ چاهيو تہ ڪليڪٽر بہ ٿيندو. ڪنهن کي ڪا خبر نہ آهي تہ انسان جي قسمت ڪهڙي مهل ٿي ڦيرو ڪائي. توکي خبر آ تہ مان ڪيئن پڙهيو ۽ ماستر ٿيو آهيان.“

”نہ سائين مون کي ڪهڙي ڪبر.“

”شمن علي!“ سائين دائم ڳالهہ کي اڳتي وڌايو.

”منهنجو بابو بہ ڊڪاڻڪو ڪم ڪندو هو. چار درجا پڙهي پوراڪيم تہ مون کي بہ پنهنجي اباڻي ڪرت سان لڳايائين. پر الاءِ ڇو منهنجي دل ڊڪاڻڪيءَ ۾ نہ لڳندي هئي. ڇڱو ٿيس تہ مان انبن ۽ زيتونن جي باغن جا نيڪا ڪڻڻ لڳس.“

شمن علي دلچسپيءَ سان قصو ٻڌڻ لڳو ۽ سائين دائم پنهنجو بيان جاري رکيو. ”هڪ ڀيري سخت گرمين جا ڏينهن هئا. انبن جي موسم هئي. ٽاڪ منجهند جو انبن جي پيتي مٿي تي هئي. سڄو پگهر ۾ شل هيس. اڄ هئي جنهن هيٺو ڪري

وڏو هو. لاڙڪاڻي شهر ۾ جيئن ئي داخل ٿيس تيئن ئي هڪ وڏي واٽڪي ڪشادي جاءِ تي نظر پئي. در ڪليل هو، مٿان هي جوالا اڇلائيندڙ آسمان، هينان هي ڏرتتي. بس مان بہ اندر ٽپي ويس. اندر جو ويس تہ ڏٺم تہ هڪ همراه وينو هو. سامهون پنج ڇهہ نوجوان وينا هئس. لڳي پيو تہ همراهہ ماستر هو. پڙهايائين پئي. پهريان تہ مان مٿ مان بہ تي گلاس ڏوڪيا. پوءِ ساهہ پٽڻ لاءِ ويهي رهيس.“ سائين دائم ڳالهہ جو وقفو ڪندي ساهہ ڪنيو. شمن علي جي اکين ۾ تجسس پري ڪان پڌرو هو. سائينءَ ڳالهہ کي اڳتي وڌايو.

”همراهہ سڄو لقاءُ ويني ڏٺو. جڏهن مون دم پٽيو، مون کان پڇيائين، “جوان مرد ڪير آهين، ڪٿان جو آهين؟“

”وراڻيم، “سيد جي ڳوٺ جو ڊکڻ آهيان.“

”ڇا ڪندو آهين؟“

”انبن ۽ زيتونن جي ٺيڪيداري ڪندو آهيان.“

پڇيائين ”گهڻو پڙهيل آهين؟“

چيم ”پنج درجا پڙهيل آهيان.“

همراهہ ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو، پوءِ چيائين، ”اڙي يار! کهڙو تہ ناهوڪڙو جوان آهين. ۽ پنهنجي حالت تہ ڏس. هاڻي هيئن ڪر. ڇڏ ان ٺيڪيداري بيڪيداري کي. اڄ تہ توکي فائنل جي تياري ڪراياڻءِ. جيئن ئي امتحان پاس ڪندين، ماستر يا تپيدار ٿي ويندين.“

”شايد گرمين سردين جي هڻ وٺ، ٺيڪيداري جي کوٽن ٽوٽن، غريبي، هڻ وٺ، سيني منهنجي جواني کي هٽي هيٺو ڪري وڌو هو. مون کي بہ الله سمڪ ڏني، ڪٽي ها ڪيم.“

”ويچاري سائين جهامنداس، الله سرڳ نصيب ڪريس، سندس اولاد کي سکيو ستابو رکي. مون سان ڏاڍي محنت ڪئي. مون بہ دل سان محنت ڪئي. فائنل پاس ڪيم. ماستر ٿي ويس. اڄ تنهنجي سامهون وينو آهيان. ٽن چئن سالن کان پوءِ رٽائر ٿي ويندس. جي سائين جهامنداس الله ڪيس سرڳ نصيب ڪريس، اولاد کي سکيو ستابو رکيس، نہ هجي ها تہ منهنجو اڄ الاءِ ڪهڙو حال هجي ها.“

سائين دائم ڇوڪري کي پاٽي پيارڻ جو چيو. شمن عليءَ جي ماٺ اڃان بہ وڌيڪ گهري ٿي وئي. پوءِ سائين محمد دائم وري ڳالهايو، ”شمن علي منهنجان ياءُ ڇوڻ جو مطلب آهي تہ، انسان جي ڏينهن ڦرندي دير نہ لڳندي آهي. تنهنجو ڇوڪرو هيرو آهي هيرو. ان کي ائين نہ وڃاءِ. ڪيس ڇهين جماعت ۾ داخلا وٺي ڏينس ۽ انگريزي پڙهائينس.“

”سائين دائم!“ شمن عليءَ وڏي وقفي کان پوءِ ڳالهايو. ”تون چوين سچ ٿو، پر اسان مسڪين ماڻهو زالين مردين گڏهيون هڪليون تہ پوءِ وڃي پيٽ گذر ٿئي. مان ڇوڪري جي پڙهائيءَ جا خرچ ڪٿان پورا ڪندس.“

”تون فڪر نہ ڪر.“ سائين دائم شمن عليءَ کي آٿت ڏيندي چيو. ”الله وڏو آهي، پاڻهي ڪو نہ ڪو رستو پيدا ڪندو. هاڻي تہ ڇهين جماعت جي داخلا جو ۽ ڪتابن جو خرچ مان ڀريندس. اڳتي بہ الله مالڪ آهي.“ ٻي ڏينهن سائين محمد دائم سخاوت علي کي انگريزي ۾ داخل ڪرايو. اسان جو ڪلاس رنگن جو گلدستو. وڻ وڻ جي ڪاني.

ان زماني ۾ پرائيويٽ اسڪولن جي وبا اڃان عام نہ ٿي هئي. امير ۽ غريب جا ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ ساڳين

بئنچن تي ويهي پڙهندا هئا. ان جي باوجود اميري ۽ غريبيءَ جو سنڌو واضح هو. شهري، وڏيرڪا ٻار صبح جو تيل ڦليل ڪري، ڌوتل استري ٿيل ڪپڙا، سنا بوٽ پائي سائيڪلين تي چڙهي ايندا هئا. ڪلاس ۾ رات جو هليل ٽي وي ڊرامن، اداڪارن ۽ اداڪارائن جون ڳالهيون ۽ تبصرا ڪندا هئا.

جڏهن ته اسان جهڙا مسڪين اِبن مسڪينن ڪي انين ڏينهن ڌوپچندڙ هڪ وڳو، پيرن ۾ پاتل ٻه ڪهيون چپلون. تيل ڦليل اسان جي ابن ڏاڏن نه ڪيو هو ته اسان ڪهڙو ڪنداسين. صبح جو ڪچا رستا ۽ اسان جون گوڏا گاڏيون هونديون هيون. اسڪول پهچندي پهچندي مٽي جا تهه پيرن تي جورابن جي ڪمي پوري ڪري ڇڏيندا هئا. ۽ پوءِ ڪو دل جليو اميراڻو ٻار اسان کي طعنو هڻندو هو، ”هل ڙي هل پنهنجا ڪُڇ ته ڌوئي آ.“

اهڙي ئي ماحول ۾، اسان جي ڪلاس جو چمڪندڙ سج، روشن ستارو هوندو هو سخاوت علي سندس قميص ڦاٽل ۽ سٿڻ لنڍي هوندي هئي ته ڇا ٿيو، سندس ذهانت ڪَٿڻ کان ٻاهر هئي. سندس جتي ڦاٽل هئي ته ڇا ٿيو، سندس علم جي تلاش جو پنڌ ڪنهن جُتي ذات جو محتاج ٻه نه هو. هن جو مٿو تيل کان وانجهيل هو ته ڇا ٿيو، قدرت واري سندس ذهن کي ذهانت جي عطر جي درياءَ مان ٽبيون ڏياري هن ڌرتيءَ تي موڪليو هو.

شمن علي دايي جي خوشيءَ جي حد ئي نه رهندي هئي، جڏهن ڪيس اسڪول جو ڪو استاد چوندو هو، ”شمن علي مبارڪ ٿئي، تنهنجو پٽ هر امتحان ۾ پهريون نمبر ٿو اچي. هڪ ڏينهن هو ضرور وڏو ماڻهو ٿيندو.“ شمن علي دايي جو سينو ويڪرو ٿي ويندو هو. اکين ۾ انوکي جوت اڀري ايندي

هئس. ۽ پوءِ سچي خوشي جو ڇيهه اچي سخاوت علي جي ماستري يا تپيداري تي ٽيندو هو. هو اتاولائيءَ مان استاد کان پڇا ڪندو هو، ”سائين! ڀلا مون وارو پٽ ماستر يا تپيدار نه ٿيندو نہ؟“
”ماستر يا تپيدار؟؟ اڙي ميان شمن علي کهڙيون پيو ڳالهيون ڪرين. تو وارو ڇوڪرو ڪليڪٽر ٿيندو ڪليڪٽر.“
”ڪليٽر!!؟؟“ شمن عليءَ کان خوشيءَ گاڏڙ رڙ نڪري ويندي هئي.
”ها ها، ڪليڪٽر. تون وڏين وڏين گاڏين ۾ گهمندين. جڳ سلامي هوندو تنهنجو.“
”وڏيون وڏيون گاڏيون“ شمن سوچڻ لڳندو هو. هو جدي پشتي دايو هو، پر هن مهل تائين گڏهه گاڏو نہ وني سگهيو هو. اهو وڏين وڏين گاڏين ۾ گهمندو، سندس جڳ سلامي ٿيندو. وڏي گاڏي شايد گڏهه گاڏي، فٽ فٽي، پر وڏيري جي وڏي گاڏيءَ جهڙي گاڏي. اهيو ڪيئن ٿي سگهندو؟ شمن علي دايي جا اهڙا نصيب ڪٿي، پوءِ مايوسي شمن عليءَ جي ذهن کي وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهڻ لڳندي هئي. مايوسي ۽ آقائن جون گاريون سنڌين جا ٻه موروثي زيور. ورهاڱي کان اڳ هڪڙي ڪانگريسي آقا چيو ”اڙي اهي آهن ڇا، ننڍو صوبو ننڍيا دماغ“(1) سنڌي قدرت جي عطا ڪيل حقيقت سمجهي سهي ويا.
ورهاڱي کان پوءِ، ملڪ جي نئين پناهگير بادشاهه فرمايو، ”گڏهه چاريندڙ قوم سڌري وڃو.“(2) نئين مسلمان ياءُ جو ڏنل تمغو سنڌي ڪيئن ٿي رد ڪري سگهيا.
اسان جي سانير ۾ ملڪ جي باوردي صدر سنڌي چئنل تي انٽرويو ڏيندي چيو، ”آهي ڪو توهان ۾ اهل آفيسر، جنهن

ڪي مان آءٌ جي يا چيف سيڪريٽري لڳايان.؟“(3) انٽرويو ونندڙ چئنل جي مالڪ جون ڪنن تائين ٽڙيل واڇون، ان ڳالھ جو اقرار، ”قبلا سچ ٽا فرمايو“ يا ”سائين ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻہ مٿا.“

1. سردار ولڀ ڀائي پٽيل جا چيل لفظ.
2. لياقت علي خان جا چيل لفظ.
3. صدر جنرل پرويز مشرف جا چيل لفظ.

ءِ تازو ئي ڪلھ ڪلھوڻي ڳالھ آهي. هڪ اعليٰ عدليہ جي جج صاحب اعلان ڪيو، ”سنڌين وٽ تہ اسلام نالي ڪاشيءِ ڪانھي ڪا.“(4) ڀلا انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل ڪو منصف غلط ڳالھ ڪري سگھي ٿو!!.

سو شمن علي دايي جي دل ۾ پيدا ٿيندڙ نا اميدي ءِ نراسائيءَ واريون لھرون جڻ تہ قومي ورثي جو حصو هيون. پر نا اميدي ءِ نراسائيءَ جي هوندي بہ اميد حد کان وڌيڪ سگھاري هئي. سخاوت علي، يارُ سخاوت علي پنھنجي پڙهائيءَ ۾ مگن هو. هُو ڪتابي ڪيڙو هو. سڄي شھر ۾ جيڪي بہ سنڌي، اردو ءِ انگريزي اخبارون اينديون هيون، هو ڳولي ڳولي پڙهندو هو. شھر جو هڪ درزي سندس اخبار پڙهڻ جي جنون کي ڏسي چوندو هو، ”ميان سخاوت علي! لڳي ٿو تہ ماءُ تنھنجا ٻبا اخبار تي چڙايا آهن.“ جنھن جنھن ماڻھوءَ وٽ ڪتابن جو ذخيرو هوندو هو، سخاوت علي ان کان اڌارا وٺي بہ ڪتاب پڙهندو هو ءِ پوءِ اخبارن ءِ ڪتابن ۾ پڙهيل ڳالھيون اسان ڪلاسين کي ٻڌائيندو هو.

اسان نياڳا، جن کي ڪورس جا ڪتاب ٻہ ڏينيوئن جيان ڏنگيندا هئا سي سخاوت عليءَ جون پڙهيل ڳالهيون ٻڌي حيران ٿي ويندا هئا سين. هڪ ڏينهن هن شهر جي هڪ ڪامريڊ کان روسي اديب ٽالسٽاءِ جو ڪتاب "ٻچپن، لڙڪپن اور جواني پڙهي آهي". وٺي پڙهيو. پڙهڻ کان پوءِ هن هڪ ڏينهن ٻهڪندي ٻهڪندي مون کي چيو، "يار خبر ٿئي تازو ڪهڙو ڪتاب پڙهيو اٿم؟"

4. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مشير عالم جا چيل لفظ.

مون هميشہ جيان چيو، "نہ".

"مون ٽالسٽاءِ جي آتم ڪهاڻي يچپن، لڙڪپن اور جواني پڙهي آهي" آنءُ ٻوگهلو، ڪتابن کي ڏسان تہ ننڊ اکين ۾ آکيرو ٺاهي. ٽالسٽاءِ جو نالو ئي اهڙو ڏکيو، جي مان اچارڻ شروع ڪيان تہ پڙهيل لکيل ڪِل ۾ ٻڏي وڃن.

مون پنهنجي جهالت جو اظهار ڪندي چيو، "يار ڪتاب تہ تون پڙهندو رهندو آن، تہ پوءِ ان روسي همراهہ جي ڪتاب ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي، جنهن تو کي ايڏو خوش ڪري ڇڏيو آهي."

"اصل ڳالهہ هيئن آهي تہ ٽالسٽاءِ پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ ڇوڪري ليوخن جو ذڪر ڪيو آهي."

"تہ پوءِ؟"

"اصل ۾ ليوخن ڏاڍو غريب پر هوشيار ڇوڪرو هو. سڀ اميرن جا ٻار بہ هن کان پڙهائيءَ ۾ مدد وٺندا هئا."

"تو وانگر". مون پنهنجي يار جي تعريف ڪئي.

"پهريان پوري ڳالهہ ٻڌ." هن مون کي روڪيندي چيو.

”تو کي خبر آ، روس ۾ ايڏي برف ۽ ٿڌ پوندي آهي جو روڊن ۽ رستن تي جڻ تہ برف جا جبل وڇائجي ويندا آهن. انهن ڏينهن ۾ ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ باهہ جا مچ ٻاري ان جي چوڌير ويهي سوپ پيئندا آهن ۽ قصا ڪهاڻيون پڙهندا ۽ ٻڌندا آهن“

”اڙي اهيو وري سوپ ڇا ٿيندو آ؟“ مون پنهنجي نااهل ۽ نڪمي هجڻ جو ثبوت ڏيندي سوال ڪيو.

”جٽ. سُوپ ائين ٿيندو آ، جيئن سياري ۾ پنهنجي شهر ۾ مرغيءَ جو رس ٿيندو آهي. پر اتان جي سوپ ۾ جانورن جو گوشت وجهندا آهن.“

”خير، مون کي ڳالهہ پوري ڪرڻ ڏي.“ هن شفيق استاد جيان مون کي دڙڪو ڏيندي چيو، ”ليوخن ويچارو تہ هئو پاڻ جيان ڪنگال. سوپ پيئڻ جا پئسا ڪٿان آڻي. سو هو ڇا ڪندو هو تہ، اميرن جا ٻار اباريل سوپ مان جيڪي هڏيون ڪڍي اڇلائيندا هئا، ليوخن اهي هڏيون پاڻيءَ ۾ اوٻاري سوپ ناهي پيئندو هو ۽ چوندو هو، مان پنهنجي غريبيءَ جو انتقام اميرن جي ٻارن کي پڙهائيءَ ۾ مدد ڪري، انهن جي اڇلايل هڏين کي اوٻاري ان مان سوپ ناهي وٺان ٿو.“ شايد ڳالهہ پوري ٿي وئي هئي.

شفيق استاد جو دڙڪو مون کي ياد هو.

وڏيڪ پڇڻ جي مون ۾ همت ڪانہ هئي تہ پڇان، ”قبلا ڳالهہ جو آخر مطلب ڇا آهي“.

منهنجي ذهين يار. جڻ تہ منهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل سوال کي پڙهي ورتو هو. هن وڏيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”مون کي بہ سڀ ماڻهو چوندا آهن تہ، مان هوشيار آهيان ذهين آهيان، مون کي بہ هاڻي لڳي ٿو تہ قدرت واري مون کي ذهانت ڏئي شايد منهنجي غريبيءَ جو اميرن کان انتقام ورتو آهي.“

هاءِ ڙي منهنجا جاني يار. اسان جي اسڪول جا روشن ستارا. ذهانت جا مجسم اعليٰ. اڄ موت جي بستري تي جڏهن تنهنجو قصو ياد آيو آهي، منهنجي اڳيئي ڪانڊاريل لونءِ وڌيڪ ڪانڊارجي وئي آهي. سڏڪا نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا آهن. چاهيان ٿو تہ تنهنجي ڏڪوئيندڙ ياد جو باب اتيئي بند ٿي وڃي. مون ۾ وڌيڪ برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڪانهي ڪا. پر لڳي ٿو، منهنجي سوچ بہ هن ملڪ جي جلادن جو روپ ڌاري ورتو آهي. جلاد جيڪي وطن پرست قيدين کي آخري ساهہ تائين ان اميد سان ڏنڀ ڏيندا آهن تہ ڪانئن مرڻ کان اڳ ۾ قيديءَ کان تحريڪ جا سڀ تفصيل معلوم ڪري وٺجن.

سوچ جو جلاد سچ پترو ڪنيون بينو آهي.

سخاوت عليءَ جي ذهانت جيڪا غريبيءَ تي ٿنول هئي، سا سندس زندگيءَ لاءِ عذاب بڻجي وئي.

شمن علي دايي جي اميدن جو ڏيئو ائين اجهامي ويو. جو روشنيءَ جي ڪا اميد باقي نہ رهي.

اسان جي ڪلاس جو روشن سج ٻڏي ويو.

ڪائنات، هڪ سڏڪو پريو، جڏهن سخاوت عليءَ کي لحد ۾ لاٿو ويو.

سخاوت عليءَ جي بربادي جي ابتدا بہ ان پرائمري اسڪول مان ٿي هئي جتي سائين محمد دائم پنج سال اڳ، سندس روشن مستقبل جي پيڙهہ جو پٿر رکيو هو.

هڪ ماستر هن جي زندگي ناهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ٻي ماستر هن جي زندگيءَ کي برباد ڪري ڇڏيو.

هڪ ماستر نيڪ سيرت فرشتو هو.

ٻيو ماستربي رحم شيطان.

شيطان جي شيطانين جي ابتدا ۽ انتها ان سال ٿي جڏهن اسان مئٽرڪ جو امتحان ڏنو هو.

مئٽرڪ جي امتحان ڏيڻ ۽ رزلٽ اچڻ ۽ فرسٽ ائير ۾ داخلا وٺڻ واري ڇهن ستن مهينن ۾ سيڪجھ برباد ٿي ويو.

خوابن جي اُٽت اُڌڙي وئي.

پوپٽ جا پر مروڙجي ويا.

ذهانت قتل ٿي وئي.

غريبي حسب معمول جنگ هارائي وئي.

عجيب ڳالھ هئي جڏهن اسان مئٽرڪ جي امتحان جي تياري ڪندا هئاسين، تڏهن سخاوت عليءَ کي ناول لکڻ جو شوق ٿيو. ان سان گڏ ڪيس عشق جو بہ سيڪ اچڻ شروع ٿيو.

ڪتابن پڙهڻ جي شوق ۽ گهڻ طرفي مطالعي ڪانپوءِ ناول لکڻ جو شوق تہ سمجھ ۾ اچڻ جوڳو هو پر عشق. سخاوت علي ۽ عشق. ڳالھ سمجھ کان مٿي هئي.

اسان جو هڪڙو چالاڪ ڪلاسي هو رَڪيل. هو اسان جهڙن ڳوناٺن ابوجھ ڇوڪرن تي رعب وجهڻ لاءِ روز ڪنهن نہ ڪنهن ڇوڪري جو خط ڪڍي ايندو هو. هو ڪڏهن چوندو هو تہ ڪيس جميلا خط لکيو آهي تہ ڪڏهن نسرين تہ ڪڏهن نورين تہ ڪڏهن عابدھ ائين چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ ڪو نہ ٿيندو تہ هن جي بقول سندس محلي جي هر بالغ ڇوڪري سندس عشق ۾ گرفتار هئي.

اسان جهڙا، احساس ڪمتريءَ جا ماريل، تن لاءِ رڪيل جا عشق ڪنهن ايٽم بم کان گهٽ نہ هئا. هن جي عشق جون ڳالهيون ٻڌي، اسان جو انگ انگ روئڻ لڳندو هو. پوءِ اسان

مان جيڪي بہ ٿورڙا وڏيڪ عقلمند ۽ چالاڪ هئا، تن رڪيل جو ٿوڙ ڳولهي لڌو هو.
هُو بہ روز ڪنهن نہ ڪنهن ڇوڪريءَ جي عشق جو داستان رڪيل جي سامهون ٻڌائيندا هئا.

احساس ڪمتري ۽ عشق جي جنجهٽ مان ڪو آزاد هو تہ، اهو هو سخاوت علي. نہ تہ هن کي رڪيل ڏانهن آيل ڪوڙن خطن ۾ ڪا دلچسپي هئي ۽ نہ وري ٻين جي طرفان گهڙيل جوابي داستانن ۾. هن جي لاءِ عشق ٻشق سڀ بيوقوفي هئي. اسان سڀني جو متفقہ خيال هو تہ ڪتابي ڪيڙو سخاوت علي عشق جي معاملي ۾ پٿر هو.

پر هي ڪهڙو واءُ وريوهو. ڪهڙو انقلاب آيو هو، جو سخاوت عليءَ کي بہ عاشقيءَ جو شوق جاڳي پيو هو. ابتدا سخاوت عليءَ جي طرفان ٿي هئي يا ٻي طرفان.

هن جو نالو مريم هو ۽ هوءَ ڳوٺ جي سڀ کان سهڻي ڇوڪري هئي. ڳوٺ جو هر نوجوان هن تي مرندو هو.
پر هڪ وڏي مصيبت هئي.
هڪ وڏو عذاب هو.
هڪ وڏو ڊپ هو.
هن جو پياءُ ڪاٽڪو چور هو. ان ڪري هر نوجوان هن تي مرندو بہ هو پر هن جي رستي تي بيهڻ، هن ڏي اشارو ڪرڻ، هن ڏي ڪو پيغام موڪلڻ کان لنوائيندو هو.
سخاوت عليءَ جي قسمت ڪجھ نرالي هئي.
هوءَ جيڪا ڳوٺ جي هر نوجوان جي خوابن جي شهزادي هئي.
اُها، خبر ناهي ڇو؟ ڪيئن؟ ۽ ڇا جي لاءِ سخاوت عليءَ تي عاشق ٿي پئي.

هڪ ڏينهن هوءَ ۽ سخاوت علي گهٽيءَ ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي ويا. هُن نہ ڪئي هم نہ تم سخاوت عليءَ کي چيو، ”وڏو موتبر ٿيو پيو گهمين. اجان تہ گورنرڙو يا ماسترڙو ٿيو ناهين، پر اکيون ڪٽي ڪياڙيءَ ۾ رکيون ٿي. هيڏي هوڏي ڏسين ئي نہ ٿو تہ ڪو رستي ۾ بينو انتظار ٿو ڪري.“

هڪ لمحي لاءِ سخاوت عليءَ جي پيرن هينان زمين کسڪي وئي. هڪ لمحي لاءِ هن اڇي کهاڙيءَ کي هوا ۾ وڄ وانگر چمڪندي ڏٺو. هڪ لمحي لاءِ هن کي لڳو، سندس دل سينو چيري زمين تي ڪرڻ لڳي آهي. ان ئي هڪ لمحي ۾ الاءِ ڪٿان هن جي وجود ۾ طاقت پيدا ٿي. سَتُ ۽ سگهہ پيدا ٿي. پوءِ هن وراڻيو، ”نہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي.“

پنجن لفظن هن جي زندگيءَ جي رُخ کي ئي تبديل ڪري ڇڏيو. هُو عام انسان مان عاشق بڻجي ويو.

عاشق ۽ عشق ڇا هو. جڏهن بہ هو هڪٻئي جي آمهون سامهون ايندا هئا، ”خوش آهين، خوش آهين.“ ٿيندي هئي. هوءِ پنهنجي رستي تي، هي ڌڙڪندڙ دل سان پنهنجي رستي تي ڪڏهن ڪڏهن هوءَ هن کي ڪو ڪٽمنڙو يا ٽافي، ڪو منائيءَ جو ٽڪرو ڏيندي هئي ۽ ها، هڪ دفعي هڪ رومال بہ ڏنو هئائينس اسان جو يار سخاوت عليءَ پرباش هو.

مئٽرڪ جي امتحان ۾ A-I گريڊ جي اميد نہ بلڪ پڪو يقين هيس.

ڳوٺ جي سڀ کان خوبصورت ڇوڪريءَ جو عشق ۽ ناول لکڻ جو جنون. ڀلا خوابن جو بہ ڪو ڇيهہ هو ڇا؟

اچانڪ هڪ نئون موڙ آيو، جنهن سڀ ڪجهه ڏانواڏول ڪري ڇڏيو، تباهه ڪري ڇڏيو، بقول شاعر منٺار سولنگيءَ جي.

خواب جيڪي لڌئي، سي ته وڪري ويا،
ڪو نه ٿي ملي تن جي، ذري سان ذري.

سخاوت عليءَ جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ ماستر جان محمد بدلي ٿي آيو. هن هڪ ڏينهن سخاوت عليءَ کي اسڪول ۾ گهرائي چيو، ”سخاوت عليءَ مان تنهنجي ڏاڍي تعريف ٻڌي آهي. ٻڌو آهي ته تون ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي ڇوڪرو آهين. مان ڏاڍو اصول پرست انسان آهيان تون ائين ڇو نه ٿو ڪرين ته هن اسڪول ۾ ٻار پڙهائڻ ۾ منهنجي مدد ڪرين.“

سخاوت عليءَ وٽ ننهن ڪرڻ جو ڪو جواز ڪو نه هو. هن ماستر جان محمد سان گڏ ٻار پڙهائڻ شروع ڪيا.

هوريان هوريان جان محمد کُلڻ لڳو. هن سخاوت عليءَ کي ٻڌايو ته هو شاعر به هو ۽ سندس تخلص ”جانب“ هو. هن سخاوت عليءَ کي پنهنجي شاعري ٻڌائي.

ڇڏي وئين يار هنڙا ڇڏائي،
پيرڙا ڪيرائي،
روئان ٿو تنهنجي عشق ۾ پرين،
وئين مون کي مون مان لڏائي.

سخاوت عليءَ هن کي ٻڌايو ته هو به ناول لکي ٿو.

ماستر جان محمد جانب سندس تعريف ڪئي ۽ هن کي چيو ته هو رات جو جيڪو ڪجهه لکي، صبح جو کيس ڏيکاري ته جيئن سندس اصلاح گڏ گڏ هلندي رهي.

ائين ٿيڻ لڳو. سخاوت عليءَ ناول جا ٻه ٽي صفحا لکندو هو ۽ صبح جو ماستر جان محمد جانب کي ڏيکاريندو

هو. ماسٽر ڪيس صلاحون ڏيندو هو. ماسٽر جان محمد مٺي گفتگو ڪندڙ شخص هو. آهستي آهستي جان محمد هن جي شخصيت مان متاثر ٿيڻ لڳو.

ماسٽر جان محمد هن کي پنهنجي زندگيءَ جا عجيب عجيب قصا ٻڌائيندو هو جيڪي گهمي ڦري اچي ماسٽر جي عشق تي ختم ٿيندا هئا. سخاوت عليءَ جي نڪور اديباڻي ذهن لاءِ ماسٽر جا قصا الفَ ليلا جي قصن جيان هئا.

”مان آهيان اصول پرست ماڻهو.“ ماسٽر جان محمد جو تڪيو ڪلام هوندو هو. هو اڪثر ڪري سخاوت عليءَ کي چوندو هو، ”سخاوت عليءَ مان ٻه غريب جو ٻار آهيان پر مان آهيان اصول پرست ماڻهو. نه ڪڏهن پئسن جي پرواهه ڪئي اٿم، ۽ نه ئي وري ڪڏهن ڪنهن وڏيري ننديري جي پرواهه ڪئي اٿم.. حسن پرستي منهنجي رڳ رڳ ۾ پريل آهي، غريبيءَ جي باوجود ٻه دل کولي پيار ڪيو اٿم.“

ماسٽر جي هر قصي جي ابتدا ۽ انتها شاندار، پرخطر ۽ ڪامياب عشق سان ٿيندي هئي. هونءُ سخاوت عليءَ کي ماسٽر جان محمد جا عشق جا داستان شايد موهي نه سگهن ها، پر هن جي عشق جي نئين ابتدا هئي. ان ڪري هر قصي ۾ هو محسوس ڪندو هو ته هن جي لاءِ ڪونه ڪو نياپو هو ۽ ڪونه ڪو سبق هو.

خبر ناهي ماسٽر جان محمد جي عشق جي قصن ۾ ڪيترو سچ هو، ڪيترو ڪوڙ، پر قصا هوندا دلچسپ هئا.

اهو 14فيبروريءَ جو ڏينهن هو. عاشقن جو عالمي ڏينهن ان ڏينهن جڏهن ماسٽر جان محمد اسڪول آيو، ته سندس چهرو روئڻهارڪو هو. ڄڻ ته زال سان وڙهي آيو هو. يا سندس

گهر ۾ چوري ٿي وئي هئي. ماستر جان محمد جي اهڙي ڪيفيت اصل ۾ اشارو هوندي هئي ته، اج نئين عشقيه داستان جي آمد ٿيندي.

رسيس وقت ماستر جان محمد سخاوت عليءَ کي پاڻ وٽ سڏ ڪيو. سخاوت عليءَ کي سمجهڻ ۾ رتي برابر به دير نه لڳي ته قصي جي آمد جو وقت اچي ويو آهي.

ماستر هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. پڪ ڪيائين ته ڪير ٻُڌي ته ڪونه ٿو. پو قميص جي هينان پاتل صدريءَ ۾ اهڙي ته رازداريءَ سان هٿ وڌائين، ڄڻ ته ڪو قيمتي هيرو ڪيسي مان ڪڍندو هجي. پر جڏهن هن جو هٿ ٻاهر نڪتو ته، سندس هٿ ۾ هڪ فوٽو هو. فوٽو سخاوت عليءَ کي ڏيندي ماستر چيو، ”سخاوت علي هي ڏس، هي اٿئي منهنجي زندگيءَ جو پهريون پيار.“

”پهريون پيار؟“ سخاوت عليءَ کي پنهنجو پيار ياد اچي ويو. هن به سوچيو، ڪاش هو به مريم جو فوٽو ڪيسي ۾ رکي سگهي.

”ڪهڙن خيالن ۾ ٻُڏي وئين؟“ ماستر جان محمد هن جي خيالن جو سلسلو ٽوڙي وڌو.

”مان آهيان اصول پرست ماڻهو.“ ماستر قصي جي شروعات ڪئي. ”اڄوڪو ڏينهن سڄي دنيا لاءِ خوشين ڀريو ڏينهن هوندو آهي. اڄڪلهه ته اڄوڪي ڏينهن تي شهر ته ڇڏيو، ٻهراڙين جا عاشق به پنهنجي محبوبائن کي نوان نوان تحفا ڏيندا آهن. پر مون بدنصيب جي دنيا ته اڄوڪي ڏينهن تي اجڙي وئي هئي. منهنجو پهريون پيار، منهنجي يار، منهنجي دلربا، اڄوڪي

ڏينهن تي مون کان هميشہ لاءِ وڇڙي وئي هئي. وڇڙي ڇا هميشہ لاءِ هن دنيا مان هلي وئي هئي.“
”مطلب سائين!“
”مطلب تہ اڄوڪي ڏينهن تي منهنجي پيار منهنجي جدائي نہ سهندي، پنهنجو انت آندو هو.“
فضا ۾ افسوس جون صدائون اڀريون.
ماستر جان محمد روئڻ جي اداڪاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
سخاوت عليءَ جي دل ڌڙڪي. مريم جي سلامتيءَ جي دعا نڪتي.
”ڪيئن ڀلا سائين، ڪيئن؟ اهيو وري ڪيئن ٿيو؟“ سخاوت عليءَ افسوس ڀري اتاولائيءَ مان پڇيو.
”ها“ ماستر ٿڌو ساهہ ڀريو. قصو ڪرُ ڪٽڻ لڳو ۽ بيان اڳتي وڌڻ لڳو.
”اهيا ڳالهہ نہ پڇ، سخاوت عليءَ“ ماستر هڪ دفعو ٻيهر ٿڌو ساهہ کڻي محسوس ڪرايو تہ هو، سخت ڏک مان پيو ڳالهائي.
”منهنجو هن سان پيار جو پيچ پائڻ جو قصو بہ ڏاڍو عجيب آهي.“
”اها انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن، جڏهن منهنجي عمر ويهہ ورهيہ مس هئي. نئين نئين ماستري ملي هئي. ان زماني ۾ نئين ماستر کي ٻي تعلقي ۾ موڪليندا هئا. سو سائين مون کي بہ درگاهہ يوسف شاهہ جيلانيءَ جي ڀرسان، هڪ ڳوٺ ۾ ماستر ڪري موڪليائون.“
”هڪ ڏينهن الله جي ڪرڻي ائين ٿي، صبح جو سوير، اسڪول لاءِ نڪتس. هڪ جواني، ٻيو ڀيرن هيٺان سهراب سائيڪل. سومان بہ واءُ مينهن ڪندو پئي ويس. اڌ رستي تي مس پهتو هوندس ڇاتو ڏسان، هڪ گاڏير بيٺو هو. گاڏيءَ تي بہ مايون

ٻُڪل هنيون وينيون آهن. انهن مان هڪ اڌڙوٽ عمر جي هئي. ٻيءَ جي عمر سورنهن سترنهن سال مس هئي. ڇا تہ مولا ڇوڪريءَ کي حُسن ڏنو هو. گاڏيءَ جو ڦيٿو نڪري ويو هو. مان ويجهو وڃي سائيڪل کي بريڪ هنئي."

گاڏير چيو، "ڀائو تنهنجا وڏاوڙ ٿيندا، قرب ٿيندا، احسان ٿيندا، جي مون سان گاڏيءَ جي ڦيٿي وجهرائڻ ۾ مدد ڪندين."

مون چيو، "ڇو نہ سائين، اهيا بہ ڀلا ڪا ڳالهہ آهي." گاڏير ڏندو ڏوٿو، پهلوان مڙس هو، مون کي چيائين، "ڀائو! آئون ٻارن کي هيٺ لاهيان ڪونہ ٿو، مان گاڏيءَ جي سرائيءَ کي پنهنجي گوڏي تي رکان ٿو، تون ڦيٿو سرائيءَ ۾ وجهہ."

ڦيٿو گاڏيءَ ۾ وجهندي، نظر ڪٽي جو ڏسان تہ نينگري مون ۾ جُوهہ وجهيون ويني آهي.

نظرون نظرن سان مليون.

هن بہ مشڪيو مون بہ مشڪيو.

مون کي چوٽي ياد آئي، "هنسي تو ڦنسي، مسڪرائي تو گود ۾ آئي."

اکين جي پيغام اندر ۾ آنڌ مانڌ مچائي ڏني.

دل جو ڌڙڪو وڌي ويو.

جيئن تيئن ڪري مون ڦيٿو گاڏيءَ ۾ وڌو. گاڏير مهرباني چئي، گاڏيءَ تي وينو. گاڏي رواني ٿي.

مون کي ٻي تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، سواءِ ان ڳالهہ جي تہ ان گاڏيءَ سان منهنجي دل بہ وڃي پئي.

هن مون ڏانهن مڙي ڏنو. ڄڻ تہ چوندي هجي، "وڃين ڪاڏي ٿو، مون ڏي اچ نہ! ان مهل شاهہ ڀٽائيءَ جو بيت ياد اچي ويمُ:

سوڙهين گهٽين سپرين، گونگا ٿي گذيام،
ڦٽيل هئا فراق ۾، ڪُڇي ڪين سگهيام،
نهاريندي ويام، نماڻين نظرن سان.

”ادا سخاوت عليءَ نماڻين نظرن جي ڳهاوَ جو توکي اجان تجربو نہ ٿيو آ.“ ماستر پنهنجي ڳالهہ کي وزن وٺائيندي چيو.
سخاوت عليءَ کي مريم جون نظرون ياد آيون. هن جي دل چيو، ماستر کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏي.
ماستر ڳالهہ کي اڳتي وڌايو ۽ چوڻ شروع ڪيائين.
”مان بہ ٿي پيو هئس نيٽن جو وڏيل، بس، نہ ڪيم هم نہ تم. لڳي پيس گاڏير جي ڪڍ.
گاڏي پنهنجي ڏن ۾ هلندي رهي ۽ مان بہ گاڏيءَ سان مناسب فاصلي گڏ هلندو رهيس.
ڪجهہ وقت کان پوءِ گاڏي هڪ ڳوٺ ڏي لڙي وئي ۽ ڏنم تہ هڪ گهر ۾ داخل ٿي. گهرُ هڪ پڪي ڇِنِ هئي ۽ چوڦير لوڙهو ڏنل هو.
مون کان اسڪول، ٻار، صاحب، سڀ وسري ويا. هڪ ئي ڏن سوار ٿي وئي تہ ڪيئن نہ ڪيئن ڪري نماڻن نيٽن واريءَ سان ملان. ان ڳوٺ مان نڪتس. سڌو رُخ رکيم نورل جي ڳوٺ.
نورل منهنجو دوست هو. وڏو ڪاٽڪو چور هو. جُوءِ جُوءِ جو پاڻي پيتل هئس.پاڻ بہ شوقين مڙس هو. پاڙي اوڙي جو ڪو بہ ڳوٺ، ڪا بہ حسينا ڪانئس ڳجهي ڪانہ هئي، آئون سمجهان ٿو. ڪچڙيءَ منجهند ڌاران نورل وٽ پهتس.
نورل کي سڏڪيم.
نورل نڪري آيو.

”اڙي هي ڇا؟“ مون کي ڏسي نورل کان رڙ نڪري وئي
ڇيائين، ”ماستر ڇاٽيو آ، منهن تہ ڏس سُڪي نوٽ ٿي ويو ٿئي.
اکيون ڪا ٻي ٻولي پيون ڳالهائين خير تہ آهي؟“
مون نورل کي پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي.
نورل ڳالهہ ٻڌي مون کي تسلي ڏني ۽ چيائين، ”ماستر
بس ايترڙي ڳالهہ تي اچي ملول ٿيو آهين. فڪر نہ ڪر، گهٻراءِ
نہ، ڪو بلو ڪري ٿا ونون. ڀريان تون ٿورو آرام ڪر، ماني
ڏاني ڪاءُ پوءِ ڪجهہ ڪري ٿا ونون.“
منهنجو تہ قرار لٿجي ويو هو، سو مون کي کٽان تي ماني
وٺي ۽ آرام اچي.
خير، سڄو ڏينهن آنڌ مانڌ ۾ گذريو.
الاهہ الاهہ ڪري سج لٿو.
سومهڻي ڏاران نورل مون کي چيو، ”اُٿ.“
اسين ٻئي اٿياسين. نورل اڳ ۾ سمجهي ويو هو تہ، منهنجي
روح ڪهڙي ڳوٺ ۾ رهجي ويو آهي. نورل ٻہ بندوقون ۽
ڪارتوسن جا ڪنڊلا ڪنيا ۽ اسان ٻئي اهي ڪٽي روانا ٿي
وياسين. نورل مون کي برفيءَ جو پُڙو ۽ رابيل جي گلن جو
هار ڏنو ۽ چيائين تہ، ”رک پاڻ وٽ.“
منهنجي تہ پيرن ۾ ڄڻ هوائي جهاز جا پَرَ لڳي ويا هئا. اصل
اُڏامندو پئي ويس. دل چاهيو پئي تہ بس دير نہ ٿئي، محبوب جو
ديدار ٿئي نہ تہ دم پرواز ڪري ويندو.
اڌ رات هئي جو اسين پرينءَ جي پار پهتاسين. سانوڻ جي نئين
شروعات هئي. سيڪو پنهنجي اڱڻ تي ستو پيو هو. ڪاٽڪو
چوندا آهن تہ اڌ رات جو يا تہ عاشق يا جِن جاڳندا آهن. سو

سائين برابر ائين ئي هئو. ماڻهو ته ڇا، ڪتو، ٻلو، پکي پکڻ سڀ ائين سُتا پيا هئا ڄڻ ته سڀ مئا پيا آهن.

نورل منهنجي لاءِ گهر ۾ داخل ٿيڻ جو رستو ناهيو، مون کي برفيءَ جو پُڙو ۽ گلن جو هار ڏيندي چيائين، ”ماستر، تون خيال سان اندر وڃ، مان ٻاهر ويٺو آهيان. ڪيئن به ڪري ڳولي ڦولي، برفيءَ جو پُڙو پنهنجي محبوب جي پير ۾ ۽ گلن جو هار سندس وارن ۾ ٻڌي آ. خيال ڪجانءِ ڪا گڙٻڙ نه ٿئي.“

عشق انسان کي ڇاڇا نه ٿو ڪرائي. ڪهڙا ڪهڙا ڪشالا ٿو ڪڍرائي.

”سخاوت علي صاحب، سچي ڳالهه اهيا هئي ته ان مهل منهنجي دل ۾ ڪو ڊپ ڊاءُ نه هو، ڪوخوف نه هو. بس هڪ ئي خيال هئو، هڪ ئي تمنا هئي، هڪ ئي خواهش هئي ته محبوب سان ملان“.

جونءِ پير سُرندو سُرندو، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو پرينءَ جي تلاش ۾ اڳتي وڌيس. اچانڪ هڪ خوشبو آئي.

ها، خوشبو، جيڪا محبوبن جي مخصوص مهڪ هوندي آهي.

کٽي جو ڏسان، ٿورو پرڀرو، ٻه کٽون پيون آهن.

هڪ کٽ تي اهائي اڌڙوٽ عمر جي مائي (جيڪا مون کي پوءِ خبر پئي ته پرينءَ جي ماءُ هئي) ۽ ٻي کٽ تي منهنجي پَري سُتيون پيون هيون.

ٿوري دير لاءِ بي خود ٿي ويس.

سوچيم پرينءَ کي چنبڙي وڃان، سندس انگ کي چمان، نس نس سان پيار ڪريان. ڪيس جاڳايان ۽ چوان ته ڏس مان ڪيڏا ڪشالا ڪٽي تو وٽ آيو آهيان. پر مون کي نورل جي نصيحت ياد آئي:

”پرينءَ کي جاڳائجانءِ نہ، ڳالهائجانءِ نہ، صرف برفي ۽ گل رکجانءِ.“ نصيحت ياد ايندي ئي پير جهلي ويس.
ٿوري دير لاءِ پرينءَ جي سيرانديءَ کان بيٺس. هڪ نظر وڌم، سبحان الله چنڊ جهڙو جهڙو، بستري تي واسينگن جيان وڇايل وار.
خير پاڻ پليندي، برفي سندس پرسان رکيم ۽ گل هوريان هوريان سُرڪائي سندس چوٽيءَ سان ٻڌم.
دل تہ نہ پئي چيو، پر پوءِ بہ پويان پير ڪري واپس وريس.
نورل مون کي ڏنو، ڳراٽڙي پاتائين ۽ چيائين، ”پرينءَ جو ديدار مبارڪ ٿئي.“
مون کان رهيو نہ ٿيو، دل جُهري پيم، اکين ۾ پاڻي اچي ويم.
نورل کان پڇيم، ”يار! پرينءَ جو پاسو ڪڏهن نصيب ٿيندو؟“
تسلي ۽ دلاسو ڏيندي چيائين ”گهٻراءِ نہ، هنيانءُ نہ هار، اهيو ڏينهن بہ پري ڪونهي ڪو.“ اسان ٻئي نورل جي وٿاڻ تي موٽي آياسين. نورل مون کي چيو تہ، پاڻ کي هاڻي بہ ٿي ڏينهن ائين هلڻو پوندو ۽ ڪاروائي ڪرڻي پوندي.“
مان نورل کان موڪلائي روانو ٿيس.
منهنجي لاءِ پل پل، ورهين برابر ٿي ويو هو.
سڌو روانو ٿيس اسڪول. سڀ کان پهريون ڪم اچي اهيو ڪيم تہ، اسڪول مان ڏهن ڏينهن جي موڪل ورتم.
اسڪول مان نڪري سڌو آيس ناڪي جوڳيءَ وٽ.
ناڪو جوڳي هو، گدا ڪندو هو، سوز سان مرلي وڄائيندو هو، نانگ نچائيندو هو، ڏارو هٽندو هو ۽ ڳوٺ ڳوٺ، گهر گهر پيرين پنڌ گهمندو هو.

ناڪو جهونو جوڳي، نورل جيان مون کي پهرين نظر ۾ سمجهي ويو تہ معاملو گڙبڙ آهي.
ناڪي کي بہ سڄي ڳالهہ پيرائتي ڪري ٻڌايم.
ناڪي بہ مون کي تسلي ڏني ۽ هڪ رستو ڪڍيو.
پنهنجي لٺ، گودڙي، مرلي، ڏارو، نانگ جي ٽبڻي ڪنيائين ۽ مون کي بہ لٺ ۽ گودڙي ڏنائين ۽ جوڳين وارو ويس پارايائين.
هئہ ڙي عشق تنهنجا رنگ.
گدا ڪندا سڌا آياسين پرينءَ جي ڳوٺ.
خبر ناهي ڪيئن، پر منهنجي اندر مان سئنون سينو چيري ٿي نڪتيون.
ناڪي مون کي سوز مان سئنون هڻندي ڏسي چيو،
”يار ڪو ڪونہ سمجهندو تہ تون ڪو ٻهروپيو آهين.
هر ڪوئي ائين سمجهندو تہ تون ڪو خانداني، جنم جنم جو پينو فقير آهين.“
حسبِ روايت ڪا خيرات ڪٽي آئي، ڪنهن ڏارو هٽايو.
ڏاري هٽائيندڙن جي اڪثريت مان ڪنهن پڇيو پئي،
منهنجي گهر ۾ برڪت ڪانهي ڪا. هيڏانهن اچي هوڏانهن وڃي. اوڏن وانگي ڪمايون،پر پوري پاندي ڪانهي ڪا.
ڪنهن پڇيو، فقير ڏارو هٽي ڏي گهر ۾ ڪروڌ آهي. هر ڀاتي ٻئي جو منهن پٽيون کايون پيو وڃي ڄڻ تہ هڪ ابي امڙ جي اولاد ناهن، ڄڻ تہ جاني دشمن آهن.
ڪنهن چيو فقير، گهر ۾ بيماري گهرُ ڪري ويني آهي.
ڪڏهن اسان جي پچر ڇڏيندي.
ناڪي، سڀ ڪنهن کي اهڙا ڏارا پئي هٽي ڏنا جو وڃي ٿيا خير.
منهنجيون اکيون تہ پرينءَ جي تلاش ۾ هيون.

پرين، جنهن جو نہ پتو ٿي پيو، نہ ڪو ڪرو ٿي لڳو.
ٿوري دير ڪان پوءِ جڏهن رش ختم ٿي، ڏنم تہ هوءَ اٿي جي لپ ڪنيون ٿلندي اچي پئي.
منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي وئي.
اکين ۾ چمڪ اچي وئي.
بيقراري وڌي وئي.
دل چاهيو، اٿي وجي پرينءَ کي ڀڪُ هڻان.
منهنجي حالت ڏسي ناڪي مون کي نونٽ هنئي ۽ اشارو ڪيائين، صبر ڪر.
منهنجي لاءِ صبر جو پَل پَل صدين برابر ٿي ويو.
هوءَ آئي. ناڪي کي خيرات ڏنائين. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي تسلي ڪيائين تہ ڪير ڏسي تہ ڪونہ ٿو. پوءِ ٿڌو ساهہ پريندي چيائين، ”جوڳي فقير مون کي بہ ڍارو هڻي ڏي نہ.“ ناڪي چيو، ”چوڪري توکي وري ڪهڙي ڳالهہ جو ڍارو هڻي ڏيانءِ.“
چيائين، ”فقير رات جو مسافر مون کي ملندو بہ يا سڄي عمر تڙپندي رهندس.“
ناڪي هن ڏانهن ڏنو ۽ اک ٽيٽ ڪري مرڪندي مون ڏانهن ڏنائين، پوءِ ڍاري کي هيڏي هوڏي ڦيرائيندي ۽ زمين تي ڦٽو ڪندي چيائين:.
”آ ڍارا پنئون بارها، پڙڪو ٻڌاءِ هن نينگر جي من جي مراد ڪڏهن پوري ٿيندي يا نہ.“
۽ پوءِ ڍاري ڏي ڏسندي خوشي پري رڙڪيائين، ”اڙي هي ڇا! ڍارو سڄي زمين گهمي آيو، سڄو آسمان گهمي آيو. اتر ڏنائين ڏکڻ ڏنائين. پورب ڏنائين پڇم ڏنائين. سنڌ ڏنائين هند ڏنائين. پر نينگر جي من جي مراد ڪٿي نظر نہ آيس.“

پوءِ ٿورو ساهه پٽيندي چيائين، ”لڳي ٿو ته نينگر جي من جي مراد هتي آسپاس ۾ ڪٿي آهي.“

پهريان ته منهنجو پرين وائڙو ٿي ويو. ڪيس ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. پوءِ شايد ”هتي آسپاس“ جي لفظن تي سوچيائين. پهريا ناڪي ڏي، پوءِ مون ڏي غور سان، ڏٺائين. جيئن ئي اسان جون نظرون مليون، خبر ناهي ڇا ٿيو، ڪيئن ٿيو، ٻنهي جي اکين مان ڳوڙهن جو درياهه وهڻ لڳو.

عشق چريو ديوانو.
نه پڇي ذات نه ذات.
نه ڏسي ڪو وقت، ڪا گهڙي، ڪا محل.
هوءَ چرين جيان اڳتي وڌي.
منهنجي هٿ کي چرين جيان چمڻ لڳي.
۽ مان به هن جي هٿ کي چرين جيان چمڻ لڳس.
شڪر آ، ناڪي ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪو نه هو.
عشق منزل ماڻي،
پرين تائين پهتو.
وصل جو واس ٿيو.
دل ڪوڙين قرارن ۾ ٻڌي وئي.
انجام ٿيا اقرار ٿيا.
ائين لڳو زندگي ختم ٿي وئي، جنت ملي وئي.
پر قسمت کي ڪجهه ٻيو منظور هو.
سکن پنيان ڏکن کي اچڻو هو.
زندگيءَ جي ڪڏ، موت لڳي ويو.
اسان جي ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو.

رات جو نورل منهنجو ساٿي هو ۽ ڏينهن جو ناڪو جوڳي پر چوندا آهن عشق مشڪ، خون ڪٿوري لڪائيندي نہ لڪندا آهن.
”سخاوت علي توکي خبر آ تہ، عشق جي خبر سڀ کا پهريان ڪنهن کي پوندي آهي.“ ماستر جان محمد جانب ڏکهي خود ڪلاميءَ ڪانپوءِ سخاوت علي کان سوال ڪيو.
”نہ سائين“. سخاوت علي مختصر جواب ڏنو.
”عشق جي پهرين خبر پوندي آ ماءُ کي. اسان سان بہ ائين ئي ٿيو. منهنجي پرينءَ جي ماءُ کي بہ ڪڙڪ پوندي کا گهڻي دير نہ لڳي.“
جڏهن هن کي خبر پئي، پهريان تہ وائڙي ٿي وئي. پوءِ غضي ۾ منهنجي پرينءَ کي ڪپڙن ڌوئڻ واري سوٽيءَ سان سٽيائين. پوءِ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائينس. پوءِ ڌوتن ذريعي منهنجا پار پتا بہ معلوم ڪري ورتائين. هڪ دفعو مون سان بہ ملي. مون کي بہ دابا ڏنائين، سمجهايائين. ”مڙي وڃ نہ تہ منهنجا چورا ڳيا ڪري ڇڏيندئي.“
پر عشق ڪٿي ٿو مڙي.
اسان سيني سختين باوجود بہ ملڻ کان نہ مڙندا هئاسين ماءُ جڏهن ڏنو تہ، چوري صفا نہ ٿي مڙي، رَنِڪو هُنر هلائي منهنجي پرينءَ جي تٽ تاريخ ٻڌي ڇڏيائين.
منهنجي پرينءَ شاديءَ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيو.
هڪ رات جڏهن ملياسين تہ هن مون کي صاف صاف لفظن ۾ چيو ”مون کي ڪڻ نہ تہ مان پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيندس.“
مان وائڙو ٿي ويس. مان اصول پرست ماڻهو اِهيو ڪڌو ڪم ڪئين ٿي ڪري سگهيس، مان پنهنجو پاڻ تي اِهيو ٽِڪو ڪيئن ٿي لائي سگهيس.

هوءَ نہ مُڙي.
پنهنجي ڏمڪي سچي ڪري ڏيکاريائين.
14 هين فيبروريءَ تي، جڏهن هن جي شادي رٿيل هئي، هن جونئن مار دوا پي پنهنجو انت آڻي ڇڏيو.
منهنجي دنيا لٽجي وئي.
دل دردي ٿي پئي وئي.
اندر خالي ٿي ويو.
اندر جي خال کي پرڻ لاءِ ۽ اُج اجهائڻ لاءِ مان اصول پرست ماڻهو آهيان. ايترو تہ عورتن سان پيار ڪيو اٿم، جيترو ڪير پاڻي پيئي.
پر منهنجي اُج نٿي اُجهامي.
منهنجي دردي دل جو زخم نہ ٿو پرجي.
اڄوڪي ڏينهن تي مان ڪارا ڪپڙا پائيندو آهيان ۽ پنهنجي پرينءَ جو ڦوٽو سڄو ڏينهن پنهنجي سيني سان لائي رکندو آهيان.
ماستر جان محمد جانب پنهنجي عشق جي ڏکي قصي کي پڄاڻيءَ تي پڄايو.
اکين کي زور ڏئي روئڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر عجيب اتفاق هو، سندس اک مان ڳوڙهو ڪونہ نڪتو.
دئونس ۾ ٽي ڪوپ چانهہ جا پي ويو.
رسيس تي ويل ٻار موٽي آيا هئا.
ماستر صاحب جي پڙهائڻ جو ڪو ارادو ڪونہ هو.
ويٺي ٻہ درخواستون لکيائين.
هڪ، تہ ويٺي سندس ويهڪ واري جڳهہ تي ڦرڙي نڪري پئي آهي، ان ڪري ڪيس اڌ ڏينهن موڪل ڏني وڃي.

بيءِ، تہ ڪيس سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ڪم آهي ان لاءِ ڪيس چار ڏينهن موڪل ڏني وڃي.

ان ڏينهن هڪ عجيب اتفاق اِهيو هو تہ ماستر باربار سخاوت عليءَ کان ورور ڏئي پڇندو رهيو تہ سندس بہ ڪنهن سان اڪ اڙي آهي يا نہ. سخاوت هر نئين عاشق جيان جيڪو پنهنجي عشق جي ڳالھ تہ هر ماڻهو کي ٻڌائڻ چاهيندو آهي، پر دپ مان ڪنهن کي ٻڌائي ڪونہ سگهندو آهي. هو چاهيندي بہ باربار ماستر جي اڳيان انڪار ڪندو رهيو.

ڪجھ دير ويهڻ ڪانپوءِ ماستر جان محمد جانب، سخاوت عليءَ کي چيو، ”سخاوت علي، پاڻ آهيون اصول پرست ماڻهو، اڄ پنهنجي دل ڪنهن ٻي دنيا ۾ آهي. رات مان ڪراچيءَ نڪري ويندس، وري ڇنڇر تي اسڪول ايندس هاڻي اسڪول آ حوالي تنهنجي، پنيان جي پارت اٿئي.“

ماستر جي وڃڻ ڪانپوءِ سخاوت علي ماستر جي ڪهاڻيءَ تي سوچيندو رهيو.

ڪهاڻيون تہ ماستر اڳ ۾ بہ ٻڌائيندو هو، پر هيءَ ڪهاڻي نرالي هئي.

ماستر جي هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪونہ ڪو عجيب واقعو هوندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن سخاوت علي سوچيندو هو تہ ان ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت ڪيتري هئي ۽ افسانو ڪيترو، پر حضور شرميءَ سبب هو ماستر کان سوال نہ ڪري سگهندو هو.

هڪ ڳالھ سخاوت علي سمجهي ورتي هئي تہ ماستر عجيب ماڻهو هو ۽ شايد ٿورو ڪوڙو بہ.

چار ڏينهن گذري ويا.

ڇنڇر تي ماستر اسڪول موٽي آيو.

ڪراچيءَ مان موٽڻ ڪان پوءِ، ماستر ڏاڍو خوش هو.
سندس انگ انگ خوشيءَ ۾ ٻهڪيو پئي.
ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ ڪيس خزانو ملي ويو آهي.
ان ڏينهن ماستر ٻارن کي اڌ ڪلاڪ اڳ رسيس ڏني.
سخاوت عليءَ کي سڏيو.
چانهہ جا ڪوپ پريا.
۽ نئين قصي جي ابتدا ٿي.
”سخاوت علي“ ماستر بغير پڇڻ جي ڳالهائڻ شروع ڪيو.
”اسان اصول پرست ماڻهن تي بہ الله سائينءَ جون عجيب ڪرم نوازيون اٿئي. ڳالهہ ٻڌندين تہ اصل صفا حيران ٿي ويندين.“
”سائين ٻڌايو پلا، چا ٿيو وري.“
سخاوت علي ٻيو پلا چئي بہ چا ٿي سگهيو. هو جيڪڏهن ماستر کي چوي بہ ها تہ، سائين ڇڏيو ڳالهہ کي تہ پلا ماستر مڙي وجي ها چا.
راوي بيان ڪرڻ لڳو، قصو شروع ٿيو.
”لاڙڪاڻي مان جيئن ريل تي چڙهيس، پينسان پيرڏرڻ جي جاءِ نہ هئي. اسان هياسين بہ ڇڻا، مان ۽ منهنجو دوست ماستر موليڏنو. پلو ٿئي تي ٿيءِ جو جيڪو اسان جو واقفڪار نڪري پيو. ويهڻ لاءِ بہ سيٽون ڏنائين.
گاڏي اڳتي هلي. هائو ٻيلي راڌڻ مان همراهہ چڙهيو ساڻس بہ مايون گڏ هُيون.
اتفاق سان هو اچي اسان جي پروارين سيٽن تي وينا، مون غور سان ڏٺو، اڙي هي چا هي ماڻهو تہ ڪنهن زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ پوءِ راڌڻين لڏي ويا هئا.
خير گاڏي هلي.

ٿوري دير ڪانپوءِ مان همراهه سان حال احوال شروع ڪيا.
منهنجو اندازو صحيح هو. هو اسان جي پراڻي ڳوٺائي غلام رسول جي اولاد مان هئا.
پنهنجائپ نڪري آئي، ان ڪري ويجهڙائپ وڌي وئي، پتو پيو، غلام رسول جي ڇئن پٽن مان هڪ کي ڪراچيءَ ۾ نوڪري ملي هئي ۽ هو ڪراچي لڏي ويو هو.
ٿوري دير ڪانپوءِ مون جو ڌيان ڪيو، مون ڪان رڙ نڪري وئي.
مار پيئنسان هڪ مائيءَ جون نظرون مون ۾ ڪتل هيون.
اسان ٻه آڙيڪاپ ماڻهو.
گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتل.
رن جي لوڏ مان سمجهون ته ڪهڙي خيال جي آهي. سو مونکي سمجهندي دير ئي نه لڳي ته مائي مون تي عاشق ٿي پئي آهي.
اجان جو ٿورو وڌيڪ غور ڪيم، مارپيئنسان هيءَ ته اهائي ڇوڪري هئي جيڪا نندي لاءِ اسان سان گڏ ڪيڏندي هئي.
اچانڪ مون کي هن جو نالو ذهن تي تري آيو .
مون همراهه کي چيو، ”پائو ڳالهه ته ٻڌ هن مائيءَ جو نالو سرداران ته ناهي.“
هڪ لمحي لاءِ همراهه وائڙو ٿي ويو ۽ پوءِ کلي وراڻيائين، ”برو بر پائو، هي اسان جي نندي ڀيڻ سرداران آهي.“
سرداران پنهنجو نالو ٻڌي ٽڙي پئي.
سچي ڳالهه آهي ته منهنجي دل ۾ ٻه گلاب ٽڙي پيا.
سخاوت علي، سفر ۾ جي دل گهريو ساٿي ملي وڃي ته پوءِ سفر، سفر نه رهندو آهي.
مون ڪچهري ته همراهه سان ڪئي پر منهنجو سڄو ڌيان سرداران ڏي هو.

۽ سرداران، سرداران تہ مون مان اک ئي نہ ٽي ڪڍي.
اسان جي اکين هڪبئي سان ٽي ڳالهايو، اسان جي روح هڪ بئي، سان ٽي رهاڻ ڪئي.
سرداران، اشارن ئي اشارن ۾ مون کي ٻڌايو تہ ڪراچيءَ ۾ ملجي.
تون هن کان ايڊريس وٺ.
مون سرداران کي اشارن ئي اشارن ۾ ٻڌايو تہ ڪراچيءَ ۾ ملڻ محال آهي، ڇو تہ ڏاڍي مصروفيت هوندي. پر جي الله چاهيو تہ مان سندس ڳوٺ وجي ملاقات ڪندس. پوءِ مون اشارن ئي اشارن ۾ سرداران کي چيو، پلاڪا نشاني تہ ڏي نہ هن بہ موٽ ۾ مون کان ساڳي گهر ڪئي.
مان سوچيو، هن مهل ريل ۾ هلندي سرداران کي کهڙي سوکڙي ڏيان.
اچانڪ پنهنجي هٿ ۾ پاتل منڊيءَ ڏي خيال ويو.
مون منڊيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.
هاڻي مسئلو هو تہ، تحفا همراهہ جي سامهون ڏجن ۽ وٺجن ڪيئن.
خير الله جي ڪرٽي ائين ٿي. ڪوٽڙيءَ کان اڳتي جيئن ئي ريل هلي، همراهہ کي ننڊ اچي وئي.
لڳ ڀڳ سڄو گاڏو سمهي پيو هو، سواءِ اسان ٻن جي.
مون منڊي لاهي پنهنجي هٿ جي تريءَ رکي.
هن باز جيان جهپٽ ڏئي، منهنجي هٿ تان منڊي کڻي ورتي ۽ خبر ٿئي، موٽ ۾ مون کي ڇا ڏنائين؟
هي رومال.“

ماستر جان محمد جانب پنهنجي صدريءَ جي کيسي مان رومال ڪڍيو.
رنگ ٽيل سوٽي رومال هو، جنهن جي هڪ ڪنڊ تي ماستر جان محمد جانب جو نالو لکيل هو.
رومال ڏسي سخاوت عليءَ جي دل ۾ ڌڪو ٿيو.
کيس مريم جو ڏنل رومال ياد آيو، جيڪو هو سيني ڪان چوري پنهنجي سيني سان لڳائي سمهندو هو.
مريم جي رومال جي خوشبوءَ ۾ هن ڪي ماستر جان محمد جانب ڪان سوال ڪرڻ وسري ويو ته ڀلا سائين، سرداران توهان ڪي هلندي ريل ۾ رومال ڏنو ته پوءِ ان تي نالو ڪيئن لکيل هو.
خير. الا ڇو سخاوت علي جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته، اڄ هو به ماستر جان محمد جانب ڪي ٻڌائي.
جيڪڏهن ماستر صاحب آڙيڪاپ عاشق هو ته گهٽ گهر جو هي به ڪو نه هو.
غريب هو ته ڇا ٿيو!
ڳوٺ جي سڀ ڪان سهڻي ڇوڪريءَ سان سندس پيار هو.
سخاوت عليءَ ڪي پنهنجي عشق جي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ گهڻو انتظار ڪو نه ڪرڻو پيو.
ماستر جان محمد جانب هن ڪي، خيالن ۾ ٻڏل ڏسي چيو، ”سخاوت علي ڇا ٿو سوچين، مان ته توڪان سدائين پڇندو آهيان ته تنهنجي به ڪٿي اک اڙي آهي ڇا؟“
اڄ سخاوت عليءَ جو شرم ۽ حياءُ نينهن نهوڙي ڇڏيو.

ماستر جي ٻڌايل قصي جو رد عمل يا اندر جو اُڌمو هو. اڄ سخاوت علي پنهنجو سڄو سينو ماستر جان محمد جانب جي اڳيان کولي رکيو.
هن ماستر کي پنهنجي عشق جي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي.
ماستر هن جي ڳالهه غور سان ٻڌڻ کانپوءِ چيو، ”واهه ڙي سخاوت علي واهه، تون ته الاءِ ڪهڙي ڪنڊ ۾ لِڪو پيو هئين. هو چوندا آهن نه، ته مارجي ته مير مارجي ڪنهن جو ڪير نه کارجي. سو سائين مڇڻو پوندو ته تو واقعي مير ماريو آهي. پر خيال ڪجانءِ ڇوڪريءَ جو ياءُ اٿئي ڏنگو مڙس.“
سخاوت عليءَ اهڙي نموني ڪنڌ ڌوڻيو ڄڻ ته نيڪ مشوري لاءِ شڪريو ادا ڪندو هجي.
ان ڏينهن کانپوءِ ماستر جي رويي ۾ عجيب تبديلي اچي وئي.
هن جي سخاوت عليءَ جي ذهانت ۾ دلچسپي ختم ٿي وئي.
هن لاءِ سخاوت عليءَ جو ناول بي معنيٰ ٿي ويو.
هن لاءِ ٻار پڙهائڻ به بيڪار ڪم ٿي پيو.
بس هن کي هڪئي دلچسپي هئي، اها هئي سخاوت عليءَ جو عشق.
هو وَرُ وَرُ ڪري سخاوت عليءَ کان تفصيل وٺندو هو.
ڪٿي ملي؟ ڪيئن ملي؟ ڇا ڳالهايائين؟ تو ڇا چيو؟ ڪنهن ڏٺو ته ڪو نه؟ ڪنهن کي ڪا خبر ته ڪو نه پئي؟ ڪو شڪ ته ڪو نه ٿيو؟
سخاوت عليءَ جي لاءِ ماستر جو تجسس همدردانه هو ۽ مشورا قيمتي.
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سخاوت عليءَ تي هڪ نئون انڪشاف ٿيو.

ماستر مُشڪ سان پريل هڪ مس ڪپڙي ڪٽي آيو ۽ اعلان ڪيائين تہ هو تعويذ لکڻ جو ماهو هو. هن جو تعويذ ڪنهن بہ ضديري معشوق جو ڪنڌ جهڪائڻ لاءِ نڪ ۾ پوندڙ ناڪيليءَ جيان هو.

هن هڪ تعويذ سخاوت عليءَ کي تحفي ۾ ڏنو ۽ ڪيس چيائين،
”ان تعويذ رکڻ سان سخاوت عليءَ جي عشق کي ڪو لهر لوڏو نہ هو.“

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ، ماستر جي تعويذ لکڻ جي ڳالھ سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي.

ماستر پڙهائڻ کان وڌيڪ تعويذ لکڻ کي اهميت ڏيڻ لڳو.

مينهن نهي نہ ٿي مِڙي، ان لاءِ تعويذ.

گهوٽ ڪنوار جي پاڻ ۾ نہ ٿي لڳي، ان لاءِ تعويذ.

ننڍڙيءَ کي دست نہ ٿا ڇڏين ۽ رات جو ننڊ نہ ٿي اچيس ان لاءِ تعويذ.

مائٽي نٿي ٿئي، ان لاءِ تعويذ.

غرض تہ، ڪهڙو مرض هو جنهن جي لاءِ ماستر وٽ تعويذ نہ هو.

ٿوري وقت ۾ هو مقبول ترين عامل هو ڳوٺ جو.

پر حيرت جي ڳالھ اِهيا هئي تہ تعويذ تہ ڳوٺ جي سڀني عورتن تي لکرايا. پر ماستر صاحب جي مريم جي ماءُ تي نظر ڪرم ڪجھ وڌيڪ هئي.

هوءَ جنهن وقت جنهن گهڙي، جنهن مسئلي لاءِ ماستر وٽ آئي ٿي، هن لاءِ تعويذ وٺڻ تي ڪا بندش ڪا نہ هئي. ڪا رنڊ روڪ ڪا نہ هئي، ڪو اڳاري جمعي جو حساب ڪونہ هو. هن لاءِ هر گهڙي سعد هئي ۽ تعويذ حاضر هو.

ماستر جي مريم جي ماءُ تي نظر ڪرم، دوستيءَ ۾ بدلجڻ لڳي. ماستر، مريم جي پياءُ سان به دوستاڻا لاڳاپا قائم ڪري ورتا.
هن ڪي به پنهنجي حفاظت ۽ شڪار ۾ سولائي لاءِ تعويذ ڏيڻ لڳو.
هڪ ڏينهن ماستر جڏهن آيو ته هن جي سائيڪل تي اڳنن ناهڻ جو هڪ خوبصورت فريم رکيل هو.
هن مريم جي ماءُ ڪي گهرايو.
فريم، مريم جي ماءُ ڪي تحفي ۾ ڏنائين.
سخاوت علي سڀ ڪجهه حيرت مان ڏسندو هو.
هن ڪي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آئي.
بلڪه ائين چوڻ بهتر ٿيندو ته هن سمجهڻ جي ڪوشش ئي ڪونه ٿي ڪئي.
هو پنهنجي دنيا ۾ مست هو.
مريم سان رستي هلندي، ”خوش آن، خوش آن“ جهڙو دلفريب عشق جاري هو.
مئٽرڪ جي رزلٽ اچڻ واري هئي ۽ نتيجي ڪانپوءِ شهر جي هڪ نيڪ مرد هن ڪي فرسٽ ييئر ۾ داخلا وٺي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. هن طئه ڪيو هو ته، پري انجنيئرنگ ۾ داخلا وٺندو ۽ اڳتي هلي انجنيئر ٿيندو.
پر چوندا آهن، بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي.
۽ چا ته حسين جملو چيو هو حضرت ابنِ ابو طالب، ”مون پنهنجي ارادن جي ٽٽڻ مان پنهنجي رب ڪي سڃاتو.“
هڪ ڌماڪو ٿيو.
سڀ ڪجهه مَٽجي ويو.

هڪ ڏينهن ماستر جيئن اسڪول آيو، رسيس جي انتظار ڪرڻ بنا، سخاوت عليءَ کي سڏيائين. ۽ پوءِ وقت وڃائڻ بنا سخاوت عليءَ کي چيائين. ”سخاوت علي گهڻن ڏينهن کان وٺي مان تنهنجي باري ۾ سوچيندو رهيو آهيان. تون ڏاڍو هوشيار ڇوڪرو آهين پنهنجي هوشياريءَ کي ائين برباد نہ ڪر.“
”سائين مون سمجهيو نہ.“ سخاوت علي پريشان ٿيندي وراڻيو.
”بابا تون ڇوري مريم جي چڪر کي ڇڏي ڏي. اهيي بار ڏاڍا ڀاري اٿئي. تنهنجي ڪٽڻ کان ڏاڍا ڳرا آهن، تون غريب جو ٻار آهين، سڙي، ڳري تباهہ ٿي ويندين.“
سخاوت علي ماستر جو نئون رخ ڏٺو. ظالماڻو، بي رحماڻو. ماستر سخاوت عليءَ کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيڻ بنائي چوڻ شروع ڪيو، ”تون متان سمجهين تہ ان ۾ ڪا منهنجي بد نيتي آهي. توکي تہ خبر آهي تہ مان آهيان اصول پرست ماڻهو. مان تنهنجو ڀلو ٿو چاهيان. مون ڏي ڏس مون ڏي.“ ماستر پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”مان بہ جڏهن ننڍو هئس، تہ تو وانگر، بلڪ تو کان ڏهہ دفعا وڌيڪ هوشيار هوندو هئس. سيڪو چوندو هوتہ هي ڇوڪرو تہ الاءِ ڪهڙي منزل ماڻيندو، الاءِ ڪهڙي عهدي تي پهچندو.
پر پوءِ ڇا ٿيو، مون کي بہ تو وانگر عشق جي لت لڳي وئي. منزل کان ڀٽڪي ويس. ڪاڏي ويون پڙهايون، ڪاڏي وئي هوشياري ۽ آخر ۾ جو ٿيس، تنهنجي اڳيان ويٺو آهيان. خسيس پرائمري ماستر. ان ڪري مان تنهنجي ڀلي لاءِ ٿو چوان، ان چڪر مان نڪري وڃ.“
ماستر جي منهن تي شيطانيت رقص ڪرڻ لڳي.
سخاوت عليءَ جي نڙيءَ ۾ جڻ ڪندا ڦُــٽا هئا.

سندس چپ خشڪ ٿي ويا.
منهن جو رنگ سفيد.
لفظ ساٿ ڇڏي ويا.
هن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ڪالهہ تائين جيڪو ماستر ڪيس عشق تي همٿائيندو هو، ڪانئس ذري پرزي جا تفصيل وٺندو هو. اڄ ان کي ڇا ٿي ويو.
هن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ هو، ڇا ڳالهائي. ماستر کي ڇا جواب ڏئي.
هن جيئن تيئن ڪري پنهنجي اندر جي سگهہ گڏ ڪئي ۽ چيائين، ”سائين مان ڪوشش ڪندس.“
”ڪوشش نہ بابا توکي ائين ڪرڻو پوندو.“ ماستر حڪم، هڪ حاڪم جيان ٻڌايو.
ڳالهہ اتي ختم نہ ٿي، ڏينهون ڏينهن مُنجهندي وئي.
ماستر جي مريم جي ماءُ ۽ پياءُ سان دوستي گهري ٿيندي وئي.
سخاوت عليءَ کان پڙهڻ وسري ويو.
ناول لکڻ وسري ويو.
هن جي لاءِ هر ڏينهن عذاب هو.
ماستر روز سخاوت عليءَ کان پڇا ڪندو هو ۽ تنبيهہ ڪندو هو.
زندگي عذاب، اڻ ڪٿ عذاب.
سخاوت عليءَ ٻار پڙهائڻ ڇڏي ڏنا.
اهي رستا پيچرا ڇڏي ڏنا جنهن تان ماستر جو گذر ٿيندو هو. پر ماستر هن جي پچر ڪٿي ٿي ڇڏي.
هو ڳولي ڳولي سخاوت عليءَ سان ملندو هو.
هاڻي ماستر جي رويي ۾ تنبيهہ گهٽ، دهمان ۽ ڌمڪيون وڌيڪ شامل ٿي ويون. هو سخاوت عليءَ کي ٻڌائيندو هو تہ،

سخاوت علي ڪھڙي رستي تي مريم سان مليو ھو ۽ ڇاڇا ڳالھايو ھئائين.
سخاوت علي ڪيڏو نہ ذھين ھئو، ھئو تہ غريب جو ٻار نہ!
ڊبيل، ھيسيل، ھراسيل.
ھو اڃان بہ وڌيڪ ڊٻايو ويو. ھيسايو ويو. ھراسيو ويو. ھڪ ڏينھن حد ٿي وئي.
ماستر سخاوت عليءَ کي سڏرايو. نہ چاھيندي بہ سخاوت علي ماستر وٽ ويو. ماستر جو لھجو بي رحم ھو، ننگو ھو. ھُن چيو، ”مان ايترن ڏينھن کان وٺي توکي سمجھايان ٿو پيو. تون نٿو سمجھين، تنھنجي پلا مرضي ڇا ھي؟“
سخاوت علي ھمت ڪئي، جواب ڏنائين، ”سائين پلا توھان منھنجي ڪڍ لڳا ڇو آھيو. مان آخر توھان جي خطا ڪھڙي ڪئي آھي.“
”عجيب ماڻھو آھين، تو خطا ڪھڙي ڪئي آھي؟ ٻئي ڳوٺ جي سڀ کان سھڻي ڇوڪريءَ سان عشق ٿو ڪرين.“
”تہ پوءِ ان ۾ توھان کي ڪھڙي تڪليف.“
”تڪليف، تڪليف! ميان مان اصول پرست ماڻھو، توکي ٻڌايان ٿو تہ، مريم منھنجو شڪار آھي،
تون ھٿ ڪڍي وڃ.“
سخاوت عليءَ کي لڳو، سچ نيزي پاند لھي آيو آھي، آسمان ڦاٽي پيو آھي. ڌرتي ڌٻڻ لڳي آھي.
”جي اِھيا ڳالھ آھي نہ تہ پوءِ مريم صرف منھنجي آھي.“
سخاوت عليءَ بہ مضبوطيءَ سان جواب ڏنو.
”مريم تنھنجي آ بيھ تہ پلا ڏيکاريانءِ تہ مريم ڪيئن تھنجي آھي.“ ماستر صدريءَ ۾ ھٿ وڌو. ننڍڙو ٽيپ ريڪارڊر ڪڍ

يائين، ان کي هلايائين، اڙي هي چا، ماستر وٽ ته سخاوت عليءَ جي سڄي گفتگو ريڪارڊ ٿيل هئي.
هڪ دفعو ٻيهر سج نيزي پاند اچي ويو.
هڪ دفعو ٻيهر آسمان ڦاٽي پيو.
هڪ دفعو ٻيهر ڌرتي ڌٻي پئي.
وڻن ۾ واويلا پئي.
ڳيري غون غون ڪرڻ ڇڏي ڏنو.
طوطي ٻولڻ ڇڏي ڏنو.
۽ چٻري وڏو ٺهڪ ڏنو.
ماستر ڳالهايو، ”اڄ تو مون اصول پرست سان زبان درازي ڪئي آهي. بد تميزي ڪئي آهي، بد اخلاقي ڪئي آهي ۽ بي فرماني ڪئي آهي. هاڻي توکي نه رڳو مريم مان هٿ کڻڻا آهن، پر ان کي ائين به چوڻو آهي ته هوءَ ماستر جان محمد جانب جي آهي. جي تو ٻن ڏينهن ۾ ائين نه ڪيو ته، خبر ٿئي چا ڪندس هيءَ ٽيپ سڌو مريم جي پاءُ کي ڏيندس باقي تون سياڻو آهين.“
زندگيءَ جي پيرن هيٺان زمين ڪسڪڻ لڳي.
سخاوت عليءَ جي اکين اڳيان، اڇي ڪھاڙي وِچ جيان وراڪو ڏنو.
عاشق بيرحميءَ جي اڳيان روئي ڏنو.
سخاوت علي سڄي رات سمهي نه سگهيو.
ٻي ڏينهن صبح جو سوير هو اٿيو.
رائيس ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏيائين.
جڏهن ماءُ کي خبر پئي، هن پنهنجو قاتل رئو ڦٽي ڪيو، ۽ وارن ۾ خاڪ وڌي.

پيءُ انگوڇي جو ٻڏل پٽڪو لاهي ڦٽي ڪيو ۽ مٽي ۾ مٽي وڏي.
مريم ٻُجهه ڳوهه ۾ پنهنجي سيني کي هٿ هڻڻ لڳي.
سڄو ڳوٺ شام غريبان تي پيو.
غريب جي گهر جو چراغ اُجهامي ويو.
هاءِ هاءِ شامِ غريبان، هاءِ هاءِ شامِ غريبان.
هر ماڻهوءَ جي اک آلي ٿي وئي.
ماستر جان محمد جانب تڏي تي ويٺي، پنهنجي مُڇ کي هٿ هڻي ڳالهه شروع ڪئي، ”مان آهيان اصول پرست ماڻهو............“

باب ٽيون

# موران تيڏي اي......

شايد رات جي ٻي پهر جو پهريون حصو شروع ٿي ويو آهي. تڪليف ۽ درد بدستور موجود آهن. گهٽ به ڀلا ڪيئن ٿيندو؟ وياجي وياج ڪائڻ ڇڏي سگهي ٿو، شرابي شراب ڇڏي سگهي ٿو، زاني زنا ڇڏي سگهي ٿو، ان ڪان اڳتي وڏي سوچيان ٿو، چنڊ ڪي منڊ لڳي سگهي ٿو، سج ٻي نور ٿي سگهي ٿي، سانوڻ ۾ اتر سنڌ جي ڏرتي، ٿاڪ منجهند جو ٿڌي ٿي سگهي ٿي، پر پرڪئنسر، هاءِ هي ظالم ڪئنسر، پنهنجي درد جي شدت ڪي گهڙي پل لاءِ به گهٽ ڪونه ڪندو.

ٿوري دير لاءِ منهنجي معصوم دوست جي ڪتا ۾ درد دٻجي ويو هو.

سخاوت علي سُڏڪيو هو، خودڪشي...........پر نه ته مون ۾ همت هئي نه خواهش.

مون ڪي مِهران جو جملو ياد هو.

”موت گهرڻ سولو آهي، مرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“

مان مرڻ نٿو چاهيان، اِهيو سچ آهي، ٻي رحم سچ پر مون وٽ تڪليف مان نڪرڻ لاءِ ڪا واٽ به ته ڪانهي ڪا!!

رات جي ٻي پهر جو پهريون پهر.

سناٽو: غريب جي غم جيان اجان به وڌيڪ گهِرو ٿيندو وڃي.

هونءَ به رات جي هن پهر ۾ قدرت جو عجب راز سمايل آهي.

هي پهر ننڊ جو پهر آهي.

هن پهر ۾ ڪا وچوڙي جي ماريل جوانڙي، پرينءَ جي اچڻ جو آسرو پلينديي آهي. وهاڻي تي سر رکندي آهي ۽ سمهي پوندي

آهي. هن پهر ۾ جوان عاشق محبوب جي در تان موٽ کائيندا آهن. هن پهر ۾ پڪي پڪڻ وڻ ٽڻ ذڪر فڪر کان واندا ٿي اکيون بند ڪندا آهن. هن ئي پهر ۾ صوفي سنياسي، گياني ڌياني ننڊ کي پاراتا ڏيندا آهن
هن ئي پهر لاءِ مرشد چيو آهي:

”سي پنهون ڪوهه پڇن، جي سنجهي رهن سمهي.“

پر منهنجو ڪيس بلڪل ابتڙ آهي. مون کي ائين ٿو لڳي، مان صدين جي سفر جو ٿڪايل آهيان. مان اهو دراوڙ آهيان جنهن، ڪنهن آريي جي ڀالي کان بچڻ لاءِ، جهنگ منهن ڪيو هو. هو ڪيتري رفتار سان ڊوڙيو هو. ڪيس احساس به نه هو. جڏهن هن ٿوري دير لاءِ ساهه پٽڻ جي ڪوشش ڪئي.
اِلاهي هي ڇا؟ ساهه پٽڻ جي ڪوشش ٻيٽو عذاب ٿي ويو. منهنجو سَنڌ سَنڌ ساٽو آهي، هڏ هڏ ٽِڙڪي ٿو پيو، ساهه ۾ هانبارو پيو لڳي، پر آرام مون کان ڪوهين ڏور آهي.
مان صوفي، سنياسي، گياني ڌياني ناهيان جو وتان ننڊ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو.
مان پڇندڙ دراوڙ آهيان.
ننڊ جو خواهشمند.
آرام جو طلبگار.
پر بيوس ۽ لاچار.
منهنجي ننڍڙي خواهش الاءِ ڇو نه ٿي پوري ٿئي.
عمر جو پنجيتاليهون سال آهي. انيڪ ڏاهن، سگهڙن ۽ سالڪن کي چوندي ٻڌم، ”پلو ڙي راٽا تنهنجا رنگ، ڪٿي ته اهڙا للنگهه ليٽائي وجهين جن جي موت تي رڻن ۾ راڙو پئجي وجي، جبل جُهري پون، آسمان برسي پوي، وڻن مان واڪا

نڪري وڃن ۽ ڪتي ته ڪي ويچارا موت لاءِ وينا با سون باسين ۽ ٻاڏائين.“

۽ مرشد ٻه ته ڏک ۽ تڪليف مان چيو هو:

جا پونءِ پيرين مون، ساپونءِ مٿان سڄڻين،
ڏگ لتبا ڏوڙ ۾، ايـــــي ڏناســــون،
ڏيـنهن مڙئـي ڏون، اتـي لـوچ لطيـف چئـي.

جيڪي مون جيان موت لاءِ واجهائين ۽ ڪين موت نه اچي، ان لاءِ هر پل مرڻ ۽ جيئڻ جيان آهي، پلپل مرڻ ۽ جيئڻ، پلپل مرڻ ۽ جيئڻ.

هي ڇا؟ هي لفظ منهنجي ذهن ۾ دهل جيان ڇو ٿا وڄن.

اچانڪ لفظ، ٻي لغام گهوڙي جيان منهنجي ذهن ۾ رستو ناهين ٿا ۽ مون کي ياد ٿو اچي..... اهيي لفظ ته اڪثر ڪري مان ان وقت ٻڌندو هوس، جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو صُوفَنَ جي ڳالهه ڪندا هئا.

صُوفَنُ، صُوفَنُ دماغ تي حاوي ٿي ويو آهي.

ϖ اسان سڀ ننڍڙا ٻار ۽ وڏا هن کي صوفن سڏيندا هئاسين. هو قد جو ڊگهو هو، رنگ جو گورو جهڙو پناڻ. ٿلهي يا سنهي جي خبر ان ڪري ڪانه پوندي هئي جو، سيارو هجي يا سانوڻ هن کي هر وقت پنج ڇهه قميصون، پنج ڇهه سٿڻون ۽ مٿي تي ٻه پٽڪا ٻڌل هوندا هئا. سندس هٿ ۾ هر وقت لٺ ۽ پاڻيءَ جو نڪر جو ڪونئرو هوندو هو. هن جون عادتون عجيب هيون.

هو، هر وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، جيت جڻي سان ڳالهائيندو هو ۽ هڪ مخصوص وقت تي پهرن جا پهر، خاموشيءَ سان بينو، سدا سکي واهه ۾ وهندڙ پاڻيءَ کي ڏسندو هو.

سندس وهندڙ پاڻيءَ کي ڏسڻ جي محويت، ڏسڻ وٽان هوندي هئي.

ائين لڳندو هو:

يا ته هن جون نظرون پاڻيءَ جي سطح کي چيري هيٺ تر ۾ پيل ڪنهن قيمتي خزاني جي تلاش ۾ هيون.

يا ته ڪنهن اهڙي مڇيءَ جي تلاش ۾ هيون جيڪا سندس ڪو قيمتي خزانو ڳهي الوپ ٿي وئي هجي.

يا ته سلوڪ ۽ معرفت جو ڪو اونهو راز هو، جنهن کي صوفن حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي.

انهن سيني ڪيفيتن، انومانن ۽ ڳالهين جو انت اچي، هڪ ئي ڳالهه تي ٿيندو هو.

اچانڪ هن جي نيڻن مان نيرَ وهي پوندا هئا.

۽ پوءِ هو هڪ دل کي جهوريندڙ صدا، بلند ڪندو هو "ميڪون نه مار! موران تيڏي اي، موران تيڏي اي."

صوفن ڪير هو؟ ڪٿان آيو هو؟ ڪنهن کي ڪا خبر ڪو نہ هئي. سواءِ ان جي تہ هو ڪڇي جي ڪنهن ڳوٺ جو هو ۽ موران ڪير هئي، جيڪا صوفن جي ڇريائپ جو ڇيهہ مجذوبيت جو سبب هئي.

صوفن لاءِ مختلف خيال هئا، مختلف انومان هئا ۽ مخلتف ڳالهيون هيون.

پر سڀني خيالن، سڀني انومانن ۽ سڀني ڳالهين کي جيڪڏهن جوڙجي تہ ان جو انت اچي هڪ جيءَ کي جهوريندڙ، هنيانوَ کي ٻوڙيندڙ ۽ روح کي ڪنبائيندڙ دکدائڪ ڪهاڻيءَ تي ٿيندو هو.

سڀني خيالن، انومانن ۽ ڳالهين جو تاجي پيٽو ڪجھ هن ريت هو.

صوفن پنهنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ هو.

سندس خاندان المياتي ڪهاڻين جو هڪ درد ناڪ مجموعو هو.

چون ٿا تہ، صوفن جي پيءُ گاجيءَ جي چاچي ڏاڍي سهڻي هئي.

گاجيءَ جو پيءُ شادي خان ۽ سندس چاچو عالم علي سرون ڪاهي گذر سفر ڪندا هئا.

گاجي جڏهن ڏهن ورهين جو هو تہ سندس طهر ٿيو هو ۽ سندس چاچي شادي خان جو زيبل سان وهانءُ ٿيو هو.

زيبل ڏاڍي سهڻي هئي.

اِهيو لکيي جو ليک هو يا قسمت کي ڪِي ٻيو منظور هيو.

زيبل جيئن گھر ۾ قدم رکيو، شادي خان کان پنهنجي ماءُ جو ٻَلئہ ڇڏائجي ويو. هو ننڍڙو ٻارهو، معصوم هو. پنهنجي چاچيءَ سان سندس پيار ڏسڻ وٽان هو. هن کي ٻک لڳندي هئي، هو ماني چاچيءَ زيبل کان گهرندو هو ٻني ٻار تان يا مال چاري موٽندو هو، پهريون سلام چاچي زيبل کي ڪندو هو.

ضديرو ايڏو هو، جي ٺنهن ڪيائين، پوءِ پلي مٿان ريل چڙهي وڃيس، مجال آ جو اُهو ڪم ڪري.
پر جي چاچي زيبل چيو ته پوءِ ڪاڏي ويو ضد، ڪا ڏي وئي ڪاوڙ!
رات جو گاجي پنهنجي چاچي زيبل جي هنج ۾ ليٽيو پيو هوندو هو. ايستائين جو سندس ماءُ يا پيءُ زوري ڪٽي وڃي سندس هنڌ تي سمهاريندا هئا.
چاچِي............... پائيٽي جو پيار مثالي هو.
سيڪو ائين چوندو هو ”لڳي ائين ٿو ته گاجي زيبل جي ڪُک مان پيدا ٿيو آ.“
ڏسندي ڏسندي گاجي ارڙهن سالن جو ٿي ويو.
ايريل مُڇن ۽ وڏيل ڏاڙهي اعلان ٿي ڪيو ته هاڻي هو ٻار نه رهيو هو.
سانورو رنگ، وچولو قد، وينل مٿو، ڊگهو نڪ، جاڙا پرون، گاجيءَ جو شان هئا.
ڏسندي ڏسندي وقت ڪيئن گذري ويو هو.
اٺ سال اڳي گاجي جڏهن ڏهن سالن جو هوته سندس طهر ٿيو هو ۽ زيبل جو وهانءُ.
زيبل عالم عليءَ جي زال ۽ گاجيءَ جي ماءُ ٻڻجي گهر ۾ داخل ٿي هئي.
ابول!! وقت جي ڦيري سان گهڻو ڪجھ ڦرڻ لڳو هو.
نظرون ڦرڻ لڳيون هيون.
انداز ڦرڻ لڳا هئا.
سوچون ڦرڻ لڳيون هيون.
۽ سُرباٽ ڦرڻ لڳا هئا.

زيبل، سهڻي زيبل عام ڳوناڻي عورتن جيان هئي. هوءَ گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي، رونبا لاب ڪندي هئي، ڇيڻا ٿڦيندي هئي ۽ ڏهين ٻارهين ڏينهن فرض غسل ادا ڪندي هئي.
پَر اچانڪ سيڪجهه ڦري ويو.
زيبل هر ٻي ٽين ڏينهن غسل ڪرڻ لڳي هئي.
هن پنهنجو پاڻ کي نندين نيٽين ڇوڪرين جيان سنوارڻ سينگارڻ شروع ڪيو هو.
ٽين چوٽين ڏينهن مساڳ هڻڻ.
روز ڌوتل ڪپڙا پائڻ.
ڪاري شلوار اڇو هرڪ جو چولو سندس پسنديده لباس ٿي پيو هو.
آئيني جي اڳيان، وارن کي ڦڻي ڏيڻ. هر وقت مُرڪندو رهڻ.
گلاب جي گل جيان ٽڙي پوڻ.
ڇا اِهيو سڀ ڪجهه عالم عليءَ لاءِ هو؟
پر عالم عليءَ سان ته هن جي شاديءَ کي پريا اٺ سال گذري ويا هئا.
چوڻ وارا ته چوندا هئا ته غريب سادڙي، سِرون ڪاهيندڙ عالم عليءَ سان ته هوءَ ڪڏهن سينو سيني سان ملائي نه سُتي هئي.
ان ڪري ته ڪين اولاد ڪونه ٿيو هو.
ته پوءِ هي سيڪجهه ڇا هو؟
سُرباٽ بدليا.
آواز اُٿيا،
”مار پوي ڪا رَن کي، پنهنجي عمر به ڏسي ۽ گاجيءَ جي به. لانت پويس پُٽ ڪري پاليو ٽئينس. لڳي ٿو ته پهرئين ڏينهن

ڪان ئي ڪارو منهن ڪرڻ جو ارادو ڪيو هئائين، تڏهن تہ ايترو پيار ڪندي هئس.“
سُرباڻن سفر شروع ڪيو.
آواز پڙاڏا بڻجڻ لڳا.
نيٺ ڳالهہ اچي، شادي خان ۽ عالم عليءَ جي ڪنن تي پهتي.
ٻنهي جو اندر وڍجڻ لڳو.
هڪ ڏينهن سرون ڪاهيندي، عالم علي پنهنجي ياءُ کي سَڏُ ڪيو، ”ادا، او ادا!“
شادي خان سانچي مان سِرَ زمين تي لاهيندي منهن مٿي ڪيو، ياءُ ڏي ڏٺائين.
ٻنهي جون اکيون مليون.
باقي ڳالهہ اکين ٻڌائي.
عالم عليءَ جي اکين ۾ ڏک هو، پيڙاهئي، بيوفائيءَ جي ڏنل ڏنڀ جو عڪس هو ۽ بيوسيءَ جوا ولڙو هو.
شادي خان جي اکين ۾ ندامت هئي، شرمندگي هئي.
هو ٻئي يائر غريب مسڪين پورهيت هئا.
پورهيت، جن لاءِ مرشد فرمايو،
”پورهئي ڪارڻ پيٺ جي، اڻن سوارا.....“
هو مٽيءَ جا ڪاريگر هئا.
نرم دل. هڪ ٻئي سان پيار ڪندڙ. هڪ ٻئي جو ڏک سک ونڊيندڙ. پر اڄ ٻنهي جي اکين جي ڪهاڻي ٻي هئي.
بي انت درد.
ٻنهي پنهنجي پنهنجي مٿن تي ٻڌل انگوڇن جا پٽڪا لاهي زمين تي ڦٽا ڪيا. ٻنهي جون اکيون چوماسي جي برسات جيان

وسڻ لڳيون. ان رات شادي خان پنهنجي پٽ کي لنين سان ڦيهه ڏني هئي ۽ گهران کڏي ڇڏيو هئائينس.
سرباڻن جو کو ڇيهه ڪونه هو.
عالم علي بيمار رهڻ لڳو هو.
ڏينهون ڏينهن جُهرندو ٿي ويو.
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گاجي بہ گهر موٽي آيو هو.
شادي خان اڪيلو ڪم تي وڃڻ لڳو هو.
هڪ ڏينهن شادي خان مٿي پاٽي ملائي گڏُ ڪري، اجان سرون ڪاهڻ لاءِ تيار مس ٿيو هو تہ گاجي ڊوڙندو آيو.
سهڪندي سهڪندي پيءُ کي ٻڌايائين ”چاچو عالم علي مري ويو آهي.“
شادي خان ٻئي چنبا پنهنجي منهن ۾ هنيا.
روئندي پٽ کان پڇيائين، ”چاچهين مري ويو آ يا تو منهن ڪارو ڪيو آ؟“
گاجي قسم قرآن کنيا، پيءُ کي يقين ڏياريائين تہ، چاچو عالم علي پنهنجي موت پاڻ مئو آهي.
پر جڏهن ملان عالم عليءَ کي غسل ڏيڻ لڳو، هن عجيب ڳالهه ڏٺي:
عالم عليءَ جي ڳچيءَ تي گهُٽن جا نشان هئا.
سندس ناسن مان رت وهي رهيو هو.
ملان ڊڄي ويو.
هن غسل کان انڪار ڪندي چيو ”نہ دا نہ مان غسل نہ ڏيندس، هن ويچاري کي تہ گهٽا ڏئي ماريو ويو آ، اڄ مان غسل ڏيان، پوي پوليس کي خبر، منهنجا تہ ٻچائي ٻير تي چڙهي وڃن، مان غريب مسڪين ماڻهو، پنهنجي جان ڪيئن ڇڏائيندس.“

ڳالھ ٻُڌي:
بيئلن هڪٻئي کي عجيب نظرن سان ڏٺو.
سرباڻن جو سلسلو شروع ٿيو.
شادي خان جي چپلھ غم ۾ چپ ٿي وئي.
گاجيءَ جي مُنهن مان رت ڇڏائجي ويو.
شڪ جي ته ڪا ڳالھ هئي ڪانه، هر ڪنهن جي آڱر گاجي ۽ زيبل ڏانهن کڄي وئي.
پوليس گاجي ۽ زيبل کي ڪٽي وئي.
هنن سچي ڪئي رات جو عالم عليءَ کي گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيو هئائون.
ڪيس هليو ٻنهي کي ست سال سزا لڳي.
سزا ڪاٽي جڏهن هو واپس آيا ته ٻنهي شادي ڪئي.
شاديءَ جي ٽين سال هنن کي صوفن ڄائو.
صوفن جڏهن جوان ٿيو تڏهن واقعي جوان ٿيو. اڙٻنگ جوان جهڙو هو سندس رنگ تهڙو هو قد ڪاٺ. ائين ڪٽي چئجي ته هو اهڙو جوان هو، جنهن جو تصور ڪري الاءِ ڪيترين جون ننڊون اڏامي ويندڙيون هيون. الائي ڪيترن ڪان ٽڌا ساھ نڪري ويندا هئا. الاءِ ڪيترن جون اکيون انهن راهن ۾ وڇايل هونديون هيون، جتان هن جو گذر ٿيندو هو.
جڏهن به، جنهن به محفل ۾ هن جو ذڪر نڪرندو هو هر ڪوئي ائين چوندو هو، "برابر سائين مجڻ مراد آهي، برابر جهڙو سهڻو سيبتو، تهڙو ڪمائيندڙ اوڏ... پر، "ان پر ڪان اڳتي شڪ جو اوچو هماليه هو. انومانن جو اونهو سنڌي سمنڊ. طنز جو تتل ريگستان. "پر آهي ته زيبل ۽ گاجيءَ جو پٽ ماءُ پيءُ گنج ڪٽيو

هوس، هاڻي ڏسجي ته هي وري کهڙي پنيور کي ٿو باھ ڏئي، کهڙو کلور ٿو ڪري“.
صوفن برابر اڙٻنگ جوان هو.
ڳوٺ جي ڪچهرين جو موضوع هو ڪيترين جون ننڍون اُڏائيندڙ، الاءِ ڪيترن ڪان ٿڏا ساھ ڪڍائيندڙ پر اڙٻنگ جوان جو هڪ الميو هو.
جيئن جيئن هو ڳُري چڙهڻ لڳو، جوانيءَ جي ڦوھ ۾ اچڻ لڳو، تيئن تيئن هن جي اندر جي اڪيلائي به گهري ٿيڻ لڳي.
اِهيا صوفن جي بي حسي هئي يا ڪا نفسياتي بيماري، يا وري جوانڙين جي بدقسمتي.
صوفن کي ڪڏهن ڪو احساس نه ٿيو ته ڪنهن جي نيڻن مان هن جي ڪري ننڊ اُڏامي وئي هئي.
ڪنهن جي سيني ۾ اپريل ٿڌو ساھ، نڙيءَ تائين پهچندي سُڏڪو بڻجي ويو هو.
ڪنهن جون سندس راهن ۾ وڇايل اکيون پٿر بڻجي ويون هيون.
بس هُو اڪيلو هو، اَڪيلو. ٻني ٻاري جو ڪم ڪندو هو. گاھ پنو، هر، رونبو لابارو ۽ پوءِ اڪيلائي. سڄي ڳوٺ ۾ هڪڙوئي سندس دوست هو. دينو. هو صرف دينوءَ سان گڏ ويهندو هو. گڏجي ڪم ڪار ڪندو هو، ڪچهري ڪندو هو، باقي ٿيو خير.
دينو وڏو عاشق مزاج هو، هن وٽ پنهنجي عشق جا اڻ ڪٿ قصا هئا.
هڪ ڏينهن جڏهن هو دينوءَ سان ڪچهري ڪري رهيو هو تڏهن دينوءَ کي ڪا مذاق سُجهي يا لاشعوري طرح هُن کي صوفن

جي اڪيلائيءَ جي احساس ٿيو. هن صوفن ڪي چيو، ”يار هڪڙي ڳالهه تہ ٻُڌ، هڪڙو ڪم چو نہ ٿو ڪرين.“
”وري ڪهڙو ڪم، گهرجو، ڪڙمت ڪان ونيءَ سچو ڪم مان ئي تہ ڪيان ٿو، ٻيو ڪير ٿو ڪري.“
”ها ها ها“ دينو وڏو بي ڍنگو ٽهڪ ڏنو. ”جيڪي هَڏين ڪاٺين سَگها هوندا آهن، ڪاڦتور هوندا آهن، انهن جا دماڪ الاهہ سائين خالي ڇڏي ڏيندو آ.“
دينو ٿوري ساهي پٽيندي ڳالهہ ڪي اڳتي وڌايو، ”چُوتيا، مان ڪڙمت يا گهر جي ڪم جي ڳالهہ نہ ٿو ڪيانءِ. مان ٿو چوانءِ، تون هيئن جو سيني ڪان پري پري لڳو پيو آن. مون ڪان سواءِ نہ ڪنهن سان ويهين، نہ ڪنهن سان ڳالهائين نہ ڪڏهن ڪا تاس راند ڪيڏين پوءِ تون هڪڙو ڪم ڪر نہ، يا تہ تون شادي ڪر يا عشق ڪر.“
دينوءَ جي ڳالهہ ٻڌي هن ڪي ائين محسوس ٿيو، جڻ تہ ڪنهن خودڪش بمبار سندس اندر ۾ پنهنجي پاڻ ڪي اُڏائي ڇڏيو هجي.
هر شيءِ ذريون ذريون ٿي وئي هجي.
شايد اندر ۾ ٿيندڙ خود ڪش ڌماڪي جي پنيان لاشعوري طور سندس پيءُ ۽ ماءُ جو خوني عشق هو.
هن خالي خالي نظرن سان دينوءَ ڪي ڏنو.
هن جي دماغ مان هر سوچ جو هر سَلو سڙي ويو.
جڻ تہ بي موت مري ويو، صرف ٻہ ٽي لفظ گونجڻ لڳا:
عشق، شادي، عشق، شادي.........
هن پنهنجي دماغ ۾ سوچ جي سَلي ڪي ٻيهر پاڻي ڏنو.

هن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس لفظن ۾ ڪا ترتيب ڪانہ هئي، ڪو ڍنگ ڪونہ هو. ڳالهائڻ ۾ ائين لڳو ڄڻ تہ هو، پئدائشي ٻاتو هجي. هن چيو، ”مان...... مان...... مان........ عشق، شادي........“

دينوءَ هڪ دفعو وري وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ چيو، ”اڙي چريا تون عشق چو نہ ٿو ڪري سگهين. تو ۾ ڪهڙي گهٽتائي آ، مون کان سؤ دفعا سهڻو آن، توتي الاءِ ڪيتريون ڇوريون مرنديون هونديون، پوءِ تون عشق چو نہ ٿو ڪري سگهين.“

صُوفن وري ٻيهر دينوءِ ڏانهن خالي خالي نظرن سان ڏٺو. هن جي ذهن ۾ لفظن ۽ جملن جي ڪا ترتيب جُڙي نہ سگهي. هو ڪجھ ڳالهائي نہ سگهيو. هو دينوءَ کان موڪلائي گهر واپس آيو.

ان رات جڏهن هو پنهنجي هنڌ تي سُتو.

هن کي هر شيءِ مان صرف ٻہ لفظ ٻڌڻ ۾ ٿي آيا.

عشق شادي، عشق شادي.

ستارن جي ٻولي ساڳي هئي.

وهاڻي ۽ رليءَ ساڳيو ساز ٿي ڇيڙيو.

مينهن جي لڏندڙ پڇ مان ساڳيو آواز ٿي آيو.

هن بار بار عشق ۽ شاديءَ جي باري ۾ سوچيو ڳوٺ جي هر ڇوڪريءَ جي باري ۾ سوچيائين، جنهن سان هو عشق يا شادي ڪري ٿي سگهيو. پر هن کي ڪو رستو نظر نہ ٿي آيو.

هن کي ڪا واھ سمجھ ۾ نہ ٿي آئي. هن کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي آئي. ”عشق ۽ شاديءَ“ هن کي سڄي رات ٿياس تي ٽنگيندا رهيا. هو سڄي رات سمهي نہ سگهيو.

بي ڏينهن جڏهن هو دينوءَ سان مليو هن ۾ مزو ڪو نہ هو. هو تڪل تڪل هو. صبح جو اٿڻ مهل ئي ماڻهس ڏسي چيو هو، ”صوفن خير تہ آهي بچڙا، طبيت تہ سهي ٿئي نہ؟“

هن ماءُ کي تسلي ڏني هئي.

پڪ ڏياري هئائينس تہ هو خوش هو.

پر، هو خوش نہ هو. سندس اندر اداس هو، اکيون اوجاڳيل هيون دل ۾ صرف ”عشق ۽ شاديءَ“ جو واڃٽ هو. باقي هر طرف اونداهي هئي، بات اونداهي.

دينوءَ شايد هن جي ڪيفيت کي پروڙي ورتو هو، تڏهن تہ چيو هئائينس ”اڙي يار جائي پائي ڪنهن سان عشق لڳي ويو تئي چاء جو لڳي تو سجي رات سُتو نہ آهين؟“

هو دينوءَ کان بہ ٽتائي ويو.

ان ڏينهن ڪانپوءِ عجيب ڳالهہ اها ٿي تہ دينوءَ جي هر ڳالهہ عشق ۽ شاديءَ کان شروع ٿيندي هئي ۽ عشق ۽ شادي تي ختم ٿيندي هئي.

دينو هن کي باربار همٿائيدو هو تہ هو عشق ڪري يا شادي. پر انيڪ راتين جي اوجاڳن جي باوجود بہ نہ تہ هن کي عشق جي واٽ تي مِلي ۽ نہ ئي وري شاديءَ جي ڪاراهہ تي سُجهي.

دينو جڻ تہ سمجهائيندي سمجهائيندي ۽ ٿڪجي پيو هو، پر همت نہ هاري هئائين.

هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۽ غصي ۾ چيائين، ”الله ڪندو تنهنجو حشر بہ پوڙاتي فقير جهڙو ٿيندو.“ وري دينو صوفن کان سوالئيہ اندازجو پڇو.

”پوڙاتي فقير ڏنو ٿئي نہ شهر ۾ اڏ ننگو، پوڙاتي فقير.“

”ها ها اهوئي ٻوڙاڻي فقير جنهن جي لاءِ تو هڪ ڳالهه ٻڌائي هئي.“ صوفن بيزاريءَ مان وراڻيو.
”ها اهوئي پوڙاڻي فقير جنهن جي لاءِ مان توکي ٻڌايو هو ته، هڪ ڏينهن پوڙاڻي فقير بازر ۾ پنهنجي ڌن ۾ پنهنجي منهن سان ڳالهائيندو پئي ويو. پنيان هڪ مائي به آئي، اچانڪ پوڙاڻي فقير کي الاءِ ڇا سُمجهيو، هڪدم منهن پوئتي ڪر مائيءَ کي چيائين. ”مائي چري ٿي آن يا ڪل ٿڙي ٿي، وجين ٿي منهنجي ڳ........۾ گهڙندي.“
بازر ۾ ٺهڪڙو پئجي ويو.
مائي ويچاري مرم ۾ مري وئي. پاڻئين، زمين جاءِ ڏئي ته ان ۾ گهري وجي.
پوڙاڻي پنهنجي مستيءَ ۾ مست اڳتي نڪري ويو.“
دينوءَ ڳالهه پوري ڪئي. ڳالهه ۾ مزاح جو چسڪو اجان به برقرار هو ٻنهي جي چپن تي مُرڪ تري آئي.
صوفن ڳالهايو ۽ چيائين، ”يار! تون ئي ته منهنجو يار آهين هن پرئي جهان ۾ پوءِ مون کي پوڙاڻيءَ جهڙو ٽيڻ جو پاراتو ڇو ٿو ڏئين؟“
”خبر اٿئي ٻوڙاڻي چريو ڪيئن ٿيو؟“ دينوءَ صوفن جي سوال جو جواب ڏيڻ بدران، الٽو صوفن کان سوال ڪيو.
”نه، ٻڌاءِ يلا ڇا ٿيو هو؟“
”پوڙاڻي به تو وانگر هو.“ دينوءَ ڳالهه شروع ڪئي. ”سهڻو اڙٻنگ جوان، پر نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾، پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ وڏو ڪا ڦِتي هو. چون ٿا به ٻوريون هڪ ئي وقت پنيءَ تي ڪٽي ويندو هو.“
”جائي به، سچي؟“ صوفن حيران ٿيندي پڇيو،

”مان پلا ڪوڙ چو ڳالهائيندس“ دينوءَ پنهنجي سچ جي پاڻ گواهي ڏيندي ڳالهه اڳتي وڌائي.
”الاهه جي ڪرڻي ائين ٿي- جنهن ڪار خاني تي پوڙاتي حمال ڪندو هو، اهو ٿاڻي جي پرسان هو. اتي هڪڙو صوبيدار بدلي ٿي آيو.“
دينوءَ ساهه کنيو ڳالهه اڳتي وڪ کنئي.
”چون ٿا ته صوبيدار جي زال ڏاڍي ملوڪڙي، ڏاڍي سهڻي هئي. ڏاڍي ناهوڪڙي هئي. سيڪو پيو هن تي مرندو هو. سيڪو هن تي عاشق هو. پر صوبيدار کان ٻه سيڪو پيو ڪَن هٽندو هو.“
دينوءَ ڳالهه کي گل وجهندي، اجان اڳتي وڌايو، ”چوڻ وارا چون ٿا ته، مائي هرياري نه هئي. ڪنهن ڏي ڪونه تڪيندي هئي ڪنهن کي لفٽ ڪونه ڏيندي هئي. پر الاءِ ڇا ٿيو، الاءِ ڪهڙو واءُ وريو. الاءِ ڪهڙو ڦِرڪو ڦريو، جو مائي پوڙاتيءَ تي عاشق ٿي پئي. چوندا آهن ته رن، ماکي ۽ پاڻيءَ جو هوندو آهي آرُ، جاڏي رخ رکن جا ڏي لڙي پون، پوءِ سائين ستن ولين جي ڪاقت ٻه ڪو نه روڪي سگهين.“
”دينو!“ صوفن لهجي ۾ ٿوري سختي پيدا ڪندي چيو، ”اِهيا ڇتي ڪوريءَ واري پٽاڙ ڇڏ، اصل ڳالهه ٻڌاءِ ته پوءِ ٿيو ڇا؟“
”منهنجا يار ٿورو صبر ڪر.“ دينو صوفن کي دلداري ڏيندي چيو، ”ڳالهه پوري ڪرڻ ڏي.“
”سو مون ڳالهه پئي ڪئي.“ دينو بي سُري گويي جيان سُر پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي. ”مائي صفا پوڙاتيءَ تي مست ٿي پئي. ڪاڏوتي نه ڇڏيائين، جنهن جي هٿان پوڙاتيءَ ڏيءَ نياپو، سنيهو يا سوکڙي نه موڪلي هئائين. پر پوڙاتي، پوڙاتي تو جيان“ دينوءَ صوفن ڏي اشارو ڪندي چيو، ”تو جيان نکر،

چسو، بيوقوف. هن کي کهڙي خبر عشق جي. هو ته پنهنجي مستيءَ ۾ مست. ٻه ٻه مٽيون ٻوريون پنيءَ تي ڪٽي پائنين ته ڪو مان سهودي جو بادشاهه آهيان. ويچاريءَ ڏي ڪن ئي نه ڌريائين، ڌيان ئي نه ڌنائين. ياڻءِ ڪا ڪتي آسمان ڏي منهن مٿي ڪري، ڪونڪات پئي ڪري.“
دينوءَ ساهه پٽيو، صوفن جي سوچ جو دائرو وسيع ٿيو، هو اندر ۾ اڪيلو هو ته چا ٿي پيو، پر اڄڪلهه هيو ته عشق ۽ شاديءَ جي وڪڙ ۾ نه.
”ها ته پوءِ ڳالهه ائين ٿي.“ دينوءَ ساهه پٽڻ کان پوءِ ڳالهه اڳان ٻه اڳتي وڌائي، ”رن صفا ساڻي ٿي پئي، پر، پوڙاتيءَ جي ڪن تي ڪا جونءَ ڪا نه چُري. پوءِ رن صفا حولي تي پئي. قسم کنيائين دستگير بادشاهه پير جو، ته ان دَلي کي اهڙي سيکت ڏيندس جو سڄي عمر ياد ڪندو.“
”پوءِ ٿيو ٻه ائين. هڪ رات وجهه وني مڙس کي چيائين،اهيو ڪارخاني وارو مزور آهي نه پوڙاتي، مون کي ڏاڍو تنگ ٿو ڪري.
صوبيدار جي دماغ مان تڙڪا نڪري ويا.
”چي، ٽڪي جو مزور، ڪمذات، منهنجي زال کي ٿو تنگ ڪري“.
ان رات صوبيدار جي ڪاري وردي، ورديءَ بجاءِ ڪارا تنبڻ تي پئي، جن ڪيس چڻ ته سڄي رات پئي پٽيو هن پنهنجي زال کي ياڪر پاتو، پيار ڪيائين ۽ فيصلو ڪيائين:
ٻي رات، اڌ رات مهل جڏهن سڀ مزور سُتا پيا هئا، ڪارخاني تي ڇاپو لڳو. پوليس پوڙاتيءَ کي پڪڙي ڪٽي وئي.

سياري جي سرد رات، پهريان تہ صوبيدار پوڙاڻيءَ کي ننگو ڪري سَچُو پادر هٽايا ۽ ان ڪانپوءِ سڄي رات ننگو برف جي نادين تي سمهاريائينس.
جڏهن صبح جو پوڙاڻيءَ کي چڙيائون تہ ان حالت ۾ هو، جنهن ۾ ڪيس هاڻي ڏسين ٿو. هڪ هٽو ڪٽو پورهيت عشق جي انتقام ۾ صوبيدار جي پانور جي ور چڙهي ويو.“
ڳالهہ پوري ٿي. صوفن ڪان سيسراٽ نڪري ويا.
دينو ڪلندو رهيو.
ڳالهہ جو مطلب صاف هو، هن چاهيو ٿي تہ ان ڪان اڳ جو ڪا صوبيدار جي زال صوفن جو حشر بہ پوڙاڻيءَ جيان ڪري، صوفن ڪو نہ ڪو ڪلياڻ ڪري.
ان رات صوفن جي رات جي عذاب ۾ شادي ۽ عشق سان گڏ صوبيدار جي زال بہ شامل ٿي وئي.
عجيب اتفاق هو. هو شرميلو هو يا ڊڄڻو، جو نہ تہ پيءُ ماءُ کي ڪجهہ چئي ٿي سگهيو تہ منهنجي شادي ڪرايو. هوڏانهن دينوءَ جا قصا هئا جي ڪُتڻ جو نالو نہ پيا وٺن.
هڪ ڏينهن جڏهن هو دينوءَ سان مليو، ڳالهين ئي ڳالهين ۾ دينو هِن کي مذاق ۾ ئي شاديءَ جو هڪ سولو نسخو سمجهايو.
ڳالهين ئي ڳالهين ۾ دينوءَ هن کي چيو، ”خبر ٿئي هو پاڻ وارو ربُو آهي نہ، ان جي شادي ڪيئن ٿي هئي،“
”نہ،“ صوفن هميشه جيان مختصر جواب ڏنو.
”ربُو تو وانگر ئي ٻوگهلو هو، پر هرماهہ هيو مست. جڏهن ڏنائين تہ پيءُ ماءُ جي ڪن تي جونءِ ئي ڪا نہ ٿي چُري. هُو هن جي شاديءَ لاءِ سوچن ئي ڪو نہ ٿا. بس سوچي سوچي هڪ رات هڪڙو ڪم ڪيائين،“

”ڇا ڪيائين؟“ صوفن تجسس وچان پڇيو.
”هڪ رات، سياري جي رات هن ڇا ڪيو جو پيءُ کي چيائين،
”بابا رات جو مون کي ڏاڍو سيءُ ٿو لڳي. اڄ مان توسان گڏ سمهندس.“
پٽس چيو، ”نيڪ آهي ابا،“
”هَئو ٻيلِي! اڌرات مهل ربوءَ جي پيءُ کان دانهن نڪري وئي. اٿي وينو. ڇوري ڏي ڏنائين. ٻئي ٻُجا گهروڙي منهن ۾ هنيائينس.“
ربو ٻجاءِ شڪي ٽيڻ جي نودائپ مان وراڻيو، ”جي نه ڪرائيندين شادي ته پوءِ توکي ڇوڪ نه ڏيندس ته ٻيو ڪنهن کي ڏيندس.“
صبح جو ربوءَ جي پيءُ، اٿي پهريان ته پنهنجي زال جي ڇنڇري لاٿي ۽ پوءِ زال کي چيائين، رک رئو مٿي تي، اٿي ٻول ڇوري جي لاءِ ڇوري، نه ته ڇورو مون کي ڦاڙي ماري ڇڏيندو.“
ربو جي ڇوڪ ڪم ڪري ڏيکاريو.ستت ئي سندس وهانوُ ٿي ويو.
”سو يار منهنجا صوفن،“ دينوءَ هن جي ڪلهي تي هٿ هٽندي چيو، ”تنهنجي زبان ڳالهائڻ لاءِ ته اٿلندي ڪو نه، تون به اِهيو ڇوڪ وارو نسخو آزمائي ڏس من ڪا سولي سٽائي تي پوئي،“
دينو وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو.
۽ هي، هِن به مُرڪي ڏنو.
ان رات، عشق، شاديءَ ۽ صوبيدار جي زال سان گڏ ”ڇوڪَ“ به هن جي تصورن ۾ شامل ٿي وئي. انهن تصورن جو ڪٿي انت نه ٿي ٿيو. ڪو رستو يا راهه ڪلي نه ٿي.

هو اندر ئي اندر ۾ گهٽجڻ لڳو. دينوءَ جون ڳالهيون ۽ صلاحون بہ بيڪار هيون. انهن ۾ بہ ڪم جي ڪا ڳالهہ ڪا نہ هئي.
عورت جي شديد طلب هن جي زندگيءَ کي زهر ڪري ڇڏيو.
سندس ماءُ زيبل محسوس ڪري ورتو هو تہ، هن جي اندر ۾ ڪا لنجهڻ ضرور هئي، پر ڇا؟ هوءَ پنهنجي پوري ممتا ۽ عورتپڻي جي استعمال باوجود بہ ڪو ڪاٿو لڳائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي هئي. هن دينوءَ جي اندر ۾ لڳل لِنجهڻ کي معلوم ڪرڻ لاءِ ڳالهين ۾ گل وڌا هئا، ڳالهين ۾ مرچ وڌا هئا، ڳالهين ۾ ٿوهہ جو عرق وڌو هو. پر هُتي ”ننهن“ کي نُوَ ڪوٺ هئا. ساڳي ٻولي ٻي هئي.
پر اِهيو سيڪجهہ گهڻو وقت نہ هليو. اندر جي تڙپ رستو ڳولي ورتو. اندر جو اڌمو طوفان بڻجي ويو. شرم جو، ڪَچي جي ڌاڳي جيان رسو ڇڄي پيو. ٻڪريءَ جي کل لٿي، اندران هڪڙو بگهڙ نڪتو، ظالم، خونخوار، بي رحم بگهڙ.
حيرت جهڙي ڳالهہ هئي. انهن سيني ڳالهين جو ٻج وري بہ دينوءَ وڌو. دينوءَ ڄڻ تہ آفريڪا جي ان وڻ جو ٻج وڌو، جيڪو ريگستان ۾ هڪ خوبصورت ڇٽيءَ جيان ڪليو بيٺو هوندو آهي. رڻ جي گرميءَ جو ماريل مسافر جڏهن ان گهاٽي وڻ کي ڏسندو آهي تڏهن سندس رڳ رڳ ۾ ٿڌڪار جو احساس ايرندو آهي. هن جي هلڻ جي رفتار وڌي ويندي آهي. هو تيز تيز قدم کڻندو جيئن وڻ جي هيٺان پهچي پهريون گهرو ساهہ کڻندو آهي. وڻ جا ڪنڊا، تيز ڀالا بڻجي ويندا آهن. ڇٽي يڪدم بند ٿي ويندي آهي. ڄڻ تہ وڻ مسافر کي وڏي چاهہ مان ڀاڪر پائيندو هجي.

جڏهن پاڪر جو مُندو ڪلندو آهي تہ زمين تي مسافر جو صرف هڏائون پڃرو اڇي ڪرندو آهي.

اُها عام شامن جيان شام هئي. دينو ۽ هو ٻنيءَ تي ٻير جي وڻ هيٺان وينا هئا، اڄ صوفن جي زبان کلي پئي هئي. هو تيز تيز ڳالهائي رهيو هو، ”دينو مان ڇا ڪيان، ڪاڏي وڃان. ابي امان ڪي ڇئي نہ ٿو سگهان تہ منهنجي شادي ڪرايو ۽ ڪا ڇوڪري بہ ڪو بہ تي سُجهيم لڳي ٿو مان ڪنوارو ئي ڦٽڪي پوندس، ڪنواروئي هن دنيا مان هليو ويندس ۽ جڏهن مرندس تہ پوءِ رڙيون ڪندا، هاءِ ڙي ابا صوفن ٻچڙا اسان کي اڪيلو ڪري هليو وئين.“

دينو هن جي ڳالهہ ٻڌي مرڪيو. مرڪ ۾ شايد طنز هئي. شايد پيغام هو تہ مسئلي جو حل ملي ويو هو.

دينوءَ هن ڏانهن نهاريو، نهار ۾ بہ پيغام هو، ڪو گهرو، پُرمغز، پُر مفهوم پيغام.

نيٺ دينوءَ ڳالهايو، ”يار دل نہ لاهہ. جي منهنجي وس ۾ هجي نہ، تہ مان هاڻيئي وڃي بابهين کي چوان تہ، منهنجي يار جو بلو ڪر. پر خبر ٿئي نہ جي مان ائين ڪندس تہ وڏو ممڻ مچي ويندو. چوندا، دينو ڪير ٿيندو آ اسان جي گهر ۽ برادريءَ جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ وارو.“

ٿوري دير ڪانپوءِ دينوءَ وري ڳالهايو، ”هڪ ڳالهہ آهي. جي تون دل ٻڌين، همت ڪرين تہ تنهنجو عشق بہ ٿي سگهي ٿو ۽ شادي بہ.“

وڻ تي وينل ڳيري گون گون ڪئي، اميد ليئو پاتو.

دينو وري مُرڪيو، صوفن ۾ اُتساهہ پيدا ٿيو، جوش اڀريو، ”ٻڌاءِ ٻڌاءِ اِهيو پلا ڪيئن!“

ڊينوءَ ٿورو سوچيو پوءِ چيائين، ”نہ بابا نہ، ڳالھ اهڙي آ نہ جو چوندو سانءِ تہ تون ڇڙي ويندين، ان ڪري ڊڪي پلي.“
”نہ ڇڙندس، تون ٻڌاءِ تہ سهي.“
”واعدو، تہ نہ ڇڙندين؟“
”هي ڏس، ڏاڙهيءَ تي هٿ آ، مڙساڻو واعدو آ.“
”يار داڻو تنهنجي گهر ۾ پيو آ، توکي رڳو ڇُڳڻ جي دير آ،“
”ڊينو ڳجهارتن ۾ نہ ڳالهاءِ، ڳالھ کولي کولي ٻڌاءِ“ صوفن ڇڙندي چيو.
”هوءَ تو واري سئوٽ آهي نہ مَوران. ان تي چو نہ حيلو ٿو هلائين، چو نہ ٿو پيچ اڙائين؟“
آسمان ۾ باز اُڏاڻو، ڪيڙيءَ واري زمين ۾ ڪُئي ڪِر ڪِر ڪئي.
پريان ڪوھ ۾ نانگ ڏيڏر تي جهپٽ هڻي ڪڍي.
جهرڪي اڻ ڄاتي خوف سبب وڻ تان اُڏار پري.
صُوفن هڪ لمحي لاءِ حيران ٿيو، پوِ پريشان ٿيو ۽ پوءِ ڇڙي پيو: ”اڙي تون ڪو وڏو بيغرت آن، حرامي آن، ڪو ڪچر آن. مَوران، مَوران منهنجي سڳي سئوٽ پيڻ برابر، ان ۾ اکيون وجهان. ان سان پنهنجي منهن ۾ ڌوڙ وجهان. لانت آ توتي، تنهنجي دوستيءَ تي، تنهنجي صلاحن تي.“
ڊينوءَ کي بہ غصو آيو. سو چيائين، هُو صوفن کي سندس پيءُ ۽ ماءُ جو مهڻو ڏئي. ڪيس آرسي ڏيکاري تہ خانداني طرح هو ڪيترا ڪار مُنهان هئا. پر شايد دوستيءَ جو خيال ڪري هو مُڙي ويو. بس ايترو چيائين، ”مان تہ توکي اڳيءَ چيو هو تہ تون نہ سَهي سگهندين، ڇڙي ويندين مون کي کهڙي گتي پئي آهي جو وتان تنهنجي لاءِ ڇوريون تاڙيندو. ها باقي، رهي ڳالھ

تہ، موران تنهنجي سئوٽ آهي، تہ پوءِ مان بہ تہ پنهنجي ماسات سان لڳو پيو آهيان. ان ۾ کهڙي اربعا خطا آهي. هونءَ بہ چوندا آهن تہ، چوري جڏهن جوان ٿيندي آ نہ، تہ ان جو هٿ هر وقت اڳڻ ۾ هوندو آ. ان کان اڳ جو کو ٻيو ڪُوئو سُٽ ٽُڪي، يلو ان ۾ آ تہ ماڻهو پنهنجيءَ سان پاڻ منهن ڪارو ڪري.“

دينو تقرير پوري ڪري اٿيو. غصي جي ڏِک ڏيندي چيائين، ”مان هلان ٿو، اڳتي يائو پاڻ کي اهڙيون گاريون ناهن ڪاٺيون، پنهنجي ڏاڙهي ناهي پٽائڻي توکان.“

دينو ويندو رهيو، هُو ڏسندو رهيو.

هو ٻير جي وڻ هينان اڪيلو ويٺو رهيو. رکي رکي هن کي دينوءَ تي غصو پئي آيو تہ هن ساڻس اهڙي گندي ڳالهہ چو ڪئي هئي.

وري ٿوري دير کان پوءِ هن سوچيو پئي تہ ، هو دينوءَ کي روڪي ڪيس چوي ها، ”ائين نہ چوندو ڪر“ ۽ دينو هن ڏي ڏسي ها، ٿورڙو مُرڪي ها ۽ ڪيس اجان بہ تفصيل سان ڳالهہ سمجهائي ها.

اندر جي ويڙهاند ۾ ڪيترو وقت گذري ويو، هن کي ڪا خبر نہ پئي، هن جي اڪيلائي اڳ کان اڳري ٿي وئي.

الاءِ ڇا ٿيو، اچانڪ هن جي دل ڀرجي آئي. هو روئڻ لڳو. اوڇنگارون ڏئي رڙيون ڪري، روئڻ لڳو. شڪر ٿيو، آس پاس ۾ ڪو ڪونہ هو، نہ تہ سمجهي ها شايد هو چريو ٿي پيو آهي. هن کي ڪا خبر ڪونہ پئي تہ هو ڪيتري دير روئندو رهيو ۽ کهڙي مهل بس ڪيائين. ٿورو ئي پر پرو، غلام بروهيءَ جي

رڍن ۽ ٻڪرين جي گذرندڙ ڌڻ جي چڙين جي ٽڻ ٽڻ جا آواز هن کي واپس هوش جي دنيا ۾ وني آيا.
هن ڏنو آسمان جي آخري ڪناري تي ٻاڙهاڻ آخري ساهن ۾ هئي، سج لهي چُڪو هو.
هو اٿيو ۽ گهر ڏي روانو ٿيو.
خبر ناهي تہ دينوءَ جو مشورو هو، يا روئڻ جو اثر، پر هن کي لڳو تہ هو ساڳيو صوفن نہ هو. شرميلو، اڪيلو، اداس.
هن جو مثال ان پٿر جهڙو هو جنهن تي پئي پئي مٽيءَ جا ڍير چڙهي ويا هجن. پوءِ اچانڪ تيز بارش ۾ ڌوپجي صاف ٿي پنهنجي اصل شڪل ۾ اچي وڃي. ڳوڙهن هن جي اندر کي ڌوئي چڏيو هو. شڪل ڪهڙي ظاهر ٿي هئي، ڀلي يا بُري، شايد ان جي اظهار جو وقت اجان نہ آيو هو.
اُن رات هن جي تصورن ۾ عشق ۽ شادي نہ هئا، نہ ئي وري صوبيدار جي خوني زال هئي. هن جي هر تصور ۾، هر سوچ ۾ هر ڪنڊ ڪان، هر پاسي کان موران ئي موران هئي.
موران هن جي سَڳي سؤٽ ۽ سندس پڦيءَ جي پوٽي اسماعيل جي مَگ موران.....
موران.........دينوءَ عجيب نالو ڪنيو هو. هن جي دل ۾ سوچن جو متضاد طوفان هو. هڪ پاسي هن سوچيو پئي. دينوءَ غلط ڳالهہ ڪئي هئي. موران سندس ڀيڻ جيان هئي ۽ ٻئي پاسي هن سوچيو پئي تہ، ان ۾ ايتري بُري ڳالهہ بہ ڪانهي ڪا، هن دنيا ۾ تہ الاءِ ڇا ٿو هلي پيو.
هن جي اندر جي هر انگ ۾ پڪار پيدا ٿي، موران، موران.
موران هن کان سال کن ننڍي هئي ۽ اسماعيل جي مگ هئي. اسماعيل، انن سالن جو اسماعيل سندس پڦي جانل جو پوٽو

ٿوري دير لاءِ موران جو تصور جهيڻو ٿي ويو ۽ سندس من ۾ پڦي جانل جو تصور اڀريو.
جانل جنهن کي خانداني صدمن هٽي هيٺو ڪري وڌو هو، سندس پوڙهائپ جي هر گنج ۾، درد جو هڪ داستان هو. درد جو داستان، جنهن لاءِ مرشد فرمايو:
”لڳي مات مرن کي، وجن وڻ ٻري....“
انسانن جا الميا ٻه اڻ ڪٿ آهن. بيان ڪجن ته واقعي مِرن کي مات لڳي وڃي، وڻ ٻري پون. پتر پاٽي تي وڃن. پاڙيءَ ۾ باهه پڙڪي پوي. جبل جهڪي پون. پر هاءِ ڙي انسان تنهنجي همت ۽ تنهنجي قسمت. سيڪجهه سَهيو وڃين. زندگيءَ تان هٿ نه کڻين.
جانل جي زندگي ٻه الميي جو اهڙوئي داستان هو. ڏک، سراپا ڏک جو روپ. جانل جوانيءَ ۾ رني ٿي وئي هئي، پر سندس سهارو سندس پٽ حاجي جوانڙو هو. ڏهن ٻارنهن سالن جو هو.
هونءَ ته جانل جو ساهراڻو گهر، ڳوٺ جو پريو تريو گهر هو. وڏو ڪشادو گهر، پلو جوڙو ڏاندن جو. پنج اٺ تولا سون. ويهه پنجويهه تولا چاندي ۽ ٿامي جا الاءِ ڪيترا ٿانوَ، پر الاءِ ڪهڙو واءُ وريو، الاءِ ڪهڙي ڦيٽ پئي، الاءِ ڪهڙي وقت جو جانل جي ساهراڻي گهر جا سڀ مرد هڪ ٻئي پٺيان مرندا ويا. جانل جو مڙس ٻه مري ويو. باقي بچيو سندس ڏهن ٻارنهن سالن جو پٽ حاجي خان.
سهري، مڙس ۽ ٻن جوان ڪنوارن ڏيرن کي پنهنجي اکين اڳيان مرندو ڏسي، انسان کي ڪهڙو صدمو رسيو هوندو، عام انسان، جو قلم بيان کان قاصر آهي، سواءِ مرشد جي سِٽ ٻيهر دهرائڻ جي ”لڳي مات مِرن کي وجن وڻ ٻري........“

جانل، مسڪين جانل، غريب جانل، صدمن جي ماريل جانل.
جانل، سڀ ڪجھ صبر سان سنو، همت نہ هاريائين، پنھنجي ڏهن ٻارنھن سالن جي پٽ سان ڪلھو ڪلھي ۾ ملائي بيٺي.
پٽ ڪي ڪڙمت ۾ ڪيڙائڻ لڳي. جانل جي پائرن بہ جانل جي مدد ڪئي.
ڏکيا ڏينھن ڏور ٿيا. حاجي جوان ٿيو. جانل حاجيءَ جي شادي پنھنجي ئي مائٽن مان ڪرائي. ستت ئي اسماعيل پيدا ٿي پيو. گهر ۾ خوشي موٽي آئي، مندل مچڻ لڳا. پر ڪاتبِ تقدير وٽ ڪجھ ٻيو لکيل هو. ڏکن جو انت نہ اچڻو هو، سڻائو واءُ جڻ تہ ڏيکاءُ لاءِ هو.
اچانڪ هڪ رات حاجي سُتي سُتي رڙ ڪئي. رڙ سان الٽي شروع، الٽيءَ سان گڏ رت اچڻ لڳو ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ حاجي پيالو ڪري ويو.
جانل جي دنيا لٽجي وئي، خاندان برباد ٿي ويو. سيڪجھ لٽجي ويو. پر حيرت ان مهل ٿي جڏهن سڀ ڪنھن محسوس ڪيو تہ حاجيءَ جي زال دل سان نہ پر صرف لوڪ لِڪا لاءِ افسوس ڪيو ٿي.
تڏي تي وينل عورتن، اکين جي اشارن سان هڪٻئي سان ڳالھ ڪئي، ”اڙي پيڻ حاجي ويچارو مرڻ وارو ٿوروئي هو، هن لانتڻ زهر ڏنو تس، پنھنجي ماسات سان ڪارو منھن اٿس.“
سڀ ڪنھن ڏٺو، خاندان جو هڪڙو ئي سَلو اسماعيل بچيو هو. ٻيو سيڪجھ ختم ٿي ويو هو. تڏي تي ويني ويني سُس پُس ٿي، ”پئي هاٽي ڪير بچيو آهي ڪو نہ، چوڪرو ننديرڙو آ. اڳتي لاءِ چا ٿئي“ حاجيءَ وارن جي ملڪيت ورهائي وجي.“
مال غنيمت صرف جنگين جي ميدان مان حاصل نہ ٿيندو آهي.

هن دنيا ۾ هر پهچ وارو انسان، بي پهچ، بي وس، يتيم، غريب کي مال غنيمت ئي سمجهندو آهي. سو حاجيءَ جي مرڻ کان پوءِ جانل جي اکين اڳيان حاجيءَ جي مال ملڪيت مائٽن مال غنيمت جيان ورهائي ڪنيو. ڪنهن ڏاند ڪاهيا، ڪنهن سون تي هٿ صاف ڪيا. تڏي تي ويني ويني ٽن ڏينهن اندر سڀ ڪجھ ورهائجي ويو.

ان کان اڳتي مهيني اندر حاجيءَ جي زال چار مهينا عدت پوري ڪرڻ کان اڳ، مامتا کي ست نوڪرون هڻي، پنهنجي پنجن سالن جي پٽ اسماعيل کي ڏاڏي جانل جي حوالي ڪري، پنهنجي ماسات سان نڪاح ڪري ويهي رهي.

نڪاح ڪرڻ سان ئي هن اکين جي اشارن ۾ ٿيندڙ ڳالهين ته، ”حاجيءَ کي زهر ڏنو ويو آهي،“ مائيءَ جڻ ته صداقت جو ٺپو هڻي ڇڏيو.

جانل پنهنجي پوٽي اسماعيل کي سيني سان لڳايو. بي ته واھ هن وٽ هئي ڪانه، پنهنجي ياءُ ڳاجيءَ وٽ اچي پناھ ورتي.

جانل جي تن تي ڪپڙو پورو نه، پيٽ پري ماني ڪو نه، پيرن ۾ چپل ڪونه. هوءَ ڳاجيءَ جو مال چاريندي هئي، گھر جو ڪم ڪار ڪندي هئي، جھر جهنگ ۾ روئندي هئي،

روئڻ چا، سندس ته ڳوڙها ئي سُڪي ويا هئا، پر پوءِ به اندر جا اُڌما سڏڪن ۾ ظاهر ٿيندا هئا. رات جو پنهنجي پوٽي اسماعيل کي سيني سان لائي سمهڻ وقت ڪل جهان جي پيرن ۽ ڪل جهان جي مالڪ کان اسماعيل جي وڏي زندگي ۽ سک سلامتيءَ جون دعائون گھرندي هئي.

سال اڳ، ٺاڪ منجهند جو صوفن جيئن ٻنيءَ تان موٽيو ئي مس ته جانل کي ڏسي سندس اندر کي جهُٻو آيو.

ساوڻ جا ڏينهن ٿاڪ مچهند، جتي ڌرتي ٿامو ٻڌجي وڃي. جتي مڇي زمين تي رکجي تہ ترجي وڃي، وڻ جي واهيري کان پٽڪيل پکي اک ڇنڀ ۾ اچي هيٺ ڪري، جتي جيت جڻيا زمين جي سٽين پا تال ۾ لڪي وڃڻ. اتي جانل، بلڪ هزارين لکين جانلون پيرين اگهاڙي مال چاري واپس وٿاڻ تي ورن.

سنڌ! هاءِ ڙي سنڌ! منڙي سنڌ! جنت جي هير واري سنڌ! سنڌو درياءَ ۽ سنڌي سمنڊ واري سنڌ! تنهنجي زمين جي مٿين تهہ کي قدرت واري ميون ۽ فصلن جي نعمت سان مالا مال ڪيو آهي. اتي زمين جي هينئين تهن ۾ اڻ ڳڻيا خزانا لڪائي رکيا اٿئين. جتي ٿربر، ڪاڇي ڪوهستان کي الڳ الڳ ۽ اڪيچار نعمتن سان نوازيو ويو آهي. اتي جانل ۽ جانل جهڙين کي ڪائڻ لاءِ ماني ڪانهي ۽ پائڻ لاءِ جُتي ڪانهي. تنهنجي ماڻهن جي ذلت ڀري زندگي ڏسي ئي تہ مرشد دنبوري تي هٿ هڻي دانهن ڪئي هئي:

”ڏکيءَ تو ڏڪار، توڙي وسن مينهڙا......“

سوز جو سڏ اجان بہ اڳتي وڌيو، تنبوري جي تار تي ٻيو آواز گونجيو:

”ڏکوين اهجاڻ، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو،
وڃين گوندر گاڏيون، لوڪ نہ آڇين پاڻ،
سورن اسان ساڻ، ننڍي ئي نينهن ڪيو.“

سال اڳ سورن جي ماريل جانل کي سندس ڀائٽي صوفن ڏنو. ڌرتي ٿامو ٻڌيل هئي ۽ هوءَ مال ڪاهيون واپس پئي آئي. سندس پيرن ۾ اک جا پن ٻڌل هئا. صوفن جي دل ڏکي، اندر ۾ جهٻو آيو. هو گهر آيو ۽ اچي جانل کي چيائين، ”پڦي اڄ کان پوءِ تو تي مال چارڻ ماڦ آ، بس تون گهر ۾ هوندي ڪر.“

جانل پنهنجي پائٽيي کي ڏٺو. سندس نڙيءَ مان ڳوڙهن کان خالي سڏڪو بلند ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي پائٽيي کي پاڪر ۾ پري دعائن جو درياءُ وهائڻ لڳي، ”الله آڏڙو ٻيڙو ڪندئي، رزق روزي ڪشادي ڪندئي، ست پٽيتو ڪندئي، ڪوسو واءُ نہ لڳندئي.“

ان ڏينهن کان پوءِ جانل سان جيڪو بہ ڳوٺ جو ماڻهو ملندو هو، هوءَ پنهنجي پائٽي جي ڪيل ڪرم جو دعائن سان ذڪر ضرور ڪندي هئي.

پر اڄ رات صوفن جي دل مان ڏڪويل جانل جي ڏک جو احساس ماٺو ٿيڻ لڳو هو. هن کي نہ چاهيندي بہ احساس ٿيڻ لڳو تہ، اسماعيل سندن گهر تي بار هو. جيئن تيئن ڪري هن رات گذاري صبح جو جيئن اٿيو. الله جي ڪرٽي ائين ٿي، موران ان مهل گهر جي اڱڻ ۾ ٻهاري ڏئي رهي هئي. جيئن ئي هن جي موران تي نظر پئي، پهريون دفعو سندس دل جو ڌڪو وڌڻ لڳو. ٽنگون ڏڪڻ لڳس ۽ چپ خشڪ ٿيڻ لڳس.

موران بي خيالي ۽ بي پرواهيءَ ۾ ٻهاري ڏيندي رهي. صوفن ڏٺو، موران واقعي موران هئي، سندس انگ انگ مان جواني ڦاٽي ٿي پئي. دل جي ڌڪي، ٽنگن جي ڏڪڻ ۽ چپن جي خشڪيءَ باوجود بہ هن پنهنجي اندر ۾ جوانيءَ جي لهر اٿندي محسوس ڪئي.

هو تڪڙو گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

جيتوڻيڪ دينو هن سان ڪاوڙجي ويو هو ۽ ملڻ چڏي ڏنو هئائين، پر هن جي ڪيل ڳالهہ صوفن کي دنيا جي بلڪل نئين ڍنگ تي اچي بيهاريو هو. هن چاهيو ٿي تہ هو دينوءَ کي پرچائي ۽ ڪائنس موران کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جو ڪو نسخو

معلوم ڪري. جيتوڻيڪ موران هن جذبن کان بي خبر هئي، پر صوفن جو رات، صبح، شام موران جي تصورن ۾ گذرڻ لڳا.
هڪ ڏينهن تہ حد ٿي وئي هن ڪاٽي ٿي ڪنئي ڪوڏر جو لپو تہ زمين ۾ ئي هنيئائين پر سندس سڄو خيال موران ڏي هو.
ان خيالن جي ڪشمڪش ۾ اچانڪ ڪوڏر ٿڙي وئي. ڪوڏر زمين ۾ لڳڻ بجاءِ سڌو وڃي سندس سڄي پير ۾ لڳي. هن ڪان رڙ نڪري وئي. رت جو ڦوهارو نڪتو هو هيٺ ويهي رهيو ڪيس شهر جي اسپتال ۾ ڪٽي ويا. ڪيس چار ٽاڪا لڳا. سندس ماءُ روئندي چوڻ لڳي. مُنيس منهنجي ٻچڙي کي الاءِ ڇا ٿيو آ، نہ ڪائي ٿو نہ پيئي ٿو، مٿان وري هي مصيبت چون ٿا ايترو رت وهيو اٿس جڻ تہ ڪنهن ڍور کي سير ڏني هجي. الاءِ ڪنهن منهنجي ٻچڙي کي نظر هنئين آهي؟ الاءِ ڪنهن تاويذ وڌا اٿس؟ الاءِ ڪنهن جي پاڙ پٽي آ؟ الاءِ ڪنهن جو منهن ڪارو ٿيو آ؟“
هي جهنگ جا جهانگي ماڻهون هئا، هاري مزدور، انهن لاءِ اهڙا ڏک، زندگيءَ جو ڪمتر معمول هئا. هوءُ ڏينهن ٻن اندر هلڻ ڦرڻ جهڙو ٿي پيو. دينوءَ کي دوستيءَ جو درد جاڳيو، هن ڪان ڏک جي پڇا ڪندي ڏوراپو ڏنائين، ”تون تہ آهين پڪو پٽر، پر منهنجي دل تہ ميڻ جي آهي نہ، خبر پئي، يار کي ڏک لڳو آ، رهي نہ سگهيس هليو آيس توڪان پڇڻ.
دينوءَ جي پرچڻ کان پوءِ، هڪ دفعو هن کي سور سلڻ وارو يار ملي ويو. هن حياءُ ۽ شرم پريءَ ٻڌي ڪوهہ ۾ ڦٽا ڪيا. سنئون سڌو دينوءَ کي چيائين تہ موران کي مائل ڪرڻ جو گس ڪڍي.

ڊينوءَ ڪيس ٻڌايو، ”صفا سولي ڳالهه آهي. يا ته موران ڪي وجهه وٺي اڪ هڻ، يا ته ڪيس پاسوهڻ، ياوري آئيني جو اولڙو هٽينس. هوءَ پاڻهي سمجهي ويندي.“
آئيني واري ترڪيب ڪم ڪري وئي. جيئن هڪ ڏينهن هن وجهه وٺي موران ڪي آئيني جو اولڙو هنيو.
جواني، جوانيءَ جو سڏ سٽي ورتو.
دليون مائل ٿيون چپ مرڪيا.
اکڙين آرس پڳو، سينا ملڻ لاءِ بيتاب ٿيا.
گهر جي ڳالهه هئي، ڪي لوڙها لتاڙڻا هئا ڪونه.
جسمن جي ميلاپ ۾ ڪو گهڻو وقت ڪونه لڳو.
هاڻي گاجيءَ جي خاندان جي گهر ۾ اچانڪ ٿانون جا ٺڙڪا تيز ٿيڻ لڳا.
موران روز مساڳ هڻڻ لڳي.
اڏرات جو دلي مان پاڻي اوتجڻ لڳو.
هفتي ۾ ٻه ٽي راتيون، جوان ساهه اڏرات جو سهڪڻ لڳا.
ڊينو ۽ صوفن جو پيچ اجان به پختو ٿي ويو.
صوفن جو انداز مٽجي ويو، هن ۾ مست اُٺ جهڙي مستي اچي وئي. سندس منهن مان زبان ڳالهائڻ لڳي.
گهڻن کي شڪ پيو، موران جي ماءُ ۽ زيبل کي يقين ٿي ويو.
تاريخ ورجائڻ لڳي.
بيوسي پر پکيڙڻ لڳي.
هڪ ڏينهن صوفن پنهنجي اندر ۾ اپريل نئين سگهه جو استعمال ڪيو. ٻنيءَ تي ڪم ڪندي هن پيءُ کي چئي ڏنو ته هو، موران سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي.
گاجيءَ پنهنجي پٽ ڏانهن ڏٺو.

هڪ سيڪنڊ لاءِ سندس ذهن ۾ سندس ئي ماضيءَ جي فلم الٽي هلي.
خوف، گاجيءَ جي وجود کي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙڻ لڳو.
ڏور، ڏرتيءَ جي ڪنهن ڪنڊ تي، شڪاري آسمان ۾ تير هيو، ابابيلن جي ولر ۾ ٺاهہ پيو.
هڪ زخمي ابابيل هيٺ زمين تي ڦٿڪڻ لڳو.
گاجيءَ صوفن کي ڪٿو جواب ڏنو، چيائين، ”اڙي ڪو شرم ڪر، حيا ڪر. هي ڇا ٿو ڪرين. ڪھڙو ڪلور ٿو ڪرين، موران منهنجي بيواهي پيٽ جي پوٽي جي مڱ اسماعيل منهنجي پاڻيجي جي آخري نشاني، ڏک ماريل منهنجي پيٽ. مان ان کي ڇا چوندس ڪھڙو منهن ڏيکاريندس ان ڪري مُڙي وڃ، ان هوڏ تان لهي وڃ.“
صوفن بي حيا، بي حجاب نھ پھ پيءُ کي چئي ڏنائين، ”تو شرم حياءُ ڪيو هو جو مون کي تو چوين پرٽبس تہ موران سان، پو ڇا بہ ٿي پوي.“
گهر جو سُڪون برباد ٿي ويو.
صوفن بي خوفيءَ سان موران سان ملڻ لڳو.
موران کي ڪڏهن ڪڏهن جن بہ ٿيڻ لڳو.
گاجيءَ جو ماضي سندس سامهون ڪاريهر بڻجي ويو.
اسماعيل جڏهن بہ هن جي اڳيان ٿي آيو، هن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي ٿي آيا.
جانل اسماعيل کي پنهنجو پاڻ کان هڪ پل لاءِ بہ جدا نہ ٿي ڪيو. اسماعيل جي لاءِ دعائن جو سلسلو، اڻ کٽ ۽ دراز ٿي ويو.
هڪ منجهند جو قهر ٿي ويو.

واويلا وڏڪار ٿي وئي.
پکين چچڱ چڏي ڏنو.
زخمي ابابيل مري ويو.
ماڻهو گهڙي پل لاءِ پنڊ پهڻ بڻجي ويا.
ڪائنن ماني کائڻ وسري وئي.
قيامت اچي وئي.
جانل جو ٻنپو لُٽجي ويو.
خاندان جي آخري نشاني اسماعيل سدا سکي واهه ۾ وهنجندي ٻڏي ويو.
چئن پنجن ڪلاڪن ڪانپوءِ جڏهن اسماعيل جو لاش سدا سکي واهه مان ڪڍيو ويو ته قهرام مچي ويو. هر اک آلي ٿي وئي، هر سيني مان سُڏڪو نڪتو.
گاجيءَ پار ڪڍيو، ”او منهنجا جانب اسماعيل هي ڪهڙو قهر ڪري وئين. بيواهي پيڻ ڪي ڪنهن جي سهاري ڇڏيئي.“
جانل جو درد، قلم ڇا بيان ڪري!
چوڻ وارن چيو ۽ ٻڌڻ وارن پوري يقين سان ٻڌو ته، ”اسماعيل کي صوفن وهنجارڻ ٻهاني سدا سکي واهه تي وٺي ويو هو. وهنجاريندي وهنجاريندي هن کي غوطا ڏيڻ لڳو. انن سالن جو ننڍڙو اسماعيل هن کي پنهنجي خانداني ٻولي سرائڪيءَ ۾ آزيون نيازيون ڪرڻ لڳو.
”او ادا، او ميڏا پِرا، ميڪون نہ ٻوڙ، ميڪون نہ مار.“
آخري غوطي کائڻ کان اڳ ۾ اسماعيل پاڻيءَ مان منهن مٿي ڪيو ۽ چيائين، ”صوفن ميڏا پرا، ميڪون نہ مار، مين موران نہ پرٽيسان، موران تون پرٽيجين. موران تيڏي اي، موران تيڏي اي.

موت زندگيءَ کان کيل کٽي ويو. اسماعيل ٻڍي ويو. مري ويو.
جنهن شام اسماعيل جو لوڙهه لٽيو ويو، ان رات اچانڪ اڏرات جو صوفن رڙيون ڪرڻ لڳو، ”موران تيڏي اي، موران تيڏي اي.“
ان ڏينهن کان وٺي صوفن پهرن جا پهر سدا سکي واهه کي تڪيندو رهندو هو. جڏهن پل پل مرڻ جو عمل آخري انتها تي پهچندو هو، تہ هن جي روح مان رڙ نڪرندي هئي،
”موران تيڏي اي، موران تيڏي اي......“

باب چوٿون

# تون راڻو ربّ آن.......

رات جي ٻئي پهر جو آخري پهر.
زندگي ۽ موت جو کيل جاري آهي. مون کي پڪ آهي، يقين آهي، ان راند ۾ هارائڻو زندگيءَ کي آهي، پر جي اِهيا پَڪ ٿي پويم ته، اڄ رات ئي موت زندگيءَ جي مٿان حاوي ٿي ويندو ته شايد منهنجي درد ۾ ڪو افاقو اچي وڃي.
پر موت ته غيب جي پردن ۾ لڪل نخريلي معشوق جيان آهي. سڏيندس ته ايندو ڪو نه، ايندو ته رُڪندو ڪو نه!
هاءِ الله ڇا ڪيان، ڪاڏي وڃان. مرشد جي سِٽ ذهن ۾ ترڻ لڳي آهي:

"واٽون ٿيون ويهه ڪوهه ڄاڻان ڪيهي ويا...."

مرشد، او منهنجا مرشد، پٽ تي ستل منهنجا پلارا مرشد! تون به ڪمال آهين، محبوب جو وڇوڙو هجي، يا موت جو اوسيئڙو، هر جڳهه تي هرحال ۾ تون موجود آهين. هن مهل ائين ڇو ٿو لڳي ته واٽون ٿيون ويهه وارو اشارو منهنجي لاءِ آهي؟ آئون نه ته سَسئي آهيان، نه ئي پنهون آهيان، آئون ته غريب گلو پٽيوالو آهيان.
غريبيءَ ۾ پيدا ٿيل، غريبيءَ ۾ جيئندڙ ۽ غريبيءَ ۾ هي دنيا ڇڏيندڙ.
"واٽون ٿيون ويهه، " "واٽون ٿيون ويهه."...پڙاڏو ٻڌجي ويو آهي. برابر آئون ويهن واٽن تي ته بيٺل آهيان. زندگيءَ جي طلب ۾ موت جو منظر نه زندگي مون کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ٿي نه ئي موت ان پاڪر جي آسري مان جان ڇڏائي ٿو.

نتيجو؟؟ ڊسمبر جي سرد رات، ڪئنسر جو بي رحم درد.
رات جي ٻي پهر جو آخري پهر.
رات جي ان پهر ۾ ئي بندي ۽ بندگيءَ جو فيصلو ٿي ويندو آهي. هڪ پاسي گرم بسترا نفسن جي مريدن کي قيد ڪري، ڪين منڙي ننڊ تي اتساهيندا آهن ته ٻئي پاسي الله جا بندا مرشد جي لفظن "ڇڏي سُک ساٿيهه، متي گنگا گجيا." جي تصديق ڪندا آهن.
ان ئي گهڙيءَ، آسمان مان ٻه صدائون اڀرنديون آهن، هڪ افسوس جي صدا، انهن لاءِ جن لاءِ مرشد فرمايو:
"ايءُ ڪم ڪميڻين، جي سمهن پير ڊگها ڪري." ۽ ٻي خوشخبريءَ جي صدا انهن لاءِ جن لاءِ مرشد فرمايو:
"ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو."
پوءِ اڌ رات جي انهن گهڙين ۾ ساري رات سبحان ياد ڪندڙن لاءِ، الاهي اسرارن جا پردا پري ٿيڻ لڳندا آهن، سالڪ عالم محويت ۾ مگن ٿيڻ لڳندا آهن.
هاءِ افسوس منهنجي زندگيءَ تي، آئون سڄي عمر ڪميڻين جيان پير ڊگها ڪري سمهندو رهيس. مون کي پوري رات جاڳڻ تي مجبور ڪنهن ڪيو؟ ڪئنسر!!
درد ۾ وٺي ان گهڙيءَ تي اچي جڏهن ڪونه ڪو واقعو ياد ٿو اچيم. صوفن جو پل پل مرڻ مون نڊ پڻ ۾ ڏٺو هو. صوفن اچانڪ غائب ٿي ويو هو.
مختلف ماڻهن جا مختلف خيال هئا. هڪڙن جي خيال هو ته، مڪا فات عمل پنهنجو پاڻ کي ورجايو هو. صوفن سدا سکي واهه ۾ ٻڏي ويو هو، سندس لاش کي مڇيون، ڪُميون، ڪچون ۽ پاڻيءَ جي ٻي مخلوق کائي پنهنجو پيٽ ڀريو هو.

ٻين جو خيال هو تہ، هُو وڏو پهتل بزرگ هو. تڏهن جو هنئين هئائين......سڌو وڃي مديني نڪتو هو.
خير جيڪو ڪجهہ بہ هو، هڪ تہ صوفن جي ياد منهنجي درد جو ٿوري دير لاءِ درمان ڪيو، ٻيو، تہ مان بہ درد ڪان جان ڇڏائڻ ٿو چاهيان، الوپ ٿيڻ ٿو چاهيان، تڏهن هٽڻ ٿو چاهيان.
ڀلا منهنجي خواهش جي عملي شڪل اختيار ڪري ها تہ مان هن هيٺي حال ۾ ڇو هجان ها!!!
مان پنهنجي ذهن کي رُذل رکڻ ٿو چاهيان. منهنجي ذهن ۾ ٻي تہ ڪا سوچ نہ ٿي اچي. مان ذڪر ڪرڻ ٿو چاهيان ”الله هو“.......”الله هو.“ ....”الله هو هو......“
اڙي هي ڇا! هي ڇا، هي ڇا، هي ڇا..........هيءَ تہ مون تي اهائي ڪيفيت طاري ٿيڻ لڳي آهي.

جيڪا منهنجي شاعر دوست خير بخش خيراڻ تي ٿي هئي.
ڏاڍو عجيب هئو خير بخش خيراڻ جي جي زندگيءَ جو سفر. چون ٿا تہ ڪنهن شخص جي عمر 120 سال هئي. هر چاليهن سال ڪانپوءِ هن جو نئون سفر شروع ٿيندو هو.
پهرين چاليهن سالن تائين هو ملھ پهلوان هو. نامي گرامي مُلڪان ملڪ مشهور هن جي سامهون سندرو ٻڌڻ کان اڳم چڱن ڀلن پهرئين جوڙ جي پهلوانن جون ڄنگهون ٿڙڪنديون هيون. هو استاد هو، استاد ملھ جو استاد.
پر الاءِ ڇا ٿيو. چاليهن سالن جو ٿيو اڪاڙو اجان بہ سندس قدمن سان ڏُبندو هو. سيڪڙات پهلوان ڪانئس سبق ٻڌرائيندا هئا. ۽ سڀ پهرين جوڙ وارا ميدان ۾ اچڻ کان اڳم سندس پيرن تي هٿ هڻندا هئا. دهل تي ڏونڪو تيستائين نہ لڳندو هو جيستائين هو اشارو نہ ڪندو هو.
پر الاءِ ڇا ٿيو.
ڪنهن کي ڪا خبر نہ پئي، ڪا پروڙ نہ پئي.
استاد اچانڪ سڀ ڪجھ ڇڏي ڏنو.
هن محفل جو مور ٿيڻ ڇڏي ڏنو، هن سيڪڙاتن کي سبق ٻڌڻ ڇڏي ڏنو.
پنهنجي پيرن تي هٿ رکندڙن کي منع ڪري ڇڏي.
هن پنهنجو گهر گهاٽ، ٻار ٻچا ڇڏي ڏنا.
ايستائين جو هن ان نچڻيءَ کي بہ مٽي تي هٿ رکي ، رئو پارائي پيڻ ڪري ڇڏيو جنهن جي حُسن ۽ ناچ جي هنڌين ماڳين هاڪ هوندي هئي. اهو ميلو ٻُسو ۽ بي چسو هوندو هو جنهن ميلي ۾ هوءَ نہ ايندي هئي. پر هوءَ تہ ميلي ۾ صرف ”استاد“ لاءِ ايندي هئي. هي شام جو ملھ وڙهندو هوءِ هوءَ اڌ رات تائين

نچي نچي ساڻي تي پوندي هئي. پر اسرويل جڏهن هوءَ استاد جي ٻک ۾ ايندي هئي تہ، سندس سارا ٽڪ لهي ويندا هئا. هوءَ اهڙي تہ تازي تواني ٿي پوندي هئي جو ڀانءِ تہ ڪيس ڪو الڪو ڪونہ هو، هوءَ صدين تائين نچندي رهندي.

پر الاءِ ڇا ٿيو استاد ان نچڻيءَ جي ميڙن منٿن، آزين، نيازين جو بہ ڪو قدر نہ ڪيو.

هن جهنگ منهن ڪيو. سيلاني ٿي ويو. ملڪن جا ملڪ پيرين پنڌ ڏوريائين. الاءِ ڪنهن ڪنهن سان مليو. الاءِ ڪنهن ڪنهن ڪان فيض پرايائين. الاءِ ڪهڙي ڪهڙي جُوءِ ڏوريائين بقول مرشد جي:

”سا جوءِ ڏوري آيا، جا سُئي نہ ٻُڌي“..

هو جڏهن چاليهن سالن ڪان پوءِ موٽيو تہ جيتوڻيڪ سندس وجود چاڪ وچوبند ۽ چست هو پر جسماني طور هور ڳري ويو هو. هڏن جي مڻ وچي بچيو هو. سندس منهن ۾ عجيب مٺيا اچي وئي هئي. سندس زبان ۾ عجب سوز ۽ مناڻ هئي هاڻي هو انسان ۽ انسان سان لاڳا ڀيل مسئلن سان گڏ، سلوڪ ۽ معرفت جا نُڪتا بي ڌڙڪ شاعريءَ ۾ بيان ڪرڻ لڳو هو.

اڳي ميلا هن جي پهلوانيءَ جي ڪري مچندا هئا، هاڻي محفلون هن جي سوز ڀري شاعريءَ سان آباد ٿيڻ لڳيون. هن جڏهن هڪ سؤ ويهہ سالن جي عمر ۾ هن دنيا مان الوداع ڪيو، ڀيالو ڪيو، تڏهن هو مسلسل چاليهن سالن تائين شاعري ڪندو رهيو هو.

ڳالهہ ڪوڙي هئي يا سَچي، خبر ناهي، پر مون ٻڌي هئي، باربار ٻڌي هئي ڳوٺ جي محفلن ۾ ٻڌي هئي، سگهڙن سالڪن کان ٻڌي هئي.

جڏهن مان خير بخش خيراڻ سان مليس ته مون کي پهلوان شخص جي بڏل ڳالهه صفا سچ لڳي. بلڪه ائين چوان ته وڏاءُ نه ٿيندو ته ٿوري گهڻي ڦيرڦار سان خير بخش خيراڻ هڪ سؤ ويهه سال عمر ماڻيندڙ اهو پهلوان هو جيڪو جُوڻ مٿائي اسان جي اڳيان اچي وينو هو.

خير بخش خيراڻ جي زندگيءَ جا ٻه ٽي دؤر هئا پهريان هو خيرو هو. پوءِ هو خير بخش ٿيو ۽ آخر ۾ خير بخش خيراڻ . پلوڙ شاعر، پر غريبيءَ جي ديوَ جي وات ۾ پيل شاعرن جيان گمنام.

هو جڏهن خيرو هو، جوان همٿ پريو هاري به هو ته، رازو به ڪم جو ڪو ڏيو. ميلن ملاکڙن جو شوقين، محفلن جو مور شڪل اهڙي هئس جو چئجي ڪٽي ته بد شڪل هو. اکيون، دوڏا ٻاهر نڪتل، قد ڌگهو، نڪ بي ڍنگو رنگ ڪارو ڪٺ.

جيتري سندس شڪل ڪوجهي هئي، اوترو ئي وري قدرت واري سندس زبان ۾ رس پريو هو ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ عطا ڪيو هو. جڏهن به، جنهن به محفل ۾ خير بخش خيراڻ پهتو، اتي محفل ۾ ڳالهين جو هڳاءُ اٿندو، زعفران جي خوشبو ڦهلبي، موتين ۽ ياقوتن جي جڙاوت ٿيندي ۽ مزاح جو واچوڙو سيني کي ويڙهي ويندو. کلندي کلندي سڀ پنهنجي پيٽ کي هٿ ڏئي ويهندا.

خير بخش جو ٽن پائرن ۾ وچون نمبر هو.

سندن پيءُ ڪبڙ موچي ، شهر ۾ موچڪو ڪم ڪندو هو. هو پنهنجي ڪم جو ماهر هو جوتن جي جراح جي نالي سان سڃاتو ويندو هو.

ڪبڙ پنهنجي زندگي ڏک ۽ غم جي پاڇي ۾ گذاري هئي. جڏهن سندس پٽ جوان ٿيا ته قسمت جي ديوي اچانڪ هن تي مهربان

ٿي پئي هئي. ٻہ پٽ سنئون سڌو هار پو ڪندا هئا. خير بخش کي هن ننڍي لاءِ هڪ رازي جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. خير بخش ٻہ پائرن سان هار پي جي ڪمِ ۾ هٿ ونڊائڻ سان گڏ، رازڪو ڪم ٻہ سکي ورتو هو.

ٿي ڪمائيندڙ پٽ. گهر تي پلو ڏاندن جو جوڙو. ٻہ ٿي مينهون. ان جا انبار، ڪبڙ جوتن جو جراح شام جو موٽي تہ ججهي جرالي پاڄي پُتي ونيون اچي نہ ڪپڙي لٽي جي ڳڻتي، نہ شادي غميءَ جي خرچ جو اُلڪو. نہ ماني نہ ملڻ جو خوف ڏسندي ڏسندي ڪبڙ جو گهر، خاندان غربت جي ڏائڻ جا پير ڏنيي سکيو ستابو، مڇي مانيءَ وارو گهر ٿي پيو هو. ڏسندي ڏسندي هنن ٽن ڪمرن ۾ هڪ وراندي واري جاءِ بہ ناهي ورتي هئي.

ماڻهن کي ڏندين آڱرين، اچڻ سان گڏ، حسد ۾ ساڙ ٿيڻ لڳو. چوڻ لڳا، ”ڪلهہ ڪلهوٽو ڏينهن آهي، ڪبڙ پنندو هو، ولوءَ جي ٽڪرن تي پلبو هو، جوٽس هئي جو.....۽ اڄ سائين همراهہ ٽِٽ سان سوپاري ٿو پيجي. ڪنهن تي فلڪ ئي ڪونہ ٿو اَٽي. بس وقت وقت جي ڳالهہ آهي. الله جون شان آهي، گرو گنجو خان آهي، موچي، موچيءَ جو پُٽ، اڄ سائين طرم خان ٿو سڏجي.“

ڪبڙ جو قافلو خوش وخرم هلندو رهيو.

ساڙ جو جهولو، الاءِ ڪيترن مٿن مائٽن، پاڙي اوڙي وارن کي اندرئي اندر ۾ ساڙيندو رهيو.

چوندا آهن تہ، ساڙ ۾ وهم جو علاج تہ لقمان حڪيم وٽ بہ ڪونہ هو. وهمي ويچارو تہ پنهنجي اندر ۾ پيو پچندو پجرندو ۽ ڳرندو آهي. ساڙيلي جي ساڙ جو تئہ ۾ سيڪ تہ سڄي دنيا کي محسوس ٿيندو آهي.

چون ٿا، هڪ همراهه هو. ان وٽ گڏهه هو سڄو ڏينهن گڏهه تي مزوري ڪندو هو. شام جو ٿڪوٽٽو وٿاڻ تي واپس ورندو هو. وٿاڻ تي ورڻ ڪانپوءِ سندس اندر مان ٿڪ جو احساس ڇڀري جيان پڙڪو ڪائي اڏامي ويندو هو. ان جي جاءِ اچي وٺندو هو ساڙ، ڪينو، بغض، حسد.

ڳالهه هيئن هئي ته، شام جو جڏهن هو واپس ورندو هو، گڏهه جي جوٽ کولي، گڏهه کي ليٽائي. جڏهن ان کي داڻو ڏيندو هو، عين ان مهل، سندس پاڙيسري جنهن وٽ هڪ پلي ٻڪرون هئي. ٻڪرونءَ کي ڪونر ۾ گاهه پنو ڏئي. سندس پنيءَ تي پيار مان هٿ ڦيري ٻڪرونءَ جي شان ۾ ٻه ٽي تعريفي جملا چئي، ونگ وجهي ٻڪرونءَ کي ڏهندو هو. ٻڪرون ڇا ڏهندو هو، ٻڪرونءَ جي ٿڻن مان نڪتل هر گوهو، گڏهه جي مالڪ لاءِ ڄڻ ته سيني ۾ لڳندڙ هڪ زهريلو تير هو.

وري ظالم ڳنوار جو ظلم ته ڏسو، ٻڪرون ڏهڻ ڪانپوءِ اتي جو اتي گها گهر مان وٺو گرم کير جو پري پيئندو هو.

کير جو وٺو گڏهه جي مالڪ لاءِ توب جو گولو هو.

هو پنهنجي پسم ٿيندڙ وجود سان هٿ مٿي ڪندو هو ۽ ليلا ئيندو هو، ”او منهنجا منڻا مالڪ، اومنهنجا سچا ڏٽي، او پاڪ پروردگار، او سهڻا رب هن بندي گندي جو عرض اگهاءِ، هن ساڙيلي، درديلي، ڪميني منهنجي پاڙيسريءَ جي ٻڪرونءَ کي مار ته جيئن پتو پويس ته گڏهه سان گڏ گڏ لوڙڻ ۽ شام جو ٻڪرونءَ جو کير پي اوڳرايون ڏيڻ ۾ ڪيترو ۽ کهڙو فرق آهي.“

ٻڪرونءَ جي مالڪ کي پتو ڪونه هو ته ڪو سندس پاڙيسري ساڙ ۾ سڙندو رهي ٿو.

ڏينهن گذرندا ويا.
گڏھ جي مالڪ جي سيني ۾ باھ جا اُلا وڌندا رهيا.
دعائن جي لاءِ ڪنيل هٿن ۾ عاجزيءَ کان وڌيڪ شڪايت جي شدت هئي.
هڪ صبح جو جڏهن گڏھ جو مالڪ اٿيو، ذوالجلال، پنهنجي جلال جو اظهار ڪري چڪو هو.
پر، اڙي هي ڇا؟ ٿوري دير لاءِ گڏھ جي مالڪ جي اکين اڳيان اوندھ اچي وئي.
پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ڪيائين.
اکيون زور زور سان مهٽي ڏٺائين.
پر حقيقت پڌري پَٽِ پئي هئي.
دعائن جو اثر ٿي چڪو هو.
پر الٽو.
ڀُنوار جي ڀُئونءَ بدران سندس گڏھ مئو پيو هو.
هن کي يقين نہ ٿي آيو. ائين ڪيئن ٿي ٿي سگهيو.
هن الله کان گهريو بہ ڇا هو، صرف پاڙيسريءَ جي ڀُئونءَ جو موت. ان ۾ بُري ڳالھ بہ ڀلا ڪهڙي هئي.
۽ ڀُئونءَ جو مالڪ، ڪندو ڇا هو، صرف ڀُئونءَ جي لاءِ گاھ پنو ۽ پوءِ منهن ٿي تازي ڏڌل ڪير جو وٽو، مُڇن تي هٿ، اکين تازگي، جسم ۾ چُستي.
ڪڏهن غريب پاڙيسريءَ جو خيال ڪيائين ڀلا؟!!
خير حقيقت پڌري پٽ هئي.
دعائن جو اثر الٽو ٿيو هو.
ڀُنوار جي ڀُئون زندھ هئي.
هن جو گڏھ مئل هو.

هو ٿوري وقت کان پوءِ صدمو سهسائي ويو. شايد پهريون دفعو پيار مان مٺل گڏھ جي پنيءَ تي هٿ ڦيرايائين.
اڄ ڪيس ياد آيو، هي گڏھ سندس ڏک سک جو ساٿي جو. پيٽ پالڻ جو ذريعو هو. سندس اکين ۾ آب اچي ويو. پنل نيڻ نيڻ مٿي ڪنيائين ۽ چپن ۾ پڙڪو ڪيائين، ”او منهنجا خدا، ايترا سال خدائي ڪندي ٿيا اٿئي، پر توکي ڳئون ۽ گڏھ جو سَنڌو سمجھ ۾ نہ آيو.“ گڏھ جي مالڪ جيان حسد ڀريون نظرون ۽ بد دعائون بيشمار هيون، ڪبڙ اڪيلو.
قافلو هلندو رهيو ۽ ساڙيلا سڙندا رهيا.
ڪبڙ جو گهر، مٿن مائٽن، پاڙي اوڙي وارن جي اکين ۾ چڀندو رهيو.
پر قافلو هلندو رهيو.
اچانڪ هڪ ڏينهن، خوشحاليءَ جي سفر سان ٿمتار قافلي جي مٿان ڦهر ڪڙڪي پيو.
ساڙيلن جون بد دعائون هن دفعي گڏھ جي مالڪ جي بد دعائن جي بر عڪس سڌو سنئون اچي پنهنجي اصلي نشاني تي پيون.
ڏمر نازل ٿي ويو.
آفت اچي وئي.
ائين لڳو، جڻ آسمان تان وِڄ وراڪو ڏنو ۽ بجلي ڪڙڪي اچي ان جاءِ تي ڪِري، جتي ڪبڙ جو گهر هو.
اڌ رات جو وقت هو. اچانڪ ڳوٺ ۾ چور چور ٿي پوءِ هڪدم ”چور چور“ جو آواز هر گهر ۾ پڙا ڏوبڙجي گونجڻ لڳو.
هر طرف کان آوازن جو پڙ لاءُ اڀريو ”آيو آيو“، ”نہ ويندين“، ”وٺنس“، ”مٿان چڙھيو اٿسي.“

آوازن جي ان شور ۾ هڪ نالي بندوق جا ٻه فائر ٿيا . ڊز ڊز بندوق جا ٺڪاءَ هڪ پل لاءِ آوازن جي پڙلاءَ تي حاوي ٿيا، پر پوءِ هڪدم وري آوازن جي شور ۾ دٻجي ويا.
ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن صورتحال واضح ٿي، تڏهن سونامي غريبن جي لوڙهي کي لوڙهي چڪي هئي.
سڀ ڪنهن ڏٺو، ڪرمون ڪٻڙ جي لوڙهي جي ٻاهران مئو پيو هو.
ڪرمونءَ کي مئل ڏسي. ٿوري دير لاءِ سڀڪو پنڊ پهڻ ٿي ويو. هي ڇا ٿي ويو؟ ڪرمون علائقي جو مشهور لوفر هو لچن، لوفرن، چورن چڪورن جو نه رڳو ڪرمون يارُ ۽ نانڙي هو، پر پاڻ به لچ لوفر ۽ چور هو. رنن جو شوقين چورن جو پياسي. الاءِ ڪيترن جا لوڙها لتاڙيا هئائين، الاءِ ڪيترن جون عزتون لٽيون هئائين.
ان ئي ڪرمونءَ کي جڏهن سيني، رت ۾ ٻڏل ڏٺو تڏهن سڀ ڪنهن جي دل، شايد شڪر جو ورد ڪيو.
پر ٻي گهڙي سندن دليون خوف مان ڪنبڻ لڳيون اڳتي الاءِ ڇا ٿيندو. ڇو ته ڪرمون جيتوڻيڪ حرامي ماڻهو هو پر سندس سڄو خاندان تر ۾ ڏاڍي مڙس جي نالي سان مشهور هو. هو، ڪرمونءَ جي هر عمل ۾ نه رڳو ڪرمونءَ جو ساٿ ڏيندا هئا، پر ڪرمونءَ جي نالي ۾ الاءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪُڌا ڪم ڪندا هئا.
يا اِلاهي خير اڳتي الاءِ ڇا ٿيندو!!....
ڪٻڙ ۽ ڪٻڙ جي ٽنهي پٽن جڏهن ڪرمونءَ کي لوڙهي جي وَٽِ ۾ مئل ڏٺو، تڏهن هڪ پل لاءِ به هنن کي اِهيو سمجهڻ ۾ دير نه لڳي آفت سندن مٿان اچي ڪڙڪي آهي.

ڪرمونءَ جي پوين دير ئي نہ ڪئي، سڌو سنئون وڃي ڪيس داخل ڪيائون تہ، ڪبڙ جي وڏي پٽ جا نوءَ ڪرمونءَ کي پنهنجي گهر گهرائي، پنهنجي ٻنهي ننڍن ڀائرن، خيرو ۽ پريل سان گڏجي قتل ڪيو آهي.
حاسدن جو حسد ڪم ڪري ويو.
ڀريو ترڀو گهر اجڙي ويو.
ٽي جوان پٽ جيل ۾ پنيان گهر ۾ ٻچيا ڪبڙ، ڪبڙ جي زال قاپل، ٻہ ڏيئرون شانل ۽ جندل الھ تلھ تہ پهرين ئي ڏينهن پوليس جي قيرن ۾ جٽ ٿي ويو.
پنيان ٻچيو منڙي الله جو نالو
ڀاڳ جي موٽ ٿي.
ان جو پليون خالي ٿيون.
ڍورن جا ڪِلا اجاڙ ٿيا. نئين نهيل جاءِ ۾ ڏار پوڻ لڳا.
ماڻهن جون زبانون کليون کهاڻيون شروع ٿيون.
گهڻن چيو، ”جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي، ڪرمون کهڙي رهائي هئي. تر سجو ڪٽي اُڪين تي ڪنيو هئائين. اڳي پوءِ تہ مرڻو ائين ئي هونہ ڪتي وانگر. سومر دود مري ويو.“
ٻين جو خيال هو تہ، ”ڪرمونءَ کي سندس ساٿين ئي ماريو آهي پر الزام ويچاري ڪبڙ جي پٽن تي لڳو هاءِ ڙي منهنجا مولا. حقئون بہ رڪجانءِ ناحقئون بہ رڪجانءِ.“
ٽين جو وري خيال هو، ”ڪرمون ڪٽي ڪيئن بہ هجي، ڪتو چڱو جو مئو. ملڪ تان ڏپش ۽ ڏمر لٿو. پر هڪڙي ڳالھ پڌري پٽ آ،
ڪرمون ڪبڙ جي ڇوري شانل جي ڪڍ تہ الاءِ ڪيتري وقت کان هونہ. ڪنهن کان ڳالھ ڳجهي آ. ڪنهن کان ڍڪ ڍڪيل آ. بس

چوري خيروءَ کي مٽي ۾ شر هو. مامنهنس ولوءَ جو، جو ڏڏ هئس ولوءَ جو ڏڏ نہ هجيس ها تہ، موچيءَ جو ٻار وري ڪرموءَ سان اهڙو ڪم ڪري ها. بس رات جو جيئن موقعو مليس.
چوري خيروءَ دير ئي نہ ڪئي، هٽي گهرڙي لاٽائينس هاٽي وري چون ٿا تہ، اسان جي تہ ملائڪن کي بہ خبر ڪانهي ڪا.“
جڳ جهان کي ڪرموءَ جي ڪرتوتن جي خبر هئي چون ٿا ڪرمون پهريون خون پندرنهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي مائٽ محرم عليءَ جو ڪيو هو.
محرم علي بہ آڙيڪاپ چور هو ۽ هُن ئي ڪرموءَ کي هن ڪرت تي لاتو هو. چون ٿا تہ پهرين رات جڏهن محرم علي ڪرموءَ کي پنهنجي ٽولي ۾ ڪنيو هو، ان رات ڪرموءَ جي حالت ڏسڻ وٽان هئي هو تِڏِين جي آواز کان بہ ائين ٽي ڊنو ڄڻ تہ ڪلا شنڪوف جا فائر ٿيندا هجن. تڏهن محرم عليءَ جي جگري دوست بِدن ٽوڪ مان محرم عليءَ کي چيو، ”لتاڙياسين ماٺهن جا ڳِلا، ڪڍيوسين پنهنجو نالو.“
محرم علي موت ۾ صرف مرڪي ڏنو.
ڪجھ مهينن کان پوءِ چوراڻي لڏي ۾ هڪ ياڳيي جي هاهوڪار مچي وئي. وٽس پلو ڏاندن جو جوڙو هو. پر مصيبت اهيا هئي تہ ٻن خونخوار ڪتن کان علاوه هو پاڻ بہ وڏو سچيت مڙس ماٺهو هو. رات جي مهل ڪهڙي بہ هجي، ڪڙڪو ڪٽي سُئيءَ جي ڪِرڻ جو هجي، همراه جي ڪنگهڪار جو آواز اڇڻ ۾ رتيءَ جيتري بہ دير نہ لڳندي هئي. جُوءِ جي آڙيڪاپ چورن حرفتون هلايون، ڦيرا ڏنا، داءَ پيچ آزمايا، پر نتيجو ٻڙي.

جوءِ جي سيني ٿولن ۾ شرطون لڳي ويون ته ڪير ٿو ان قلعي جي پٽ ڪيرائي، ڪير ٿو اِهيو لوڙهو ساڙي، ڪير ٿو اهي ڏاند چورائي.

هڪ رات محرم عليءَ جو ٽولو، جنهن ۾ ڄڻا ئي چار هُوا. محرم علي، بِدن، رمضان ۽ هڪ ٻٽ ٻڌل ڇوڪرات، شڪار تي نِڪتا. هو پنهنجي وٿاڻ ڪان اجا ٿوروئي اڳتي وڌيا ته ٻُٽ ٻڌل ڇوڪرات چيو "استاد!"

محرم عليءَ ڇوڪرات ڏي ڏٺو، ڇوڪرات ڳالهايو،

"استاد اڄ ٻي پاسي ڪاڏي به ڪونه هلبو، اڄ لتاڙبو صرف زور آور پاڳيي جي لوڙهي ڪي اڄ ڪاٽ هڻبو ته صرف زور آور پاڳيي جي گهر. پل ڪن لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي.

ٿوري دير لاءِ بِدن ۽ محرم عليءَ جون نظرون مليون ها.......ننهن جي ٻولي ڳالهائي وئي.

ڪجهه گهڙين ڪان پوءِ سيني جو رخ ۽ قدم، زور آور پاڳيي جي ڳوٺ ڏانهن هئا.

ٻُٽ ٻڌل ڇوڪرات پنهنجي ٿنهي ساٿين کي ٻاهر ٻيهاريو.

وٽس الاءِ ڪهڙو جادو هو، الاءِ ڪهڙو ڍنگ هو،

الاءِ ڪهڙي مٽيا هئي، جو ڇوڪري واقعي زورآور پاڳيي جو لوڙهو لاهي وڌو، هو ڏاندن جو جوڙو ٻڌي آيو.

جڏهن هو پاڳين جي پاڻ ڪان گهٽو اڳتي نڪري آيا ته ٿوري دير ساهه پٽڻ لاءِ ٻيٺا.

اتيئي هنن کي احساس ٿيو ته، هنن اڄ ڪيڏو وڏو هٿ هنيو هو. ڪيڏي ڪيپ ڪٽي هئي. هنن وڏن وڏن نالن کي مات ڏني هئي.

هنن اهڙي چوري ڪئي هئي جنهن جي هاڪ جو پڙاڏو هنڌين ماڳين ٻڌبو.
الاءِ ڪيترن جون دليون ساڙ ۾ سڙنديون الاءِ ڪيترن جون دليون ٽٽنديون،
الاءِ ڪيترا شرط هارائيندا.
اِهيو سڀ جو ڪم ڪيو ڪنهن هڪ سيڪڙات ڇوڪري. محرم عليءَ پيار مان ٻٽ ٻڌل ڇوڪرات ڏانهن ڏٺو ۽ دل جي خوشي ۽ جوش مان سندس زبان تي نعرو نروار ٿيو، ”ڪيو قادري قلندري مست، ياعلي، ڪر پلي.“
نعري ڪانپوءِ محرم عليءَ بِدن کي چيو، ”بدن ڏس ڏس، چٽائي ڏس، سجاڻين تو هن کي.“ هن ٻٽ ٻڌل ڇوڪرات ڏانهن اشارو ڪندو چيو. ”اهوئي اٺئي جنهن تي ڪجھ مهينا اڳ تون کِليو هئين ۽ چيو هيئي ته، هاڻي اسان به چوريون ڪيونسين. اڄ ڪر خبر، ان ئي تنهنجي نظر ۾ ٻاڙي نوجوان اهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو جو تنهنجو سِر بلند ٿي ويندو ۽ ٻين جا وات ڪِٽلي ٿي ويندا.“
محرم عليءَ جي لهجي ۾ فخر هو، غرور هو، ڪامياب استاد جي جھلڪ هئي.
بِدن ڇوڪرات ڏي غور سان ڏٺو.
ڇوڪرات ٻُٽ لاٿي.
بدن وڌي وڃي ڪرمونءَ جي نرڙ کي چمي ڏني.
ڪرمونءَ ٻهريان جهڪي محرم عليءَ کي پيرين پيو ۽ پوءِ بدن کي ٻنهي ڪان ٻانهون ٻڌي دعا جي طلب ڪيائين.
بدن ۽ محرم علي سندس پٺي ٺپري.

زورآور ياڳيي جي چوريءَ کان پوءِ، ڪرمونءَ جو نالو هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويو هو. نون تہ نون ڪيترن ئي پراڻن چورن بہ ڪانئس سڳا ٻڌايا.

اچانڪ هڪ اڻ ٿيڻي ٿي وئي.

محرم علي گم ٿي ويو.

سندس يارن، دوستن، مائٽن وڏي ڳولا ڪئي پر مڙس مليو نہ.

ڪرمونءَ جي اکين مان ڳوڙها ٻينا نہ ٿي ڇئي منهنجي استاد سان الاءِ ڪهڙو قِيس ٿيو، الاءِ ڪاڏي ويو.

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ منجهيل سٽ سلجهي ويو.

ڳجهارت پڇي پئي.

معاملو حل ٿي ويو.

محرم عليءَ جو لاش سارين جي ٻار مان مليو. ڪيس ٻارنهن کهاڙيون لڳل هيون.

جڏهن ڳالھ جي ڳنڍ کلي تہ پتو پيو تہ، سڀ کان گهڻا ڳوڙها ڳاڙيندڙ، وارثن کان وڌيڪ هنيانوَ ڦاڙ رڙيون ڪندڙ ڪرمونءَ پنهنجي مائٽ ۽ استاد محرم عليءَ کي بي درديءَ سان قتل ڪري، سندس لاش ٻارِ ۾ لڪايو هو.

گهڻن چيو، محرم عليءَ، ڪرمونءَ سان زيادتي ڪئي هئي، ان جي بدلي ۾ ڪرمونءَ کيس بيدرديءَ سان کهي ڇڏيو هوس.

گهڻن وري چيو تہ، ڪرمون، محرم عليءَ کان سندس وڏور ڏيءُ جو سڱ گهريو هو، محرم عليءَ انڪار ڪيو هو. ان ڪري ئي ڪرمونءَ کيس ماري ڇڏيو.

ڳالھ ڇا بہ هئي، پر ان واقعي ڪانپوءِ ڪرمونءَ جي چوراڻي هاڪ سان گڏ سندس سفاڪيت جا قصا بہ مشهور ٿي ويا. ان

ڪانپوءِ ڪرمونءَ الاءِ ڪيترا قتل ڪيا هئا ۽ الاءِ ڪيترا گهر اجاڙيا هئا، الاءِ ڪيترا دفعا جيل ويو هو.
عجب ستم ظريفي اها هئي ته، جڏهن هو مئو ته ڪبڙ جو گهر اجاڙيون ويو.
ويچارو ڪبڙا، بيوس، لاچار.
پريو تريو گهراڪ چنيءَ ۾ اجڙي ويو هوس.
ٽي پُٽ جيل ۾، الهه تلهه چٽ ٿي ويو.
موچڪي ڪم جي ڪمائي ايتري مس ٿي جو پيٽ مشڪل سان ٿي پريو.
ٻه جوان ڌيئرون، زال، اڪيلو گهر ڪبڙ جي ته زندگي زهر ٿي وئي هئي.
پٽن جو آڳو پيچو ڪري ته ڪير؟ ڪري ان جنجل مان جان ڇڏائي ته ڪير؟ ان آئي آفت کي ٽاري ته ڪير ٽاري؟
هميشه جيان، اوندهه ۾ روشنيءَ جي لاٽ اُڀري.
خيروءَ جن جي مامي ولي محمد پٽڪو مٿي تي ٻڌو ۽ ميدان ۾ لٿو..!
عجيب هو ولي محمد به! سڳو نه هوندي به اها ڪهڙي ڏک جي گهڙي هئي، اها ڪهڙي مشڪل مهل هئي، جنهن ۾ ولي محمد ڪبڙ جي ڪم نه آيو هو، قاپل، ڪبڙ جي زال سان پائريءَ جو ناتو نه نيايو هئائين؟
ڪبڙ جي اها ڪهڙي خوشي هئي، جنهن ۾ ولي محمد چار چنڊ نه لڳايا هئا بلڪ ائين چوڻ ۾ ڪو وڏائُ ڪونه هوته ڪبڙ کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ وارو ۽ مچي مانيءَ تائين پهچائڻ وارو به ته ولي محمد هئو.

هڪ زمانو گذري ويو هو جو ولي محمد قاپل سان رشتو جوڙيو هئو“ هُن جي شادي اجان مس ٿي هئي تہ ولي محمد قاپل کي پيڻ ڪري سڏيو هو.
۽ قاپل، قاپل بہ تہ ڪمال جي عورت هئي. سهڻي، سيبتي، سلڇڻي، سگهڙ، هر غريب عورت جيان سونهن قاپل جي بہ دشمن ٿي پئي هئي. هن جي انگ انگ مان جو ڀن جي جوت جرڪي ٿي جتي هن جا پير پيا ٿي، اتي حسن پنهنجي هاڪ ڇڏي ٿي.
حُسن مٿان وري ڀرپور جواني، الاءِ ڪيترين ئي دلين کي درد وڪوڙي ويو، ڇڳن ڀلن، ڏاڍن مڙسن سوچيو، قاپل غريب مسڪين موچياڻي اڪ جي ماڪي، مٿان وري ٿي اٿس هڪڙي ڦهرن جي ڪوجهي سان شادي، اجهوتا لاهيونس لاهوت ۾.
پر هاءِ ڙي رب تنهنجا ڪم! محلن ماڙين واريون دل هٿ ۾ ڪنيون وتن، ڇڳن ڀلن ڏسڻن وائسڻن جون اڊنگن ۽ بيڊنگن سان وتن اکيون ملائينديون. الاءِ ڪيتريون حويليءَ مالڪياڻيون اندر ئي اندر ڀجي ڀري ڀون ۽ پوءِ ويچارو ماڻڪ، قلم کڻي ۽ لکي ”حويليءَ جا راز“.
اتي قاپل، غريب مسڪين محرم موچيءَ جي ڌيءُ ۽ غريب ڪبڙ موچيءَ جي زال، ڪيس الاءِ ڪيترا اشارا ٿيا، ميشون مليون، اکيون لڳيون، رستن تي ٽڏا ساه کنيا ويا، سڄي سنڌ جي مُلنِ کان دعائون تعويزُ ڪرايا ويا تہ قاپل جو ڪنڌ ڪيرائجي. ان هيريءَ کي ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪجي ۽ پوءِ پنهنجي ڪاميابيءَ جو جشن ملهائجي.
پر مسڪين قاپل جي سوچ امير هئي، هن جي عزت آسمان کان بہ اوچي هئي، سڀ ڪجھ ڏسندي، ٻڌندي ۽ سمجهندي بہ جڻ تہ

انڌي هئي، ٻوڙي هئي، گونگي هئي. اشارا، ميشون ٽڏا ساھ نہ ڏنائين نہ ٻڌائين ۽ نہ سمجهيائين.
ڦاپل جي شرافت سيني عاشقن کي رذالت لاءِ اجان بہ وڌيڪ اڀاريو ٿي. سندن دل ۾ اجان بہ وڌيڪ تڙپ پيدا ٿي ڪئي. ڏسندي ڏسندي ڦاپل جو حسن ۽ بي پرواهي تر جي اوطاقن جو وڏو موضوع بڻجي ويو.
انهن ڏينهن ۾ ولي محمد جي بہ رات هئي. پنجاھ سٺ جريب زمين، ياري دوستي.
تر ۾ هو سڀ کان مشهور چورن جي نانڙي ۽ ترجو وڏو پاٿاريدار، ولي محمد هئو بہ ناهو ڪڙو، قد جو ڊگهو، سنهو، سنها شهپر هلڪي چاپئين ڏاڙهي سچي ڳالھ اهيا تہ الاءِ ڪيتريون هن تي مرنديون هيون ۽ الاءِ ڪيترا مير هن ماريا هئا.
ڦاپل جي ڳالھ ڦري گهري اچي ولي محمد جي اوطاق تي بہ نڪاءُ ڪيو هو. هر چور ڦاپل سان ياري رکڻ جو خواهشمند هو. ولي محمد خود ڦاپل کي ڏٺو هو. پلا ڏسي بہ ڪينئن نہ ها، سندس تر جي تہ هئي.
ولي محمد کان ڪا ڳالھ ڳجهي تہ ڪانہ هئي.
سياري جي سرد رات هئي. ولي محمد جي اوطاق تي وڏو ڇهڇٽو وڏي ڇهل پهل هئي. پر پري کان شڪاري اچي ڪنا ٿيا هئا.

سڀ باھ جي مچ جي چوڦير وينا هئا. ٿوري دير پهريان ولي محمد بہ چيلا ڪُنا هئا، سيني يارن جوڙيوالن جي خاطر مدارت لاءِ. ڪچهريءَ ۾ ڳالهين جي ابتدا تہ جُوءِ جي واءُ سواءُ سان ٿي تہ ڪتي ڪتي مال ڪنو ٿيو هو. ڪنهن وٽ پلي

مينهن، پلو ڏاند هو. ڪنهن جي گهر ۾ ڪيترو سون هو ڪهڙي ڳوٺ جو ڪهڙو لوڙهو لتاڙڻ ڏکيو هو ۽ ڪهڙي ڳوٺ جا مرد رات جو جڻ تہ مري ويندا آهن. هو پنهنجو رنون صبح جو اٿي ڳڻيندا آهن تہ پوريون آهن يا ڪنهن ڏنو نڪاءُ. پر سيني جي ڳالھ ڦري ڦِري اچي ڦاپل جي حُسن ۽ ارڏائپ تي تي ختم ٿي. لڳو ائين ٿي تہ ڦاپل جڻ تہ سيني شڪارين جون ڪهاڙيون ۽ بندوقون ڦُري پنهنجي پيرن ۾ ڦٽيون ڪيون هيون.

عجيب ڳالھ اِهيا هئي تہ سيني پنهنجي پنهنجي ڳالھ ڪئي ٿي ۽ اچي ڦاپل تي ختم ڪئي ٿي. ختم ڪرڻ ڪان پوءِ ٿڏو ساھ ڪنيون ٿي، پرولي محمد سين جون ڳالهيون خاموشيءَ سان ويني ٻڌيون، هن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو.

اڌ رات جو جڏهن باھ جو مچ ٿڌو ٿيڻ لڳو، رات جي مسافرن جي اکين ۾ وحشت بجاءِ اداسي جهلڪڻ لڳي، ان گهڙيءَ ولي محمد ڳالهايو، ”ڪمال جي ڳالھ آهي، وڏي ڪمال جي ڳالھ آهي. هڪ ڪمذات ڪني رن، سيني کي ونگ وجهي ڇڏيا آهن. سيني جون بندوقون بيڪار ۽ ڪهاڙيون مڏيون ٿي ويون آهن ان ڪان بہ وڏيڪ ڪمال جي ڳالھ اِهيا آهي تہ، اج ڏينهن تائين هيڏا ارڏا، اڙٻنگ نامر ڪنيا، رن کي ريجهائي نہ سگهيا آهن. حيف آهي توهان جي مڙسيءَ تي، لعنت آهي توهانجي مردانگيءَ تي.“

سرد رات جي خاموشيءَ اجان بہ وڏيڪ گهري ٿي وئي. ولي محمد جا لفظ سيني لاءِ پالو ٻڻجي ويا. سندن چپ خشڪ ٿي ويا، زبانون گونگيون.

هڪ جڻي پنهنجي زبان چپن تي ڦيري چپن کي آلو ڪيو. پوءِ هڪ ڳيت ڏئي نڙيءَ کي بہ آلو ڪيائين ۽ پوءِ ڳالهايائين، ”ولي

محمد ڳالهه ته تنهنجي صحيح آ. پر تو ته باهه ۾ هٿ وڌو ئي ناهي نه، ان ڪري توکي سڙڻ جي خبر به ڪانه ٿي پوي. رن ڪنهن ڏي مجال جو اک کڻي نهاري. جي اهڙي ڳالهه ته تون به الا توهر ڪري. ڏس گهڙي پئه تون به گهير ۾، تر تون به درياهه ۾ ته پاڻهئي پتو پئجي ويندءِ.“

ڀالي جي موٽ ٿي، واپس اچي ولي محمد جي سيني ۾ نڪاءُ ڪيائين. ولي محمد پنهنجي مڙسيءَ کي للڪار چڱيءَ ريت محسوس ڪئي.

ان رات محفل ۾ هڪ شرط لڳي.

طئه اِهيو ٿيو ته، واري واري سان هڪ هڪ مهينو سيڪو ٻيهر ڦاپل کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪندو. جنهن جو وارو پورو ٿيندو، هو ٻيهر ڪوشش نه ڪندو، جيڪڏهن ڪنهن سان پنهنجي واري اندر ڦاپل نهي وئي ته ٻيا سڀ وري ڦاپل ڏي اک کڻي نه ڏسندا.

ولي محمد سڀ کان آخر ۾ ڪوشش ڪندو. جيڪڏهن هو به ڦاپل کي ڦاسائڻ ۾ ناڪام ويو ته ولي محمد پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙائيندو ۽ ڦاپل کي قتل ڪري درياءَ ۾ لوڙهيو ويندو.

غريب ۽ غيرتمند عورت جي زندگي، ديوان جي دڪان جي سودي کان به وڌيڪ سستي.

هن جهڪڻ کان انڪار ڪيو. وحشين جي وحشت بي لغام ٿيڻ لڳي.

ڦاپل! ارڏي ڦاپل! غيرتمند ڦاپل جي لاءِ فيصلو ٿي ويو ته، هوءَ جيڪڏهن ڪنهن جي مچ جو مٿاهون وار نه ٿي ته ماري ويندي. درياءَ ۾ لوڙهي ويندي. پنهنجي ڪنهن مٽ مائٽ، مڙس، پيءُ ياءُ يا پٽ هٿان نه، پر انهن جي هٿان جن جو هن سان صرف

ايترو واسطو هو تہ هُنن جي ڪڌي ڪرت ۽ ڪرتوتن جي اڳيان لوئي نہ ٿي لڄائڻ چاهي.
ڦاپل، جنهن لاءِ مرشد فرمايو:

”ستي سيل مَ ٿوڙ، لوئي هڏ مَ لاهہ،
ڪامڻ تنهنجي ڪرجي، اِهيا وڏائي آهي“.

مرشد جي ڪامڻ ڦاپل،
غيرتمند ارڏي، اڙٻنگ ڦاپل جي ڪنڌ ڪپڻ جو فيصلو ٿي ويو.
سچ چيو اٿن:
غيرتمندن، ارڏن، اڙٻنگن جو مقدر مقتل گاهہ ئي هوندو آهي.
شڪاري ان ڏينهن شڪار تي نڪتا، بس سيني هڪ ٻئي سان واعدو ڪيو. ڦاپل ڪي جهڪائڻ جو يا ڪهڻ جو، ڦاپل پنهنجي گهر ۾ آرامي. پري ڪنهن پاٽاريدار جي اوطاق تي تيل ڪٽ ۽ ان جي فيصلي کان بي خبر، سڄي ڏينهن جي هڻ وٺ کانپوءِ ٿڪيل، ننڊ ۾ الوٽ.
قادر جي قدرت پنهنجي فطر تي اصولن تحت روان دوان. عجب جي ڳالهہ اِهيا خبر نہ ٿي پئي تہ، قادر جي قدرت ۾ ظالم شڪارين لاءِ پيار هو، يا غيرتمند ڦاپل لاءِ بي رحمي.
وقت اڳتي وڌيو.
هرڪو فيصلي مطابق پنهنجي قسمت آزمائڻ لڳو.
تر جون نامي گرامي ڏوتيون، جن جي لاءِ مشهور هو تہ، اڏرندڙ پکيءَ جا پر ڳڻي وجن. تتر هيٺان آنا ڪڍي وجن. ڪانءَ ڪي غليليءَ سان ڪيرائي وجهن. آسمان ۾ اڏامندڙ باز جي چهنب مان چوزو ڇڏائي وجن. تن ڪي ڦاپل جي ڪڍ لڳايو ويو. ميلن ملاڪڙن جو مساڳ ۽ منايون هار سينگار، چوڙيون، زيور، ڪپڙا لٽا، سپ داءَ پيچ آزمايا ويا. پر اڳيان بہ ڦاپل هئي. ٺنهن

ڪي نوَ ڪوٺ مجال آجو ڪنهن شيءِ ڏي اک کڻي ڏسي. ڏوتين سان اهڙيون تہ لفظي تعديون ڪيائين جو هرڪا بانءِ ڪري توبنهن ڪري، زاري ڪري وني پڳي.
ان رات ولي محمد جي اوطاق تي ڳڌ ٿيل حرفتين مان هڪ هڪ ڪري سيني پنهنجا هنر هلايا، پر نيٺ ٿڪجي پيا نيٺ ولي محمد جي اڳيان آڻ مڃيائون ۽ چيائون تہ هاڻي وارو ولي محمد جو هو. ائين چوڻ سان گڏ ڪيس اِهيو بہ ياد ڏياريائونس تہ ناڪاميءَ جي صورت ۾ ڪيس ڇا ڪرڻو هو.
ولي محمد ميدان ۾ نڪتو.
هن ڏبي پنهنجي ڪلهي تي ڪنئي.
جيڪو بہ چوڳو هيو، پٽ تي پٽاريائين.
هر اهو بندوبست ڪيائين، جنهن ۾ پڪيءَ جا سڀ رستا بند ڪيا ويا. جنهن بہ رستي ڪان هو اُڏار ڪري، ڏو اچي ڪرڻو ولي محمد جي وچايل ڏبيءَ ۾ هو.
چوندا آهن تہ پٿر جي مٿان پاڻيءَ جو ٽيپو ٽيپو پيو ڪري تہ نيٺ پٿر ۾ بہ سوراخ ٿي ويندو.
وڪ وڪ تي جي پٿر وڇايا پيا هجن، تہ انسان نيٺ تہ ٿابو ڪائيندو.
شڪاري ڪتا، ريگستان ۾ ڪنهن هرڻيءَ جي ڪڍ لڳن تہ ويچاري هرڻي ڪيستائين بچندي، پاڻ بچائيندي نيٺ تہ ڪِرندي.
سو قاپل سان بہ ائين ئي ٿيو.
پکيئڙي جا پر ڇڻڻ لڳا.
هن ٿابو ڪاڌو.
پٿر ۾ سوراخ ٿيو.

هيسيل هراسيل هرڻي ڪر پئي.
ولي محمد جي منهن تي مرڪ اچي وئي. پھرين ملاقات ڳوٺ جي پرسان وونئڻن جي وٽ ۾ رٿي وئي.
شام جو پهر هو.
ولي محمد کھاڙيءَ کي روھيءَ تي رهڙ ڏئي ٽپيو.
پيلا ڪپڙا پاتائين.
اکين ۾ سرمون پاتائين.
هالا جو به پُڙيو اجرڪ ڪلهي تي رکيائين.
گهران نڪرڻ کان اڳ، هن هڪ دفعو آئيني جي اڳيان پنهنجي مُڇن کي فاتحانہ انداز ۾ مھٽيو، ڏاڙھيءَ تي هٿ ڦيريائين.
هڪ جي جڳھ تي به وکون کڻندي وقت کان اڳي اچي مقرر جڳھ تي وينو.
بيچيني هن کي سڪون سان ويهڻ نہ ٿي ڏنو.
باربار، اکيون کڻي اوڏانهن ٿي ڏنائين جتان ڦاپل اچڻي هئي.
گهڙي گهڙي سندس ذهن ۾ خيال ٿي آيو تہ، جي نہ آئي تہ پوءِ...
جي نہ آئي تہ پوءِ، جي آئي تہ پوءِ.... سندس دماغ ۾ پڙاڏو بڻجي گونجڻ لڳو.
”جي نہ آئي تہ پوءِ،“ کان اڳتي ڪجھ سوچڻ کان پھريان هن کھاڙيءَ جي ڳن ۾ هٿ وڌو.
هائو بيلي، ٿوري دير کان پوءِ ڏنائين تہ ڦاپل آئي ٿي.
هو ڏاڍو ۽ مڙس ماڻهو هو، پاتاريدار هو پوءِ بہ سندس دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي.
جيئن ئي ڦاپل ويجهي پھتي. هو اٿي بيٺو بي اختيار سندس زبان مان نڪري ويو، ”بسم الله، جيتري بہ تنھنجي تعريف ڪجي ڦاپل سا گهٽ آ“، ڦاپل ڪو جواب ڪونہ ڏنو، جڻ تہ هوءَ

گونگي هئي. هن اجرڪ زمين تي وڇايو. ڦاپل کي ويهاريائين کهاڙيءَ کي اجان ٻه ويجهو ڪري رکيائين.
”ڦاپل!“ هن وري ڳالهايو، ”ڏاڍي پڪي آهين ڦاپل! ڪيڏا ڪشالا ڪرايا اٿئي، ڪيڏو تڙپايو اٿئي. تنهنجي ڪري الاءِ ڪيترن دوستن جون پڳون اچي پيرن ۾ ڪريون آهن. شڪر آ جو منهنجو قدر ڪيئي، مون سان مليئن جي مون سان نہ ملين ها تہ.............“
هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
ڦاپل ساڳي بي زبان، گونگي سندس زبان مان هڪ لفظ بہ نہ ٿي نڪتو.
”ڦاپل“ هو وڏي ڦاپل جي ويجهو ٿيو. هڪ هٿ ڦاپل جي پٺيءَ تي رکيائين، ٻئي هٿ سان، ڦاپل جي منهن کي پنهنجي ويجهو ڪيائين. ”ڦاپل ڳالهايائين چو نہ ٿي. ڊڄين ٿي ڇري ڊڄ نہ تون مون کي نہ ٿي سڃاڻين تہ ڪير آهيان. ڪير نالو وننڊو هاڻي تنهنجو ٻيرا ٻيرا نہ ڪري ڇڏيانس.“
”ولي محمد.“ ائين لڳو ڄڻ تہ معجزو ٿيو، ڦاپل جي زبان ڪلڻ لڳي. ”ولي محمد، مون کي پيشاب لڳو آ.“
ولي محمد حيرت مان ڦاپل ڏانهن ڏٺو. پهرين ملاقات جو پهريون حصو هو ۽ ڦاپل ڳالهايو هو تہ ڇا ڳالهايو هو.
”نيڪ آهي پريان ويهي پيشاب ڪر.“
ڦاپل اٿي، اڳتي وڌڻ لڳي. ولي محمد وري ڳالهايو، ”ڦاپل اڳتي ڪاڏي اٿيئي ويهي رهہ نہ.“
”مون کي لڄ ٿي اچي، مان پريان ويهي ٿي اچان.“ ڦاپل وراڻيو.

”لڄ“ لفظ ٻڌي ولي محمد سوچيو، هو ڦاپل کي چوي. ”نڪتي آهين يار سان ملڻ، وري ڪرين ٿي لڄ“ پر الاءِ ڇو هو چپ رهيو.
ڦاپل وونڻن جي ٻي پاسي ڏانهن هلي وئي.
ڪافي دير گذري وئي. هوءَ واپس نه وري.
ولي محمد ٿوري دير انتظار ڪيو، پوءِ هو ڪاوڙ مان اٿيو.
هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. ڦاپل ڪٿي نظر نه آئي.
هو ڪاوڙ ۾ مست اٺ جيان ٻي قابو ٿيڻ لڳو.
وونڻن جي فصل مان نڪتو، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. پوءِ جيڪو ڏٺائين تنهن تي پهريان ڪيس ويساهه نه ٿي آيو. پر ڪيس جڏهن اعتبار اچي ويو تڏهن، تڏهن محسوس ڪيائين ته، سندس سارو دٻدٻو مليا ميٽ ٿي ويو هو. سندس مردانگيءَ کي هڪ عورت ٽڪ هٽي ڪڍي هئي. سندس ڏاهه کي نانگ ڏنگي وڌو هو، سندس غيرت کي هڪ عورت پنهنجي پيرن جي مٽيءَ برابر به نه سمجهيو هو.
هن ڏٺو، ڦاپل ايتريون تڪيون وڪون ڪٽندي ڳوٺ ڏانهن واپس پئي وئي، ڄڻ ته سندس ڪڍ ڪو چتو ڪتو لڳو هو. هڪ لمحي لاءِ هن کي خيال آيو، هو ڊوڙي وڃي ڦاپل جو اڳ جهلي اتيئي ڪيس ڳيا ڳيا ڪري ڇڏي، پر دير ايتري ٿي چڪي هئي جو ڦاپل پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو پهچي وئي هئي.
هو به پنهنجي وٿاڻ ڏانهن وريو.
هن جا قدم ڪنهن گرپ وتي عورت جيان ڪجڻ لڳا.
سندس منهن هيڊو ٿي ويو هو. ان مهل ڪيس ڪير ڏسي ها ته، يقينن سمجهي ها ته، ڪنهن ڪيس وَڏُ ڏنو آهي ۽ سندس سڄو رت وهي ويو آهي.

هڪ عورت سندس وڏيرپ کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيو هو.
سندس پاٽاريداريءَ جي ڀرم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو.
هن کي شرط ياد آئي.
هن پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريو.
سندس اندر مان آواز آيو، هو تہ جو وڏيرو، مشهور پاٽاريدار وڏيرو ولي محمد نہ، پر دردر تي تاڙيون وڄائي، نچي خيرات وٺندڙ نامرد، ڪدڙو هو.

هو جيئن تيئن ڪر گهر پهتو. هيڏي ذليل شڪست ڪانپوءِ ڪيس ماني ڇا ڪاٽي هئي. هو ڪمرو بند ڪري کٽ تي ڪري پيو. سڄي رات سوچيندو رهيو، لڇندو رهيو، تڙپندو رهيو.
هن جو ستن راڄن ۾ نالو هلندو هو. هو راڄن جو راڻو هو. پر اڄ تہ هن کي پنهنجي حيثيت جي تعين لاءِ ڪو نالو بہ نہ ٿي سُجهيو. سندس عذاب ۾ ان وقت اجان بہ وڌيڪ واڌارو ٿي ويو، جڏهن هن سوچيو ٿي تہ هڪ غريب موچياڻي سندس اڳيان آڻ نہ مڃي هئي.
صبح جو ڪمري مان نڪتو.
هو فيصلو ڪري چڪو هو تہ، پنهنجي ذلت جو بدلو وٺندو. ان موچياڻيءَ کي ڳيا ڳيا ڪري، سندس لاش کي ڪفن نصيب ٿيڻ نہ ڏيندو. هو ان جي لاش کي ڪتن کان کارائيندو.
پر ان فيصلي تي عمل ڪرڻ کان اڳ ۾، ڦاپل کان پڇندو تہ هن ڪيس ائين ڇو ذليل ڪيو هو.
هن هڪ ڏوتيءَ کي نياپو ڏنو تہ ”وڃ ان موچياڻيءَ کي چئہ تہ، هوءَ جيڪڏهن اهڙي غيرتمند هئي تہ مون سان ها ڇو ڪيائين، مون وٽ هلي ڇو آئي؟. هاڻي ڪيس وڄي چوينس تہ ماريندو

سانس هونءَ به، پر هڪ دفعو اچي مون کي ٻڌائي ته مون سان ائين ڇو ڪيائين. مون وٽ ايندي ۽ ڳالھ ٻڌائيندي ته ڪجھ ڏينهن لاءِ زندگيءَ جي امان ڏيندو سانس. ان امان جو ضامن آهي وسيلو پاڪ. پر جي رضا خوشيءَ سان نه ايندي ته اغوا ڪندو سانس. پوءِ جيڪا حالت ڪندو سانس اها پاڻ سمجهي ٿي.“

ڏوتيءَ به ٽي ڏينهن وٽ ونان ڪئي. نيٺ ڦاپل ولي محمد سان ملڻ لاءِ راضي ٿي وئي. ملاقات جي مهل ۽ هنڌ اتي ئي طئہ ٿيو، جتي پهرين ملاقات ٿي هئي.

اڄ جڏهن مليا ته، ولي محمد ڦاپل جي ويهڻ لاءِ زمين تي اجرڪ نه وڇايو. هن جي رويي مان ڳالھ پڌري هئي ته هو، ڦاپل کي ڪچو ڪائڻ ٿو چاهي.

ڦاپل ٻَني تي بيٺل ڳاھ جي مٿان ويهي رهي. هو به ويهي رهيو. کهاڙيءَ کي ڦاپل ۽ پنهنجي وچ تي رکيائين، ڄڻ ته وسيلي جي امان جو اظهار ڪندو هجي.

هن پنهنجي پوري نفرت، حقارت، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ مختصر جملي ۾ اوتيو، ”ٻڌاءِ ڪميٽي ڪُتي ٻڌاءِ، تو مون سان اهڙي تعدي ڇو ڪئي؟“

ڦاپل جون نظرون ٻني ۾ ڪتل هيون. ائين پئي لڳو ڄڻ ته هوءَ پنهنجي نظرن سان زمين جو سينو چيري ڇڏيندي. لڳو ائين ڄڻ ته هن ولي محمد جي لفظن جي زهر کي ٻڏو اڻ ٻڏو ڪري ڇڏيو هجي ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيائين،

”ولي محمد!“ اکين جي بندن کي ٻڇڻ جو ڄڻ ته لفظن جو انتظار هو. ”ولي محمد زال ذات آهيان. غريب آهيان. عيبدار آهيان. گناهگار آهيان، جڳ وس ڪيا، مون سان ياري رکڻ لاءِ.

پر مون نہ ڪنهن ڏي اک ڪڻي بہ ڪو نہ ڏنو. پر تون جڏهن منهنجي پنيان پئين تہ گهڻي ننهن ننهن ڪندي الائي ڇو منهنجو ڪنڌ نِوي پيو، تو وٽ هلي آيس،“

هن روئيندڙ اکين کي اگهڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي. محسوس ائين ٿيو ڄڻ تہ سڏڪو سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو آهي.

ڳالهہ کي جاري رکندي چوڻ لڳي، ”ان ڏينهن جڏهن حياءُ لج ۽ شرم جا سڀ ليڪا لتاڙي تو وٽ آئي هئس تہ سوچيو هئم تہ سڀ ڪجهہ تنهنجي مِلڪ ڪري ڇڏيندس. پر جڏهن تون منهنجي ويجهو آئي هئين، ان مهل منهنجي غريب، مسڪين موچي ابي جي اڇي ڏاڙهيءَ اکين اڳيان اچي وئي هيم. لڳم تہ هو مون کي چوندو هجي،! امڙ غريبيءَ جو مطبل اهيو تہ نہ آهي تہ تون وٽ عزت لٽائيندي. منهنجي اڇي ڏاڙهيءَ جو تہ خيال ڪر. جڏهن ابي جي اڇي ڏاڙهيءَ تي نظر پيم، سهي نہ سگهيس دل چيو زمين ڦاٽي پوي تہ اندر هلي وڃان بس توکان مِنهُن ڪري ڀڄي ويم.

ڊيل سڏڪا اوچنگارن ۾ بدلجي ويا.

آسمان مان اڏامندڙ ڳيرو اچي وڻ تي وينو.

صبح ڏرتيءَ کي آخري سلام ڪيو.

پٽ تي تنبوري جي تنوار تي ٻَرُ ٻَرُ ٿي:

”جيهاڪِي تيها، مون مارو مجيا.“

ڦاپل پنهنجي اوچنگارن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”ابي جي اڇي ڏاڙهيءَ کي لڄائي نہ ٿي سگهان، جيئن تون چوين ٿو، مان ائين نہ ٿي ڪري سگهان. هاڻي آ تنهنجي مرضي، مارين يا جيئدان ڏين.“

آسمان ۾ پهريون تارو ظاهر ٿيو.
جهرڪي پنهنجي ٻچڙن کي پنهنجي ڪوڙي هيٺ آندو.
ڪڏ ۾ سنهڙي مڇي پاڻيءَ واتڙيي جي جهپڙ مان خوشقسمتيءَ سان نڪري وئي.
ماءُ پنهنجي ابهم ٻار کي سيني سان لائي امن ۽ سلامتيءَ جي دعا ڪئي.
ولي محمد، ڪادير روئندڙ ڦاپل کي ڏسندو رهيو.
هو ٻہ واٽي تي اچي بيٺو. ڇا ڪري ڦاپل کي کُهي پلاند پاڙي ليڪو سڌو ڪري، يا هن جي اڻ ٽٽ غيرت کي سلام ڪري داد ڏئي؟؟
اچانڪ ولي محمد جون اکيون ٻہ ڇم ڇم ڪرڻ لڳيون.
هڪ انسان بدليو، زندگيءَ جو انداز بدليو. هو اٿيو، ٿوري دير اڳ جنهن ڦاپل جي ويهڻ لاءِ هن اجرڪ نہ وڇايو هو، اهو اجرڪ پنهنجي ڪلهي تان لاهي ڦاپل جي مٿي تي وڌائين سندس ڳوڙها اگهيائين نرڙ چميائين ۽ چيائين، ”ڦاپل سچ چيو آ سالڪن، تہ غريب جي ميراث ان جي غيرت آهي. مون گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو آ، الاءِ ڪهڙا ڪهڙا مير ماريا اٿم پر تو جهڙي غيرتي ڪا نہ ڏٺم. بس ڦاپل ڪو نہ سڃاڻيو!! دنيا ۾ ڦاپل هڪڙي ئي آهي، ٻہ نہ ٿينديون. اڄ کان پوءِ تون منهنجي پيڻ آهين. اڄ کان پوءِ ڏسان تہ ڪهڙو ٿو مائيءَ جو لال تنهنجو اڳ وٺي، تو ڏي گندي نظر سان ڏسي.“
ولي محمد ڦاپل کي جيڪو چيو اهو ڪري ڏيکاريو. هن ڀاءُ جو رشتو برابر نڀايو، ڏک سک، خوشي غميءَ ۾ ولي محمد پائرن جيان ڦاپل جو پرجهلو ٿي بيٺو. ڦاپل بہ هن کي پائرن جيان

پائڻ لڳي. بلڪ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هو، ولي محمد جي گهر جي وڏي ٿي وئي.
پاءُ پيڻ جو اهيو قرب ڏسي گهڻن جون دليون جلڻ لڳيون. پر ولي محمد جنهن جو هر طرف دٻدٻو هو، ان ڪري ڪُجي ڪين ٿي سگهيا. هو پنهنجي شڪست ۽ ناڪاميءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ ڪبڙ جا ڪن پرڻ لڳا. جي، اڙي ميان سمجهہ، سمجهہ، ڪجهہ سوچ ڪر. توکي خبر ناهي تہ ولي محمد ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي. اِهيو پاءُ پيڻ جي ڳالهہ مڙئي ناٽڪ ٺئي ناٽڪ.“
ڪبڙ جي جواب، سيني مخالفن جا منهن بند ڪري ڇڏيا، چيائين، ”پائو ولي محمد جي منهنجي زال کي پيڻ سڏي ڪٿو ڪم ڪندو تہ پوءِ منهنجي دانهن بس الله کي آ.“
خير، زندگي روان دوان رهي. ولي محمد جا ڏس پتا، مشورا، صلاحون، جن تي هلي ڪبڙ ۽ ڪبڙ جي پٽن سک جو ساهہ ڪنيو هو، غريبيءَ جي آڙاهہ مان نڪتا هئا.
پر قسمت کي ڪجهہ ٻيو منظور هو. عين انهن ڏينهن ۾ جڏهن ڪبڙ جي گهر جو بخت بلنديءَ ڏي روان دوان هو تہ، ڪرمون سندن لوڙهي جي وٽ ۾ قتل ٿي ويو.
سڀ واهون بند ڏسي حسب معمول ڦاپل پڳي پنهنجي پاءُ ولي محمد، ڏانهن، ولي محمد جيتوڻيڪ هاڻي جهونو ٿي ويو هو پر مڙس ۾ حشمت ۽ ڏيا اهائي هئي. پيڻ ڦاپل سڏ ڪري ۽ ولي محمد نہ ورنائي اهيو ڪيئن ٿي ٿي سگهيو؟ هن معاملي ۾ ڪرمونءَ جي مائٽن سان ڳالهايائين، ڪين ڪرمونءَ جا ڪرتوت ياد ڏياريائين، ڪين ٻڌايائين تہ، چور مُئو تہ جڻ ڪتو مئو. ان کان ٻہ اڳتي، ڪين صاف لفظن ۾ ڌمڪي ڏنائين تہ هو ڪبڙ کي اڪيلو، غريب، لا وارث نہ سمجهن. جيڪڏهن ڪبڙ جي

گهر کي ڪجهه ٻه ٽيو تہ، ائين سمجهو جڻ تہ ولي محمد کي نقصان پهتو.
ڪرموءَ جا مالڪ ڪٽي ڪيڏا ٻه لچ ۽ لوفر هئا، پر هو ولي محمد جهڙا سرنديءَ پڄنديءَ وارا تہ نہ هئا نيٺ راجوٽي فيصلي تي راضي ٿيا خيروءَ جن کي ٻڌايو ويو تہ ٻہ لک ڏنڊ سان گڏ تڏو بخشرائيندا.
فيصلي ڪانپوءِ ڇٽيون چوريون پيري، جڏهن خيرو ۽ سندس پيئر ٻاهر نڪتا تہ دنيا بدلجي وئي هئي.
آشيانو اجڙي ويو هو.
خيروءَ جو وڏو ڀاءُ نظر محمد پنيان ٻہ ننڍڙيون ڏيئرون ۽ زال کي ڇڏي سعودي عرب هليو ويو. خيروءَ جي ٻئي ڀاءُ نبن، خيروءَ جن کان الڳ ٿي وڃي حيدرآباد جا وڻ وسايا.
رهيو خيرو. تہ خيرو ٻہ بدلجي ويو، هو ساڳيو نہ رهيو.
هن پنهنجي پيءُ ماءُ، ٻن ڀينرن، ٻن ننڍڙين ڀائٽين ۽ ڀاڄائيءَ کي ساڻ وٺي پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي ٻئي ڳوٺ ۾ اچي اَجهو اڏيو.
هن هارپ ڇڏي ڏني. مڪمل طرح سان راز ڪو ڪم ڪرڻ سان گڏ سگهڙائپ ٻہ ڪرڻ لڳو. هو خيروءَ مان خير بخش سڏجڻ لڳو. گهر جو چرخو اڳي جيان تہ نہ رهيو هو پر پوءِ ٻہ گذاري لائق هو. خيرو راز ڪو ڪم ڪندو هو. ڪٻڙ شهر ۾ موچڪو ڪم، عورتون گهر ۾ پرت رليءَ جو ڪم ڪرڻ لڳيون گاڏو هلي پيو.
جيل، خيرو عرف خير بخش جي زندگيءَ کي بدلائي ڇڏيو هو. هن جو ذهن جڻ تہ کلي پيو هو. گفتار جو ماهر تہ هو اڳئي هو، ويتر سندس سگهڙائپ جي گفتن سندس شهرت کي

چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. هو سيني سگهڙن جي محفلن جو ستارو ٿي اڀرڻ لڳو. سندس شهرت ڪيترن ئي ڳهاڳهه جهونن سگهڙن جون متيون منجهائي ڇڏيون. هڪ سگهڙ ته شعر ۾ ٻه چئي ڏنو:

جهيـــــڙن ۾ آهـــــي ناهـــــ پلـــــو،
گاهــــــ آهـــــي ســـــائو پلـــــو،
باڍهـــــ جـــــو آهـــــي مـــــائو پلـــــو،
خيـــــرو مـــــوچي ڪـــــائو پلـــــو.

ڏسندي ڏسندي هو ريڊيو ۽ ٽي وي جي پروگرامن ۾ نه رڳو شرڪت ڪرڻ لڳو، پر پنهنجي گفتن جو اثر به ڀرپور طريقي سان ناظرين تي ڇڏڻ لڳو هو.
ڪبڙ، جيڪو تڪليف جي طوفان مان گذريو هو، تنهن کي خيروءَ جي شهرت ۾ ڪم ڪار هڪ عجيب سڪون بخشڻ لڳو. غربت. خوشحالي وري غربت جي سفر ۾ خيروءَ جي شهرت ڄڻ ته سندس مٿان مرهم جو ڪم ٿي ڪيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ خيرو تازو تازو ٽي ويءَ تي پروگرام ڪري آيو هو. هڪ همراهه کي خيروءَ ۾ ڪم هو، هن ڪبڙ کان سندس اڏي تي اچي پڇا ڪئي، ”استاد ڪر خبر خيرو ڪٿي آهي.“
ڪبڙ همراهه ڏي ڪائيندڙ نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ غصي ۾ چيائينس، ”توهان ۾ ته ڪو ماڻهپو ئي ڪونهي، ڪا تميز ئي، ڪانهي. خيرو خيرو، اڙي ڇا جو خيرو، ڪهڙو خيرو؟ منهنجي پٽ جو نالو آهي خير بخش خيراڻي.“
پڇا ڪندڙ همراهه وائڙو ٿي ويو. پڇڻ ۾ ئي عافيت سمجهائين. رهي ڪبڙ جي ڳالهه، سا ملڪان ملڪ لطيفي طور مشهور ٿي

وئي. ان ڏينهن ئي خير بخش جو ٽيون جنم لفظ ”خيراڻ“ سان ٿيو هو.

هر ڏينهن جي پنيان رات هوندي آهي. هر خوشي کنهن نہ کنهن غم جو انت هوندي آهي. چوندا آهن تہ هر هڪ ٺهڪ ڏيندڙ چهرو، پنهنجا ڳوڙها پاڻ پيئڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سو، خيرو عرف خير بخش عرف خيراڻ جي ٺهڪن پنيان بہ درد جون جهوريندڙ ڪهاڻيون لکل هيون. غريبي، مختصر خوشحالي، جيل، وري غربت. سندس ڏک جا اهجاڻ هئا. پر جڏهن هو خيروءَ جو سفر پوري ڪري خير بخش خيراڻ ٿيو هو تڏهن سندس درد جي دنيا ۾ هڪ نئين درد خيما کوڙيا هئا.

خير بخش جيل مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ، پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان لڏو ڪڻي اچي جڏهن ٻي ڳوٺ ۾ وينو هو، تڏهن سندس عمر ٽيهن ڪان ٽپي چڪي هئي. پر سندس شادي نہ ٿي هئي. سندس سادي شڪل صورت سبب ڪو مٽ مائٽ ڪيس سڱ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. هڪ بہ دفعو ائين ٿيو تہ، سندس مائٽن ڪيس سڱ ڏيڻ لاءِ هام ڀري، ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. نڪاح جي تاريخ طئہ ٿي، ڍهل دمام وڳا، هار سينگار ٿيا. خير بخش ڄڃ وني نڪاح لاءِ اچي ٿيڻ وارن ساهرن جي ڳوٺ پهتو.

پر يا الله هي ڇا ٿي ويو.

سڀ ڪجهہ اُلٽو ٿي ويو.

سومهڻيءَ ڪان پوءِ جو وقت هو، خير بخش پنهنجي يارن دوستن، مٽن مائٽن جي وچم موڙ ٻڌيون وينو هو. مولانا صاحب نڪاح جي تياري ڪري رهيو هو، ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو بہ بي صبريءَ سان پتاشن جو انتظار ڪر رهيا هئا.

اچانڪ ڦرڪو ڦِريو.

ڪنوار جو چاچو اٿيو. رڙڪري پنهنجي ياءُ کي چيائين، ”اڙي ڪم نسل، ڪمذات ڪمينا اڙي تون پنهنجي نياڻيءَ لاءِ وڃي وچي وَرُ لڌو تہ ڪبڙ جو پٽ خيرو! گهوٽ جي شڪل ڏٺي اٿئي، اکيون ڏٺيون اٿس، هليو آهي اسان جي گهران لائون لهڻ. ڏسان تہ ڪهڙو مائيءَ جو لال تو نڪاح پڙهي ڪهڙي ماءُ جو پٽ تو دعا لاءِ هٿ کڻي.“
هڪ گهڙيءَ لاءِ موت جهڙي ماٺ ڇانئجي وئي.
گهڙي ڪن جي خاموشيءَ ڪان پوءِ، ماٺ جي چادر هيٺان چرپر ٿي. ڇاچين ڪنن ۾ سُس پس پئي ڪئي.
مولانا صاحب نڪاح نامو بند ڪري ڪڇ ۾ قابو ڪيو. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين تہ، جهيڙي جي صورت ۾ ڪهڙي پاسي ڪان سلامتيءَ سان نڪري سگهي ٿو.
خير بخش جي ڏرمان هڪڙو همراه اٿيو، رڙ ڪري چيائين، ”پائو! اسان توهان ڏي قرآن کڻي ڪونہ آيا هئاسين، نياڻيون ميڙ ڪونہ ڪيون هيونسين، پاڻپي برادريءَ جي ڳالھ آهي، توهان سُر ڏنو، اسان ڳالھ چوري سين. جڏهن ڳالھيون پڪيون ٿيون تڏهن ئي اسين نڪاح لاءِ آياسين. اسان کو جيتن جيان زمين مان امالڪ تہ نہ نڪتا آهيون جي توهان جي اهڙي حور هئي تہ نہ ڏيڻي ڪيو ها نہ، اسان کي. اسان زور تہ نہ ڪيو هو نہ. سيد سونهارا تہ توهان جي درتي ڪونہ وٺي آيا هئاسين.“
ڪنوار جي چاچي وڻ سان گهوڙو ٻڌڻ نہ ٿي ڏنو. مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو. غيرت جو سوال تہ خير بخش جي ڏر لاءِ بہ هو ڪين سڏائي بيعزتي ڪئي وئي هئي. وري بہ شابس هجي خير

بخش کي جنهن پنهنجي ماڻهن کي ٺاري ٺڏو ڪيو. سور دل ۾ پي ويو، ڇج واپس وٺي گهر موٽي آيو.
خير بخش جي منهن تان لٿل موڙن ۽ ڄڃ جي واپسيءَ جو درد صرف اهوئي محسوس ڪري سگهيو ٿي، جنهن ڪڏهين زندگيءَ ۾ ڪنهن لٿيل، اجڙيل قافلي کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هجي.
ٻيو دفعو بہ خير بخش کي ٻڌل موڙن سميت نڪاح مان واپس ڪيو ويو هو. هن دفعي وري ٽيڻ واري ڪنوار جي پاءُ گوهاندي ڪئي هئي.
جيئن جيئن وقت گذرندو ويو. تيئن تيئن خير بخش جي اڪيلائي گهري ٿيندي وئي. هن پنهنجي احساس محروميءَ جو شاعريءَ ۾ اظهار ڪيو:-
”توڏي ايندي اوسانڻ، ميل جو پٽر ٽي ويو آهيان.“
هڪبئي پٺيان سندس پيءُ ۽ ماءُ بہ هن دنيا مان موڪلايو.
صدمن مٿان صدما. هڪ ڏينهن هو ڪنهن جي پٽ ٺاهي رهيو هو ڏينهن جي شروعات حسب معمول پوڳن نڪائن سان ٿي. ڪچڙي منجهند جو ڪم بند ڪيو ويو. ماني لڳائي وئي. ڪم جي مالڪ حسب روايت مهمان نوازيءَ جو مظاهرو ڪندي رڙ ڪئي، ”پائو، مانيءَ کائڻ ۾ لڄ نہ ڪجو پيٽ پري کائجو، سياڻي مٿان ائين چئو تہ ڪم تي وياسين، ڪنجوس منها ٺٽي ماني بہ نہ کارائي.“
خير بخش منهن مٿي ڪرڻ بنا، گرانهن چٻاڙيندي چيو، ”پائو تون فڪر نہ ڪر، پاڻ کهڙو پنهنجي گهران ٽا کائون جو کائڻ ۾ خيال يا لڄ حياءُ ڪنداسين.“

ٿوري دير لاءِ ميزبان وائڙو ٿي ويو. هن کي سمجھ ۾ نہ آيو تہ، خير بخش چوي ڇا ٿو، پر جڏهن ڳالھ جي گهرائي سمجھ ۾ آيس تہ محفل ۾ ٽهڪن جو طوفان گونجيو.

ماني کائي ٿورو آرام ڪري سيئي وجي ڪم سان لڳا.

مزدورن ۾ ڪنهن گارو ٿي ڪيو، ڪنهن گارو ڪاهيو ٿي، ڪنهن تغاري ٿي کنئي، ڪنهن سرون ٿي پهچايون.

خير بخش رڙ ڪئي، ”اڙي، اِهيا ڪاري ڪلي ڪٽي ڏيو تہ گاري جي مٿان تھ ڏيان.“

هينان ڪنهن مزور جواب ڏنو، ”استاد ڪَلي تہ ڪاري ڪانهي“.

خير بخش جي طرفان نھ پھ جواب آيو، ”جي ڪَلي ڪاري ڪانهي تہ خير آ، مان پنهنجي منهن سان مھٽيندو سانس پاڻهي ڪاري ٿي ويندي.“

هڪ دفعو ٻيهر ٽهڪن جو طوفان اڀريو.

پر هاءِ ڙي قسمت، ان ٽهڪن جي طوفان ۾ مٿان اڇي هڪ مصيبت ڪڙڪي. الاءِ ڪيئن خير بخش جو پير ترڪي ويو، هن اڇي هيٺ زمين تي ڦهڪو ڪيو.

ٿر ٿلو مچي ويو. وٺ وٺان ٿي وئي. خير بخش کي گهر کڻي آيا. خير بخش کي ائين لڳو تہ سندس ٽنگ ٽڪر ٽڪر ٿي وئي هجي. ڪنهن کي گهرايائون. پٽو پيو تہ، پير جو مُرو ٽڙي ويو هو ۽ گوڏي جي ڍڪڻي نڪري وئي هئي.

خير بخش ڪيترائي مهينا بستري پيڙو رهيو. جڏهن هو اٿيو تہ، سندس ڄنگھ ۾ ساڳيو دم نہ رهيو هو. سنت ئي ڪيس احساس ٿيو تہ هاڻي هو رازکي ڪم جي لائق نہ رهيو هو.

زندگيءَ جو نئون ورق وريو. خير بخش ۽ سندس پيئر جڏهن جيل مان نڪتا هئا تہ سندن ننڍو ڀاءُ نبن ڪانئن الڳ ٿي وڃي ٻئي ڳوٺ وينو هو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ نظر محمد پنهنجون ٻہ نينڙيون ڏيئون ۽ زال ڪي خير بخش جي سهاري ڇڏي سعودي عرب هليو ويو هو. هو سال ٻن ۾ هڪ دفعو مهيني ڪن لاءِ ايندو هو. هن هڪ ڪم اِهيو ڪيو هو تہ، هن سعودي عرب جي ڪمائيءَ مان گهر جي چڱي جاءِ نهرائي هئي.

خير بخش پنهنجي ڀائٽين کي ڌيئرن جيان پاليو هو. هُن هنن کي پڙهايو هو. جڏهن خير بخش جو حادثو ٿيو هو تہ، ان مهل سندس وڏي ڀائٽي مئٽرڪ ۾ ۽ ننڍي انين ڪلاس ۾ هئي. ستم ظريفي اِهيا ٿي تہ جڏهن خير بخش ڪمائڻ کان ذري گهٽ ويهي ويو هو، ان مهل سندس ڀاجائي گهر ۾ ڀندڻ ٻاريو ۽ چوڻ لڳي، ”تون منهنجي مڙس جي سڄي سهودي جي ڪمائي کائي ويو آهين، هاڻي اسان تو سان گڏ نہ رهنداسين“.

هن گهر جي وچان ويري ڪيرائي، خير بخش کي الڳ ڪري ڇڏيو.

يا الاهي هي ڇا ماجرا هئي. هي ڪهڙو امتحان هو؟

خير بخش جي عمر چاليهن کان چڙهي هلي هئي.

هن عمر ۾ جڏهن انسان کي سڪون جي ضرورت هوندي آهي، ان عمر ۾ هو چاهيندو آهي تہ جڏهن ڪم ڪار کان واندو ٿي شام جو گهر اچي ہ رُکي سُڪي نهيل نڪيل ماني ملي، آرام لاءِ هنڌ بسترو هجي ۽ نينڙا ٻار هجن جن سان هوڪي پل ڪيڏي، ڪُڏي، پنهنجي دل وندرائي.

پر خير بخش جو قصو ئي الٽو ٿي ويو هو.

گهر ۾ ويريون اچي ويو هيون.

روزگار ختم ٿي ويو هو.
شام جو گهر واپس ورڻ، عمر قيد جي سزا برابر هو.
اڪيلو گهر، جتي ماني ٽڪيءَ جو بندوبست خود ڪي ئي ڪرڻو هو پر چوندا آهن تہ وقت جي رفتار ۾ ڪوبہ ونگ نہ ٿو وجهي سگهي. سو وقت پنهنجي رفتار ساڻ وڌندو رهيو.
خير بخش پنهنجي زندگيءَ کي نئون رنگ ۽ ڍنگ ڏيڻ لڳو. هو روز گار لاءِ شهر ۾ سبزيءَ جو ريڙهو لڳائڻ لڳو هو. ماني ٽڪي خود ڪري کائڻ لڳو هو.
انهن ئي ڏينهن ۾ هن جي ذهن ۾ بہ تبديلي اچي وئي. هو سگهڙائپ ڇڏي عروضي شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪرڻ لڳو.
سڀ کان اهم ڳالهہ اِها ٿي تہ هن خدا جي وجود کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن اعلان ڪيو تہ هو دهريو آهي.
هي اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن خير بخش سان منهنجي پهرين ملاقات ٿي. انهن ڏينهن ۾ مان سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن هئس. هڪ ڏينهن خير بخش اچانڪ اچي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ شامل ٿيو.
شايد غريبيءَ جو رشتو هو، يا ٻيو ڪجهہ، پر ان ڏينهن کان وٺي منهنجي، خير بخش خيراڻ جي ياري پڪي ٿي وئي. خير بخش خيراڻ پلوڙ شاعر مان، مان صرف ڪتاب پڙهندڙ، اديبن جي محفلن ۾ ڪرسيون ڪلهن تي ڍوئي، اسٽيجون سجائيندڙ، وڏيون وڏيون تقريرون، وڏن اديبن جون ننڍڙيون ۽ خسيس ڳالهيون ٻڌندڙ.
شاعريءَ ۾ بہ خير بخش خيراڻ خوب نالو ڪمايو.
انهن ڏينهن ۾ هڪ دفعو ٻيهر، قسمت جي ديوي خير بخش تي مهربان ٿيڻ لڳي هئي.

هن جي شاعريءَ جي هڪ مداح، شهر جي هڪ معزز ماڻهوءَ کي هن جي حال تي رحم اچي ويو. هن هڪ ڏينهن خير بخش کي موٽرسائيڪل تي کنيو، سڌو ويو ايم پي اي جي اوطاق تي. ايم پي اي صاحب کي هٿ ٻڌي عرض ڪيائين، ”سائين! مان سڄي عمر اوهان جي خدمت ڪئي آهي. اڄ به اوهان جو ساڳيو نوڪر، ساڳيو خادم آهيان. هي جيڪو عرض اوهان جي اڳيان رکان ٿو، سو نه ته منهنجي پنهنجي ذات لاءِ آهي ۽ نه وري ڪنهن مٽ مائٽ لاءِ هي عرض مان اوهان کي علم ۽ ادب لاءِ رکان ٿو. خير بخش خيراڻ پلوڙ شاعر آهي، پر غريب مجبور ۽ تنگ دست آ. مهرباني ڪري هن کي ڪا نوڪري وٺي ڏيو.“

ايم پي اي جدي پشتي وڏيرو تنهنجي لاءِ عام ماڻهو ته گهوڙي جي هڻڪار کان به گهٽ اهميت وارو هو، سو علم ۽ ادب جو ڪهڙو قدردان هوندو. پر هو پنهنجي پراڻي خادم، شهر جي معزز ماڻهوءَ جو چيو ٽاري نه سگهيو. هن خير بخش خيراڻ کي تعليم کاتي ۾ پٽيوالي وٺي ڏني.

نوڪري ملڻ کان پوءِ هڪ ٻيو معجزو ٿيو.

خير بخش جنهن کي ٻه دفعا ٻڌ موڙن سان محفل مان اٿاريو ويو هو، سندس بيعز تي ڪئي وئي هئي، الائي ڪيترا دفعا مائٽي ٿيندي ٿيندي رهجي وئي هئي، تنهن کي سندس سڳي سؤٽ سڏي وڏور ڏيءُ جو سڱ ڏنو.

خير بخش جڏهن لانئون لڌيون ان مهل خير بخش جي عمر اٺونجاهه سال هئي.

زندگي ست رنگي.

خير بخش خيراڻ، جي زندگيءَ جي ابتدا غربت،

مختصر وقت لاءِ ٿي ويلا پيٽ پري ماني،

جيل، جلاوطني،
ڪم ڪندي پيٽ تان ڪري پيو، ڪم جي اهليت نہ رهي.
پنهنجا ساٿ ڇڏي ويا، رڻ ۾ رولي ويا.
قسمت جي ديويءَ رنگ بدليو.
پٽيوالي.
اوڻونجاهہ سالن ۾ منهن تي موڙ.
هاءِ ڙي زندگي ست رنگي!

خير بخش خيراڻ جي نوڪريءَ ۽ شاديءَ کان پوءِ ستت ئي مون کي بہ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پٽيوالي ملي وئي. هاڻي اسان جي دوستيءَ جي رنگن ۾ پٽيوالي بہ هڪ مشترڪ رنگ هو.

ڪنهن زماني ۾ مون ڪنهن کان چوندي ٻڌو هو، ”يار بس جي ڪنڊڪٽر، هوٽل جي بيري، گند گي صاف ڪندڙ ڀنگي ۽ چڪلي جي پڙوي سان ڪڏهن بہ نہ الجهجي. ڇو تہ هو سڀ سماج جون ذلتون پنهنجي ڪلهي تي کڻي هلندا آهن.“ پر جڏهن مان پٽيوالو ٿيس، تڏهن مون کي پتو پيو تہ مٿين چئن ڪردارن سان اسان پٽيوالن کي بہ شامل ڪرڻ گهرجي.

اسين ڇا بہ هُجون، ڪيترا بہ پڙهيل لکيل هجون، ڪيترا بہ علم ادب جا مداح هجون، اسين زماني جي نظرن ۾ بس هوندا پٽيوالا آهيون. خيربخش ۽ مان پٽيوالا هئاسين.

ٻئي صاحبن جي ذلالتن جو بار پنهنجي ڪلهي تي کڻندڙ. هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي. اسان جو هڪ ڳوٺائي هڪ سنڌي ٽي وي چئنل تي ڪم ڪندو هو. هو مون کي باربار چوندو هو، ”يار گلو ڪڏهن اچ منهنجي آفيس. اچ تہ توکي ڏيکاريان تہ ٽي وي ڪيئن هلندي آهي. هڪ ڏينهن مان بہ وڃي سندس آفيس پهتس.

ڳونائيءَ تمام گهڻو قرب ڏنو، خدمت ڪئي، ٿي ويءَ تي ڪم ڪيئن ٿيندو آهي ڏيکاريائين، ان ڪان پوءِ هڪ همراهہ سان ملايائين.
همراهہ نالي وارو ڄاتل سڃاتل هو، شاعر هو، ڪالم نگار هو، ڊرامہ نگار هو، ليڪچرار هو ۽ ليڪچرارن جي تنظيم جو چڱو مڙس هو. سڄي سنڌ ۾ سندس وڏا مداح هئا. سچي ڳالهہ اِهيا آهي تہ مان بہ سندس لکڻيون وڏي شوق سان پڙهندو هوس. ساڻس ملي دل ئي دل ۾ گد گد ٿيڻ لڳس تہ اڄ پاڳ پلا جو سنڌ جي هڪ نالي واري اديب سان ملاقات ٿي رهي هئي. مون واري ڳوناڻيءَ منهنجو تعارت ڪرايو، ”سائين هي اسان جي ڳوٺ جي ڳُلو آهي، ڪتابن جو ڏاڍو شوقين، سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پٽيوالو آهي.
ناليواري اديب مون ڏانهن هٿ ائين وڌايو ڄڻ تہ مون کي ڪوڙهہ جو مرض هجي. بيدليءَ سان هٿ ملائڻ ڪانپوءِ چيائين، ”پٽيوالا بہ ڪتاب پڙهندا آهن ڇا؟“
مون وارو ڳوناڻي وائڙو ٿي ويو.
منهنجي اندر ۾ تير لڳو.
ذلت، روميءَ جي درويشن جيان رقص ڪرڻ لڳي.
ان ڏينهن مون کي پوري سماج جي ذلتن جو بار پنهنجي ڪلهي تي محسوس ٿيو.
سو، خير بخش ۽ مان پٽيوالا هئاسين.
مان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ۽ هو گرلس هاءِ اسڪول ۾ هُو شاعر هو، درد کي گهرائيءَ سان محسوس ڪندڙ، ذلت جو گهرائيءَ سان ادراڪ رکندڙ، تڏهن ئي تہ سندس روح مان شاعريءَ جي روپ ۾ رڙ نڪتي هئي:

”متان خير کي تون پٽيوالو سمجهين.“
رکي پنهنجي سيني ۾ هُو پيي دل ٿو.“
خير بخش جي زندگيءَ جو گاڏو گِڙڻ لڳو هو. اٺونجاهه سالن جي عمر ۾ سندس شادي ٿي هئي. پنجونجاهه سالن جي عمر تائين کيس ٽي ٻار، ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿيا.
خير بخش خوش هو، بيحد خوش. گهر، روزگار، زال، ٻار سيڪجهه ته هئس، باقي کيس ڇا کپندو هو.
هو پٽيوالي ڪندو هو، گهر جو گاڏو هلائيندو هو.
شام جو واپس اچي پنهنجي ٻارن سان روح رهاڻيون ڪندو هو ۽ سوچيندو هو ته هو هنن کي پلي تعليم ڏياريندو ته جيئن وڏا ماڻهو ٿي سگهن.
اسرويل اٿي شاعري ڪندو هو ۽ پنهنجو ڪتاب ڇپرائڻ جي منصوبه بندي ڪندي هو.
سيڪجهه نيڪ ئي ته هو.
پر سنت ئي، سيڪجهه نيڪ نه رهيو.
غريب جي جواني ۽ خوشي اڇڻ کان اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويندي آهي غريب جي جنازي جي تياري ڄمڻ سان شروع ٿيندي آهي.
خير بخش خيراڻ بيمار رهڻ لڳو، کيس پيٽ ۾ سور جي تڪليف رهڻ لڳي. هن پنهنجي حال آهر چڱن چڱن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو پر هر علاج بي اثر هو. ڦڪين فرق ڪرڻ کان ڄڻ انڪار ڪري ڇڏيو هو. آخر ۾ ڊاڪٽرن کيس مشورو ڏنو ته ڪراچيءَ وڃي جناح اسپتال ۾ علاج ڪرائي.
پٽيوالو ۽ ڪراچيءَ ۾ جناح اسپتال ۾ علاج، خير بخش جي پيرن هيٺان زمين ترڪڻ لڳي.

پر هو خير بخش خيراڻ هو. سورن جنهن سان ننديئي نينهن ڪيو هو. ڏکن ۽ مصيبتن جو هن سان ازل کان واسطو هو. هو تڪليفن ۾ منهن موڙڻ وارو نہ هو.

هن مون سان رابطو ڪيو ۽ اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ صحت کاتي ۾ پٽيوالو هئس. هڪ ڳالهہ تہ مجبي، وڏي واڪي مجبي، سنڌ سيڪريٽريٽ جا پٽيوالا جنهن بہ کاتي ۾ هوندا آهن، انهن کي سمجهيو فقير ويندو آهي، پر سندن عزت فقيرن کان اتم درجي جي ڪئي ويندي آهي.

وقت بہ وقت ڪم بہ اعليٰ درجي جا ڪندا آهن. فائيل ڪهڙي بہ حالت ۾ ۽ ڪٿي پيو آهي کان وٺي صاحب جي ڪرسيءَ تي موجودگيءَ تائين جو صحيح اطلاع صرف پٽيوالو ئي ڏئي سگهندو آهي.

سو مان بہ فقير کان اتم درجي وارو صحت کاتي جو پٽيوالو هئس. منهنجو يار خير بخش خيراڻ سڌ ڪري ۽ گلو نہ ورنائي. مون وجي اسپتال ۾ هڪ ڊاڪٽر جو در جهليو. ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌايم.

هن مونکي چيو، پنهنجي يار کي وٺي اچ. خير بخش خيراڻ پنهنجي زال جون واليون ڪپائي، اچي مون وٽ پهتو.

خير بخش خيراڻ سان گڏ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي ڪِڍ رُلندي مون کي پتو پيو تہ اسپتال ڪوس گهر جو ٻيو نالو آهي.

هڪ شاعر چيو آهي:

ڪنهن جي آهي پِل،
ٽاٽي اندر
پوکيا آهن گل.

منهنجي دل خيربخش خيراڻ سان اسپتال ۾ رلندي سوچيو
كاش شاعر چوي ها:-
هي ڪنهن جي آهي ڀل
آٽي اسپتال ۽ ڌاڳي اندر
پوڪيا آهن گل.
خير بخش خيراڻ وارڊ نمبر ست ۾ داخل ڪيو ويو. هِن
ٽيسٽون ڪرايون. مان شام جو آفيس مان واپس سڌو خير بخش
خيراڻ وٽ ايندو هئيس. جناح اسپتال جي ڪئنٽين ۾ نم جي
وڻ هينان ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. خيربخش خيراڻ
جيتوڻيڪ جسماني طرح نبل، ڏبرو ۽ ڪمزور ٿي ويو هو، پر
سندس حاضر جوابي ۽ مزاح جو اجان تائين ڪو جواب ڪو نہ
هو.
خيربخش خيراڻ سان ڪچهري ڪندي مون محسوس ڪيو تہ
منهنجو يار جنهن جي زندگيءَ جو قافلو اڙانگن پيچرن تان
گذريو هو، هن پنهنجي اندر ۾ درد سانديو، سيني ۾ مرڪون
ورهايون هيون، سو بيحد اداس هو. ائين ٿي لڳو چڻ تہ ڪو
غم آهي جيڪو اندرئي اندر ۾ ڪائي ٿو پيو. پر مرڻ گهڙيءَ
تائين هن مون سان درد جو داستان نہ بيان ڪيو.

.........................................................

.........................................................

انهن سيني ڳالهين جي باوجود هو ڏاڍو پر اميد هو ۽ خدا جي
وجود کان منڪر. هن جو خيال هو تہ، ڊاڪٽرن جو خيال تہ ڪيس
شايد آندي جو ڪئنسر آهي، هڪ خام خيال هو. هو پنهنجي پٽ
کي سني نموني پڙهائڻ ۽ شاعريءَ جي ڪتاب ڇپرائڻ کان اڳ
۾ نہ مرندو.

ڊاڪٽرن ٽيسٽن جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ڪيو.
ٽيسٽن ڪان پوءِ، ڊاڪٽرن مون کي چيو ته، آئون خيربخش خيراڻ کي في الحال گهر وٺي وڃان. ٽيسٽن ۾ مرض جي خبر پوڻ ڪانپوءِ وڏيڪ فيصلو ڪيو ويندو.
آئون خيربخش خيراڻ کي پنهنجي گهر وٺي آيس. گهر جنهن ۾ اسين پنج ڇهه ڇڙا ڳڏجي رهندا هئاسين. وقت جي بيرحميءَ کان بي نياز اسين سڀ شام جو ٿڪا ٽُٽا گهر موٽندا هئاسين ته خيربخش خيراڻ جون ڳالهيون اسان کي عرق ياقوت جيان تازو توانو ڪري ڇڏينديون هيون.
هفتي جي انتظار ڪان پوءِ
ڌرتي ڌٻي،
آسمان ۾ ٽرٽلو پيو.
هڪ غريب لاچار بيوس شاعر جي مرض جو اعلان ٿيو. ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو، ”يار گلو ڪئنسر تنهنجي همراهه جا ڪم لاهي ڇڏيا اٿئي. هاڻي جي هن جي ڪيموٿراپي ڪنداسين ته به ڪو فائدو ڪونهي ڪو. بهتر اِهيو اٿئي ته هن کي ڳوٺ واپس وٺي وڃ.“
اُها رات ڏاڍي ڏکوئيندڙ هئي.
محفل جو مور خيربخش خيراڻ پنهنجي ڳالهين سان کلائي رهيو هو منهنجو اندر اڌ هو، منهنجو يار، منهنجو همسفر، آنڌن جي ڪئنسر ۾ آخري اسٽيج تي هو.
هڪ غريب شاعر موت جي دروازي تي هو.
موت جيڪو سندس اڳڻ کي اجاڙي ڇڏيندو.
آکه کي رولي ڇڏيندو.

سندس ٻار يتيم ٿي غربت جي اڻ کٽ بار هيٺان دٻجي ويندا. هن جو شاعريءَ جو مجموعو ڇپائڻ جو خواب وڪري ويندو. هو بي يارو مددگار تڙپي تڙپي مري ويندو.

هو جيڪو ادبي سنگت جو روح روان هو.

پر ستم ظريفي اِهيا هوندي ته ادبي سنگت سندس شعري مجموعو ڇپرائڻ يا ورسي ملهائڻ ته پري جي ڳالهه ٿي، سندس موت تي ڪو ئلهو تعزيتي بيان به جاري نه ڪندي.

اديبن مان ڪو سندس اڇي اولاد جا ڳوڙها اگهڻ ته پري جي ڳالهه هئي، ڪو سندس تڏي تي به وڪون ڪٽي به نه ايندو ڇو ته هو غريب شاعر هو.

سنڌ ۾ غريب شاعر ۽ ڪاري ڪري ڪنل جو موت هڪجهڙو هوندو آهي. ٻئي ڪفن لاءِ محتاج، ٻئي پنهنجن جي ڪلهي تي بار.

وقت مون کي کهڙي به واٽي تي اچي بيهاريو هو.

مون کي غريب شاعر کي ٻڌائڻو هو ته، سندس درد جنهن کي هن هڪ غزل جي بند ۾ اوتيو هو

پري پيالو پيئڻ لاءِ ڏنائين،

اجان هٿ وڌايم ته هاري ڇڏيائين.

گلن جي گسن تي رکي پير پنهنجا،

ڪنڊن سيج تي اسان کي سمهاري ڇڏيائين.

مون کي شاعر کي ٻڌائڻو هو ته هن کي ڪئنسر هو ۽ هن جو انت قريب هو. بهرحال مون دل ٻڌي ڳالهايو، ”خيراڻ تو واريون رپورٽون ملي ويون آهن ۽ ڊاڪٽرن کي ڏيکاري به آيو آهيان.“

”پوءِ ڇا چيو ڊاڪٽر.“ هن اتاولائيءَ مان پڇيو.

منهنجي دل چيو، روئان، رڙيون ڪيان. ڪيس سيني سان لڳايان پر مون کي پنهنجي ڏک کي اندر ۾ گهٽڻو هو ۽ مون بيدرديءَ سان ان کي گهٽيو مون لفظن جي چونڊ ڪئي ۽ چيو،
”ڊاڪٽر چيو آ، ٻيو ته مڙيئي خير آ، پر لڳي ٿو ته شايد ڪئنسر آهي.“
ڪمري ۾ سانت ڇانئجي وئي.
خيربخش خيراڻ جو ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو.
هو جهانديده ماڻهو هو. ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ هن کي ڪو گهڻو دماغ ڪو نه هلائڻو پيو.
اسان سڀني جون نظرون به زمين ۾ جهڪي ويون.
اچانڪ هڪ آواز گونجيو،
اسان سڀني حيرانيءَ مان ٻڌو.
خيربخش خيراڻ شروع ڪيو، ”بسم الله الرحمٰن الرحيم، الحمد الله....“ ۽ پوءِ ڪيس جيتريون به قرآن جون آيتون ياد هيون پڙهي ويو.
جڏهن هن بس ڪئي ته مون هن کان پڇيو، ”خيراڻ هي ڇا پيو ڪرين؟ تون ته الله کي نه مڃيندو آهين.“
هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيو، ”اڙي چريو آن، چوت آن، ڇا آهين؟ مان الله کي ڇو نه مڃيندو آهيان؟ نه مڃڻ جو ته مان مڙئي توسان پوڳ ڪندو هوس.“
خيربخش خيراڻ ڳالهه ختم ڪئي. اسان سندس موت کان بي نياز ٿي پيٽ کي هٿ ڏئي ٽهڪ ڏيڻ لڳاسين.

باب پنجون

# امير بخش ڪاريهر.......

رات جي جي ٽئين پهر جو پهريون پهر.
وڇوڙي جو پهر الوداع جو پهر.
پر مون کي لڳي ٿو تہ نہ مان زندگيءَ کان وڇڙندس ۽ نہ ئي
ڪيس الوداع ڪندس. آئون تڙپندو رهندس، لڇندو رهندس.
اڪيلو تاريڪ ۽ سرد رات، گهپ انڌيرو ۽ دل ۾، نہ نہ دل ۾ نہ،
جسم جي رڳ رڳ ۾ درد جو ديرو.
منهنجي يار خيربخش خيراڻ ڪراچيءَ مان موٽڻ کانپوءِ ٽن
هفتن اندر اندر ڪئنسر سان وڙهندي هن دنيا مان الوداع ڪيو
هو. انهن ڏينهن ۾ مون کي ڪا خبر ڪو نہ هئي تہ آئون بہ هڪ
ڏينهن ان ڪئنسر جي درد ۾ تڙپي تڙپي مرندس.
پر ڇا ڪجي، لکيي کي ڪير ٽاري. اَمُرَ جي اڳيان ڪير اڇي.
مرشد چيو تہ:

نہ ڪاني نہ ڪانهن، نڪو ڏوهہ قلم جو،
انگ اتيئي لکيو، جتي نہ رسي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان دانهن، اَمُرَ مون سين ائين ڪيو.

انساني زندگيءَ جو سڄو تاجي پٽيو اَمُرَ تي تہ بيٺل آهي.
انسان سوچيندو، هيئن ڪندس، هوئن ڪندس، آخر ۾
حاصلات جي ڪتاب ۾ لکبو اهوئي جيڪو اَمُرُ عمل ۾ آڻيندو.
تڏهن تہ علم جي دروازي، روحانيت، زبان ۽ ڪلام جي ڌڻيءَ
فرمايو هو تہ، ”مون پنهنجي ارادن جي ٽٽڻ مان پنهنجي رب جي
حقيقت کي سڃاتو.“

ارادا تہ منهنجا بہ اٽل هئا. زندگيءَ جو سفر غريبيءَ سان شروع ٿيو هو. حالتن ۾ ڦيرو ان وقت آيو هو، جڏهن سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پٽيوالي ملي هئي.

پٽيوالي ملڻ بہ هڪُ عجيب اتفاق هو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ بابي مون کي هڪ اعليٰ آفيسر جو (جيڪو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اعليٰ عهدي تي هو) نوڪر ڪري بيهاريو. مان صاحب جي مال جي واڙي ۾ ڪم ڪرڻ لڳس. چيٽا ڪٽڻ ٻهاري ڏيڻ، مال کي گاهہ پنو ڏيڻ، صاحب ۽ صاحب جي مٽن مائٽن جا جوتا پالش ڪرڻ، انهن جي خدمت ڪرڻ، منهنجو ڪم هو.

صاحب مهيني ۾ هڪ دفعو ڳوٺ چڪر ضرور هڻندو هو. هڪ ڏينهن مون کي ڪم ڪندو ڏسي پڇيائين. ”اڙي گلو، گهڻو پڙهيل آهين.“

”سائين مئٽرڪ پاس آهيان.“ مون وراڻيو.

صاحب ٿوري دير خاموش رهڻ کان پوءِ چيو ”چورا ! سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پٽيوالي ڪندين؟“

مان اڻ ڄاڻ، بيوقوف، خاندان ۾ ڪنهن ڪڏهن ڪراچيءَ جو منهن ڪونہ ڏٺو. تنهن کي سنڌ سيڪريٽريٽ جي ڪهڙي خبر. بهرحال مون بہ ها ڪندي دير ئي نہ ڪئي، ٻانهون ٻڌندي عرض ڪيم، ”صاحب جي اهيو مون مسڪين تي ڀال ڀلائيندئو تہ ستن پيڙهين تائين توهان کي دعائون ڪندس ۽ توهان جو نوڪر رهندس.“

صاحب قول جو پڪو نڪتو، ٻن ٽن مهينن اندر اندر پٽيواليءَ جو آرڊر وٺي ڏنائين.

سيڪريٽريٽ ۾ داخل ٿيڻ سان منهنجي دنيائي مٽجي وئي. منهنجو مثال ان ڏيڏر جهڙو ٿي پيو جنهن کي انڌي کوهه مان ڪڍي اڇي ڪنهن سمنڊ ۾ اڇليو ويو هجي.

عجب دنيا آهي سنڌ سيڪريٽريٽ. پٽيوالي کان وٺي، سيڪريٽريءَ تائين، خواهش سيني جي ڪيسا پرڻ آهي. سيڪريٽريٽ ۾ ڪروڙ پتي، ڪک پتين جي روپ ۾ ايندا آهن. مَها بي ايمانن کي ايمانداريءَ جو چولو پاتل هوندو آهي. سيڪريٽريٽ جي دروازي جي مسجد، خلاف توقع آفيس جي ٽائيم تي، نماز وقت ائين پربي آهي، ڄڻ ته اڄ دنيا جو آخري ڏينهن آهي.

لُٽ ڦر جا شهنشاهه، عوام جي ڳوڙهن کي پنهنجي جوتن جي پالش سمجهندڙ ڊگها ڊگها سجدا ڏيندا آهن. رب کان سٺيي سيٺ جون دعائون گهرندي گهرندي، عجز مان سندن اکيون آليون ٿي وينديون آهن. جڏهن کين دل گهري سيٺ ملندي آهي، بي اختيار سندن زبانن تي الحمد الله جو ورد جاري ٿي ويندو آهي.

سنڌ سيڪريٽريٽ جي دروازي تي هر اهو صاحب نظر ايندو آهي، جيڪو هيٺان ڪروڙين رپين جي رشوت وٺندو آهي ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اسان جهڙن پٽيوالن کي سؤ روپيا ڏيڻ کان شروعات ڪندو آهي. اعليٰ آفيسر تائين پهچندي هو هزارين روپيہ خرچ ڪري چُڪو هوندو آهي ۽ بدلي ۾ سندس هٿ ۾ ”ايمانداري“ ۽ ”ڪوگهپلو ڪونہ ڪيو اٿائين“ جو سرٽيفڪيٽ هوندو آهي. هو جڏهن سيڪريٽريٽ جي دروازي مان ٻاهر نڪرندو آهي ته، هڪ دفعو سيڪريٽريٽ ڏانهن مڙي ڏسندو آهي، زبردست قسم جي گار ڏئي چوندو آهي، ”سوئر

جي اولاد اندر داخل ٿي تہ پوليس وارن کان وٺي، پٽيوالن تائين ڪتن وانگر فقيرن کي وٺي وجن ٿا. جي بہ ڪروڙ روپيہ ڪمايا اٿم تہ ڪهڙو گناهہ ڪيو اٿم، ڪهڙي اربعا خطا ڪئي اٿم، حرامين سٺ هزار خوامخواهہ خرچ ڪرائي ڇڏيا، خدا پاڙ پٽيندن.....باسٽرڊس....“

سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ”سنڌ“ جي نالي ۾ واپار ڪيو ويندو آهي. قابليت جي نالي ۾ ”سنڌ“ جو سودو ڪيو ويندو آهي، وزير ۽ آفيسر پنهنجا هجن يا ڌاريا، ”سنڌ“ کي مال غنيمت ۾ هٿ آيل ڪنيز سمجهندا آهن، جنهن جي بي رحميءَ سان عزت لٽيندڙ کي صاحب عقل سڏيو ويندو آهي.

سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ايمانداريءَ کان سواءِ باقي هر شيءِ موجود آهي.

بلهي شاهہ جي زبان جي هڪ چوٽي آهي، ”سؤ رنگ تڪدي تماشي، اکيان نهي رجيان.“ سورنگن جا تماشا ڏسڻ کان پوءِ بہ اکيون، ٿڪيون ناهن.

سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ هر گهڙي هر پل، سو رنگ جا تماشا تڪيندڙن جا منظر هوندا آهن.

شايد، ٻي جاءِ تي ڪو پنهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ڪري، جڏهن ڪنهن وزير کي گولڊ ليف سگريٽن جي دٻي جي فرمائش ڪري يا صوفن جي پيتي گهر پهچائڻ جو حڪم ڪري، يا ڪو شوقين مزاج وزير پنهنجي ”پپوءَ“ لاءِ بہ بوسڪيءَ جا وڳا آڻڻ جو حڪم ڏئي.

ٻي جاءِ تي شايد، پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ٿئي، پر سنڌ سونهاريءَ جي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ هڪ وزير لاءِ اهيا معمولي ڳالهہ آهي.

ان ئي سيڪريٽريٽ ۾ پنجويهن سالن جي عمر ۾ پٽيوالو ڀرتي ٿي آيو هئس، ڀريو ڀر ويهه سال، ان تماشي کي ڏسندي ۽ ان تماشي جو حصو ٿيندي گذري ويا. تان جو زندگي انت ڏانهن ڪئنسر جي صورت ۾ وڌڻ لڳي آهي.
هاءِ هيءَ تاريڪي، سوچيان ٿو، قبر ۾ به اهڙي اونداهي ۽ عذاب هوندو؟

وري درد جي لهر اٿي آهي. منهنجي جسم کي ائين لپيٽڻ لڳي آهي، جيئن غريب جي ڌيءُ پنهنجي قاتل رئي سان ڪنهن اجنبي اڳيان پنهنجو اڌ اگهاڙو جسم ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.
يا الله!............... غريب جي ڌيءُ جو قاتل رئو ته پنهنجي اگهاڙي جسم کي لڪائڻ ۾ ناڪام ٿيو. پر درد منهنجي دماغ جي رڳن کي ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو.

اچانڪ درد جي لهر ماني ٿيڻ لڳي آهي. محسوس ڪيان ٿو، سنڌ سيڪريٽريٽ جي نمبر چارجي چوٿين منزل تي آهيان، ڪجهه لفظ منهنجي ذهن ۾ ٻُرڻ لڳا آهن:
”ذليل ڪمينا، ڪائڻ جا ڪرا ڪمائڻ جا ٻَرا، ڪمينن کي ڪو ڪم ڍنگ سان ڪرڻ اچي ڪونه ٿو. چوان ٿو پاڻي سڄي پاسي کان ڏيندا ڪريو، پڳا بينا آهن ڪٻي پاسي کان ڪنيون. لڳي ٿو ته، ڪمينا ڍنگ سان مرندا به ڪونه.“
خبر اٿم، جيترو سوچ جو سلسلو گهرو ٿيندو اوترو درد گهٽ ٿيندو، ذهن تي زور ڏيان ٿو، ها ياد اچي ويو، اِهي لفظ ته مون کي امير بخش صاحب چيا هئا.

هن جو نالو امير بخش هو. پر اسان سڀ پٽيوالا، ڊرائيور، ڪلرڪ، اسسٽنٽ ۽ سيڪشن آفيسر ڪيس ڪاريهر ڪري سڏيندا هئاسين.
خوبصورت ڇوڪرا ۽ عورتون سندس شوق هو. هر هڪ کي ڏنگ هڻڻ سندس فطرت
”امير“ صرف ٻن حيثيتن ۾ هو، هڪ نالي ۾ ٻيو گهپلن ذريعي ڪمايل دولت ۾.
ٻيو هو غريب ئي غريب هو. سوچ ۾ غريب، علم ۾ غريب، عمل ۾ غريب. پيدائشي لحاظ کان به هو غريب هو. سندس ننڍپڻ بي رحميءَ جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي گذريو هو. جڏهن هو جوان ٿيو، ڪنهن منزل تي پهتو ته هن جڻ ته طئه ڪري ڇڏيو هو ته، هو پنهنجي زندگيءَ ۾ آيل هر ذلت جو بدلو هر ماڻهو جيڪو سندس سامهون وٺس ايندو ان کان چڪي وٺندو.
مان جڏهن به امير بخش صاحب جي اڳيان ايندو هئس ته مون کي پنهنجي يار خير بخش خيراڻ جي ٻڌايل ڳالهه ياد ايندي هئي.
هن مون کي ٻڌايو هو:
”هڪ ڪبڙو هو. ڳوٺ جي سيني ماڻهن جي ٺوڪ ۽ ٺٺول جو مرڪز. ڪهڙو ماڻهو هو جيڪو هن جي روح کي ڏنڀ نه ڏيندو هو؟ ڪهڙو ماڻهو هو جيڪو هن کي طعنو نه ڏيندو هو؟ هو ڪُبڙو بيوس، لاچار سڀ ڪجهه سهندو هو؟ هڪ ڏينهن هن جي مٿان ڪنهن کي ڪهل اچي وئي، ڪيس دعا ڏنائين، ”اڙي ڪبڙا! يار الله ڪندو سڌو ٿي ويندين.“

همراهه دعا ڏيندڙ کي عجب ۽ حيرت مان ڏٺو، ڪيس هٿ ٻڌي عرض ڪيائين، ”سائين مهرباني ڪري ائين نہ چئو، چئہ تہ الله ڪندو سڀ دنيا ڪُٻي ٿي ويندي.“

دعا ڏيندڙ همراهه حيرت مان پڇيو، ”ائين چو يلا!“ ڪٻڙي همراهه وراڻيو، ”ياءُ دنيا کي پتو پوي تہ ڪٻڙي هجڻ سان ڪهڙي عذابن مان گذرڻو ٿو پوي ۽ ڪهڙين ذلتون سهڻيون ٿيون پون.“

امير بخش صاحب جڏهن ڪنهن منزل تي پهتو، پاور سندس قدمن جي خاڪ بڻجي ويو ۽ سندس لفظ حڪم جي حيثيت رکڻ لڳو، تڏهن هن پنهنجي ذلت جو بدلو ڳڻي ڳڻي ورتو. بدلي جي باهہ ۾ هن کي اهو نظر ئي نہ ايندو هو تہ، اڳيان ڪير آهي؟. مٺ آهي، مائٽ آهي، يار آهي، دوست آهي، امير آهي غريب آهي، شريف آهي، بدمعاش آهي، پٽيوالو آهي يا اعليٰ آفيسر. بس هن کي ياد هو تہ زماني هن کي ذليل ڪيو هو، ڏک ڏنا هئا، ڏنڀ ڏنا هئا، ان ڪري هر اڳيان ايندڙ ماڻهو بي عزت ٿيڻ لاءِ ئي پيدا ٿيو آهي.

عجيب رنگ آهن زندگيءَ جا بہ.

ڪيڏو سهڻو سچ چيو آهي، سنڌين جي ابن ڏاڏن:

”ماءُ جڻي پنڙا، ونڊي نہ ڏئي ڀاڳ.“

جمڻ وقت جن جي وات ۾ سون جي چمچي سان ڏُکو وڌو ويندو آهي، وڏا ٿي ڪنگالپڻي جي زندگي گذاريندا آهن.

بادشاهن جي گهر ۾ فقير پيدا ٿيندا آهن ۽ فقيرن جي گهر ۾ بادشاهہ.

صوفين ۽ سالڪن جي گهر ۾ پيدا ٿيل رهزن ٿيندا آهن، رهزنن جي گهر ۾ صوفي سالڪ. غريبن جي گهر ۾ پيدا ٿيل، زماني

جون تهمتون ۽ ظلم ستم سهندڙ وڏا تي پنهنجا ڏک ۽ تڪليفون وساري ٻين لاءِ بي رحم ظالم تي اپرندا آهن.

سندس ظالم، ڏاڍ ۽ جبر جي شدت ڏسي، ماڻهو حيران ٿي ويندا آهن، ڪين ڏندين آڱريون اچي ويندون آهن.

اهڙين ئي ڪيفيتن جو جيئرو جاڳندو ثبوت هو امير بخش صاحب.

هو هڪ غريب گهر ۾ پيدا ٿيو هو.

سندس پيءُ جانب، سخت مزاج هو. هوٽل تي مزدوري ڪندو هو. سڄو ڏينهن باهہ تي چانهہ ڪاڙهيندو هو. سڄو ڏينهن باهہ تي ٻيڻي ٻيڻي چانهہ پچائڻ دوران گڏ ڪيل غصو شام جو اچي گهر ۾ ڪڍندو هو. هو جڏهن گهر ۾ داخل ٿيندو هو تہ گهر ۾ ڄڻ تہ راڪاس گهمي ويندو هو. مجال آهي جو ڪو ٻار ٻڙڪ ڪڍي. ڪنهن ٿانوَ جي نهڪڻ جو آواز اچي. غلطيءَ سان جي ڪو آواز نڪتو، پوءِ اهو ڪنهن ٻار جو هُجي يا ٿانوَ جو، ان جو نتيجو جانب جي اندر ۾ پيدا ٿيل ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ جي صورت ۾ ٿيندو هو. اهو نہ ڏسندو هو تہ اڳيان ڪير آهي، معصوم ٻار ۽ ڪو وڏو انسان، جيڏو ۽ جيترو ڏک ايندو هوس هٿي ڪڍندو هو.

امير بخش جي ماءُ سڌي سادي ڳوناٽي عورت هئي. هو ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ڪندي هئي، رونبو، لابارو گاهہ پنو گهر ۾ هڪ مينهن رکي هئائين. جانب ڳوٺ جو پهريون ماڻهو هو جنهن هارپ ڪي هٿ نہ لاتو هو. هوستن پيڙهين ڪان هلندڙ پنهنجي اباڻي ڌنڌي جي ويجهو وڃڻ بجاءِ شهر ۾ هٽ مزور ٿيو هو، سو بہ هڪ بيرو! جانب جي زال ۽ امير بخش جي ماءُ زوران لاءِ اهيا ڳالهہ ڪنهن صدمي ڪان گهٽ ڪانہ هئي.

پهرين ڳالهه ته سندس مڙس هوٽل جو مزور هو. هر هڪ جي ”شش شش“ تي حاضر آيو، جي سائين چوڻ وارو، ان ڪري سماجي حيثيت ۾ سڀ کان هيٺ، سڀ کان ڪمتر.

جيتوڻيڪ جانب جي تيز طبيعت سبب پائيپي، برادريءَ ۾ ڪنهن کي همت ڪانه ٿيندي هئي ته ڪو هن کي سامهون ڪجهه چوي، پر زوران کي ته ان جي ڪمتريءَ جا ان جي هيٺائيءَ جا هر ڪو طعنا ڏيندو هو، هر ڪو مهڻا ڏيندو هو.

ٻيو زوران لاءِ سڀ کان وڏو صدمو اهيو هو ته، ڳوٺ ۾ پائيپي برادريءَ ۾ سيڪو هاري ناري هو، سندن گذر سفر سٺو نه هو ته خراب به نه هو. هر ڪوئي فصل جي مند ۾ ٻارنهن مهينن جي وِرو اچي پنهنجي گندين پلين ۾ وجهندو هو. ان کان علاوه هر ڪنهن وٽ ڍور ڍڳو، مينهن، رڍ ٻڪري هوندي هئي، سڀ ڪنهن جا مرد ڪم ڪار، گاهه پٽي ۾ پنهنجي عورتن جو هٿ ونڊائيندا هئا.

زوران. زوران جا اهڙا ڀاڳ ڪٿي هئا، سندس مڙس ڇا ڪمائيندو هو. مشڪل سان ٻن ويلن جو اٽو. جڏهن هو بيمار ٿيندو هو، يا هوٽل ڪنهن سبب جي ڪري بند ٿيندو هو، تڏهن گهر ۾ لنگهڻ اچي مهمان ٿيندا هئا. تڏهن زوران پنهنجي پائرن کان مدد وٺندي هئي، پر نتيجي ۾ ڪيس پنهنجي پاڄاين جا طعنا مهڻا سَهڻا پوندا هئا، انهن جي ٻانهپ ۽ غلامي ڪرڻي پوندي هئي.

ٽين ۽ سڀ کان ڏکوئيندڙ ڳالهه اهيا هئي ته ڳوٺ ۾ سڀ ڪنهن وٽ پنهنجا سواريءَ جا جانور هئا. ڪنهن وٽ ڏاند گاڏي ته ڪنهن وٽ گڏهه گاڏو. هر ڪو وهانوَ شادي، غمي خوشي، بيماري ٻڙيءَ ۾ چڙهي پوندو هو پنهنجي سواريءَ تي.

پر زوران. زوران ويچاريءَ لاءِ تہ سواريءَ لاءِ سوچڻ بہ ڪنهن عظيم عذاب کان گهٽ نہ هو. هوءَ وري پنهنجي پائرن ڏانهن واجهائيندي هئي. نتيجي ۾ ذلتن جو ساڳيو ئي سلسلو.
اهڙين ئي ذلتن جي ڏٻڻ ۾ قاتل خاندان ۾ امير بخش جو جنم ٻن پيئرن کان پوءِ ٿيو هو.

غربت ماريل سنڌ جي گهرن ۾ پٽ جو جنم ائين سمجهيو ويندو آهي جڻ تہ غربت کي آخري تير لڳي چڪو آهي. سک ۽ سلامتيءَ جو سج اڀري چڪو هو. پوءِ جيترا گهٽا پٽ اوتري وڏي اميد. وقت هر وقت تيار هوندو آهي ان ڳالهہ کي غلط قرار ڏيڻ لاءِ. پٽائڻ جا پٽ جڏهن وڏا ٿيندا آهن، تڏهن سندن نصيب ۾ ساڳي ذلت، ساڳيا درد، ساڳي بک، ساڳيو بغير علاج جي موت هوندو آهي. بهرحال زندگيءَ جو اڻ کُٽ چڪر ڦرندو رهي ٿو. سنڌ ڏينهون ڏينهن خود غرضي، جهالت ۽ غربت جي ڏٻڻ ۾ گچندي ٿي وڃي.
پر سنڌ واسين جي پٽ جي تمنا، اميد جو ڪلهہ بہ آخري روپ هو ۽ اڄ بہ آخري روپ آهي.
جانب ۽ زوران جي گهر ۾ امير بخش جي آمد، اميد جي جوت جرڪائي وڌي هئي.
غربت جي تاريڪ ۽ اڻ کٽ رستي تي هڪ هلڪڙو چمڪاٽ ٿيو هو.
غريباڻي حال آهر ڇَٽي ڪئي وئي.
دهل وڄايا ويا.
ٺهري پت مائٽن ۾ ورهايو ويو.
اميد جو قافلو اڳتي سُريو.
امير بخش وڏو ٿيڻ لڳو.

جيئن جيئن هو وڏو ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن گهر ۾ هڪ هماليہ جيڏو وڏو مسئلو پيدا ٿيڻ لڳو.

جانب جيتوڻيڪ پاڻ اڻ پڙهيل هو پر صدين جي روايت کان منهن موڙيو هئائين. هن هارپ بدران بئراگيري ڪئي هئي. نہ ڄاڻ ڇو هن کي هوٽل تي چانهہ پيئڻ لاءِ ايندڙ صاف سٿرا ڪپڙا پاتل، پڙهيل لکيل ماڻهو جن ۾ ماستر، ڪلرڪ، داروغا ۽ ٻين ننڍين وڏين نوڪرين وارا هوندا هئا، وڻندا هئا. هُنن کي ڏسي ڏسي جانب جي ذهن ۾ هڪ خيال جڙيو. سوچ جو نئون زاويو، اميد جو نئون ترورو، هن فيصلو ڪيو.

سندس پٽ امير بخش نہ تہ هاري ٿيندو نہ ئي وري هوٽل جو مزدور.

هو پڙهندو ۽ ماستر ٿيندو.

جانب جي سوچ ڪيتري بہ سني هئي پر ٽڪراءُ اٽل هو. زوران نہ ٿي چاهيو تہ سندس پٽ نندي لاءِ ئي راهہ تان ٿڙڪي وڃي. هن جا هڏ حرام ٿي وڃن ان لاءِ هوءَ سوچيندي هئي تہ امير بخش ٿورو وڏو ٿيندو تہ ڪيس مامن جي حوالي ڪندي تہ جيئن ڪڙمت جي ڪم ۾ ڪيڙائنس. جيئن هو پيءُ جيان هڏ حرام نہ ٿئي. صرف ڏهاڙي ٻن ويلن جيترو اٽو ڪمائڻ جو عادي نہ ٿئي هو هاري ٿئي تہ جيئن هو جالارو اَنُ پيدا ڪري سگهي.

هو پنهنجون پليون پري رکي.

هو پنهنجي گهر ۾ سواري رکي سگهي.

هو پنهنجي برادريءَ ۾ طعنن ٽُنڪن کان بچي سگهي.

پر جانب جنهن جي طبيعت ٻرندڙ جبل جيان هئي، جنهن مهل ڦاٽندو هو تہ اڳيان ايندڙ هر چيز کي ساڙي رک

ڪري ڇڏيندو هو. ان جي اڳيان زوران جي سوچ جي ڪهڙي اهميت ۽ حيثيت هئي.
مقابلو شروع ٿيو.
چوندا آهن ته جڏهن غريبي دروازو کڙڪائيندي آهي ته ”پيار“ دريءَ مان ٽپو ھڻي ٻاهر ڀڄندو آهي.
اهِيا چوڻي ته انهن لاءِ آهي نه جن وٽ درن ۽ درين وارا گهر هوندا آهن.
غريب اِبن غريب صدين کان غربت جا شاهڪار نمونا، انهن وٽ ته مَنهن هوندو آهي، جهوپڙي هوندي آهي، جنهن ۾ نه در نه دروازو. ”پيار“ اهڙو پاڳل ۽ چريو ڪونهي جو انهن جي گهر ۾ اچي رهي ۽ موقعو ڏسي، ڪنهن ڪنڌ پاسي کا ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري هنن جي گهر ۾ ته ڏک ئي ڏک هوندو آهي.
پيڙا ئي پيڙا.
تڏهن ئي ته شاعر چيو:
ڳوٺ منهنجو پريان پهاڙي تي بينظير آهي مگر ٻُڪيو آهي،
ٽي ٻري باھ ٻُک جي ان ۾، ڏنڌ، ڏُور جهوپڙو آهي،
نه ٻاٽيءَ ۾ ٻوڙ ڪو، نه ڏياٽيءَ ۾ تيل آهي.
سو ڳالھ پڌري پَٽ هئي.
جانب ۽ زوران، امير بخش جا ماءُ پيءُ صدين جي نسل در نسل غربت جا شاهڪار. جن جو جهوپڙو،در، درين کان وانجهيل جهوپڙو، ان ۾ پيار اچي ته ڪٿان اچي.
تنهنڪري ان ۾ رڳو آواز هُيو، نهڪو هيو.
ڪاوڙ جو، ڪروڌ جو، بي وسيءَ جو، بک جو......... امير بخش جيئن جيئن وڏو ٿي ٿيو، پيءُ ڪيس ڳوٺ جي پرائمري اسڪول

۾ داخل ڪرايو، تيئن زوران جي اميد ته پٽ غربت جي ڪاري رات جو انت آڻيندو، ڪاراتجڻ لڳي هئي.
سندس لهجي جو درد گهرو ٿيڻ لڳو هو.
هوءَ پنهنجي خوابن کي وکرندي محسوس ڪرڻ لڳي هئي.
هوءَ غربت جي ڦندي کي پنهنجي گردن ۾ اجان به وڌيڪ سوگهو ٿيندي محسوس ڪرڻ لڳي هئي.
پر هن کي اجان به اميد هئي، پرائمري پاس ڪرڻ کان پوءِ شايد جانب پنهنجي خيال کان هٽي وڃي. هوءَ امير بخش کي مامن جي حوالي ڪري ته جيئن هو هارپ جو ڪم ڪار سِکهي.
اميد جو ڏئو ان ڏينهن اُجهامي ويو، جڏهن جانب وڃي امير بخش کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو.
زوران منهن مٿو پٽيو.
برادريءَ وارن ٺنول ڪئي، ”هاڻي هي سائين جانب جو ڇورو به پڙهندو ۽ ڪليڪٽر ٿيندو. هاها........... ماءُ مُوري پٽ بصر خان“
ٺنول اجان به اڳتي وڌندي، ”ست پيڙهيون گذري ويون، اسان جي ذات مان، ڪڙم مان، قبيلي مان پڙهڻ وينو، آهي ته جانب جو ميان.......! وڏا ڇريا نه هئا جن چيو هو ته جيڪي انگريزي پڙهندا آهن، اهي دستگير باشاهه پير کي ڪونه مڃيندا آهن. اهي لادين ڪافر ٿيندا آهن. پوءِ بادشاهه پيرُ اهڙي پٽ هڻندو اٿن جو سندن آکهه ئي ڇتون ٿيندي آهي.“
انهن سيني ٽوڪن ٺنولن کان وڌيڪ امير بخش لاءِ سڀ کان ڏکوئيندڙ ڳالهه اهيا هئي ته، سندس پيءُ ڇهين جماعت ۾ ڪيس داخلا وٺي ڇا ڏني هئي، جڻ ته ڪانئس ماءُ جو پيار، گود، توجهه سڀ ڪجهه کسي ورتو هو. ساڻس ائين ورتاءُ ٿيڻ

لڳو هو ڇڻ تہ هو ڪو رولاڪ ٻار هو، جيڪو زوران ڪي رستي هلندي هٿ آيو هو. هاڻي هوءَ هن سان مانيءَ جي بدلي ۾ هڪ غلام، هڪ ٻانهي جيان ورتاءُ ڪرڻ لڳي هئي.

هر گهڙي، هر پل زوران هن ڪي احساس ڏيارڻ لڳي هئي تہ هو نالائق هو. نِڪمو هو. ڪنهن ڪم جو نہ هو. اڻ سڌريل هو. اٿي تي ڇَٽي هو. زوران جو مقدر خراب هو جو اهڙو پٽ پيدا ڪيو هئائين جنهن جا ابتدائي پرڪار ئي گندا هئا.

امير بخش هڪ سڌو سادو ٻار هو. هو اسڪول وڃڻ ۾ ڪا گـــهڻي ڪانہ ڪندو هو. هن ڪي ان ڳالهہ تي بہ ڪو اعتراض ڪونہ هو تہ سندس ڪپڙا ڦاٽل ميرا ۽ پراڻا هوندا هئا. سياري جي سرد ڏينهن ۾ بہ هو، ٻن ڪَهين واري چپل پائي اسڪول ويندو هو. پراڻو ميرو ڪپڙو سرديءَ کان بچڻ لاءِ ويڙهيل هوندو هوس.

ان جي قطئہ نظر هن جو شمار ذهين ٻارن ۾ ٿيڻ لڳو هو. هو انگريزي ۽ حسابن جو ماهر سمجهيو ويندو هو. رحمدل استاد سندس ذهانت ڪي ڏسي هميشہ پيار پريو ورتاءُ ڪندا هئا. ڪو ڪيس ڪپڙو وٺي ڏيندو هو تہ، ڪو ڪيس سياري ۾ بوٽ يا لنڊي جو سوئيٽر، ڪيس همٿايو ويندو هو تہ، هو اڃان بہ محنت ڪري اڳتي وڌي.

اسڪول ۾ هن جي ڪارڪردگي کهڙي بہ هئي، گهر وارن تي ان جو رتيءَ برابر بہ اثر نہ هو، سندس ماءُ جنهن جي نظر ۾ هو نڪمو، ڪمچور ۽ سست هو، تنهن ڪيس اسڪول مان ڪڍرائڻ جو هڪ ٻيو حربو استعمال ڪيو هو.

رات جو جڏهن جانب سڄي ڏينهن جي مزوريءَ کانپوءِ ٿڪو ٽٽو گهر ايندو هو. ماني کائڻ کان اڳئي زوران رينگٽ شروع ڪندي هئي، ”هئه هئه مان ڇا ڪيان، ڪاڏي وڃان، تووارو ڪليٽر، ڪليٽر نه ٿيو ڏيهه ڏنو نه ته ڪو آڪيو ٿو مڃي نه ڇيو. ڇيو مانس ته وڃ وڃي مينهن ڪي واهه تان پاڻي پياري آ، نه رڳو ڪتو جواب ڏنائين پر مون ڪي ۽ پيٽڻ ڪي به گاريون ڏنائين. پنهنجي ڪي سمجهاءِ. تاليم نه ڏيارينس ٿو، تميز به نه سيڪارينس.“

اهِيو رينگٽ هڪ ڏينهن نه هليو.

اهيو روز جو معمول ٿي ويو.

جانب گهر پهتو ناهي، زوران امير بخش جي شڪايت سندس ڪن تي هنئي ناهي.

آهستي آهستي جانب جي برداشت جواب ڏيڻ لڳي. هو گهر پهچندو هو، زوران شڪايتن جو انبار شروع ڪندي هئي. پوءِ امير بخش جي جلالي طبيعت ۾ جلال ايندو هو. هن جي هٿ ۾ ان وقت جيڪا به شيءِ ايندي هئي امير بخش جي ان سان مرمت ڪندو هو ۽ چوندو هو، ”اڙي ڪمينا ڪتا، تون سمجهين ڇا ٿو پاڻ کي، هن غريبي حال ۾ به مان تو کي پڙهڻ ويهاريو آ. سيني جا ٻار وتن يا نه مال چاريندا يا وتن هوٽلن تي ٻاٽا ڌوئندا. تون، تون صبح جو نهي سنبري شهزادن جيان ٿو وڃين اسڪول ۽ پوءِ به تنهنجا پرڪار اهِي.“

وري به زوران اٽندي هئي، دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي نه جاڻ سندس من جي مراد پوري ٿي. ”بس بس هاڻي ڇڏينس ڇوري جو ساهه ڪڍندين ڇا؟“

جانب امير بخش مان هٿ ڪڍندو هو.

امير بخش جي سڄي رات سُڏڪندي گذرندي هئي.
ٻي ڏينهن تي زندگي ساڳي رنگ، ساڳي رفتار ۽ ساڳي ڍنگ سان روان دوان ٿيندي هئي.
اها ڳالهه مڃڻ کان مٿي آهي ته ڪا ماءُ، جيجل ماءُ، منڙي ماءُ پنهنجي پٽ کي صرف ان ڪري خوار ڪري رهي هئي ته هن کي سندس پيءُ اهڙي رستي تي روانو ڪيو هو، جيڪو سندس ماءُ جي سوچ جي ابتڙ هو.
۽ پيءُ جنهن هزارين اميدن سان پنهنجي پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو هو، سو ڪجهه سوچڻ سمجهڻ بنا، ننڍڙي ٻارنهن سالن جي ٻار تي بي رحماڻو تشدد ڪندو.
پر اهيا هڪ حقيقت هئي، بي رحم حقيقت.
شايد مامتا سمجهيو پئي ته ائين ڪرڻ سان سندس پٽ اباڻي ڪرت ڏانهن موٽايو ويندو ۽ پوءِ نتيجي ۾ سندس عاقبت چڱي ٿيندي.
شايد پيءُ کي احساس پيدا ٿيو ته سندس پٽ ان مقصد جي لائق نه هو. هن کي شعوري يا لاشعوري طور تي احساس ٿيڻ لڳو هو ته، هو جيڪڏهن پٽ کي هوٽل تي بيهاري ها ته ڪيس ٻه پئسا ملي پون ها.
پر پيءُ جيڪو قدم کنيو هو ته ان تان هٽڻ لاءِ به تيار نه هو.
امير بخش ٻارنهن سالن جو امير بخش جيڪو ڪجهه ساڻس ٿيڻ لڳو هو اهو سندس سمجهه کان مٿي هو. نتيجي ۾ هوُ ڪُميءُ جيان پنهنجي اندر ۾ لڪڻ لڳو.
خوف هن کي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙڻ لڳو هو.
هو ڊڄڻ لڳو هو.
هر هڪ شيءِ کان، هر هڪ ماڻهوءَ کان،

پن جو ڪڙڪو يا ٽانوَن جو نهڪو هن جي لاءِ گوليءَ جي ٺڪاوَ جيان هئا.

پيءُ جو سڏ عزرائيل جي آواز جيان لڳڻ لڳو هوس. ماءُ جي گود هن ڪان ايوريسٽ جبل جي چوٽيءَ جيتري اوچي ۽ پري هئي. ماءُ جي پاڇي ڪان بہ هو ٿهڻ لڳو هو. پينرون هن جي صورتحال کي چڱيءَ طرح سمجهي ويون هيون. هو پنهنجو هر ڪڏو ڪم هن جي ڪاتي ۾ وجهڻ لڳيون هيون. جي دلو پڄندو هو هُنن ڪان، تہ بہ نالو ڪڄندو هو امير بخش جو. مينهن ڏهڻ نہ ڏيندي هئي، آواز ايندو ضرور امير بخش ڪا ڪشٽ ڪئي اٿس. زندگي صحرا جو پنڌ، ٻارنهن سالن جو ٻار بي يارو مددگار جهاڳڻ لڳو هو.

اسڪول هن لاءِ ڪنهن جنت ڪان گهٽ ڪونہ هو. جيترو گهر ڪان پري هوندو هو، اوترو پنهنجي پاڻ کي سلامت محسوس ڪندو هو. هُو جيئن جيئن اندر ۾ محدود ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن دنيا هن لاءِ ننڍڙي ٿيندي وئي، گهر جي خيال کي مٽائڻ لاءِ هو ڪتابن ۾ گم ٿيڻ لڳو. نتيجو اهيو نڪتو تہ هو اسڪول جي ذهين ٻارن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. پر امير بخش جي ذهانت جو والدين تي ڪو اثر ڪونہ پيو. ماءُ هر وقت ڪوشش ڪندي رهي تہ ڪيئن بہ ڪري هوءَ امير بخش کي اسڪول مان ڪڍرائي تہ جيئن هو پنهنجي من جون مرادون پوريون ڪري سگهي.

چوندا آهن تہ، والدين اولاد جي لاءِ ڇپر ڇانوَ هوندا آهن.

سياري ۾ ٻاھ مثل، اونهاري ۾ ٽاڪ منجهند جو جڏهن سج نيزي پاند هجي تہ بادل مثل.

پر امير بخش جو ڪيس الٽو ٿي ويو هو.

سرديءَ ۾ هن کي اجان بہ وڌيڪ برف ۾ اڇليو ٿي ويو.
گرمين ۾ جهنم جي باهہ ۾.
چوندا آهن، پاڻي هيناهين ڍوري ڏانهن وهندو آهي.
بغير ڇپر ڇانوَ جي اڪيلو امير بخش.
جڏهن والدين جو پاڇو اولاد تي ڪمزور ٿيندو آهي، تڏهن ٻار ٻي ساعتوء هر هڪ جي ٺٺڙ جو شڪار ٿيڻ لڳندو آهي.
امير بخش سان بہ ائين ٿيڻ لڳو.

سندس ماما، چاچا، سؤٽ ماروٽ، ماسات، هر هڪ هن کان گڏهہ جيان ڪم وٺڻ لڳو. هن جي ٿوري انڪار تي ڪيس هر هڪ مارڻ لڳو. ڪجهہ ماڻهن تہ ڪيس جنسي هوس جو شڪار بڻائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي.

جڏهن هو راند روند لاءِ ٻاهر نڪرندو هو تہ پهريان تہ ڪيس ڳوٺ جا ٻار پاڻ سان کيڏڻ نہ ڏيندا هئا. جي ڏيندا بہ هئا تہ اهڙي نموني جو هر حال ۾ هو هارائي. ۽ هارائيندو هو تہ پوءِ ڪيس ملندي هئي مار. هو روئندو جڏهن گهر پهچندو هو تہ، ڏوهہ ڪٽي ڪنهن جو بہ هجي، سندس ماءُ، منڙي ماءُ، جيجل ماءُ جنهن مان هن کي دلاسي ۽ پر جهلائپ جي اميد هئي سا دانهون ڪري چوندي هئي، ”ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي دانهن ڏيان؟ هاءِ منهنجا نصيب منهنجا مقدر، ڏاڇي هٽي ڏهہ تہ توڏو هٽي تيرنهن. پيڻ ڇا ڪيان، جانو گهٽ هو جو هن نڪمي اڻ سڌريل مان بہ اڇي ڦاتي آهيان. روز جهيڙو. ٻيا بہ ٻار آهن، کيڏن ٿا. هن نود سان سڀ ڪو وڙهي ٿو، هن نود کي سيڪو ماري ٿو. ڏوهہ تہ هن جو هوندو ئي نہ، پر وتان مان ماڻهن سان وڙهندي، فيصلا ڪندي.“

هن جي اڪيلائي اجان به گهري ٿي وئي، هن جو ڳوٺ ۾ ڪوبه مٽ مائٽ يار دوست نه رهيو هو.
هو والدين هوندي جڻ ته لا وارث ۽ يتيم هو.
هڪ ڏينهن ته حد ٿي وئي.
هو انين جماعت پڙهندو هو. گرمين جي موڪل هئي. ماءُ هن ڪي مينهن چارڻ لاءِ موڪليو.
جڏهن هو گهر موٽيو، ماڻس رڙ ڪئي، ”اڙي منيس هن نڪمي اڻ سڌريل ڪي ڇا ڪيان، گهڙي به ڪانه گذري آ جو مينهن ڪاهي ويو آ، پاڻ ته ڪي ڇتا ڪتا ڪڍ پيا اٿس جو وري واپس وريو آهي گهر. اڄ ته تو ڪي مان ٿي ڏسان“ ائين چئي هوءَ هن جي ڪڍ لڳي.
امير بخش وني ڀڳو. هن ڪي ڪا خبر ڪانه پئي ته ڪيڏانهن ڀڄندو پئي ويو. جڏهن هن ڪي ٿوري دير ڪان پوءِ سامت آئي ته پنهنجو پاڻ ڪي پنهنجي ڪلاس روم جي اڳيان ويٺل ڏٺائين.
ڪلاس روم جي بند دروازي اڳيان ويني ان گهڙي هن ڪي محسوس ٿيو ته، ڪلاس روم دنيا جي هر گود ڪان وڌيڪ محبت ڪندڙ هو. ڪلاس روم جي جهولي ايڏي وڏي هئي جو هن ڪي هر مصيبت ڪان بچائيندي هئي ۽ بچائي سگهي ٿي.
هن ڪي محسوس ٿيو، ڪلاس روم هن جو دوست هو، ساٿي هو، سهارو هو، ڏڍ هو.
ڪلاس روم جي بند دروازي ڪي ڏسي ڪيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو، جڻ ته ڪنهن مهربان فرشتي محبتن جو مينهن وسائيندي وسائيندي اچانڪ پنهنجا پر بند ڪري ڇڏيا هجن.

هن جي دل ٻڏڻ لڳي.
اڇانڪ هن جي اندر مان سانوڻ جي گجگوڙ جيان سڏڪا اڀرڻ ۽ ٻڏڻ لڳا.
هن کي خبر نہ هئي تہ هو ڪيتري دير تائين ڪلاس روم جي اڳيان وينو روئندو رهيو هو.
معصوم دل جو بار روئڻ سان هلڪو ٿيو تہ هن کي بک ستائڻ لڳي.
هن کي ياد آيو، مينهن جهنگ ڏي ڪاهي وڃڻ کان اڳ هن لسيءَ سان هڪ ڪٽڪ جي ڊڳڙي کاڌي هئي. جيئن ئي هن کي صبح جي ماني ياد آئي، تيئن ئي بک شديد ٿيڻ لڳي.
هن جا تہ ڪيسا بہ خالي هئا.
هن ئي اسڪول ۾ ايندي هن کي ٽيون سال هو.
مهيني ۾ ڪو هڪ اڌ ڏينهن پٽس چار آنا خرچي ڏيندو هو.
سندس هم ڪلاسي جڏهن رسيس ۾ چولا يا ڪا ٻي شيءِ کائيندا هئا تہ هو ڪلاس ۾ وينو پنهنجا بوڪ فيئر ڪندو هو.
رسيس ۾ خرچ ڪرڻ تہ هن لاءِ هڪ حسين خواب هو. اڄ، اڄ بہ ڪلاس روم جي اڳيان ويني هن کي پنهنجي غربت جو يقين ۽ بک جو احساس هو.
جڏهن بک جي شدت وڌڻ لڳي، تڏهن هو اٿيو، بغير ڪجهہ سوچڻ سمجهڻ جي سندس قدم بازار ڏانهن کڄڻ لڳا.
هو ڪافي دير تائين بازار ۾ گهمندو رهيو. رکي رکي کيس پنڻ جو خيال ٿي آيو، پر ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ جي هن پاڻ ۾ همت نہ ٿي پائي.
شديد گرمي، تاڪ منجهند، ڪانوَ جي اک ٿي نڪتي بازار ويران ٿيڻ لڳي.

هر ڪو ماڻهو، پڪي پڪڻ، چانو ۾ ڇُپڻ لڳو.
ان گهڙي هو بازار ۾ هڪ دڪان تي اچي پهتو.
دڪان جي مالڪ جو پٽ هن جو ڪلاسي هو.
جڏهن هو دڪان تي آيو ته ڏنائين ته اتفاق سان مالڪ گهر آرام ڪرڻ ويو هو، سندس دوست دڪان تي وينو هو.
هو دوست سان گڏ ويهي رهيو.
استادن، ڪلاس، گهر و ڪم ۽ ڪلاسين جون ڳالهيون ڪندي ڪافي دير گذري وئي.
ايتري ۾ هم ڪلاسي دوست جي گهران، سندس ننڍڙو ڀاءُ ماني ڪڻي آيو.
ماني، گرم گرم چانور ۽ تريل پٽاٽا.
بک امير بخش جي اندر ۾ ٻرندڙ جبل جيان ڦاٽي پئي هن جي دل مان دعا نڪتي. ڪاش! سندس دوست ڪيس ماني کائڻ جي صلاح ڪري.
شايد هن جي دعا اگهامي وئي هئي.
هن جي دوست هن کي ماني کائڻ جي صلاح ڪئي.
هن کي باقي ڇا گهربو هو.
هن اهڙي انداز ۾ گرهه کڻڻ جي لاءِ هٿ وڌايو، جيئن هڪ بکيي کي هٿ وڌائڻ گهرجي. پر ان کان اڳ جو هن جو هٿ چانورن تائين پهچي ۽ گرهه کڻي، هڪ ڌماڪو ٿيو.
هن کي ائين لڳو، ڄڻ ته هڪڙو ايٽم بم ڪريو هجي، جنهن سندس وجود کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو هجي. هن جيئن ئي گرهه کڻڻ لاءِ هٿ وڌايو هو، سندس دوست گرم چانور سندس هٿ جي پٺيءَ تي رکندي چيو، ”اڙي يار اميرا، تون جو مون سان پت کائيندين ته مان وري ڇا کائيندس؟“

هن کي ائين لڳو ڄڻ ته سندس هٿ دوزخ جي باهه ساڙيو هجي.
هو ڪو جواب ڏيڻ کان اڳ ونئي پيڳو.
سڌو اچي قاسم باغ ۾ ساهه پٽيائين.
لڳو ائين ٿي ته اڄ سندس مقدر ۾ صرف پڇڻ ئي لکيل هو.
صبح ماءُ جي خوف کان پڳو هو ۽ ڪلاس جي بند دروازي اڳيان ويهي سڏڪا پري رنو هو.

منجهند جو وري دوست جي ساڙڻ کان پوءِ قاسم باغ ۾ اچي سرينهن جي وڻ هيٺان ويهي رڙيون ڪري روئڻ لڳو.
اهيو ته شڪر ٿيو جو ٽاڪ منجهند جو باغ ۾ ڪير به ڪو نه هو نه ته سيڪو سمجهي ها ته ڇوڪري کي الائي ڇا ٿيو.
روئندي روئندي هن کي ننڊ اچي وئي.
هو شام جو جڏهن ننڊ مان اٿيو ته سج جا پاڇا لڙي چڪا هئا.
هو جڏهن واپس گهر ڏانهن موٽيو ته ڄڻ ان ڏينهن هن جي شخصيت جو بنياد پئجي چُڪو هو.

گهر ۾ هن جي ڪنهن کي به پرواهه نه هئي. ماڻس ڪانئس مانيءَ جو پڇڻ بجاءِ، ڪيس به ٿي پوندا گهروڙي منهن ۾ هنيا. پينرن منهن کي موڙو ڏئي چيو، ”آيو آهي سُڌريل.“ پر اڄ هن جي ذهن تي ڪنهن به ڳالهه جو اثر نه پيو. رات جي ٽڪ بُجي ڪانپوءِ مليل ماني ڪائي هو سمهي پيو.
صبح جو جڏهن اٿيو ته هن لاءِ ڄڻ نئون صبح هو.
هن جو ٻاروتڻ ڄڻ ته پورو ٿي چڪو هو.

هن ڄڻ طئه ڪري ڇڏيو ته هو ڪجهه ڪري ڏيکاريندو هن ڄڻ ته اهيو به طئه ڪري ڇڏيو ته، ڪير ڪيس ڇا به چوي هو زندگي پنهنجي انداز ۾ جيئندو. ان ڏينهن کان پوءِ هن جي

طبيعت ۾ ضد ۽ خود غرضيءَ جون علامتون شدت سان اڀرڻ لڳيون.
هن پنهنجي آمدنيءَ جو به هڪ ذريعو ڳولي ورتو.
هو ڪلاس ۾ امير شاگردن جا بوڪ پئسن تي فيئر ڪندو هو ۽ پنهنجو ضرورتون پوريون ڪندو هو.
وقت تيزيءَ سان گذرڻ لڳو.
سيني ذلتن، تنبيهن، مارموچڙن جي باوجود به هن مئٽرڪ "A" گريڊ ۾ پاس ڪئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هن جي زندگيءَ ۾ هڪ نئون موڙ آيو.
شهر جي هڪ وڪيل، هن جي خوبصورت اکرن ڪي ڏسي ڪيس پاڻ وٽ به سؤ روپيه ماهوار تي منشي ڪري رکيو.
جڏهن مهيني جي پهرين تاريخ ٿي، وڪيل ڪان جانب هن جي پگهار اچي ورتي. ان ڏينهن جانب ڪي پهريون دفعو احساس ٿيو ته، جيتوڻيڪ چوري ۾ ڪو چڱو لڇڻ ڪونه هو، پر پوءِ به هن چوري ڪي پڙهائي ڪو نقصان جو سودو نه ڪيو هو.
ان ڏينهن امير بخش ڪي پنهنجي پهرين يڪمشت ڪمائي ڪي پنهنجي هٿن سان ڇهڻ جو ايتري ته شدت سان احساس ٿيو هو. پئسا ڇڻ ته نوٽ نه ڪنهن حسينه جو جسم هجن، پر هو پيءُ جي اڳيان بيوس ۽ لاچار هو.
هن ڪي پنهنجي ڪمائيءَ جي کسجڻ جو شدت سان ڏک ٿيو.
وقت جا پاچا پنهنجا پاسا بدلائيندا رهيا.
امير بخش جي زندگيءَ جو پاسو بدليو. وڪيل، جنهن هن ڪي منشي گيري ڏني هئي، هن تي ڏينهون ڏينهن مهربان ٿيڻ لڳو. وڪيل، جنهن جي عمر پنجاهه ڪان مٿي هئي، ڪيس به

پٽ ۾ ٿي ڏيئرون هيون. ان جي باوجود به هو شهر ۾ شيخ اياز جي لفظن ۾ لوطيءَ طور مشهور هو.

آهستي آهستي وڪيل امير بخش جي ڪم ڪان وڌيڪ هن جي جسم ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو.

وقت جي بيرحمي هئي، اندر جي گُهٽ هئي، پيار جي اڻ هوند هئي يا بي پرواهي، امير بخش پنهنجو جسم وڪيل جي حوالي ڪري ڇڏيو.

جيئن ڏينهن گذريا، امير بخش وڪيل جو گهر ڀاتي ٿي ويو.

وڪيل ڪان هن جا به سؤ روپيه ته سندس پيءُ جانب ونندو هو پر جيئن ته هو وڪيل جو "پيارو" هو ان ڪري ڪيس وڪيل سادا سودا ڪپڙا، پڙهائيءَ جو خرچ ۽ ڪڏهن وڌيڪ خرچ به ڏيڻ لڳو.

ان جدوجهد ۾ جفاڪشيءَ جو نتيجو اهيو نڪتو ته هن انٽر به "A" گريڊ ۾ ڪري ورتي.

انٽر پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ستت ئي وڪيل هن تي بي مهرباني ڪئي.

وڪيل امير بخش کي ڪراچيءَ جي ڪورٽ ۾ ڪلارڪي وٺي ڏني.

ڳوٺ ڇڏيندي امير بخش کي ائين لڳو ڄڻ ته سندس مٿان پهاڙ جو وزن هٽي ويو هجي.

امير بخش جي ڳوٺ ڇڏڻ جي پندرهين ڏينهن ڪانپوءِ وڪيل کي پتو پيو ته سندس ٻيو نمبر سترنهن سالن جي ڪنواري ڌيءَ ٽن مهينن جي حمل سان هئي.

امير بخش شايد زماني کي ان جي زبان ۾ جواب ڏيڻ جو هنر سکي ورتو هو.

وڪيل هِن جي جسم ڪي چڪندو هو ته هُن وري وڪيل جي ڪنواري ڌيءَ جي جسم مان ور ور ڪري سواد ورتو هو.
هن کي وڪيل جي ڌيءَ سان ڪو عشق ڪونه هو. ڪا تڙپ نه هئي. ڪو احساس ڪونه هو. هن ته ڄاتو ٿي ته هي صرف جسمن جي مٽا سٽا جو سودو هو.
جڏهن ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو ته هن جي ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ به اها ڳالهه ڪانه هئي ته دنيا جي گولي تي ڪا سترنهن سالن جي ڇوڪري به هئي، جنهن کي هن حامله ڪيو هو.
ڪراچي، سمنڊ جي ڪناري تي اڏيل سنڌ جو شهر.خود هڪ سمنڊ، انسانن جو سمنڊ، ٻولين جو سمنڊ، سوچن جو سمنڊ، پيار جو سمنڊ، اجهاڳ بي پناهه، بي ڪران سمنڊ.
چوندا آهن ته هر قوم جو هڪ محبوب شهر هوندو آهي. پنجابي هن دنيا ۾ ايستائين پيدا ٿيل نه سمجهيو ويندو جيستائين لاهور نه ڏسندو.
ڪلهه جي بمبئي اڄ جي ممبئي هندستان جو ڪشش ثقل.
بنگالي شايد ٽئگور جي شاعري ڪلڪتي تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.
قنڌار، پناڻن کي بندوق جيترو پيارو آهي.
عربن لاءِ بيروت ۽ دبئيءَ تان پئرس قربان.
سنڌين لاءِ ڪجهه ڏهاڪا اڳ تائين، ڪراچي محبتن جو محّور نه هو.
ڪراچي ته بي وڙو، بي ترتيب، بي موسمو شهر هو.
سنڌين لاءِ ته دنيا جي گولي تي هڪ ئي شهر هو،
حيدرآباد!
هوائون حيدرآباد جون،

حورون حيدرآباد جون
جايون حيدرآباد جون........
مائرون بہ دعا ڪنديون، ”ابا الله ڪندو حيدرآباد جو ڪليڪٽر ٿيندين.“
اتر سنڌ ۾ گرمين ۾ هوا گهلندي، پوءِ زبانون لڪنديون ”هاءِ هاءِ! اڄ تہ صفا حيدرآباد ۾ ويٺا آهيون.“
لاڙ ۾ فصل لٿو ناهي، ماڻهو حيدرآباد پهتا ناهن.
شاعر حيدرآباد تي شاعري ڪندا.
اديب حيدرآباد تي ڪهاڻيون لکندا.
جهونا حيدرآباد جي هيرآباد کي ياد ڪري اداس ٿي ويندا.
نوجوان حيدرآباد جي قاسم آباد جا تصور ڪري پنهنجي نئين زندگيءَ جا نوان خواب لهندا آهن.
چون ٿا تہ، دنيا ۾ تيزيءَ سان موسمياتي تبديليون اچي رهيون آهن.
موسمون بدلجن ٿيون، مزاج بدلجن ٿا.
جيتوڻيڪ حيدرآباد، اڄ بہ سنڌين جي محبتن جي امين آهي، پر ڪراچي، سنڌين جي ذهنن ۾ حيدرآباد جي ساهيڙي ٿي اڀرڻ لڳي آهي.
ايئن چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونهي تہ سنڌي ڪراچيءَ کي هڪ نوخيز ڇوڪري جيان ڏسڻ لڳا آهن ۽ ڏسندي ڏسندي سندس عشق ۾ گرفتار ٿيڻ لڳا آهن.
تڏهن ئي تہ ڪراچي سنڌ جي دل سڏجڻ لڳي آهي.
ادب ۾ حيدرآباد سان گڏ ڪراچي بہ برابر جي حصيدار ٿيڻ لڳي آهي.

امير بخش جڏهن ڪراچيءَ پهتو هو، تڏهن سنڌين جي ڪراچيءَ سان عشق جي نئين ابتدا هئي.

هو ڪراچيءَ ۾ سيشن ڪورٽ ۾ اچي جونيئر ڪلارڪ ٿيو. ڪيس ساڍا چار سؤ ماهوار پگهار ملڻ لڳي. جڏهن هن کي نوڪري ملي، جانب علي هوٽل تي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ماءُ بيمار رهڻ لڳي، ڀينرن جي شادي مٿي تي اچي ڪڙڪي. هن جي دل چاهيو ته، هو مائٽن کي ٻڌائي ته، هنن ساڻس ڪهڙا پال پلايا آهن جو هو هاڻي هنن جي مدد ڪري. پر هو ائين نه ڪري سگهيو. مهيني جي پهرين تاريخن ۾ هو ٽي سؤ روپيه مني آرڊر ذريعي جانب ڏي ڏياري موڪليندو هو. ۽ ڏيڍ سؤ روپين مان پنهنجي گذر سفر ڪندو هو.

هو غربت، بي حسي ۽ لاچاريءَ مان پڳو هو.

پر وک وک تي غربت سندس اڳيان هئي.

ٻن ڪمرن جي ڪراچيءَ واري گهر ۾ رهندي هن کي ٽڪي ٽڪي جو حساب رکڻو پوندو هو. گهر جو ڪرايو. سفر جو ڪرايو ۽ هنديءَ جو حصو. صدر جي لنڊا بازار ۽ لائيٽ هائوس مان ڪپڙا، جوتا جوراب ۽ گنجيون وٺندو هو. موڪل واري ڏينهن پوري هفتي جا ڪپڙا ڌوئندو هو. مهيني ۾ هڪ دفعو هزاري وال جي هوٽل تان دال فرائي کائيندو هو ۽ خوش ٿيندو هو. ۽ سڄو ڏينهن ڪورٽ ۾ ڪم ڪندو هو. شام جو واپس اچڻ ڪانپوءِ پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر ٿڪ ڪان چور چور، سندس دل پڙهڻ ڏانهن مائل نه ٿيندي هئي

پر پوءِ به هو همت نه هاريندو هو، ڪوشش جاري رکندو هو. هن جو خواب هو سي ايس ايس ڪرڻ جو، هن جلد پنهنجي خواب جي تعبير ڏسڻ ٿي چاهي. هن جو هر پل جنگ ۾ گذريو ٿي.

اڻ ڪٿ جنگ، جنهن جو انت هن کي مستقبل ۾ نظر نہ ٿي آيو. پر هڪ ڏينهن سندس قسمت وري پلٽو کاڌو هن لاءِ هڪ نئون سج اڀريو، خوبصورت رنگين صبح.
ٿيو هينئن، هڪ ڏينهن هو ڪورٽ ۾ ڪم ڪري رهيو تہ هڪ ماڻهو ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ ڪورٽ ۾ آيو. اتفاق سان هُن جو ڪم هِن جي ٽيبل تي هئو.

بنيادي طرح هي رُکو ماڻهو، نہ ڪنهن سا دعا نہ سلام ڪم سان ڪم، بلڪ ائين چئجي تہ ڳالهہ ٻولهہ دوستي ان سان جنهن ۾ هن جو ڪم هوندو هو. پران ڏينهن خلاف توقع ڪيس جي سلسلي ۾ آيل ان ماڻهوءَ سان هن جو رويو خوش اخلاقيءَ وارو هو.
ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ پتو پيو تہ همراهہ جو نالو نسيم هو. هو نيويءَ جو ريٽائرڊ آفيسر هو. بنيادي طرح فيصل آباد جو پنجابي هو پر ڪراچيءَ ۾ ان ئي ڪالونيءَ جي ان حصي ۾ ٻہ سؤ چاليهہ گزن جي گھر ۾ رهندو هو، جنهن ۾ امير بخش رهندو هو.

ڪورٽ ۽ جلدي ڪم؟ ائين جڻ آسمان مان ستارا لاهڻا هجن، جڻ ٻبرن کان ٻير پيدا ڪرڻا هجن، جڻ رڍن اڳيان رباب وڄائڻا هجن. ڪورٽ جي وهنوار کي سمجهڻ لاءِ ضروري آ تہ ماڻهو هندستان جي فلم ”نٿورام حاضر هو“ ڏسي وٺي.

نٿورام ويچارو مصيبت جو ماريل، زماني جو ستايل جوان هو، جڏهن سندس پيءُ جو انتقال ٿيو هو. مرندي مرندي سندس پيءُ ڳچيءَ ۾ هڪ عجيب ڳٽ وڌو هو. ڪيس وصيت ڪئي هئائين تہ هن پنهنجي اباڻي ملڪيت حاصل ڪرڻ لاءِ

تازو ئي جيڪو ڪيس ڪيو هو، تنهن جي پيروي ڪري ۽ پنهنجي حق ضرور حاصل ڪري.
نٿورام ويچارو، پنهنجي پيءُ ڪي چتا تي چاڙهڻ کان اڳ جڻ ته خود به چتا تي چڙهي ويو هو.
پر جوان هو، سگهه هئس، رت ست هئس، سو لڳي پيو پنهنجي پيءُ جي وصيت کي پورو ڪرڻ جي ڪِد. هو محنت مزوري ڪندو هو. پئسا گڏ ڪري وڪيلن جي پورائي ڪندو هو ۽ مهيني ۾ هڪ يا ٻه ڏينهن ڪورٽ ۾ حاضر ٿيندو هو.
خبر ئي نه پئي ته وقت ڪيئن گذري ويو.
نٿورام سڄو برف جيان اڇو ٿي ويو.
شادي ڪيائين ٻار پيدا ڪيائين، انهن جون شاديون ڪرايائين، نانو ڏاڏو ٿي ويو.
ظاهري طرح سڀڪجهه بدلجي ويو هو.
موسمون، گهر گهاٽ، مٽ مائٽ، رشتا ناتا، پر ويچاري نٿورام لاءِ نه بدليو هو ته ڪورٽ جو دستور.
هن جي مرندڙ پيءُ هن کان واعدو ورتو هو. هن پاڻ سان وچن ڪيو هو ته، هُو به مرڻ گهڙيءَ تائين ڪيس جي پچر نه ڇڏيندو.
پوءِ ٿيو به ائين ئي.
هڪ تاريخ تي ٿڙندو ٿاٻڙندو لٺ ٺهڪائيندو، اچي ڪورٽ جي ڏاڪڻين تي وينو.
ٿوري دير ڪانپوءِ، ڪورٽ جي چوبدار آواز ڏنو، ”نٿورام حاضر هو.“ هڪ دفعو ٻه دفعا ٽي دفعا آواز لڳائي چوبدار پنهنجي ڪاروائي پوري ڪئي. ڪورٽ جي ڏاڪڻين هيٺان نٿورام ليٽيو پيو هو. هو واعدو وفا ڪندڙ ۽ زبان جو پڪو شخص هو.

هن پنهنجي پيءُ سان ڪيل واعدو پنهنجي ساهه جي آخري گهڙين تائين پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

سو نٿورام جيان ويچاري نيويءَ جي ريٽائرڊ آفيسر نسيم جو بہ ڪورٽ ۾ ڪم جو تڪڙو اُڪلاءُ جيڪو ٽيڙو هو سو تہ زماني کي ڏسڻو هو، پر هڪ ڳالهہ اهيا ٿي تہ امير بخش سان سٺي دعا سلام ٿي ويس.

هڪ ڀيري نسيم موڪل واري ڏينهن امير بخش کي پنهنجي گهر چانهہ پيئڻ جي دعوت ڏني.

هو ڳوناٺو ڇوڪرو، جهوپڙن، ڇنن ۽ مَنهن ۾ رهڻ وارو، ڪراچيءَ آيو هو تہ جيل نما ڪوٺڙين ۾ رهڻ لڳو هو. خوبصورت گهر صرف ٻاهران ڏسندو هو ۽ انهن گهرن کي پنهنجي خواب جو حصو بڻائيندو هو. پر اڄ هن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪو خوبصورت گهر ڏٺو هو. نسيم صاحب هن کي وڏي سڪ ۽ اڪير مان مليو، ڪيس ڊرائينگ روم ۾ ويها ريائينس.

ٿوري دير ڪان پوءِ، اميربخش جون اکيون اجان بہ حيرت مان ڦاٽي ويون، جڏهن هن ڏٺو تہ چوويهن پنجويهن سالن جي هڪ خوبصورت ڇوڪري، خوبصورت ٿانون ۾ چانهن کڻي آئي. ڇوڪري هئي يا پري! جلا وطن سنڌي اديب موهن ڪلپنا لکيو آهي تہ ”لاهور جي ڇوڪرين جي ڳِٽن تي مکڻ لڳل هوندو هو.“

برابر سچ هو.

سندس اکيون اياز جي هن شعر جهڙيون هيون:

اکيون آرزوئون، اکيون التجائون،
اکيون يار تنهنجون صدين جون صدائون.

گلابي رنگ. مٿان گلابي ڪپڙا، رئو ڳچيءَ ۾. هن عورتون اڳ ۾ به ڏٺيون هيون. هڪ الهڙ جوانيءَ جي جسم جو واس به ورتو هئائين. هوءَ به هڪ وڪيل جي ڌيءُ هيءَ پر هئي ته وري به ڳوناٺي چو ڪري نه.

پر هيءَ جواني، هيءَ خوبصورتي، هي انداز هن لاءِ بلڪل ايئن نئون ۽ دل کي ڇهندڙ هو، جيئن هي انتهائي خوبصورتيءَ سان سينگاريل گهر.

هن جا جذبا شديد ٿيڻ لڳا.

پرائو گهر، پرائو ماحول. هو پنهنجي جذبن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي جستجو ڪرڻ لڳو.

هن جي خيالن جو سلسلو تڏهن ٽٽو، جڏهن نسيم صاحب ڪيس ٻڌايو، ”هوءَ زهرا سندس وڏي ڌيءُ هئي، ايم بي اي پاس آهي هڪ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ اسسٽنٽ مئنيجر آهي.“

پوءِ چانهه هلي. ڳالهين جو دؤر هليو، ڳالهيون ڇا هيون هي ڀهراڙيءَ جو ٻار، ماريل، هراسيل، هيسايل، هن جي زبان مان صرف هون هان ٿي نڪتو اندر ۾ آنڌ مانڌ هئس، سوچ جو محّور صرف هو ته، خوبصورت گهر ۽..........زهرا.

ڳالهين ۾ نسيم صاحب ٻڌايو ته، هن کي هڪ وڏو پٽ هو ۽ پنج ڌيئرون هيون. پٽ آسٽريليا ۾ هوس جڏهن ته ڌيءُ زهرا ڪانپوءِ ٻيو نمبر ڌيءُ سونيا ٽئين سال ۾ ڊاڪٽريءَ جي شاگردياڻي هئي.

هڪڙي ننڍڙيءَ بي بي اي پئي پڙهيو. هڪ نائين جماعت ۾ هئي ۽ ٻي انيهءَ ۾.

هن جي دل ۾ دهڪو ٿيو. نسيم صاحب اگر ڪائنس سندس خاندان جي باري ۾ پڇيو ته هو ڇا ٻڌائيندو پر اڄ لڳو ائين ٿي ته ستارن جي چال هن جي حق ۾ هئي.

چانهه پيئڻ دوران زهرا ويٺي رهي. هوءَ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ جي ماڻهو ڀرتي ڪرڻ واري شعبي ۾ اسسٽنٽ مئنيجر هئي. ماڻهن جي پرک ڪري تڪي توري، ڪمپنيءَ ۾ ڀرتي ڪرڻ سندس ئي ذميواري هئي. محسوس ائين ٿي ٿيو ته ويٺي ويٺي ڄڻ ته هن به امير بخش جي شخصيت جي گڻن ۽ اوگڻن جو اندازو لڳائي ورتو هو.

موڪلائڻ مهل نسيم صاحب هن کي چيو ته هو هن گهر کي پنهنجو گهر سمجهي ۽ موڪل واري ڏينهن ضرور گهر جو ڦيرو ڏيجي.

هو جڏهن پنهنجي ڪوليءَ تي موٽيو ته اڄ هن جي ذهن جي اڏام جو ڪوانٽ نه هو. هن زندگيءَ ۾ هڪ خوبصورت گهر ۽ هڪ خوبصورت ڇوڪري ڏٺي هئي.

ڇوڪري جيتوڻيڪ هن کان به اڍائي سال وڏي هئي، پر پوءِ به هن بي پناهه ڪشش محسوس ڪئي. پهريون دفعو هن کي احساس ٿيو ته هن جو بغير ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي عزت ۽ احترام ڪيو ويو هو. پيار ڏنو ويو هو، پر خلوص آجيان ڪئي وئي هئي. هن پنهنجي اندر ۾ پنهنجي خوابن ۾ رنگ ڀربي ڏٺا. هن جو ارادو اڃان به مضبوط ٿي ويو ۽ ان سان گڏ هن جو پنجابين جي باري ۾ تصور ۾ ڏار پيو.

زمانو چوندو آهي ۽ وڏي حد تائين سچ چوندو آهي ته، صديون گذري ويون جو پنجابين پنهنجي بزرگن جي محنت ۽ سخاوت ۽ رواداريءَ جي پيغام واريون خوبصورت ادائون

اچلائي ڇڏيون هجن جيئن جانور بدهضميءَ کان پوءِ الٽي ڪندو هجي. پنجابين جي پوري زندگيءَ جو دارومدار ان شيءِ تي اچي بيٺو آهي ته، ”آيو آهين ڇا آندو اٿئي، وڃين ٿو ته ڇا ڏئي ويندين.“ پنهنجي مفاد ۽ مطلب لاءِ پنجابي ڪجھ ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويندو. ڪراچيءَ ۾ ته امير بخش اهي چوٽيون به ٻڌيون هيون ته، ”پنجابيون ڪِي بستي، آٽا مَهنگا، پر.......... سَستي.“ حد ته اها هيءَ ته، هن ڪورٽ ۾ پنهنجي ڪنن سان سان هڪ پنجابي وڪيل کي وڏي واڪي ڪلي ٺهڪ ڏئي ڏئي چوندي ٻڌو هو، ”اڙي ڀائي اسان کي سمجھو ڇا ٿا، اسان پنجابي ناهيون، اسان پنج عيبي آهيون، پنج عيبي.“

پر اڄ ته سڀ ڪجھ اُلٽو ٿيو هو. هن صرف ايترو ڪيو هو ته ڪورٽ ۾ آيل نسيم صاحب سان خوش اخلاقيءَ سان پيش آيو هو. ان جي بدلي ۾ هن شخص ڇا ڪيو هو. خوبصورت گھر ۾ پنهنجي خوبصورت ذيءُ هٿان هن کي چانھ پياري هئائين ۽ پنهنجي گھر جا دروازا هن لاءِ کولي ڇڏيا هئائين.

ڪراچيءَ جي رستن تي هلندي، سوچن جي سمنڊ ۾ ترندي پتو ئي نه پيو ته هفتو گذري ويو. موڪل واري ڏينهن هن پنهنجو پاڻ کي روڪڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي. ٺيڪ ڇئين وڳي هن اچي نسيم صاحب جي گھر جي گھنٽي وڄائي. ننڍڙي ڇوڪريءَ درجي اندران پڇا ڪئي، ”ڪون“؟
هن مختصر جواب ڏنو، ”امير بخش“.

ان کان اڳ جو ننڍڙي ڇوڪري کو جواب ڏئي، اندران بي ڇوڪريءَ جو آواز آيو، ”هما اس کو اندر ڊرائينگ روم ۾ بنائو. ۾ آتي هون“

هما در کوليو ۽ هن کي اندر اچي ڊرائينگ روم ۾ ويهاريو.

پندرنهن ويهن منٽن ڪانپوءِ امير بخش محسوس ڪيو جڻ تہ، ٽاڪ منجهند جو آسمان ۾ اچانڪ بادل ڀرجي آيا هجن.

پياسي ڌرتيءَ جي اڄ اڃهائجي وئي هجي.

آسمان ۾ ڪونجن قطار ٺاهي هجي.

جهولي جي موسم ۾، ڪا ٿڌڙي هير لڳي هجي.

ڪمرو خوشبوءَ سان واسجي ويو.

امير بخش اندازو نہ لڳائي سگهيو تہ خوشبو پرفيوم جي هئي يا زهرا جي جسم جي.

زهرا، تازي ٽڙيل گل جيان ٽڙندي بي حد خوبصورت مرڪ مرڪندي هن جي سامهون واري صوفي تي ويٺي زهرا جا وار ڪليل اڌ سندس سيني تي ۽ اڌ سندس پٺيءَ تي، ڪارو وڳو پاتل. اکين مان ائين ٿي لڳو جڻ تہ زهرا کي امير بخش جي اچڻ جو انتظار هو.

هن جي حيرت کي زهرا ٽوڙيندي چيو، ”اڄ اَبُو ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويل آهي، پر چڱو ٿيو جو توهان آيا. مون کي اندازو هو تہ توهان ايندا.“

هو خاموش هو ۽ خاموشيءَ ۾ سوچيندو رهيو،

زهرا کي هن جي اچڻ جو اندازو چو هو، ڇا هو زهرا لاءِ آيو هو. يا زهرا هن جي انتظار ۾ اُتاولي هئي.

آخر ۾ هن بہ خاموشيءَ کي ختم ڪيو، ڳالهيون شروع ٿيون.

ڳالهيون، خوشبودار ڳالهيون. مزيدار ڳالهيون. ڳالهيون جن ۾ دلربائي هئي، پنهنجائپ هئي، حجت هئي، يا اڃا گهڻو ڪجهہ هو. پهريون دفعو، هيسيل، هراسيل، احساس ڪمتريءَ

جي ماريل امير بخش جي بہ زبان ڪلي هئي ۽ ڪلي بہ ايئن هئي جو واهڙ وهائي ڇڏيا هئائين.
اڄ چانهہ زهرا جي نندي ڊاڪٽرياڻي ڌيئڻ سونيا پياري هئي.
ڳالهيون ڪندي ڪندي پتو ئي نہ پيو تہ پورا ٻہ ڪلاڪ گذري چڪا هئا. هن زهرا ڪان موڪلايو. موڪلائڻ مهل زهرا هن کي پنهنجي آفيس جو نمبر ڏنو ۽ ڪيس رابطي رکڻ جو تاڪيد ڪيو.
هو جڏهن پنهنجي ڪوليءَ نما گهر ڏانهن موٽيو تہ هو شهر جي شور و غوغاءَ کان بي خبر هو. بازار ۾ هلندڙ ماڻهن جو اڻ ڪٿ سمنڊ بہ ڪيس نظر نہ ٿي آيو.
هن جي دل ۾ سوچن جون عجيب لهرون ٿي اٿيون. هي ساڳيو امير بخش، جيڪو ماءُ جي اڳيان اٿي تي چڙهي هو، پيءُ کي احساس هو تہ هن غلط فيصلو ڪيو هو، پيرن لاءِ نڪمو ۽ فضول، هڪ وڪيل هن جي ذهانت سان گڏ هن جي جسم کي استعمال ڪيو هو. اڄ ساڳي امير بخش کي ڪراچي شهر جي هڪ سهڻي ڇوڪري بغير ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي پنهنجائپ جو احساسن ڏياريو هو. پنهنجي قرب ۾ ڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي هيءَ ۽ رابطو رکڻ جو تاڪيد ڪيو هو، رکي رکي هن جي دل ۾ گمان ٿي پيدا ٿيو تہ، ڪٿي ايئن نہ هجي تہ ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي وڃان.
پنهنجي گهر پهچندي پهچندي هن هڪ فيصلو ڪري ورتو هو.
ڇا بہ هو. ڪيئن بہ هو. نتيجو ڪهڙو بہ نڪري، هو زهرا جي قرب جو پورو پورو فائدو وٺندو.

ٻي ڏينهن جڏهن هو ڪورٽ پهتو. پهريون ڪم تہ اهو ڪيائين تہ هيڊ ڪلرڪ صاحب کان موڪل وٺي زهرا جي آفيس فون ڪيائين.

هُن پاسي ايئن لڳو ڄڻ تہ هن جي فون جو ئي انتظار هو، پوءِ رابطا وڌيا. هن زهرا کي سڀ ڪجھ ٻڌايو. پنهنجي غريبي پنهنجي محرومي ۽ پنهنجا خواب.

زندگيءَ جي گونا گونين ۾ ايئن ٿيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اچانڪ، اوچتو، اتفاق سان اهڙا انسان اسان جي زندگين ۾ داخل ٿيندا آهن، جيڪي زندگيءَ جا رُخ ئي موڙي ڇڏيندا آهن.

امير بخش سان بہ ايئن ٿيو.

زهرا کي امير بخش سان پيار ٿي ويو. محسوس ايئن ٿيڻ لڳو تہ قدرت زهرا کي امير بخش جون محروميون مٽائڻ ۽ خواب کي تعبير ڏيڻ لاءِ موڪليو هو.

رابطو اڳتي وڌيو، احساس گهرو ٿيو.

زهرا فيصلو ڪيو.

هن پنهنجي گهر جي ٽين ماڙ تي ڪمرو خالي ڪيو.

ان ۾ امير بخش جي رهائش جو بندوبست ڪيائين. زهرا ڪمري ۾ هڪ نفيس قالين لڳرايو، سنو پلنگ لڳرايو، نفيس پردا هٽايائين. سولي سنڌيءَ ۾ ايئن چئجي تہ ڪمري کي ايئن سينگار يائين ڄڻ تہ گهوٽ جو ڪمرو هجي.

هڪ ڏينهن زهرا امير بخش کي چيو تہ، هو ڪورٽ مان اڌ ڏينهن جي موڪل ڪري وٽس آفيس ۾ اچي. امير بخش حڪم جي تعميل ڪئي.

زهرا ڪم ڪار مان واندي ٿي امير بخش کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاريو. ايترين مهربانين ڪرمن ڪان پوءِ امير بخش کي ته اهو يقين هو ته زهرا جو اچوڪو قدم به خير ۽ برڪت جي علامت هوندو. پر نتيجو ڇا نڪرڻو هو، ان جو پتو ان مهل پيو جڏهن زهرا جي گاڏي بونانزا جي هڪ دڪان اڳيان پهتي.
ان ڏينهن زهرا، امير بخش جي شخصيت مڪمل طرح سان مَٽائي ڇڏي.

هن امير بخش کي چار پنج بونانزا جا بهترين وڳا ٽاءِ سميت وٺي ڏنا. انگلش بوٽ هائوس تان ڪيس به بوٽ ۽ هڪ سينڊل وٺي ڏنو. ان ڪان پوءِ هوءَ امير بخش کي سڌو پارڪ ٽاور تي وٺي آئي.

زهرا امير بخش کي پارڪ ٽاور تي ان جاءِ تي اچي ويهاريو جتان سامهون سمنڊ ٿي نظر آيو ۽ پاڻ سئنڊ وچ ۽ پيپسي ڪولا وٺڻ وئي.

ڪنهن سالڪ چيو آهي، نانگ ريجهائڻ سولو ڪم آهي، انسان کي سمجهڻ ڏکيو ڪم آهي،

ڪو شڪ ڪونهي ته انسان جي زندگي اندلني رنگن جيان آهي. پر اها به ته هڪ حقيقت آهي ته هن دنيا ۾ اڪثر اندلني زندگي ته صرف انهن جو مقدر هوندي آهي نه، جن وٽ پئسو هوندو آهي، طاقت هوندي آهي، وسيلا هوندا آهن. باقي انسان ويچارن جي زندگي زرد رنگ جي دائري ۾ ئي ڦرندي ڦرندي گذري ويندي آهي.

زندگي ۾ اوچتو ايندڙ موڙن ڪان به ته انڪار نٿو ڪري سگهجي نه! موڙ مٽيو ناهي زندگيءَ جو رنگ، ناز انداز بدليو ناهي، موڙ جي مٽجڻ سان ڪڏهن ته زندگيءَ ۾ اڪيچار

رنگ پرجي اچن، هزارين دلڪشيون اپري اچن، بي پناهه دلبريون جهوليءَ ۾ اچي ڪرن ۽ ڪڏهن ته موڙ مٽجڻ سان انيڪ محروميون ناڪاميون اچي اڳيان قڻ ڪڍي بيهن.
هاءِ ڙي زندگي.

امير بخش جي زندگيءَ جو موڙ به ڪيئن مٽجي ويو هو. ظاهري طرح هن وٽ هيو ڇا. ذلتن جي ڊگهي تاريخ. ڪورٽ ۾ معمولي ڪلرڪي. ڊگهو قد، سنهو جسم، سانورو رنگ، رُکي طبيعت ڪنهن به نظر سان ڪنهن به رُخ کان منجهس ڪا ڪشش ڪا نه هئي.

پر لڳو ائين ڄڻ ته بادل برسيو، اندلٽ جي ريڪا اپري ۽ هڪ ذهين ۽ حسين نوڪريءَ واري ڇوڪري امير بخش جي اڳيان بي وس ٿي وئي.

امير بخش کي جن ڏٺو، جيڪي سڃاڻندا هئا يا جيڪي هن جي ڪهاڻي پڙهندا تن جي لاءِ امير بخش جي ڪهاڻي سگهڙن جي محفل جي اهڙي ڳجهارت هوندي، جنهن کي پرکڻ، پُرجهڻ ۽ پروڙڻ سڀ ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هوندي.

امير بخش جي ڪهاڻي ته ان پراڻي زماني جي بادشاهه جهڙي ڪهاڻي ٿي لڳي، جيڪو هيو ته فقير، هڪ ڏينهن گدا ڪندي ڪندي جڏهن شهر جي دروازي مان داخل ٿيو ته ڏٺائين، مار پيئنسان اڳيان بادشاهه جو جنازو پيو اچي.
فقير جي زندگيءَ جو موڙ مٽيو.

اچانڪ هڪ آواز اڀريو، ”با ادب با ملاحظه هوشيار،“ پير تي ڏونڪو لڳو ۽ هڪ آواز پريو، ”نئين بادشاهه سلامت جي تعظيم ڪئي وڃي.“

سڀ امير، ڪبير، مشير، وزير بادشاهه جي جنازي کي هڪ پاسي تي رکي فقير جي اڳيان   با ادب ٿي بيهي رهيا. فقير ويچارو قسمت جو ستايل، مصيبت جو ماريل، در در جي ٽڪرن تي گذران ڪندڙ، ڦهريائين ته پنهنجي گودڙيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙي بينو ته متان، سندس جملي مال متاع کي کسڻ جي ڪا سازش، ڪا اٽڪل هجي.

اچانڪ وڏو وزير اڳتي وڌيو، فقير کي ست دفعا جهڪي سلام ڪيائين ۽ هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيائين، ”شهنشاهه محترم منهنجو گهر گهاٽ، مال متاع، ڍور ڍڳا، ٻار ٻچا توهان تان قربان. جان جي امان ملي ته عرض ڪيان. اسان جو بادشاهه سلامت جنهن جو جنازو هاڻي هيئنئر ڪنيون پيا وجون، بيحد رحمدل ۽ عوام جو هر دلعزيز بادشاهه هو. هو پنهنجي رعيت لاءِ چا چا نه ڪندو هو. ڪين پنڻ کان بچائڻ لاءِ هر مهيني خيرات طور وظيفو ڏيندو هو. پر افسوس جو ڪيس اولاد ڪونه هو. مرڻ مهل وصيت ڪئي هئائين ته منهنجي بادشاهي منهنجي مرڻ کانپوءِ ان ماڻهوءَ کي ڏني وڃي جيڪو سڀ کان پهريائين سندس جنازي جي اڳيان اچي.“

زندگيءَ موڙ مٽيو.

فقير بادشاهه بڻجي ويو.

ساڳيو حال امير بخش جو هو. هو ذلتن جي اجهاڳ سمنڊ ۾ ٻڏڙيو هو. لڳو ايئن ٿي ته ڪنارو ملڻ کان اڳ ۾ ئي هو ٻڏڙي ٻڏڙي مري ويندو.

جڏهن زندگيءَ موڙ مٽيو ته هو نرالي دنيا ۾ داخل ٿي چڪو هو. داخلا به عجيب طريقي جي داخلا. هڪ حسين ڇوڪريءَ معرفت داخلا.

هو جنهن ماحول مان آيو هو، تنهن ۾ عشق تہ هو پر ايئن کلم کُلا تہ نہ هو نہ. اهو ماحول تہ شاعر محمد عليءَ جي لفظن ۾ ايئن هو:

توڏي ڏسجي بہ کنڌ هيٺ ڪري،
ريت آهي، روايتون آهن.

هتي، هِتي تہ مرشد جي لفظن ۾ نينهن اجهل هو. هڪ ڇوڪري پنهنجي پوري خاندان جي اڳيان هن کي Paying Guest ڪري وٺي آئي هئي. ڇوڪريءَ جو پيءُ هن کي ٻچن جيان پيار ۽ عزت ڏيڻ لڳو هو.

زهرا امير بخش جي سڄي شخصيت کي تبديل ڪري ڇڏيو. زهرا هن کي ڪائڻ ۽ پائڻ جو ڍنگ سيکاريو. ڪيس پڙهڻ جي سهولت پيدا ڪري ڏني. ڪيس نئين همت ڏني ۽ ڪيس يقين ڏياريو تہ هن جو خواب نا ممڪن نہ هو. هو ذلت ۽ عزيبيءَ جي جنهن ڏبڻ ۾ ڦاٿل هو، ان مان نڪرڻ يقيني هو.

امير بخش بہ پنهنجي خواب جي تعبير لاءِ سرتوڙ ڪوشش ۾ لڳي ويو هو.

هو صبح جو نوڪريءَ تي ويندو هو. هاڻي ڪيس ڪائڻ پيئڻ ۽ رهڻ جو تہ فڪر هئو ڪونہ. شام جو موٽندو هو. ٿورو آرام ڪندو هو ۽ پوءِ ڪتابن جي دنيا ۾ گم ٿي ويندو هو.

نند پڻ ڪان وٺي ڪتاب ۽ ڪلاس روم هن جي پناهہ گاهہ رهيا هئا. هاڻي جو هن کي سهولتون ۽ پيار مليو هو تہ، هن جون صلاحيتون نکرڻ لڳيون هيون. هو رات جو دير تائين پڙهندو هو.

اڌ رات جو زهرا هن کي چانهہ پياريندي هئي. سندس خدمت ڪندي هئي. هر لحاظ کان خيال ڪندي هئي.

امير بخش کي زهرا جي ڳلن کان وڌيڪ پير وڻندا هئا. هو هفتي ڏهين ڏينهن، هڪ دفعو زهرا جا پير پنهنجي جهوليءَ ۾ رکندو هو. ان کي ايئن چمند هو جڻ ته پير نه منڙا سنڌڙي انب هجن. زهرا جا پير چمندي چمندي هڪ سازو چندو هو.

اندِ لٺ جا ست ئي رنگ آسمان تي ايرندا هئا.

پکي جي هوا ازخود ٿڌي ٿي ويندي هئي.

اڌ رات جو جهرڪيون آکيري مان، منهن ٻاهر ڪڍي انسانن کي عجيب حرڪت ڪندي ڏسنديون هيون.

امير بخش پهريان جهومندو هو، پوءِ مست ٿيندو ۽ آخر ۾ بدمست ٿي ڪري پوندو هو. عين ان وقت، ان گهڙي ساز وڄڻ بند ٿي ويندو هو.

اندِ لٺ جا رنگ الوپ ٿي ويندا هئا.

پکو جڻ ته بند ٿي ويندو هو.

۽ جهرڪيون شرم وچان آکيري ۾ اندر هليون وينديون هيون.

پتوئي نه پيو، ٽي سال گذري ويا. امير بخش CSS جو امتحان ڏنو. زهرا جو پيار، ان جي ڏنل سهولتن ۽ امير بخش جي ذهن ڪرشمو ڪري ڏيکاريو. هو پهرئين ڌڪ ۾ CSS جو امتحان پاس ڪري ويو.

جنهن ڏينهن نتيجو آيو هو، هو پاس ٿيو هو ۽ ايس ڊي ايم ٿيو هو، ان ڏينهن هن کي لڳو هو هن جي خواب کي تعبير ملي وئي هئي، ۽ هن دنيا فتح ڪري ورتي هئي.

ان رات امير بخش جو نئون روپ نڪتو هو. لالچي خود غرض، بي رحم، لفظن جا نشتر هڻندڙ.

ان ۾ ڪو شڪ هو ڇا ته زهرا نه هجي ها ته امير بخش ڇا هجي ها؟ ڪورٽ ۾ ڪلرڪ، ڪاغذن جي داخلا رکندڙ، فائيل ڳوليندڙ، هيڊ ڪلرڪ ۽ سپرنٽينڊنٽس جا دڙڪا کائيندڙ.
زهرا هن کي ماني ڏني هئي.
زهرا هن کي مان ڏنو هو.
زهرا هن کي ماڻهپو ڏنو هو.
زهرا هن کي پيار ڏنو هو.
زهرا سڄي ساري هن جي قدمن ۾ وڇائجي وئي هئي، پر ان رات زهرا کي ملندڙ موٽ ڏاڍي ڏکوئيندڙ هئي. بي رحم هئي. جهوريندڙ هئي.
سڄو ڏينهن زهرا جو خوشيءَ ۾ جهومندي گذريو هو. هڪ هڪ واقفڪار کي هن امير بخش جي ڪاميابيءَ جو ايئن ٻڌايو هو، ڄڻ ته اها ڪاميابي امير بخش جي نه پر هن جي هئي. زهرا کي ٻه لڳو هو ته، چنڊ آسمان مان لهي اچي سندس جهوليءَ ۾ ڪريو هو.
ان رات زهرا امير بخش جي مان ۾ گهر ڀاتين سان گڏجي ننڍڙي پارٽي ڏني هئي.
ان رات نسيم صاحب امير بخش کي سيني سان لائي نرڙ تي چمي ڏني هئي.
ان رات زهرا جي ماءُ امير بخش کي چيو هو ته هن جي نظر ۾ امير بخش ۽ سندس آسٽريليا ۾ رهندڙ پٽ ۾ ڪو فرق ڪونه هو. امير بخش سندن ٻچو هو، گهر ڀاتي هو، الله ڪيس سدائين سکيو رکندو.
ان رات زهرا جڏهن امير بخش جي ڪمري ۾ آئي هئي ته نئين ٽڙندڙ گل جيان لڳي رهي هئي. هن امير بخش جي

پسند جو گلابي وڳو پاتو هو. پنهنجي پسند جي پرفيوم هنئي هئي ۽ ڪليل وار، ايئن ٿي لڳا ڄڻ ته امير بخش کي ڪائي ويندا.

هوءَ امير بخش جي پرسان اچي ويٺي. لڳو ايئن ٿي ته، اڄ هن کي ڳالهائڻ لاءِ لفظ نه ٿي مليا. نيٺ هن ڪوشش ڪري ڳالهايو، ”امير بخش مبارڪ ٿئي، اسان جو خواب پورو ٿيو.“

امير بخش زهرا ڏانهن نظر کڻي ڏٺو به نه.

اڄ ته هن زهرا جا پير به پنهنجي جهوليءَ ۾ نه رکيا هئا. زهرا ان بي رُخيءَ کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ جوش ۾ چيو، ”امير بخش خبر ٿئي، مون کي ان ڏينهن جو ڪيترو انتظار هو.“

امير بخش ڳالهايو، ”تو کي ڇو انتظار هو؟“

زهرا ان گهڙي شايد جذبن جي جوش ۾ هئي. هوءَ سوال جي گهرائيءَ کي، طنز کي محسوس نه ڪري سگهي هئي.

”امير بخش!“ زهرا ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”جنهن ڏينهن مون تو کي پهريون دفعو ڏٺو هو. مون کي ايئن لڳو هو ڄڻ ته خدا تو کي منهنجي لاءِ پيدا ڪيو آهي. مون کي تنهنجي لاءِ. ان ڏينهن کانپوءِ بس مون کي ايئن لڳو ته مان تنهنجون محروميون تنهنجي وجود مان ايئن ميڙي وٺان جيئن ماکي گل مان رس ميڙي وٺندي آهي. تنهنجو هر خواب مون کي پنهنجو لڳڻ لڳو هو.“

زهرا ساهه کنيو، وري ڳالهائڻ لڳي، ”امير بخش سچ ته اهو آهي ته مون کي پنهنجا خواب وسري ويا هئا. پوين ٽن سالن ۾ مان هر گهڙي تنهنجي لاءِ جيئندي رهي آهيان. اڄ جڏهن تو

سڀ ڪجھ حاصل ڪري ورتو آهي ته ڇڻ ته مون سڀ ڪجھ حاصل ڪري ورتو آهي. هاڻي مهيني ٻن ڪانپوءِ تون لاهور هليو ويندين ٽريننگ تي. هڪڙو ڪم ٿا ڪريون، اُيندڙ هفتي پاڻ مڱڻو ٿا ڪريون. شادي جڏهن تون ٽريننگ ڪري واپس ايندين ته پوءِ ڪنداسين.“

زهرا ڳالھ ختم ڪئي. پيار مان اميد سان امير بخش ڏانهن ڏٺو.

امير بخش زهرا ڏانهن ڏٺو. هن جي نظرن ۾ پيار نه هو، نه ئي وري اظهار تشڪر هو.

هن جون نظرون بي عڪس ۽ بي رحم ٿي لڳيون. نيٺ امير بخش ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”زهرا تو ڪي غلط فهمي آهي.“

زهرا وائڙي ٿي وئي، هن ڪي ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي. هن صرف هڪ لفظ سواليه انداز ۾ چيو ”غلط فهمي؟“

”ها زهرا، تو ڪي غلط فهمي ٿي آهي!“ امير بخش ڳالهايو. ”تون پاڻ ڏانهن به ڏس، مون ڏانهن به ڏس. مون کان چار سال وڏي آهين. لڳي ته ايئن ٿو ته تون ته منهنجي ماءُ برابر آهين. توسان شادي ڪري مون ڪي پاڻ تي جڳ ته نه ڪلائڻو آهي.“

زهرا ڪي لڳو، شايد سندس ڪنن ۾ ڪو مسئلو آهي. هوءَ سمجھڻ لڳي. شايد هوءَ امير بخش جي لفظن ڪي سمجهي نه ٿي سگهي.

ڏور آسمان مان ڪو تارو هيٺ زمين تي ڪريو ڪو نشان ڇڏڻ بنا گم ٿي ويو،

امير بخش ڳالهايو، ”زهرا مجان تو تہ تنهنجا مون تي احسان آهن. برابر، پر انهن احسانن جو تو مون کان پورو پورو بدلو بہ تہ ورتو آهي. اڌاڌ رات تائين مان تنهنجون خواهشون پوريون ڪندو رهيو آهيان. تو تہ مون کي پنهنجو ڄڻ تہ رکيل ڪري رکيو هو ۽ اڄ جڏهن مان پنهنجي محنت ۽ همت سان ڪامياب ٿيو آهيان، تڏهن تون مون کي دنيا اڳيان پنهنجي Prized Trophy جيان پيش ڪرڻ ٿي چاهين. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. اڄ کان پوءِ تنهنجو منهنجو ڪو رشتو ڪو واسطو ڪونهي.“

امير بخش بستري تي ليٽي پيو.

زهرا لاءِ شايد سڄ نيزي پاند اچي ويو.

شايد زلزلو آيو. بہ جبل پاڻ ۾ پيهي ويا. هر شيءِ ذرو ذرو ٿي وئي.

شايد ڌرتي ڏبي، زمين جو ذرو ذرو موهن جو دڙو ٿي ويو.

قصور جي بلهي ڳايو،

”تيري عشق ني نچايا ڪرڪي ٿيا ٿيا.“

فريدڻ فرمائڻ لڳو،

”رو وي سسئي تيڏا لُٽيا شهر ڀنڀور اي.“

شايد استاد بخاري ان لمحي لاءِ چيو هو،

”هڪ شخص هڪڙي شهر ۾ دانهون ڪُهٽيون ڪيون،

بي درد لوڪ بند ڪٽي در دريون ڪيون،

هڪ لمحي ۾ ٽن سالن جو سفر پورو ٿي ويو.

رشتا احساسن کان خالي ٿي ويا.

پيار، ڪنل ڪڪڙ جيان ڦٽڪڻ لڳو.

زندگيءَ جون رنگينيون بي رنگ ٿي ويون.

درو ديوار جنن پوتن جيان ٿهڪ ڏيڻ لڳا.
زهرا جون وڏيون ۽ سمنڊ جھڙيون گھريون اکيون اجھامي ويون. اتي ويٺي ويٺي زهرا ڏٺو، امير بخش کي ننڊ اچي وئي هئي. هاءِ ڙي زندگي!

اڳي ايئن هياس، جو پنهونءَ ڏو تم ڪپڙا،
اڄ ايئن ٿياس، جت نہ نِين پاڻ سين.

ڪالھ تائين هوءَ جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيندي هئي امير بخش ڪرسي يا بستري تان ايئن ٽپ ڏئي اٿندو هو ڄڻ تہ هوءَ مهاراڻي هئي ۽ امير بخش هڪ درٻاري.
سندس پيرن کي ايئن چميو ويندو هو، ڄڻ تہ متن گلقند هاريل هجي. سندس وارن ۾ ايئن هٿ ڦيريا ويندا هئا، ڄڻ تہ گلاب جي گلن جون قطارون هجن. سندس ڇهري کي ايئن چميو ويندو هو، ڄڻ تہ ڪعبي جو غلاف هجي.
امير بخش پنهنجي پڙهائيءَ جو حساب ايئن ڏيندوهو، ڄڻ تہ پاڻ شاگرد هجي ۽ زهرا سخت گير استاد.
پر اڄ جڏهن اکرن مان لفظ جڙيا، لفظن مان جملا جڙيا تہ سڀ ڪجھ بدلجي ويو. تبديل ٿي ويو. اجنبيت جون ديوارون اوچيون ٿي ويون. خود غرضيءَ جي تلوارن ڪنڌ ڪيرائي وڌا.
ان رات کان پوءِ ايئن لڳو، نسيم صاحب جي گھر ۾ ڄڻ تہ ڪو قضيو ٿيو هجي.
اُداسي............ هر طرف اداسي، بي رحم، ڏائڻ جيان ڪائيندڙ اداسي اچي گھر تي ديرو ڄمايو هجي.
زهرا رائيڊرڊ هيگرڊ جي ناول She جو ڪردار لڳڻ لڳي.
بي وس، ڪنل، وياڪل، پنهنجي عمر کان ويھ سال وڏي.

امير بخش جو پير زمين تي نہ ٿي لڳو. هو، هوا ۾ اڏامي رهيو هو.

ٻن مهينن کانپوءِ جڏهن هو سِنڌي اسٽيشن تان لاهور جي والٽن اڪيڊميءَ لاءِ روانو ٿيو هو، ان وقت زهرا هن کي الوداع ڪيو هو.

ان کان اڳ، زهرا والٽن وڃڻ لاءِ اميربخش کي اڪيڊميءَ ۾ گهربل شين لاءِ خريداري ڪرائي هئي. شاليمار ايڪسپريس ۾ A.C پارلر ۾ سندس ٽڪيٽ بڪ ڪرائي هئي.

پلاڙي عشق! سچ چيو اٿن، لڳيءَ کي لعنت آهي، امير بخش جي لاهور وڃڻ کانپوءِ زهرا ستت ئي آسٽريليا هلي وئي.

ϖ امير بخش آفيسر ٿيڻ کانپوءِ سڄي جڳ جهان کي پنهنجو دشمن يا ٻانهو ۽ غلام سمجهڻ لڳو. هن بي حد پئسا ڪمايا، ڳوٺ ۾ چڱي خاصي زمين ورتائين پنهنجي مٽن مائٽن جي معاش جو ذريعو اهڙو جوڙيائين جو سڀ سندس غلامي ڪرڻ لڳا. امير بخش جو هر لفظ هنن لاءِ حڪم جو درجو رکندو هو. هن چار شاديون ڪيون هيون، آخري شايد ٻاونجاهه سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ جي هڪ سورنهن سالن جي ▣ مئٽرڪ پاس ڇوڪريءَ سان ڪئي هئائين.

جڏهن هو ويهين گريڊ ۾ سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان سيڪريٽريٽ ۾ داخل ٿيو هو تڏهن هو سڄي سنڌ ۾ امير بخش ڪاريهر جي نالي سان مشهور ٿي چُڪو هو.

ساڳيو ئي ڪاريهر وارو وير، ساڳيو ئي ڪاريهر وارو ڏنگ، چار شاديون ڪيون هئائين. گهر ۾ بہ آرام ايندو ڪونہ هيس، صبح جو نيڪ انين نائين وڳي دفتر ۾ داخل ٿيندو هو، رات جو ٻارهين ڪان اڳ گهر واپس وڃڻ جو نالو نہ وٺندو هو.

آفيس ۾ سندس محبوب مشغوليت هئي ماتحتن کي دٻائڻ ۽ ميٽنگون ڪرڻ.

ميٽنگس صبح جو نائين وڳي کان شروع ٿينديون هيون ۽ رات جو ٻارهين وڳي ختم ٿينديون هيون. ڪنهن کي ڪا خبر ڪانہ هوندي هئي تہ ميٽنگ ڇا تي آهي، ڳالهہ ڪهڙي تي، فيصلو ڪهڙو ٿيو.

سهڻو نوجوان ڊرائيور ۽ ميٽنگ صاحب جا شوق هئا.

آفيسر هڪ مهيني اندر بيمار ۽ بيزار ٿي ويندا هئا.

گهڻن کي دل جو دؤرو پوندو هو، گهڻا بلڊ پريشر جا مريض ٿي ويندا هئا ۽ گهڻا مٽن پيشا بن جا مريض.

جڏهن صاحبن سان اها حالت هئي، پوءِ ڪلرڪ ۽ پٽيوالا کھڙي ڪاتي ۾ هئا.
اسان پٽيوالا!
پيدائشي نوڪر.
صاحب رات کي ڏينهن يا ڏينهن کي رات چوي ”جي سر“ چوڻي اسان جي عادت.
پر اڻ ڪٿ عذاب جو درد، اسان جي وجود مان به گذرندو هو. بلڪ ٻين کان گھڻو گذرندو هو.
هڪ ڏينهن اهڙين ئي عذاب جي گھڙين مان گذرندي امير بخش صاحب مون کي گاريون ڏيندي چيو هو،
”ذليل ڪميڻا ڪاڻڻ جا ڪرا ڪمائڻ جا ٻرا، ڪمينن کي ڪو ڪم ڍنگ سان ڪرڻ اچيئي ڪونه ٿو. چوان ٿو پاڻي سڄي پاسي کان ڏيندا ڪريو، پڳا ٻيڻا آهين ڪٻي پاسي کان ڪنيون. لڳي ٿو ته ڪمينا ڍنگ سان مرندا به ڪونه.“

باب ڇهون

# رحمان علي ٽنبڙ.......

رات جي ٽئين پهر جو آخري پهر.

پاڳيريون هنڌن ۾ پاسا مٽيندي ڳُهپ اونداهيءَ ۾ پنهنجي اگهورنند ستل ابهم ٻارڙن کي پيار مان ڇهندي ننڊ جي ديويءَ کي دور ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجي مال چوڌي ۽ ڍور ڍڳي جو اونو ڪرڻ لڳنديون آهن.

واڙن ۾ ٻڌل سڱاتو مال به پنهنجي پاڳيريءَ جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪندي، اوڳر ورائي پنهنجي ٻچڙي کي پنهنجي زبان ۾ سڏ ڪري ڪير لاهيندو آهي.

مؤذن سرديءَ کي دل ئي دل ۾ گاريون ڏيندي سوڙ مان نڪرڻ جو سوچيندو آهي.

صوفي، پنهنجي ڪيل مراقبي ۽ نتيجي ۾ مليل رباني انعام جو ڪي گهڙيون سُرور محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

مڏ پياڪ، دنيا جهان کان بي خبر ايئن الوٽيو پيو هوندو آهي جڻ ته، رات جي ابتدائِي ان پهر کان ٿي آهي.

عاشق جي اکين ۾ آيل ڳوڙها ٿوري دير اڳ وصل جي داستان جو المناڪ انجام بيان ڪندا آهن.

ڪائنات بيداريءَ ڏانهن پهرين وک وڌائيندي آهي. پر مان گلو پٽيوالو ستوئي ڪڏهن آهيان.

هڪ گهڙي، هڪ لمحي لاءِ دل ۾ سڪون پيدا ٿيو.

امير بخش سچ چيو هو ته، اسان جهڙن کي ته ڍنگ سان مرڻ به ڪونه ايندو.

امير بخش ڪاريهر ڪلورن جا ڪهڙا تہ سيڪريٽريٽ ۾ داستان ڇڏيا هئا ۽ آخر ۾ خود بہ داستانن جو حصو ٿي ويو هو.

سندس چوٿين زال جنهن سان امير بخش ٻاونجاهہ سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي هئي، سندس گهر مان لکين روپين جا زيور روڪ رقم کڻي پنهنجي ڊرائيور سان ڀڄي وئي هئي. معاملو ڪورٽ تائين پهتو. چوڪريءَ ڪورٽ ۾ امير بخش جون اهڙيون اهڙيون تہ ڳالهيون ڪيون جو ٻڌندڙ بہ پنهنجي ڪنن تي هٿ رکڻ لڳا هئا.

سيڪريٽريٽ وارن لاءِ تہ امير بخش جا قصا ڪنهن رنگين فلم جهڙا هئا جيڪي اسان هڪٻئي کي وري وري مرچ مصالحا هڻي ٻڌائيندا هئاسين.

پر اڄ موت جي بستري تي مان سڀ ڳالهيون ياد ڪرڻ چاهيان ٿو. يادون ئي ٿوري دير لاءِ ئي سهي منهنجي درد جي دوا ۽ دارون آهن.

پر هاءِ ڙي قسمت، اڄ تہ يادون ۾ بي لغام جهنگلي گهوڙي جيان آهن جو وٺ ئي نہ ٿيون ڏين.
ڦڦڙن جو ڪئنسر، موت جو طئہ ٿيل سفر.
ڪڏهن؟.........پتو ناهي،
مان اڪيلو. سرد رات.

اڪيلائي تہ مون پنهنجي لاءِ پاڻ چونڊي هئي نہ چاهيان ها تہ، جناح اسپتال جي وارڊ ۾ علاج ڪرائيندي، يا ڪراچي واري پنهنجي سرڪاري ڪوارٽر ۾ لڇندي ڦٿڪندي تڙپندي مران ها.

پر جڏهن ڊاڪٽر ٻڌايو هو ته مون کي ڪئنسر آهي، تڏهن مون کي پڪ ٿي وئي هئي ته ڊاڪٽر ڇا به چوي بچڻ منهنجو محال آهي.

روح رڙ ڪئي هئي. دل ڇڪ ڪاڏي هئي، واپس وَرُ ان جاءِ ڏانهن جنهن ۾ تنهنجي پيءُ جو ڪئنسر ۽ امڙ جو غريبيءَ سان وڙهندي انت ٿيو هو.

منهنجو مقدر به شايد خير بخش خيراڻ جهڙو هو جو پنجيتالهين سالن جي عمر تائين منهنجي به شادي نه ٿي هئي. ان ڪري ٻار ٻچي جو اونو فڪر هو ڪونه پر پوءِ به روح رڙ ڪئي هئي، دل سٽ ڪاڏي هئي ابي امڙ جي گهر واپس ورڻ جي.

موت جي پنيي تي ويني ان ڳالھ جو اعتراف ڪرڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي ڪو ته مون وڏي ياءُ ڪي سيڪريٽريٽ مان مليل پئسن ڪي پائي پائي ڪري اباڻو گهر نهرائي ڏنو هو ۽ سندس هڪ پٽ کي پڙهايو به هو، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي انگلش جو شاگرد هو.

بس روح رڙ ڪئي دل سٽ ڪاڏي.

بلو لائين جي ٽڪيٽ ورتم سڌو اچي گهر پهتس.

گهر پهچڻ ڪانپوءِ جڏهن سيني کي پتو پيو، اَدي سيني سان لائي او چنگار ڏني. ياجائيءَ جو منهن ڦري ويو، پائٽيا انت جي آمد کي سمجهي اداس ٿي ويا.

ياجائيءَ منهنجو بسترو گهر ڪان ٿورو پريرو نهيل ڪونيءَ ۾ لڳايو هو. هي اها جاءِ هئي جنهن ۾ ڪنهن زماني ۾ اسان ڳئون ٻڌندا هئاسين ۽ سياري ۾ امڙ سانئڻ چلھ ٻاريندي

هئي جنهن ۾ اسان سڀ ٻار ٻه پائر تي پينرون دائرو ناهي ويهندا هئاسين.
اڄ ان ئي جڳهه تي منهنجو بسترو هو.
آها..............................درد سمنڊ جي لهر جيان اٿيو ۽ شڪر آ جو لهر جيان ئي واپس ويو...........پر هان، هي ڇا؟
منهنجا ڳٽا گرم ٿيڻ لڳا آهن. اڙي اڙي هي ته مون کان ڳوڙها وهڻ لڳا آهن. مون تي عجب ڪيفيت طاري ٿيڻ لڳي آهي. ڳوڙها ڳوڙها. ڪا ياد جي دونهين دکائي رهيا آهن. ها. ها. ها مون کي ياد اچڻ لڳو آهي. اڄ جي ڳوڙهن ۾ ته بلڪل اهو رنگ، ڍنگ ۽ درد آهي جيڪو مون رحمان علي صاحب جي ڪڏي ڪرتوت کي ڏسندي محسوس ڪيو ۽ ڳوڙها ڳاڙيا هئا.

رحمان علي صاحب سڄي سيڪريٽريٽ جي پٽيوالن، ڊرائيورن چوڪيدارن ۾ ٽنڊڻ جي نالي سان مشهور هو.

ٽنڊڻ: خبر ناهي مٿس اهو نالو ڪيئن پيو هو، پر هڪ ڊرائيور ڳالهه ٻڌائي هئي:

رحمان علي صاحب لاڙ جي هڪ ضلعي ۾ ڊي سي هيو. ان زماني ۾ ڊي سي معنيٰ ضلعي جو بادشاهه. اچي ڪاري جو مالڪ. سو رحمان علي صاحب به لاڙ ۾ اچي ڪاري جو مالڪ هو. هلندي هلندي ان ڳالهه جو به سربراهه هلندو هو ته، صاحب ڪي ڊي سي لاڙ جي هڪ شودي مقرر ڪرايو هو، جنهن جو اقتداري ايوانن ۾ وڏو اثر رسوخ هو. ڊي سي شپ، رحمان علي صاحب ڪي سندس بي پناهه چاپلوسي ۽ خوبصورت عورتن جي مهيا ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪاڪسر نه ڇڏڻ جي سلسلي ۾ عطا ڪئي وئي هئي.

خير، ذڪر هليو ٿي رحمان علي صاحب جي ”ٽنڊڻ“ سڏجڻ جو. ڳالهه ڊرائيور وٽان هلي هئي ۽ سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي وئي هئي.

صاحب لاڙ ۾ ڊي سي هو.

هڪ ڏينهن ڪيڏانهن ويندي ويندي اچانڪ هڪ پرائمري اسڪول ۾ لڙي پيو.

ان زماني جي سنڌ ۾ اسڪولن ۾ ويزا سسٽم جي وبا نه ڦهلي هئي.

استاد وڏيرن جي اوطاقن تي دلا ۽ مٽ نه ڀريندا هئا، ٻهاريون نه ڏيندا هئا، وڏيري صاحب جون جتيون صاف نه ڪندا هئا. ڪڪڙ نه ويڙهائيندا هئا. جوا نه ڪيڏندا هئا، اسڪول جي ٽائيم تي پنهنجا دڪان نه هلائيندا هئا.

ان زماني ۾ استاد ”سائين“ هئا. هرننڍو وڏو سائين سان جهڪي ملڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو.

۽ سائين، سائينءَ جي فرض جي پاسداريءَ جي ڇا ڳالهه ڪجي. گرمي هجي، سردي هجي، طوفان هجي، مينهن هجي، سائين اسڪول ۾ مقرر وقت کان اڳ ۾ پهچندو ۽ مجال آ جو مقرر وقت کان هڪ گهڙي، هڪ پل، هڪ سيڪنڊ اڳ ۾ اسڪول ڇڏي.

ڪيڏا خوش ٿيندا هئا ٻار جڏهن سائين بيمار ٿيندو هو ۽ هڪ ٻه ڏينهن اسڪول نه ايندو هو. پوءِ ته ٻارن جا ٿيندا هئا جاوا، مزا، عيدون. ٻار خوشيءَ مان هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا ته هنن سائينءَ جي بيمار ٿيڻ لاءِ الله سائينءَ کان ڪيئن دعائون گهريون هيون.

هي اهو ئي زمانو هو جڏهن چوٽي مشهور هئي ته، جي ٻارن جي دعا اگها مي ها ته دنيا ۾ هڪ به ماستر نه هجي ها.

ان ئي زماني ۾ رحمان علي صاحب لاڙ ۾ ڊي سي هيو، ۽ ڪم سان ڪيڏانهن ويندي ويندي، هڪ پرائمري اسڪول ۾ لڙي پيو هو.

پرائمري اسڪول ۾ ڊي سي! غريب جي گهر بادشاهه مهمان جي مصداق هو.

ڊي سي صاحب اسڪول ۾ داخل ٿيو. ٻار ادب ۾ اٿي بيٺا. استاد جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون ”سائينءَ“ ويرم وڃائڻ بنا سڄي سنڌ جي پيرن فقيرن کان دعائون گهريون ته خير ٿئي، ڊي سي صاحب استاد سان مخاطب ٿيو، ”ڇا حال آهي، نالو ڇا اٿئي؟“

استاد ٻالهائڻ کان اڳ ٻہ ٽي ڀيرا ڳيتون ڏئي خشڪ ڳلي کي آلو ڪيو ۽ ادب مان جواب ڏنائين "گلاب".
نالو ٻڌائڻ سان ئي، استاد جي دل ۾ گلاب ٽڙيا ۽ کيس هڪ پراڻي ڳالهہ ياد آئي.
چون ٿا تہ هڪ غريب مسڪين ماڻهو مختيارڪار صاحب جي آفيس ۾ روزانو ڪم ڪار سان ويندو هو.
هڪ ڏينهن الله جي ڪرڻي ائين ٿي تہ، مختيارڪار صاحب اچانڪ سامهون اچي، ويو. ۽ اتفاق اهڙو ٿيو، جو مختيارڪار صاحب، عرضدار سان بيني بيني ٻہ ٽي جملا ڳالهايا.
همراهہ جڏهن گهر موٽيو، هڪ عجيب واقعو ٿيو. هو کٽ تي وينو، زال ڊوڙي وٽس، دلي مان ٿڌي پاڻيءَ جو وٽو کڻي آئي. کانئس حسب عادت پڇيائين،
"ربوءَ جا پيءُ يلا ڪا وسيلي پاڪ واهرڪئي، ڪم ٿيو؟"
جيئن همراهہ سان زال ڳالهايو، هن منهن کڻي ٻي پاسي ڦيرايو.
زال وائڙي ٿي وئي، سندس ذهن ۾ رات کان وٺي هن مهل تائين گذاريل وقت ڦرڻ لڳو. ياد جي ذخيري کي ور ور ڪري ڦوليائين، کيس ڪٿي بہ ڪوجهول نظر نہ آيو. ڪا اهڙي ڪو تاهي نظر نہ آيس جنهن ڪري، زال مڙسن ۾ ڪا اٽبٽت ٿي هجي.
هوءَ ويچاري وائڙي ٿي وئي.
حيران ٿي وئي.
پريشان ٿي وئي.
هن اجان بہ پنهنجي لهجي ۾ ماڪي يري چيو، "ربوءَ جا پيءُ خير تہ آهي. طبيت تہ سهي آ نہ، ڪا ڏينهن جي لهس تہ نہ آئي ٿي؟"

ربوءَ جي پيءُ جي منهن تي اڏوڏندڙ تاثر ايريا. منهن ڦيرائي وري ٻئي پاسي ڪيائين. ائين ٿي لڳو، ڄڻ ته نه ڳالهائڻ جو ئي قسم کاڌو اٿائين.

هاڻي ربوءَ جي ماءُ جو مزاج بدلجڻ لڳو. هن! چڙندي چيو، ”مئا ماريا تيو ڇا ٿئي. ڳالهائين ڇو نه ٿو، لوهر کان زبان ڪٽرائي ته نه آيو آهين؟“

ربوءَ جي پيءُ جي نظر ۾ ڪاوڙ هئي، ڪروڌ هو. نفرت هئي. غصو هو، غضب هو ۽ ڌڪار هئي.

نيٺ ربوءَ جي پيءُ جي زبان کلي، هن ڳالهايو، ”رن ڇا تي ٿي ڪٻرين واري ٿين ٿين ڪرين. اڄ جيڪا زبان مختيار ڪار صاحب سان ڳالهائي آئي آهي، سا وري تو ڇٻريءَ سان ڳالهائيندي ڇا؟“

هاءِ ڙي غريب جي زندگي.

مختيارڪار جي زبان تي، ڄڻ ته پاڪ زبان، جنهن ۾ نڪتل ٻن جملن، غريب جي سوچ کي بدلائي ڇڏيو.

پراڻي ڳالهه ياد ڪري، سائين گلاب جي دل ۾، گل ٽڙڻ سان گڏ جهومڻ به لڳا.

ڊي سي صاحب. ٻارن سان ڳالهائڻ لڳو. هو پهرين درجي جي ٻار کان سبق پڙهائڻ لڳو. ٻار سبق پڙهڻ لڳو. الف اک، ب بلا، ٻ ٻڪ. ٻار سبق پڙهندي پڙهندي. زور سان پڙهڻ لڳو، ٿ ٿنڀڻ.

ڊي سي صاحب اچانڪ ٻارن کان سوال ڪيو، ”بابا توهان ٿنڀڻ ڏٺو آهي.“

سبق پڙهندڙ ٻار سبق پڙهڻ بس ڪيو. سيني ٻارن يڪ زبان ٿي چيو، ”ها.“

ڊي سي صاحب اچانڪ ٻارن کان سوال ڪيو، بابا ٽنڊڻ ڪيئن ٿيندو آهي؟ ٻار مُنجهي پيا، هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا.

ڊي سي صاحب چيو، ”بابا مون ڏانهن ڏسو مون ڏانهن ڏسو، ٽنڊڻ ائين هوندو آهي، جيئن مان آهيان.“

استاد ڇرڪ ڀريو. ٻارن کان کل نڪري وئي.

ڊي سي صاحب، اسڪول مان نڪتو، ۽ ڳالهه ٻه اسڪول مان نڪتي ۽ نڪرندي نڪرندي سڄي تر ۾ پهتي ته ڊي سي صاحب ٽنڊڻ آهي.

تر مان نڪتي ته سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي وئي.

رحمان علي کهڙو، ڇي ٽنڊڻ.

اُها بهار جي موسم هئي، سنڌ سيڪريٽريٽ نمبر ٽي جي ٽين ماڙ تي اسان جي آفيس ۾ خبر ڦهلجي وئي ته اسان جو پراڻو صاحب بدلي ٿي ويو ۽ نئون صاحب رحمان علي اچي ٿو.

اسان پٽيوالن هڪ ٻئي ڏي نهاريو. اکين ئي اکين ۾ هڪ ٻئي کي پيغام ڏنو ته ”ٽنڊڻ“ صاحب اچي پيو. ۽ الله کان دل ئي دل ۾ دعا گهري، الله وقت خير سان گذاري.

ٻي ڏينهن تي رحمان علي صاحب جڏهن چارج وٺڻ آيو ته، مون هن کي غور سان ڏٺو. وچولو قد ڀريل جسم، سانورو رنگ ۽ ٽڪڻ روڊ.

حسب معمول چارج وٺڻ کانپوءِ سيني سيڪشن آفيسرن، ڊپٽي سيڪريٽري ۽ ايڊيشنل سيڪريٽريءَ کي گڏجاڻيءَ لاءِ سڏايو.

اسان صاحبن جي خدمت ۾ لڳي وياسين.

چانهه پاڻي پياريندي مون رحمان علي صاحب کي چوندي ٻڌيو، ”بابا مان سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي گهراڻي جو چشم

وچراغ آهيان. اسان جي خاندان جون سنڌ جي لاءِ، تمام وڏيون خدمتون آهن.

اسان جي خاندان مان عالم پيدا ٿيا، اديب پيدا ٿيا، شاعر پيدا ٿيا ۽ وزير پيدا ٿيا. اسان جو مقصد ئي آهي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ، مان هن کاتي کي زمين کان کڻي آسمان تائين پهچائيندس. توهان فڪر نہ ڪريو. ها باقي رشوت ٻشوت جي چڪرن ۾ نہ پئجو. اهيا شيءِ مان برداشت نہ ڪندس.“

گڏجاڻي پوري ٿي.

صاحب گھنٽي وڄائي ۽ مون کي حڪم ڏنو، ”سيڪشن آفيسر جنرل کي سڏي اچو.“ (سيڪريٽريٽ ۾ سيڪشن آفيسر جنرل اڪثر ڪري کاتي جو خرچ پکو هلائيندو آهي.)

صاحب ڳالهايو، ”صوبيدار خان (سيڪشن آفيسر جو نالو) مون ٻڌو آ تہ توهان پراڻا ماڻهو آهيو. ڏاڍا محنتي ۽ ڪم وارا آهيو. شاباس شاباس بابا ائين ئي ڪم ڪندا رهو مان بہ محنتي ۽ ايماندار ماڻهن جو قدردان آهيان.“

صاحب ساهہ کڻڻ لاءِ گفتگو جو سلسلو، ٿوري دير لاءِ بند ڪيو. ساهہ کڻڻ کانپوءِ وري ڳالهايائين:

”صوبيدار خان، هاڻي توهان هڪڙو ڪم ڪيو، توهان جيڪي اندر باٿ روم ۾ چپلز رکرايون آهن، ڏاڍيون سنيون آهن. هيئنئن ڪيو، جو اهڙيون ٿي چپلون وٺي منهنجي گھر موڪليو“.

سيڪشن آفيسر صوبيدار خان حڪم جي تعميل لاءِ ٻاهر نڪتو.

ايمانداريءَ دري مان ٽپو ڏنو،

سنڌ، ڏکويل اداس ۽ لٽيل سنڌ! هڪ سڏڪو ڀريو.

وقت گذرڻ سان رحمان علي صاحب جي شخصيت کلڻ لڳي. اسان پٽيوالن وٽ سندس ماضيءَ جي قصن جو پندار لکڻ لڳو ۽ حال جو حال پنهنجي پوري شدت سان ظاهر ٿيڻ لڳو.

رحمان علي صاحب جي رنگين مزاجيءَ جا قصا سنڌ سڪيريٽريٽ نمبر ٽي جي ٽين ماڙتي پنيورين جيان اڏامڻ لڳا. هر روز نئون قصو، هر روز نئين ڳالهه، واندڪائيءَ وقت اسان سڀ پٽيوالا، ڊرائيور چوڪيدار ائين ويجهو ٿي ويهندا هئاسين جڻ ته سياري جي باهه اسان جي وچ تي هجي. ۽ پوءِ اچانڪ ڪو ڳالهائيندو، ”اڙي خبر ٿوَ جڏهن لاڙ ۾ ٽنڊڻ صاحب ڊي سي هئو ته ڪهڙو ڪار نامو ڪيو هئائين.“

اسان کي سمجهڻ ۾ ڪاويرم ڪونه لڳندي هئي ته، ڪارنگين پنيوري اڏامڻ واري آهي.

سريلن قوالن جيان اسان جو هڪ آواز نڪرندو هو، ”ٻڌاءِ ٻڌاءِ ڇا ڪيو هئائين؟“

همراهه هيڏي هوڏي ڏسي پڪ ڪندو هو ته اسان مان ڪو جاسوس ته ڪونهي ڪو. پڪ ٿيڻ کان پوءِ پنيوريءَ جي اڏام تيز ٿيندي هئي:

ٽنڊڻ صاحب جڏهن لاڙ ۾ ڊي سي هوندو هو. هڪ پنگياڻي ڊي سي هائوس تي ڪم ڪندي هئي. پنگياڻي جوان هئي، سهڻي هئي، سندس لاءِ مشهور هو ته، سندس ماءُ سيدن جي حويليءَ تي ڪم ڪندي هئي. حال چال مان پنگياڻي گهٽ، شهزادي وڌيڪ لڳندي هئي.

همراهه ساهه پٽيو ۽ ڳالهه اڳتي وڌائي:

ٽنڊڻ صاحب جو پنگياڻيءَ کي ڏنو ته سندس نند حرام ٿي وئي. پوءِ هڪ ڏينهن پنگياڻيءَ کي اندر ڪمري ۾ سڏرايائين.

هوءَ غريب مسڪين ٻهاريندار ڀنگياڻي، ڏڪندي ٿڙڪندي ڊي سي صاحب جي اڳيان حاضر ٿي.
تنهن صاحب هڪ دفعو غور سان ڀنگياڻيءَ ڪي ڏٺو. چپن تي زبان ڦيريندي ڪائنس پڇيائين، ”نالو ڇا ٿئي؟ ڀنگياڻيءَ جون نظرون زمين ۾ ائين کُتل هيون ڄڻ ته زمين جي هيٺان ڪو قيمتي خزانو لڪل هجي، جنهن ڪي هن ڳولي لڌو هجي ۽ هاڻي ان تان نظرون هٽائڻ نه چاهيندي هجي.
جهڪيل نظرن سان ڀنگياڻيءَ وراڻيو، ”صاحب، رتنا“. صاحب جي جهولندڙ ڪرسيءَ جو جهولڻ تيز ٿيو، سندس زبان هڪ دفعو ٻيهر چپن تي آئي ۽ پوءِ چيائين، ”رتنا، تون رتنا ناهين، تون ته ليڊي ڊيانا آهين، مڌو بالا آهين، ماڌوري ڊڪشت ۽ جوهي چاولا آهين، تون بابرا شريف آهين.“
مندر جو گھنڊ خاموش ٿي ويو.
جهڪيل نظرون اجان ٻه جهڪي ويون.
صدين جو ظلم سهندڙ انسان جو معصوماڻو احساس بيدار ٿيو.
رتنا ايندڙ خطري کي محسوس ڪري ورتو.
هاڻي رتنا پنهنجي خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي ڪين آلو ڪيو.
اڌوراڻي ساڙهيءَ جي پلوءَ سان اگهاڙي جسم کي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪيائين. پوءِ هٻڪندي هٻڪنديَ وراڻيائين، ”صاب، صاب مان ته، غريب مسڪين ڏپر ٻهاريدار ڀنگياڻي آهيان.“
اچانڪ صاحب ڪرسيءَ تي جهولڻ بند ڪري سڌو ٿي وينو ۽ چوڻ شروع ڪيائين، ”نه نه رتنا، ڪير ٿو چوي ته تون ڏپر، ٻهاريدار ڀنگياڻي آهين. تون ته گلاب جو گل آهين، پئرس جو پرفيوم آهين، اسڪاٽلينڊ جي وهسڪي آهين، مان سنڌ جي علمي ادبي، سياسي گهراڻي جو چشم وچراغ آهيان. منهنجو

گهراڻو ائين سمجهه حسينن جو دوڪان آهي پر منهنجي گهراڻي جون سڀ حسين ڇوڪريون تنهنجي پير جي ننهن تان قربان.“
ويچاري رتنا پنگياڻي.
ان کان اڳ جو هُو گلاب جي گل جي خوشبوءَ کي محسوس ڪري ستن نسلن جي تاريخ کي دل ۾ دهرائي، اهيو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ سندس ستن پيڙهين ۾ شايد ڪنهن کي پئرس جي پرفيوم ۽ اسڪاٽليند جي وهسڪيءَ جو ڪو احساس، ڪا خبر هئي.
ويچاري رتنا پنگياڻي، بستري تي صاحب جي هينان هئي.
هلڪي چيخ بلند ٿي.
چيغ، صدين جي ستايل انسانن جي پنهنجي درد، پنهنجي ذلت کي ستين آسمان تي پهچائڻ جي ناڪام ڪوشش.
تاريخ جو بيرحم ڦيٿو ڦريو.
مظلوم، بيوس، لاچار انسانن جي باربار ورجايل ڪهاڻي اڳتي وڌي.
طاقت، ڪمزور کي ڪچلي ڇڏيو.
وحشت اسپين جي مست ڍڳي جيان ڀوڙڻ لڳي، گل مرجهائجي ويو.
پئرس جو پرفيوم، ڊي سي هائوس جي بيڊروم ۾ وڪرجي ويو.
اسڪاٽليند جي وهسڪي ڪلڙ کان اڳئي پنهنجو ذائقو وڃائي ويٺي.
او خدايا!
رب ڪريم!

پڳوان!
ايشور!
او جنت ۽ دوزخ جا خالق!
او سرڳ ۽ نرڳ جا مالڪ!
او گاڊ!
هي نمائشي شڪوو ناهي.

هي رت گاڏڙ ڳوڙهن سان ازل کان لکيل سوال آهن.
ائين ڇو آهي تہ؟ تنهنجي هن ڌرتيءَ تي هڪ ساهدار جنهن جو نالو انسان آهي، انهن انسانن جي وڏي اڪثريت هر دؤر ۾ ڇو پامال ڪئي تي وجي؟
ڇو انهن کي جانورن کان بہ بدتر سمجهيو ٿو وڃي؟
ڇو انهن جي منڊين جا مينار ناهيا ويا؟
ڇو هو آقائن جي مَنڊين ۾ غلام ڪري وڪرو ڪيا ويا؟
ڇو هو ملڪ مُهين ۾ اجتماعي قتل ڪيا ويا؟
ڇو هو پرئميڊن جي ديوارن ۾ زنده دفنايا ويا؟
ڇو هو آفريڪا جي جهنگلن مان جانورن جيان هڪليا ويا؟
ڇو هو يروشلم جي گهٽين ۾ بي آبرو ڪيا ويا؟
ڇو هو، آمريڪا جي ميدانن ۾ چونڊي چونڊي ماريا ويا؟
ڇو انهن جا هنرمند هٿ ڪٽيا ويا ۽ هنن جي گلن مان جوتا ناهيا ويا؟
انهن جي جوانڙين کي بسترن جو سينگار ڪيو ويو؟
پوءِ جڏهن هُو جهونڙيون ٿيون تہ انهن کي خارشي ڪُتين جيان درن تان ڌڪاريو ويو؟

انهن جي جوانڙين مان هڪ جو انڙي رتنا ڊي سي هائوس جي بستري تي ساٿي لڳي پئي هئي.

سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي گهراڻي جي چشم و چراغ کي اچانڪ احساس ٿيو هو ته، رتنا گلاب جو گل نه هئي. پئرس جو پرفيوم نه هئي، اسڪاٽليند جي وهسڪي نه هئي. هوءَ ته غريب، ٻهاريدار، ڊپر ڀنگياڻي هئي جنهن سان هن زبردستي هم بستري ڪئي هئي.

جيئن صاحب جي من ۾ اهيو احساس اڀريو، هن ويرم وجائڻ بنا باٿ روم جو رخ ڪيو.

صاحب جڏهن خوشبودار صابڻ، ولايتي شيمپوءَ سان وهنجي، امپورٽيڊ ٽوال سان پاڻ کي اگهندو غسلخاني مان ٻاهر نڪتو هو، ان محل رتنا بستري تي بلڪل ائين ويٺي هئي، جيئن مصور هڪ اجڙيل، لُٽيل ۽ برباد ٿيل عورت جي تصوير ناهيندا آهن.

رتنا جا وار وکريل هئا. هوءَ بستري تي ڪانڀ واري اسٽائيل ۾ پنهنجي گوڏن کي جهليون ويٺي هئي. هن پنهنجي جسم کي ڍڪڻ جي بيدلي ڪوشش ڪئي هئي پر سندس جسم اڌ اگهاڙو هو.

صاحب رتنا ڏانهن ڏٺو، پوءِ حڪم واري انداز ۾ چيائين، ”اٿ اٿ وڃ باٿ روم ۾، اڄ کان پوءِ تون لاڙ جي راڻي سڏبينءَ ۽ دي سيءَ جي يار سڏبينءَ.“

رحمان علي صحب رتنا جي ڳوڙهن ڀريل اکين ڏي ڏسڻ ڪانسواءِ گهنٽي وڄائي، نائڪ ”جي سائين جيءُ سائين.“ چوندو اندر آيو.

نائڪ ويهن سالن جي نوڪريءَ ۾ صاحبلوڪن جا اهڙا ڪرشما باربار اکين سان ڏٺا هئا. ان ڪري رتنا کي ان حال ۾

ڏسي نائڪ کي ڪو عجب ڪونہ لڳو. الٽو هن کي هڪ ڳالھ ياد آئي.
نائڪ کي ياد آيو:

گهڻو گهڻو اڳ- هڪ ڊي سي صاحب جڏهن نئون نئون بدلي ٿي آيو هو. تڏهن حسب معمول هن نائڪ کي پنهنجي پسند ۽ ناپسند ٻڌائي هئي ۽ ان پسند ۽ ناپسند جي ٻڌائڻ دوران، هڪ پسند جڏهن نائڪ جي ڪنن تي پئي هئي تہ نائڪ ڪان ڇرڪ نڪري ويو هو. ان زماني ۾ نائڪ کي نوڪري ڪندي ڏهہ ٻارنهن سال گذري ويا هئا. ان وچ ۾ چار پنج ڊي سي آيا هئا، جن جي پسند جو هو انتظام ڪندو هو ۽ بندوبست ڪندو هو تہ ناپسند صاحب جي پلجي بہ ويجهو نہ وڃي.
پر هي عجب جي ڳالھ هئي. نائڪ صاحب جي واتان پنهنجي پسند جو ٻڌي پهريان حيران ٿيو، پوءِ پريشان ٿيو ۽ آخر ۾ وائڙو ٿي ويو هو.
پر صاحب بنا ڪنهن حيراني ۽ پريشانيءَ جي نائڪ کي ٻڌائي رهيو هو تہ، عورت ذات کان هن کي نفرت هئي، ڪڏهن بہ ڪا عورت ڊي سي هائوس ۾ داخل ٿي، نہ نائڪ جو خير نہ هو. ها باقي ڊي سي هائوس تي سهڻن ڇوڪرن جي اچڻ تي ڪا جهل پل ڪانہ هئي ۽ وقت سر نائڪ کي ئي سهڻي ڇوڪري جو بندوبست بہ ڪرڻو هو.
نائڪ ويچارو غلام ابن غلام!

هو جڏهن نئون نئون نوڪريءَ ۾ آيو هو، تڏهن سندس سينئر نائڪ کيس تربيت ڏني هئي تہ مٿي خدا هو، هيٺ ڊي سي صاحب. ڊي سي صاحب جيڪڏهن رات کي ڏينهن ۽ ڏينهن کي رات چوي تہ بلاشڪ ڊي سي صاحب جي ڳالھ سچي

هوندي. ڊي سي صاحب جو هر حڪم فقط حڪم هو، جنهن جي پابندي ۽ پاسداري ڪرڻ هر نائڪ جو پهريون ۽ آخري فرض هو.

جڏهن نائڪ ڊي سي جي عجب جهڙي فرمائش ٻڌي هئي تڏهن، حيران، پريشان ۽ وائڙو ته ضرور ٿيو هو.

پر "نه" جو خيال هن جي دماغ جي ڪنهن آخري ڪنڊ ۾ به ڪونه اپريو هو.

نائڪ غلام ابن غلام، صاحب جي حڪم جي تعميل دل و جان سان ڪرڻ لڳو.

هو صاحب جي حڪم جي تعميل ته ڪرڻ لڳو، پر نائڪ کي هر رات هڪ پل صراط تان گذرڻو پوندو هو.

صاحب جي عادت هاڻي راز نه رهي هئي. ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان جو پڙاڏو هو. وري صاحب ان عادت سان گڏ هڪ نئون عذاب به مسلط ڪرڻ لڳو هو. هو پنهنجا سڀ شوق شڪار پورا ڪري، رات جو نائڪ کان هڪ سوال ڪندو هو، "نائڪ ٻڌاءِ ڀلا ماڻهو منهنجي لاءِ ڇا ٿا چون؟"

نائڪ غلام ابن غلام- ويچارو صاحب موصوف کي ڇا ٻڌائي. هن ته نوڪريءَ جي پهرئين ڏينهن کان وٺي هڪ ئي جواب سکيو هو. "سائين توهان جي نيڪناميءَ جي ڇا ڳالهه ڪجي. ضلعي جي هر ماڻهوءَ جي وات تي صرف توهان جو نالو آهي. توهان جيڪي ڪم ڪيا آهن ۽ ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا ته تن جو مثال نه ته اڳ مليو ۽ نه پوءِ ملندو".

ڊي سي صاحب- خوشيءَ مان ٻهڪي اٿندو هو. هن کي يقين هو ته نائڪ جيڪو ڪجهه چيو ٿي، هن جي نيڪ نامي ته، ان ڪا ڪيئي دفعا وڏيڪ هئي.

پر وري بہ خير
نائڪ لاءِ مصيبت جو سلسلو جاري رهيو.
هر رات ساڳيو سوال،
ساڳيو جواب.
هڪ ڏينهن نائڪ کي بہ الاءِ ڇا ٿيو. ڇڙ لڳس، جو جکي لڳس، يا مشڪريءَ جو خيال آيس.
صاحب جيئن ئي سوال پڇيو، ”نائڪ! ڪر خبر ڀلا ماڻهو منهنجي لاءِ ڇا ٿا چون؟“
نائڪ وراڻيو، ”سائين بس خير ڇڏي ڏيو، ماڻهو چون ٿا تہ، توهان جي صاحب جهڙو تہ هن ضلعي ۾ نہ اڳ آيو نہ پوءِ ايندو، واوا سبحان الله پرسائين. نائڪ ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني.
”پرڇا، پر ڇا نائڪ ٻڌاءِ تہ.... پر ڇا......“ صاحب اتاولائيءَ مان پڇيو.
نائڪ چپ رهيو.
”نائڪ !“ صاحب جو آواز گونجيو، ”ٻڌاءِ نہ پر ڇا؟“
”سائين.......“ نائڪ جو آواز ڏڪڻ لڳو، ”ماڻهو توهان جي لاءِ چون ٿا تہ، توهان جهڙو ماڻهو تہ روءِ زمين تي پيدا نہ ٿيو آ، نہ ٿيندو. پر توهان ٿورڙا پنج منٽ پوئتي آهيو.“
نائڪ ڳالهہ پوري ڪئي. خوف جون لهرون سندس دل ۽ دماغ کي چيري، نرڙ تي پگهرجي صورت ۾ ظاهر ٿيون. هن محسوس ڪيو سندس ڄنگهون ڏڪڻ لڳيون آهن.
ٿوري دير چپ رهڻ کان پوءِ صاحب ڳالهايو. ”اڙي نائڪ ماڻهن مجهولن جي منهن ۾ اتئي ڏوڙ. ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي اسان پنهنجو مزو خراب ڪنداسين ڇا؟“
صاحب جي منهن تي مُرڪ تري آئي.

نائڪ محسوس ڪيو، سندس ڄنگهن ڏڪڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ نرڙ تان پگهر سڪڻ لڳو هو.
”نائڪ !“ رحمان علي صاحب رڙڪئي، ”اڙي ڪهڙن خيالن ۾ ٻڏي ويو آهين. اڌ اگهاڙيون ڇوريون اڳم نہ ڏٺيون ٿئي ڇا؟“
”نہ نہ قبلا سائين! اهڙي ڳالھ نہ آهي. مان مان.........“ نائڪ جي زبان اٽڪڻ لڳي.
”نيڪ آ نيڪ آ.“ رحمان علي صاحب نائڪ کي اڌ ۾ روڪيندي چيو، ”هيئن ڪر، اڪائونٽنٽ کي چئہ تہ اڄ جو اڄ هن ڇوريءَ جي لاءِ پليون ڊريسون نهرائي. هڪ ٻہ سنو پرفيوم وٺي هٿي رکائي ڇڏي.“
صاحب ٿورو ساهہ پٽيندي چيو، ”اڄ کان پوءِ هيءَ ڇوري بنگلي تي ٻهاري نہ ڏيندي. صبح جو روزانو تون هن کي وهنجاري سهنجاري نوان ڪپڙا پارائي، پرفيوم هڻي، مون ڏانهن اندر موڪليندو ڪرينس.“
ويچاري رتنا واپس پنهنجي بستيءَ ۾ موٽي آئي هئي. خبر ناهي ان رات پنگين جي بستيءَ ۾ جشن ٿيو هو يا ماتم. پر هڪ ڳالھ جو سيني کي عجب لڳو هو تہ راجو پنگي هر روز جي معمول جي ابتڙ هڪ گلاس نري جي بدران لاڳيتا پنج گلاس پيتا هئا ۽ پوءِ ڪنهن مهل کليو ٿي تہ ڪنهن مهل رنو ٿي.
غريبن، مسڪينن، مجبورن ۽ لاچارن جي ذلتن جا سلسلا، بي انت ۽ اڻ کٽ- ان ئي سلسلي ۾ رتنا بس هڪ بي نام واڌارو هئي. هن جي زندگيءَ ۾ بس هڪ ئي واڌارو ٿيو هو. هوءَ ڊي سي هائوس تي ويندي هئي، سرُهِي صابڻ سان

وهنجندي هئي، پرفيوم هڻندي هئي ۽ صاحب جي بستري جو سينگار ٿيندي هئي.
ڊي سي هائوس کان ٻاهر نڪرندي هئي ته ساڳين ئي پنگين جي ڪپڙن ۾ پنگياڻي هوندي هئي.
رات جو راڄوءَ جي ٿڪن ۽ سڏڪن ۾ سندس دل بي چين ٿي پوندي هئي. پوءِ هوءَ به سُڏڪڻ لڳندي هئي. انهن ئي سڏڪن ۾ هن کي ياد ايندو هو ته هوءَ ٻاهر ”صاحبياڻيءَ“ جي نالي سان مشهور ٿي وئي هئي.
لاڙ، سنڌ جي روح جي تجلي، سنڌ جي سونهن جو تاج، سنڌ جي تاريخ جو اڻ کٽ باب.
لاڙ جنهن جون هوائون هڳاءُ سان ڀريل هونديون آهن ۽ ماڻهو محبت سان.
لاڙ ۾ جيڪڏهن ڪنهن جون شامون ڪنهن صديق ڪنيار ڪنهن مير پرديسي، ڪنهن چندر ۽ قوتي ٽري، ڪنهن تاداڪو مسڪين سان گڏ ڪچهري ڪندي ناڪام عشق جا قصا ٻڌندي ۽ ٻڌائيندي، ڪنهن ديوار تي قدرتي نهيل لاڙ جي شودي جي تصوير ڏسي ٿڪ ڏيندي ڏيندي لکن ۽ ڪروڙن جون ڳالهيون ڪندي گذريون هجن تنهن لاءِ لاڙ جي ياد، شاهه ڪريم جي ان بيت جهڙي ٿي پوندي هوندي.

پاڻياريءَ سر ڀڙو، جَرَ تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

ان ئي لاڙ ۾ رحمان علي عرف ٽنڊڻ صاحب هڪ نئين ۽ نرالي ڍنگ جو ڊي سي ٿي اپريو هو- هو هر ڪم جي نگراني خاص ڪري ڊوميسائيلن جي تصديق ۽ اهي به چوڪرين جا

جيڪي هونئن تہ تپيدار ۽ ڪوٽوار ڪندا هئا، ڊي سي صاحب خود ڪرڻ لڳو هو.

سندس تصديق ڪرڻ جو طريقئہ ڪار بہ نرالو هو. هو پوليس گارڊ ڪان سواءِ پنهنجي ٻن خاص واٺن سان گڏ رات جو نڪري پوندو هو. ڊوميسائيلن جي لسٽ سندس واٺن جي هٿ ۾ هوندي هئي. هو خود در کڙڪائيندو هو ۽ ڇوڪريءَ جي مالڪن سان ملندو هو، ڇوڪريءَ ڪان تصديق ڪندو هو ۽ پوءِ ڊوميسائيل جاري ڪندو هو.

ڊي سي صاحب جي ان ادا تي لاڙ ۾ هڪ ٻيو لطيفو مشهور ٿيڻ لڳو هو.

لاڙ پريس ڪلب ۾ وينل صحافي رڪيل پنهنجي مينديءَ رتي ڏاڙهيءَ کي ڪنهندي مخصوص اسٽائيل ۾ مرڪندي ڳالهہ شروع ڪئي، ”يارو ٻڌو ٻڌو اڄ جي تازه ترين خبر ٻڌو.“

سڀ رڪيل ڏانهن متوجہ ٿيا. رڪيل نظرياتي طرح تہ جماعتي مُلو هئو پر عملن ڪامريڊ وڌيڪ لڳندو هو.

هن وٽ مولانا مودودي جي ڪتابن پڙهڻ کان وٺي ننگيون فلمون ڏسڻ تائين سڀ علم ئي علم هو. سندس ڳالهيون مزيدار ۽ چسڪيدار هونديون هيون، جيڪي پريس ڪلب کان سواءِ لاڙ جي هر حلقي ۾ وڏو مزي ۽ لطف سان ٻڌيون وينديون هيون. جڏهن هن ”يارو ٻڌو يارو ٻڌو يا جو اعلان ڪيو تہ، ڏانهنس سيني جو متوجہ ٿيڻ لازمي هو.

هڪڙي چيو، ”ملان اڄ ڪاوري نئين بندوق ڇوڙيندين ۽ ڇوڙڻ کانسواءِ مڙندين ڪونہ، سوادا ڪر ڳالهہ پوري.“

رڪيل ڏاڙهيءَ کي ڪنهندي مرڪيو ۽ مرڪندي مرڪندي ڳالهہ شروع ڪيائين، ”اڄ هو پاڻ وارو سدورو سيٺ مليو، ڏاڍي

عجب جهڙي ڳالهه ٻڌايائين. ٻڌي مون کان ته اصل ٺهڪ بيهن نه پيا.“

”مولانا! هڪ اڌڙوٽ عمر جي صحافيءَ جو آواز پريو ”هاڻي ديگهه پٽاڙ کي ڇڏي، سڌي سنئين ڳالهه کڻي ڪر ته ٽيو چا.“

رکيل اڌڙوٽ عمر صحافيءَ ڏانهن نهاريندي ڳالهه کي اڳتي وڌايو. ”سدوري چيو، يار اسان ته وڏي وڏي ويل، وڏي عذاب مان اچي ڦاٿا آهيون.“

رکيل ساهه پٽڻ کان پوءِ چيو ”آئون پڇيو ميان ٿيو ڇاهي؟“ سدوري چيو ڏسو هي پوءِ خبرڙي ضرور اخبار ۾ ڏجانءِ ان رات مون سان وڏي واردات ٿي آهي. ڪوئي رات جا يارنهن ٿيا هوندا ته اچانڪ در زور زور سان کڙڪڻ لڳو. اسين لاڙي ماڻهو، چوريءَ چڪاريءَ کي پانيون پٽ پاراتو. اويلي مهل در جي کڙڪڻ دل ۾ دهڪو وجهي ڇڏيو. خير سوچيم، ڪو خارشي ڪتو متان در سان مٿو مهٽيندو هجي. وجي در کوليم.“

رکيل ساهي کنئين ۽ وري سدوري جي ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳو، سدوري چيو، ”يار رکيل درُ جو کوليم. فلحال ته آئون ذري گهٽ بيهوشيءَ تي ڪِريس ڏنم ته ٻن ماڻهن سان گڏ ڊي سي صاحب در تي بيٺو هو.“

”هي گهر سيٺ سدوري جو آ؟“

”جي جي سائين.“ سدوري ڏڪندي جواب ڏنو ۽ دل ۾ سوچڻ لڳو ته الاءِ ڪهڙي خطا ٿي آهي جو هن اويلي مهل اچي ڊي سي در متان ڪڙ ڪيو آهي.

”سائين خير ته آهي؟“

ڊي سيءَ جي ڳالهائڻ کان اڳ هڪ چمچي چيو،

”بابا خير آهي خير. هوءَ تو واري ڇوڪريءَ ڊوميسائيل لاءِ اپلاءِ ڪيو آهي نه، ته ڊي سي صاحب وڏو سخت آهي ته مٿان ڪو غلط ڊوميسائيل نه جاري ٿي وڃي ۽ غريب جو حق مارجي وڃي، ان لاءِ هو پاڻ ڊوميسائيل جي جاچ پڙتال ڪندو آهي.“

ڊي سي صاحب جي خاص ڪري ڇوڪرين جي اڌ رات جي ڊوميسائيل جي تصديق جيتوڻيڪ ٽندڻ سان گڏ ڪيس ”اڌراتي ڪتي“ جي لقب سان نوازيو هو، پر لقب القاب کھڙي به قسم جا هجن ان جو کھڙو ٿو فرق پوي. غريب کي ڪير سڃاڻي، بادشاهن کي ئي ته پر پٽ گاريون ملنديون آهن.

ڊي سي صاحب جي اڌ رات جي تحقيقات صاحب کي هڪ رات وڃي لاڙ جي هڪ چڱي خاصي ڄاتل سڃاتل ماڻهوءَ جي در تي بيهاريو. در کڙڪيو گھر جي مالڪ ڪان وسري ويو هو ته، سندس نياڻي انٽر جي امتحان ڪان پوءِ ڊوميسائيل نهرائڻ جي درخواست ڏني هئي. هن حسب معمول سمجھيو ته اڌ رات جو درتي ڪو خارشي ڪتو آيو آهي.

همراهه در کوليو.

در کلڻ سان ئي راز جو پردو هٽي ويو.

ڊي سي صاحب پنهنجي ٻن چمچن سان گڏ در تي بيٺو هو.

همراهه کي سمجھندي ويرم ئي ڪونه لڳي ته سندس وڏي ڌيءُ خاتون ڊوميسائيل نهرائڻ جي درخواست ڏني هئي. گھر مالڪ، لاڙ جي ڄاتل سڃاتل شخصيت هو. جهانديده هو، ڪليل دل ۽ دماغ وارو هو. هو ڊي سي صاحب کي صلاحي گھر اندر وٺي ويو. ڊي سي صاحب جي مناسب خاطر تو اضع سان گڏ ڪيس پنهنجي نياڻي خاتون کي به ڊي سي صاحب جي سامهون پيش ڪيائين.

ڊي سي صاحب، سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي گهراڻي جو چشم چراغ، سندس عاامانہ ظريفانہ ۽ اديبا نہ نظرن خاتونءَ جي حسن جو جلو و پسيو ۽ خاتونءَ جي جسم کي ائين ڪٿيو ۽ ڳڇيو جيئن ڪو تپيدار زمين ڪڇيندو آهي.
پوءِ جنهن جي اميد هئي، اهيو ئي ٿيو.

ڊي سي صاحب جي رتنا ۾ دلچسپي ختم تہ نہ گهٽ ضرور ٿي وئي. هوءَ هڪ دفعو ٻيهر پنگياڻي بڻجي وئي هئي.
صاحب هر رات، خاتوُنءَ جي پيءُ جي چانهہ پيئڻ لڳو.

ڊي سي صاحب بيحد، سنو ۽ مهربان هو. سال اندر خاتونءَ جو پيءُ، لاڙ جي وڏن سرڪاري ٺيڪيدارن ۾ ڳڻجڻ لڳو هو.

۽ خاتونءَ جي، بغير ڪنهن تڪليف جي ۽ بغير گهربل مارڪن جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ٿي وئي هئي. هوءَ خاتوُنءَ مان ڊاڪٽر خاتون سڏجڻ لڳي هئي.
جڏهن خاتون ڊاڪٽريءَ جي ٻي سال ۾ پهتي هئي، تڏهن سڄي لاڙ اندر هڪ ڌماڪو ٿيو.
پهريان ماڻهن کي منيان لڳي.
حيرت لڳي.
اچرج ٿيو.
پوءِ لاڙ ۾ ڳالهہ لطيفي جيان مشهور ٿي وئي.
سڄي لاڙ ۾ ڊي سي رحمان عليءَ جي طرفان خاتوُنءَ جي شاديءَ جا ڪارڊ ورهايا ويا هئا. سڀ حيران ۽ پريشان هئا تہ آخر ڊي سي صاحب جي منظور نظر جو گهوٽ ڪير هو.

شادي هال جي در تي ڊي سي صاحب سيني جو پيار پاٻوهه ۽ خلوص سان استقبال ڪيو. پر سيني ڄاڃين جي ذهن ۾ سوال هو تہ آخر گهوٽ ڪير هو.
جڏهن راز کليو ۽ پتو پيو، پهريائين تہ سڀ حيران ٿيا ۽ پوءِ مرڪڻ لڳا.
سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي گهراڻي جي چشم و چراغ ڊي سي رحمان علي صاحب ڊاڪٽر خاتُونءَ جي شادي پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان ڪرائي هئي.
ساڍن ٽن سالن کان پوءِ جڏهن رحمان علي صاحب لاڙ مان بدلي ٿيو هو، رتنا جي هنج ۾ هڪ ڌيءُ هئي.
ڪنهن اڻاتي درد سبب راجو ٻالو چريو ٿي ويو هو. هو پنهنجا رات ۽ ڏينهن ڪچري جي ڍير تي گذارڻ لڳو هو. ڪڏهن کلندو هو ۽ ڪڏهن روئندو هو.
ڊاڪٽر خاتُون، رحمان علي صاحب جي محبوبا سان گڏ ڀاڃائي بہ هئي.
رحمان علي صاحب جي ننڍي ڀيڻ جي شادي تہ سندس سڳي سؤٽ سان، ان شرط سان ٿي هئي تہ هوءَ لاڙ جي شودي جي تا عمر سريت ٿي رهندي. اهيو ئي تہ سبب هو جو لاڙ جي شودي رحمان عليءَ جي ڀيڻ کي ڪراچيءَ جي هڪ مهانگي علائقي ۾ هڪ فليٽ تحفي ۾ ڏنو هو.
رحمان علي عرف ٽنڊڻ صاحب جڏهن اسان جو صاحب ٿي آيو هو، ان عمر ۾ پنجاهه کان مٿي چڙهي هليو هو، پر هن جي رنگين مزاجيءَ ۾ تِر جيترو بہ فرق نہ آيو هو.
انيڪ عورتن سان گڏ هن جو پنهنجي اٺويهہ ورهين جي ايم بي اي جي شاگرداڻي پنهنجي ساليءَ سان عشق جو

قصو هر هڪ کي معلوم هو. ۽ معلوم هجي به ڇو نه، آخرڪار رحمان علي صاحب سنڌ جو بالا عهدي تي پهتل آفيسر، سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي گهراڻي جو چشم و چراغ هو.

سيڪريٽريٽ ۾ هڪ رواج آهي، جڏهن ڪو نئون صاحب ايندو آهي، ته وقت گذرڻ سان گڏ ڪاتي جا ڪجهه ماڻهو سندس ويجها سمجهيا ويندا آهن.

اها منهنجي خوشقسمتي هئي يابد قسمتي جو ٿوري وقت اندر سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي گهراڻي جي چشم و چراغ رحمان علي عرف ٽنبڻ صاحب مون کي پنهنجي خاص ماڻهو هجڻ جو شرف بخشيو هو.

خاص ماڻهوءَ جو مطلب هو:

آءٌ صاحب جي هر جائز يا ناجائز خواهش پوري ڪرڻ جو نه صرف پابند هئس پر راز کي به راز رکڻ منهنجي ذميواري هئي.

آئون صاحب جو خاص ماڻهو هوس.

پراڻن بادشاهن جا خاص خادم، بادشاهن جي خِلوتن جا شاهد، رازدان ۽ امين ۽ پاسبان هوندا هئا.

مان صاحب جو خاص خادم هئس.

آئون شاهد هئس ته صاحب پنهنجي نوجوان سهڻي ساليءَ سان ڪراچيءَ جي مهانگي علائقي ۾ رنگ رليون ملهائيندو هو.

آئون رازدان هئس ته صاحب سرڪاري فون تي سرڪاري ڪم گهٽ ۽ ساليءَ سان زباني جنسي فعل وڌيڪ ڪندو هو.

آئون رازدان هئس تہ وڏيل عمر سبب، صاحب ساليءَ کي ڪڏهن ڪڏهن ناراض ڪري ويهندو هو ۽ پوءِ صاحب لاءِ ڇا بہ ٿي پوي، زمين ۽ آسمان مان ڪٿان بہ مون کي وياگرا پيدا ڪرڻي هوندي هئي.

اڳي ڪتابن ۾ پڙهيو هو تہ سنڌ جا وڏيرا حڪيمي نسخن جا ديوانا هوندا هئا. پر صاحبن جي خادمي ڪندي مون پنهنجي گنهگار اکين سان ڏٺو تہ سنڌ جا صاحب وياگرا ۽ حڪيمي نسخن جي لاءِ ائين ديوانا هئا، جيئن ڪتو هڏيءَ جي لاءِ!

آئون امين هئس تہ، صاحب جون ڏنل سڀ امانتون بغير ڪنهن کي ٻڌائڻ جي صاحب جي محبوب ساليءَ وٽ امانت با سلامت پهچايان. آئون پاسبان هئس تہ صاحب جون تنهائيون خير خوبيءَ سان گذرن.

ڳالهہ اُتي دنگ نہ ڪيو.

قصو اڳتي وڌيو.

منهنجي رازداني، ايمانداري ۽ پاسباني مون کي صاحب جي اجان بہ وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏيو.

مون کي نئون صلو مليو.

مون کي سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي گهراڻي جي چشم و چراغ جي قائم ڪيل انٽرٽينمينٽ هائوس تي ڊيوٽيءَ جو موقعو ملڻ لڳو.

پهريان تہ مون کي ”انٽرٽينمينٽ هائوس“ نئون نالو سمجهہ ۾ نہ آيو.

جڏهن راز کليو تہ منهنجي حيرت جي حدنہ رهي.

جڏهن، ملڪ جي حڪمرانن کي خيال آيو ته، پيشور عورتن جي بازارن جي اسلام جي نالي تي قائم ڪيل هن ملڪ جي ماڻهن جي اخلاقن تي برو اثر ٿي پيو، تڏهن هنن ساحر لڌيانويءَ جي ”ڪوچئہ دلڪشي“ جي گهٽين تي بندش وجهي ڇڏي.

تڏهن ٿيو ڇا.

ڪجھ عقلمند شريفن، اميرن ۽ ڪبيرن پاڻ ۾ سر جوڙيو.

گڏجي ويٺا.

ذهنن کي جهونجهاڙيو.

صلاح مصلحت ٿي.

غور و فڪر ٿيو.

۽ پوءِ هڪ شاندار

نتيجو نڪتو.

عقلمند شريف اميرن سوچيو:

”ڪوچئہ دلڪشي“ جا بدصورت دلال نہ شڪل صورت چڱي نہ ڳالهائڻ جي تميز، نہ علم ۽ عقل.

سندن آڪاڙن جو نالو، ”ڪوٺا“ ڪيڏو بدصورت ۽ دل ۾ ڪِرپ پيدا ڪندڙ نانءُ.

۽ انهن ۾ رهندڙ.

ڏنڌي واريون.

ڪِنيون ڪو جهيون.

نسل در نسل هلندڙ.

نہ تہ ڪوئي احساس تازگي ۽ نہ ئي ور نواڻ يعني ماڊرنٽي (Modernity).

عقلمند شريف اميرن ڪبيرن جي سوچن رنگ لاتو.

شاندار نتيجو نڪتو.
نام نهاد دلڪشي گهرن جي جڳهہ تي، معزز شريفن، اميرن، ڪبيرن شاندار نالي واري ”انٽرٽينمينٽ هائوس“ جو بنياد رکيو. جتي، مان، رتبي ۽ اهليت مطابق، شراب ۽ شباب جون محفلون مچڻ لڳيون ۽ مجرا منعقد ٿيڻ لڳا.
ٿوري وقت ۾”انٽرٽينمينٽ هائوسز“ هڪ وڏي ڏنڌي جي شڪل اختيار ڪري ورتي. جتي سياستدان، منصف، آفيسر، وردي وارا صاحب سڀ سر جهڪائڻ لڳا...
صاحبن ڏٺو، سندن سٽيپون ڪرسيون لُڏندي ڪا دير ڪانہ ٿي لڳي، پَل پر ۾ ڪرسي کسڪيو وڃي. صاحب وتي رلندو.
انيڪ صاحبن ٺُل ڪئي ۽ ”انٽرٽينمينٽ هائوس“ ڪرسيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪين صمد باندِ جيان لڳو.
پوءِ هر ڪنهن پنهنجي اهليت ۽ توفيق آهر”انٽرٽينمينٽ هائوس“ کوليا.
پوءِ زمانو ڏسڻ لڳو. جن صاحبن وٽ انٽرٽينمينٽ هائوس هئا، انهن جي ڪرسين کي ڪڏهن بہ لوڏو نہ ٿي آيو، بلڪ اقتدار جي ايوانن جو هر ماڻهو سندن سلامي هو.
آئون جڏهن رحمان علي صاحب جي خاص الخاص پٽيوالن ۾ شامل ٿيو هوس، تڏهن مون کي پتو پيو هو تہ، سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي گهراڻي جي چشم و چراغ جو هر وقت سٽيپن پوسٽن تي رهڻ جو راز مختلف جاين تي قائم ڪيل چار انٽرٽينمينٽ هائوس هئا.
جڏهن ڪا خاص شراب ۽ شباب جي محفل ٿيندي هئي تڏهن صاحب مون کي ۽ ڊرائيور نواب عليءَ کي بہ خدمت چاڪريءَ لاءِ گهرائيندو هو.

اها سياري جي سرد رات هئي جڏهن صاحب ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ ۾ قائم ڪيل هڪ انٽرٽينمينٽ هائوس تي مون کي ۽ نواب علي ڊرائيور کي گهرايو هو. ڪمال جي محفل هئي. ڏهه ٻارنهن ڇوڪريون هيون ۽ سنڌ جا پندرنهن ويهه اعليٰ عملدار، سياستدان، جج ۽ فوجي هئا.

رحمان علي صاحب محفل جو مور، هر هڪ ڪان ور ور ڪري ٿي پڇيائين ته ڪنهن کي ڪا تڪليف ته ڪانه هئي، ارينجمينٽس ۾ ڪا ڪوتاهي ته ڪانه هئي. هر ڪنهن دل کولي صاحب جي انتظامن کي داد ڏنو هڪڙي صاحب ڪلندي ڪلندي صاحب کي چيو، ”رحمان علي ارينجمينٽس جي پرفيڪشن کي ڏسي ته ائين ٿو لڳي، جڻ ته توهان ستن پيڙهين کان وٺي انٽرٽينمينٽ هائوس هلائيندا تا اچو.“

صاحب هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو، جنهن ۾ شايد ڳالهه جي سچائيءَ جو اقرار هو، يا حسرت هئي ته ڪاش!

اهيو سچ هجي ها.

آهستي آهستي محفل مچڻ لڳي.

حسين نينگرين جا پير ڌرتيءَ کي ڌُٻائڻ لڳا.

ڌرتي ڌُٻڻ سان دليون به ڌٻڻ لڳيون.

دليون ڌٻڻ سان ئي بوتلن جا منهن کليا.

جام پرجڻ ۽ خالي ٿيڻ لڳا.

اسين نوڪر چاڪر ٻاهر دروازي وٽ اندر ٿيندڙ تماشي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ لڳاسين. جيترا هئا وات اوتريون هيون ڳالهيون. هر هڪ پنهنجي پنهنجي وس وٽ ۽ اهليت آهر راءِ جو اظهار ڪرڻ لڳو.

پر الاءِ ڇو منهنجي ذهن ۾ مرحوم موريل جو شعر ڦرڻ لڳو:

تماشي ۾ تي نياڻي نچي،
ڪو پئسا ڏئي، ڪو پئسا وني.

جيئن رات گهري ٿيڻ لڳي، تماشي جي رنگيني به وڌڻ لڳي. نرتڪين جا قدم تيز ڦرڻ لڳا، جسمن ڳالهائڻ شروع ڪيو. جام پرجڻ لڳا ۽ بوتلون خالي ٿيڻ لڳيون.

اڌرات هئي، سياري جي اڌرات.

اچانڪ محفل ۾ رڙيون پئجي ويون.

انهن رڙين ۾ مون کي ۽ نواب عليءَ کي اندر سڏ ٿيو.

محفل جي موج ۾ رڙيون اسان لاءِ ڪائين ڳالهه نه هئي. پر اڄوڪيون رڙيون هنيانءُ ڦاڙ هيون.

ائين پئي لڳو، ڄڻ ته ڪنهن انسان کي ڪاتيءَ سان پيرن کان ڳِترا ڳِترا ڪيو ٿي ويو.

يا ڪنهن انسان کي ٽياس تي ٽنگي سندس هٿن ۽ پيرن ۾ ميخون پيون هنيون وڃن.

ان دل کي ڏوڏيندڙ رڙين ۾ سڀ کان انوکي ڳالهه هئي مون کي ۽ نواب عليءَ کي سڏ. اسين ته شودر هئاسين "بزم شاهي" ۾، اسان غريبن جي کهڙي جاءِ هئي.

پر سڏ هو، صاحبن جو سڏ.

اسان بئي "جيءُ سر، جيءُ سر" ڪندا اندر پهڳاسين.

اندر جو منظر، اهڙو ته ڪريه هو جو شايد ملائڪ ڏسن ها ته به روئي ڏين ها.

رحمان علي صاحب جو وات هڪ سترنهن ارڙنهن سالن جي نچڻي ناريءَ جي ڇاتيءَ ۾ هو. نچڻي بيوس، لاچار، سندس ڪيهن آسمان جو سينو ٽي چيريو.

پر حاضرين محفل اڪثر پنهنجي مستيءَ ۾ مست هئا. ڪجھ ماڻهن پري کان رحمان عليءَ کي وات ڪڍڻ لاءِ چيو ٿي.

رحمان عليءَ جي ڪيفيت بڪايل بگهڙ يا چتي ڪتي جهڙي هئي. لڳو ائين ٿي ته، ڇوڪريءَ جي سيني کي ڪچو کائي ويندو.

مون کي ۽ نواب عليءَ کي همت اچي وئي، اسان صاحب کي ڇڪي ڇڪي، ڇوڪريءَ جي ڇاتيءَ مان منهن ڇڏايو.

آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڇوڪري سيني تي هٿ ڏئي قالين تي ويهي رهي. هوءَ اُپ ڏاريندڙ رڙين کي ضابطي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. رحمان علي صاحب کي سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ جيتريون به گاريون ياد هيون ڏيڻ لڳو. ۽ گارين ئي گارين ۾ اسان کي حڪم ڏنائين ته ان نالائق رنديءَ کي سندس هوٽل ۾ پهچايون.

نواب علي ٻاهر گاڏي لڳائڻ لاءِ ڀڳو.

ڇوڪريءَ جو هٿ سيني تي هو. سندس رڙيون سڏڪن ۾ بدلجي ويون هيون.

رحمان علي صاحب هڪ پيگ پي ورتو.

محفل ۾ جامن جي ڪڙڪڻ ۽ ڇيرين جي ڇم ڇم ۾ تيزي اچڻ لڳي.

مون سُڏڪندڙ ڇوڪريءَ کي سهارو ڏئي اچي گاڏيءَ ۾ پٺين سيٽ تي ويهاريو.

گاڏي هلڻ لڳي.

ڇوڪريءَ جي سڏڪن ۽ ڳوڙهن رڪجڻ جو نالو نه ٿي ورتو.

منهنجو اندر اڏ ٽيڻ لڳو. ڇوڪريءَ جي ڳوڙهن ۾ مون کي منهنجي جيجل ماءُ جو ڇهرو ۽ ڳوڙها ياد اچي ويا. اها به سياري جي هڪ سرد رات هئي. سياري جي سرد راتين ۾ اسان سيئي پائر پينرون چُلهه جي چوڌاري ٽي ويهنداسين. امان اڪثر اسان کي چٽن مٽرن جي اٽيي رڌل پلي، جنهن ۾ لوڻ مرچ پيل هوندو هو ۽ چانورن جي ماني کارائيندي هئي. پوءِ ڳالهه ٻڌائيندي هئي:

”هڪ مائي هئي جنهن کي ولر ٻارن جو هوندو هو. پوءِ به سوچيندي هئي ته منهنجي ٻارن ۾ ڪا برڪت پوي، اجا به گهٽا ٿين.

سياري جي مند ۾ مائيءَ وٽ مرشد آيو. مائي مرشد کي عرض ڪيو، ”سهڻا سائين، مرشد پلارا، دعا ته گهر ته منهنجي کهول ۾ برڪت پوي ۽ منهنجي آکهہ اجان گهٽي ٿئي.“

مرشد سائين، الله جو ولي، رب جو پيارو، سُهڻي سائينءَ مائيءَ کي چيو، ”مائي ڪا ڳالهه ڪانهي. رب سٺائي ڪندو. هيئن ڪر، اڄ رات تون چڱيون ڪانيون ڳڏ ڪري رات جو ٻاهہ جو وڏو مچ ٻارجانءِ ۽ پنهنجي آکهہ کي ٻاهہ جي چوڦير ويهارجانءِ. پاڻهي تنهنجي پاتين ۾ برڪت پئجي ويندي ۽ وڌي ويندا. تو وٽ ويهڻ جي جاءِ گُٽي پوندي.“

مائي مرشد جي چوڻ تي سجو ڏينهن پاڻ ۽ پنهنجي اولاد سان ڳڏجي ڪانيون ڳڏ ڪيون. رات ٿي پنهنجي پاتين کي ٻاهہ جي چوڦير ويهاري ڪٽي وڏو مچ ٻاريائين.

جيئن ٻاهہ جو پيڙمتو تيئن ماٺهن کي تئہ آيو.

جيئن ماٺهن کي تئہ آيو تيئن ٻاهہ کان پري ٿي کُلي وينا. جيئن کُلي وينا، تيئن مائيءَ چيو، ”حق سچا مرشد، بيشڪ مڃيو

ماڻءِ هڪ رات ۾ تو منهنجي تمنا پوري ڪري ڇڏي. شڪر جو منهنجي آڪھ ۾ ايتري برڪت اچي وئي جو چُلھ جي چوڏاري ماپي ئي نہ ٿي.“

لوڻ مرچ ۾ رڌل پلي چانورن جي مانيءَ سان ڪائيندي امڙ جون ڳالهيون ٻڌندي بابي جا دڙڪا ڪائيندي سياري جي رات سولائيءَ سان گذري ويندي هئي.

پر سياري جي اها رات ڏاڍي درد ڀري ۽ ڏکوئيندڙ هئي. اسان جي ننڍڙي ڀيڻ ڪي ڄائي ٿي مهينا مس ٿيا هئا. بابو سائين مسلسل بيمار رهڻ لڳو هو. بابي جي بيماري سڄي گهر جو ساھ سُڪائي ڇڏيو هو. گهر ۾ بيماريءَ سان گڏ بُک بہ داخل ٿي هئي. بہ ٽي ڏينهن تہ امان پاڙي اوڙي مان اوڌر تي سودو وٺي اسان جو پيٽ پاليو، پر ان رات گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجھ بہ ڪونہ هو.

بيمار مڙس چار ٻکيا ٻار. ڇهين معصومڙي، ستين امڙ پاڻ.

چلھ جي چوڏاري اسان ائين ويٺا هئاسين ڄڻ تہ اسين بہ بني اسرائيل جا لاڏلا ٻار هئاسين، جن جي لاءِ عنقريب آسمان مان من وسلويٰ نازل ٿيندو.

من وسلويٰ تہ نازل نہ ٿيڻو هو سون نہ ٿيو، پر هڪ ٻيو واقعو ٿي ويو. امڙ اسان جي ننڍڙي ڀيڻ جا ٻنڊڻ ڌوئي رکيا هئا. رات جي وقت ٻنڊڻن کي تئہ ڏيڻ لاءِ جيئن باھ جي ويجهو ڪيائين، ٻنڊڻ وچي باھ ۾ ڪريا.

الله اڪبر! صبر جي سماڌي ٽٽي پئي. امڙ جون اکيون ساوڻ جي مينهن جيان وسڻ لڳيون. اکين جون مينهن جنهن ۾ بيوسي هئي، لاچاري هئي، درد هو، پيڙا هئي، شڪوو هيو،

شڪايتون هيون. امڙ ڪي روئيندو ڏسي اسان سيني ٻارن بہ روئڻ شروع ڪيو.
زمانو گذري ويو، امڙ جا ان رات وسندڙ نيڻ، مون کان ڪڏهن وسري نہ سگهيا.
مون سوچن کي جهٽڪو ڏنو، ڪنڌ مٿي ڪنيو.
مون ڏٺو، نينگري اجا بہ سڏڪا ڀري رهي هئي.
نواب پنهنجي ٻانهن سان ڳوڙهن اگهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ مون کي بہ پنهنجي ڳلن تي چڱي خاصي گرمائش محسوس ٿيڻ لڳي.

باب ستون

# صوفي صاحب.......

رات جي چوٿين پهر جو پهريون پهر.
رات ڏينهن کي رستو ڏيڻ لاءِ راهه هموار ڪندي آهي.
تارا الوپ ٿيڻ لڳندا آهن. پکي پر پکيڙڻ لڳندا آهن.
پاڳ ورنيون، پنهنجي مال جا وٿاڻ سنڀاليندیون آهن.
رات جي چوٿين پهر جو پهريون پهر.
حرڪت جو پهر، برڪت جو پهر، چرپر جو پهر، سنڀال جو پهر.
پر منهنجي ته سڄي رات گذرڻ کان پوءِ به هن محل تائين ڪنهن سنڀال ڪونه لڌي آهي.
منهنجو من ڪٿي ڪٿي ڀٽڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي رليو آهي. ڪهڙن ڪهڙن ياد جي دريائن مان گذريو آهي. جيڪڏهن آءٌ صحيح سالم هجان ها، بيمار نه هجان ها ۽ اهي يادون قلمبند ڪريان ها ته شايد چڱو خاصو ناول لکجي وڃي ها.
پر، هاءِ ڙي قسمت! هاءِ ڙي مقدر!
آئون ته ياد جي گهٽين مان گذران ٿو، منهنجو درد مانو ٿئي ٿو ۽ رات جو پهر گذري وڃي ٿو.
يادون ئي هن محل منهنجي درد جو درمان آهن.
يادون ئي منهنجون يار دوست آهن.
يادون ئي منهنجا پائر پينرون آهن.
يادون ئي منهنجي انتها جي ابتدا آهن.
انتها، آئون جلدي انتها ٿو چاهيان. هيءَ دنيا ڇڏڻ ٿو چاهيان، درد مان نجات ٿو چاهيان.

هاءِ هاءِ- ٻيهر دل تي علم جي دروازي جو قول تري تو اچي، ”موت ئي انسان جو سڀ کان وڏو محافظ آهي. جڏهن نہ اچڻو هوندو آهي تہ ڪير بہ نٿو آڻي سگهي. جڏهن اچڻو هوندو آهي تہ ڪير بہ ٽاري نٿو سگهي.“

انسان زندگيءَ سان ايڏو پيار ڇو ڪندو آهي.

جواب ۾ هڪ جوڳيءَ لهري مهاسيا جو جواب ذهن ۾ تري تو اچيم: ”سالن کان قيد ڪيل هڪ پکيءَ کي جڏهن آزاد ڪبو آهي، تڏهن سولائيءَ سان هو پڃرون ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح روح بہ جسم جو ايترو تہ هيراڪ هوندو آهي، جو ڪنهن بہ طرح جسم ڇڏڻ نہ چاهيندو آهي.“

سچ آهي. هن محل جيڪڏهن ڪو ڳن ۾ شيخ اياز جو شعر بہ اچي ڇوي:

جسم ٿيو فنا، روح ٿيو آزاد،

مٿي اول مٿي آخر، مٿي زنده آباد،

۽ ڇوي تہ، ڳلو اٿ تنهنجي پيڙا پوري ٿي، تنهنجي سفر جو انت ٿيو تہ منهنجو جواب شايد مهران وارو ئي هجي، نہ هن گهڙي نہ ٿوري مُهلت ڏي، ٿورو موقعو ڏي.

او منهنجا رب! ڪيڏي خوبصورت ناهي آهي تو هيءَ دنيا! لک تڪليفن ۽ ڏکن جي باوجود بہ دل ڇڏڻ تي چوي ئي نہ ٿي.

هاءِ! درد جي لهر سڄو جسم ڪنبائي ڇڏيو.

هان هي ڇا؟!! ان ڪنبڻيءَ مان تہ مون کي مرشد جو شعر ياد اچڻ لڳو آهي.

جا پر هندو ڪن، مُئي پڄاڻان مَيت سان،
سا پر مون سڄڻن، جيئري ڪئي جهان ۾.

مرشد جي بيت ياد اچڻ سان درد جي لهر ٿمجڻ لڳي آهي ۽ ياد جي گهٽي اجان به وڌيڪ ويڪري ٿي وئي آهي.
مون کي ياد اچڻ لڳو آهي ته اهو بيت پهريون ڀيرو ڳوڙهن گاڏڙ اکين سان صوفي صاحب ٻڌايو هو.

ايڊيشنل سيڪريٽري دلاور حسين پنهنجي طبيعت جي ڪري سيڪريٽريٽ ۾ صوفي صاحب جي نالي سان مشهور هو.

ننڍپڻ ۾ مون پنهنجي پاسي جي ڳوٺ جي وڏي وڏيري جي ننڍي ڀاءُ لاءِ ٻڌو هو ته، هو جڏهن اوطاق ۾ ويهندو هو ته، سندس نوڪر ڪونئرو، ٽوال ۽ صابڻ کنيون تيار بيٺو هوندو هو، جيئن ئي ڪو اوطاق ۾ داخل ٿيندو هو، پيرين پئي سائينءَ کي هٿ ملائيندو هو. سائينءَ جو رعبدار آواز گونجندو هو، ”اڙي ڇورا هٿ ڌئار.“

هٿ ڌئارڻ جي اها راند ايستائين جاري رهندي هئي جيستا ئين ماڻهو اوطاق ۾ ايندا رهندا هئا ۽ سائينءَ سان هٿ ملائيندا رهندا هئا.

چون ٿا ته، پنهنجي ننڍي راڄ جو ڇڳو مڙس پيرل هڪ ڏينهن سائينءَ جن جي اوطاق تي آيو ۽ سائينءَ ننڍي سان هٿ ملائڻ ڪانسواءِ ڪنڌ وني ويهي رهيو. سائين ننڍي کي حيرت به لڳي ۽ ڪاوڙ به ته پيرل آخر هٿ نه ملائڻ واري جرئت ڪئي هئي ته ڪيئن؟

سائين ننڍي، وڏي ڀاءُ کي شڪايت ڪندي چيو، ”ادا وڏا لڳي ٿو ته وڏيرو پيرل اڄ مون سان ناراض آهي جو مون سان هٿ به نه ملايو اٿئين.“

وڏي سائينءَ، پيرل خان کي مخاطب ٿيندي چيو، ”پيرل خان ڇاتي ننڍي سائينءَ سان ناراض ٿيا آهيو جو ڪيس هٿ به نه ٿا ڏيو؟“

”نه سائين نه نه، منهنجي ڇا مجال آ، جو مان سائين ننڍي سان ناراض ٿيان.“ پيرل وراڻيو.

”پر سائين عرض اهيو آهي ته اسان جهڙا ڪين جهڙا گندا ماڻهو سائينءَ سان جڏهن هٿ ملائين ٿا ته، سائينءَ کي هٿ ڌوئڻ جي تڪليف ٿي ڪرڻي پوي، ان ڪري اسان سائينءَ کي تڪليف کان بچائڻ لاءِ هٿ نه ٿا ڏيون.“

وڏو سائين ڳالهه جي ته تائين پهچي ويو.

نندي سائينءَ به طنز کي محسوس ڪري ورتو.

رهيا ويچارا ٻيا ماڻهو، سي ته هئا ئي ڪمي ڪاسبي، ڪين جهڙا.

پيرل خان جي ننڍڙي بغاوت ڪانپوءِ نندي سائينءَ جي رويي ۾ ايترو فرق آيو ته هن چڱن ماڻهن سان هٿ ملائڻ ڪانپوءِ هٿ ڌوئڻ جي تڪليف ڇڏي ڏني.

ننڍپڻ ۾ ٻڌل واقعي کي مون عملي طرح سان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڏٺو. هتي ”صاحب“ ڊنگ وڏيرن کان وڏا وڏيرا آهن. هو هٿ ته ملائڻ پري جي ڳالهه آهي، ڪنهن جي سلام جو جواب ڏيڻ به بي عزتي سمجهندا آهن.

مون پنهنجي سالن جي نوڪريءَ ۾ ڏٺو ته، اسان جهڙا پٽيوالا، چوڪيدار، ڊرائيور ته ٿيا الڳ مخلوق، وڏا صاحب پنهنجو پاڻ ۾ به هٿ ائين ملائيندا آهن، ڄڻ ته اڳلو ناپاڪ، پليد ۽ نجس جانور هجي.

ان ئي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ دلاور حسين عرف صوفي صاحب پنهنجي نرالي طبيعت جي ڪري مشهور هو. هو جيئن ئي گاڏيءَ مان لهندو هو. سندس اڳيان پنگيءَ کان وٺي اعليٰ عملدار تائين جيڪو به سندس سامهون ايندو هو، ان سان ائين هٿ ملائيندو هو، ڄڻ ته هو ورهين جو وڇڙيل دوست يا پرين پيارو هجي.

گهڻن جو خيال هو ته صاحب موذي هو. ڇو ته هو هڪ پٺيوالي سان ته محبت سان ڳالهائيندو هو، پر ڪنهن ڇڳي خاصي "دنگ" ماڻهوءَ جي بي عزتي ڪندي ڪوتڪي جو به احساس نه ڪندو هو. هُو ڪلم ڪلا رشوت وٺندو هو. اسان هيٺين ملازمن کي ائين خرچي ڏيندو هو ڄڻ ته حاتم طائي جو نئون جنم ٿيو هجي.

سندس سخاوت جي هاڪ سڄي سيڪريٽريٽ ۾ هئي. ڪليل هٿ کي ڏسي ائين لڳندو هو ته، هو ڪو وڏو وڏيرو، امير يا سرمايه دار هو.

پر حقيقت ان جي ابتڙ هئي.

هو هڪ غريب گهراڻي جو فرد هو. سندس پيءُ ننڍڙو دڪاندار هو.

سندس پيءُ زوار حسين جي ڪهاڻي به عجيب هئي:

پاڪستان نئون نئون ٺهيو هو. نئين ملڪ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو قال هو. ماڻهن کي سڏي سڏي پئي نوڪري ڏنائون، زوار حسين به سڌو وڃي پوليس ۾ جمعدار ٿيو هڪ رات هڪ عجيب واردات ٿي جنهن زوار حسين جي زندگيءَ جي رنگ ۽ ڍنگ کي مٽائي ڇڏيو.

زوار حسين پنهنجي پوليس پارٽيءَ سان گڏ لاڙڪاڻي جي جيلس بازار جو گشت ڪري رهيو هو، هڪ ديوان پنهنجي بند دڪان جي اڳيان وينو هو. روايت ته اجان به هلندي اچي پر ان زماني ۾ جوش ايماني تازو هو. ٻاهران آيل سرڪاري ڪارندن وٽ هر هندو ڌاريو هو ۽ هندستان جو جاسوس هو، ان جو اثر سنڌي ڪارندن تي به هو.

الاءِ ڇا ٿيو ديوان پوليس پارٽيءَ کي ڏسي وني پڳو. ديوان کي پڇندو ڏسي شڪ يقين ۾ بدلجي ويو ته ديوان جاسوس هو. پوليس پارٽي به ديوان جي ڪڍ لڳي.

ديوان کي پڪڙي ورتائون. زوار حسين نوجوان هو پوليس جو جمعدار هو ۽ جوش ايمانيءَ سان ٽمٽار. تنهن ديوان کي مارڻ شروع ڪيو. هر ڌڪ لڳڻ ڪانپوءِ ديوان رڙيون ڪرڻ لڳو. رڙيون ڪندي ڪندي ديوان چوڻ لڳو، ”او سائين! او ڏٽي، مون کي ڇوٽو مارين،مان به ته تو جهڙو انسان آهيان، تنهنجو سنڌي ڀاءُ آهيان.“

اچانڪ آسمان ۾ هڪ تارو چمڪيو.

پٽ تي تنبوري جي تان تي ٻر ٻر ٿي.

پائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

زوار حسين جو بي رحميءَ سان هلندڙ هٿ رڪجي ويو. هن ديوان کي ڇڏي ڏنو، پر ديوان جي دانهن سندس سڪون کي برباد ڪري ڇڏيو.

الائي ڪيترا ڏينهن لفظ، ”تو جهڙو انسان آهيان، تنهنجو سنڌي ڀاءُ آهيان.“ ڀالا ٻرڇيون بڻجي سندس سيني کي ڇيهون ڇيهون ڪندا رهيا.

زوار حسين هڪ فيصلو ڪيو. هن پوليس جي نوڪري ڇڏي ڏني ۽ سيلاني بنجي ويو. هو ٽي سال جهر جهنگ جهاڳيندو رهيو. ٽن سالن ڪانپوءِ جڻ ته سندس بنواس پورو ٿي ويو. هُو واپس پنهنجي ڳوٺ وريو.

شادي ڪيائين گذر سفر لاءِ هڪ ننڍڙو دوڪان ڪوليائين. شاهه ۽ سچل جي شاعريءَ کي هينئن سان هنڊايائين، سن جي سائينءَ سان عقيدت جو رشتو جوڙيائين.

هو زال جي سُهمن ۽ طعنن جي پرواهه ڪرڻ بنا ته جيڪڏهن هو پوليس جي نوڪري نه ڇڏي ها ته گهٽ کان گهٽ ڊي ايس پي ٿي رٽائر ٿئي ها.چڱي خاصي مال ملڪيت هجي ها ۽ گذر سفر لاءِ هيئن پريشان نه ٿيڻو پوي ها. پنهنجي اولاد کي وطن سان محبت، غير مشروط محبت ۽ انسان ۽ انسانيت جي عظمت جو درس ڏيندو رهيو. هن جڏهن اکيون پوريون هيون تڏهن سندس دل ۾ ٻه ڏک هئا. هڪ ته هو جيلس بازار جي ديوان جي دانهن کي وساري نه سگهيو هو (جڏهن ٻه ڪيس ياد ايندو هو، سندس اکيون آليون ٿي ويندي‌ون هيون) ٻيو ته:

درد وندن جو ديس،
ڏکويلن جو ديس،
ستايلن جو ديس،
بي پهچ ابوجهن جو ديس،
سنڌ، آزاد نه هئي.

ڀٽائيءَ جي بيتن، سچل جي آفاقي آوازن ۽ سنڌوءَ جي ساجاهه جي خالق جي فڪر جي ڦرهيءَ کي پڙهندي، دلاور حسين جڏهن انٽر پاس ڪئي هئي، تڏهن سندس والد صاحب پيالو ڪيو هو.

ڪجهه ڪرڻ جي تمنا، دلاور حسين کي ڪراچيءَ وٺي آئي هئي. هو ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن سنڌي اخبارن ۾ ڪم ڪندو هو ته ڪڏهن خانگي اسڪولن ۾ ماستري ڪندو هو ۽ ٻارن کي ٽيوشن پڙهائيندو هو. سندس هر شيءِ اڻ پوري هئي،

سندس ننڊ اڻپوري هئي،
سندس لباس اڻپورو هو،
سندس خوراڪ اڻپوري هئي.

ڪا شيءِ مڪمل ۽ سدا جوان هئي، تہ اهو هو سندس جذبو. هڪ سچي صوفيءَ جي اولاد جيان راهہ ۾ ايندڙ ڏکيائين ۽ مشڪلن کي آفاقي آزمائش سمجهندي اجان بہ وڏيڪ جوش ۽ جذبي سان محنت ڪرڻ لڳندو هو. ٻيي جي ڳولا ڪندي، هن پنهنجي تعليم بہ جاري رکي ۽ نوڪري حاصل ڪرڻ جي جستجو بہ.

ٽيهن سالن جي عمر ۾، سندس ڪوشش رنگ لاتو، سندس محنت صاب پئي، سندس اميد پوري ٿي. هو نوڪري جي لاءِ ٿيندڙ صوبائي چٽاپيٽيءَ جي امتحان ۾ ڪامياب ٿي سيڪشن آفيسر ٿي ويو.

سنڌ جي آفيسر شاهي پنهنجي جوهر ۾ مڪمل طرح سان وڏيرا شاهيءَ جي هڪ نئين شڪل آهي، جيڪو ان جو حصو ٿيو چڻ تہ، هڪ نئين زميني خدا جو اضافو ٿيو.

آفيسر شاهي، اندر ئي اندر ڪيترن خانن، حصن ۽ پتين ۾ ورهايل هوندي آهي. وفاق کان آيل هوندا آهن برهمڻ صوبائي ڪامورن ۾ هڪڙا هوندا آهن ڪتري، ٻيا هوندا آهن شودر شودر ئي سنڌ سيڪريٽريٽ جو انتظامي ڪاروهنوار هلائيندا آهن.

برهمڻ، ڪتري ۽ شودرن جي ان ورهاست ۾ رنگ، نسل ۽ ذات پات جو بہ اهم خيال رکيو ويندو آهي. ڪامورا شاهيءَ جي اهڙي ئي ماحول ۾ دلاور حسين جهڙن ڪامورن جو وجود رڃ ۾ مور جي رڙ اچڻ مثل هو. دلاور حسين آزاد خيال

هو. يگانو هو. ريتن رسمن جي پرواهہ نہ ڪندو هو. پاڙهُو هو ۽ بي باڪ هو.

سندس بي باڪيءَ جو هڪ قصو تہ سڄي سيڪريٽريٽ ۾ مشهور هو. چون ٿا تہ هو جڏهن نئون نئون سيڪشن آفيسر ٿي آيو هو. تڏهن ڪيس هڪ سيڪريٽريءَ جو اسٽاف آفيسر مقرر ڪيو ويو هو.

سيڪريٽري صاحب ڪامورو ابن ڪامورو هو. حسب روايت هو پروٽوڪول ۾ ذري برابر بہ ڪوتاهي برداشت نہ ڪندو هو. هر ماڻهوءَ کي پهريان اسٽاف آفيسر وٽ اچڻو پوندو. سيڪريٽري صاحب جڏهن اسٽاف آفيسر کي اجازت ڏيندو هو تہ ملاقات لاءِ آيل صاحب سان ملي سگهندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ عجيب واقعو ٿيو. بہ چڱا خاص سوٽ ڪوٽ پهريل همراهہ سيڪريٽري صاحب سان ملڻ آيا. سيڪريٽريءَ سان ملاقاتين جو اچڻ تہ روز جو معمول هو، پر هنن نون آيل چڱي طرح پهريل سهريل ملاقاتين جو انداز خود اعتماديءَ وارو ۽ جارحانہ هو. اچڻ سان ئي رعبدار انداز ۾ دلاور حسين کان پڇيو، ”صاحب آهي؟“

”جي سائين، صاحب موجود آهي.“ دلاور حسين وراڻيو،

”صاحب سان ملڻو آهي.“ ملاقاتين جي آواز ۾ اجان بہ وڌيڪ ڪڙڪو اچي ويو.

”جي سائين ضرور ضرور.“ دلاور حسين وراڻيو. ”پرچيءَ تي پنهنجا نالا لکو، اندر موڪليو، صاحب توهان کي ملاقات لاءِ گهرائيندو.

”اڙي اسان وري پرچيءَ تي نالا لکي اندر موڪليندا سين ڇا!!“ آيل ملاقاتين جي رويي ۾ رعب سان گڏ ڪاوڙ جو بہ اضافو

ٿيو. ”توکي خبر ناهي تہ اسين ڪير آهيون. اسين تنهنجي صاحب جا اولڊ فرينڊس آهيون، لائيڪ فيملي ميمبرس. ڪالهہ رات بہ تو وارو صاحب ۽ اسان گيڌرنگ ۾ گڏ هئاسين.“ ملاقاتين پنهنجي رعب ۽ غصي جو سگهاري نموني اظهار ڪرڻ لاءِ انگريزيءَ جو استعمال ڪيو.

”سائين نيڪ آ.“ دلاور حسين وراڻيو.”پر صاحب جو حڪم آهي تہ ڪوبہ Visitor ڊائريڪٽ اندر نہ اچي“.

”OK, OK“ ملاقاتين جو صبر جواب ڏيڻ لڳو. ”Take our visiting cards to him and tell him we are waiting“

ايندڙن جي ڳالهائڻ جي انداز ۽ خود اعتماديءَ مان ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ سيڪريٽري کو سندن ويجهو دوست مائٽ عزيز آهي.

دلاور حسين هڪ نئون سيڪڙات آفيسر هو. هن پنهنجي مٿان ايندڙن جي رعب ۽ دٻدٻي جي تهہ کي ڪرندي محسوس ڪيو. هو اٿيو، ملاقاتين جا ملاقاتي ڪارڊ ڪنيائين، سڌو سيڪريٽري صاحب وٽ ويو ۽ کيس چيائين، ”سر! هي بہ وزيٽرس آيا آهن، چون پيا تہ توهان جا تمام گهٽا ڪلوز فرينڊس آهن ۽ توهان سان ملڻ لاءِ انسسٽ (Insist) پيا ڪن.“

سيڪريٽريءَ بيزاريءَ مان هڪ نظر ڪارڊن تي وڌي ۽ سختيءَ سان حڪم ڏيندي چيائين ”Close friends my foot.“. ”اڙي پيڇاءِ انهن بيغيرت نڱ، بليڪ ميلرن کي.“

دلاور حسين ٻاهر آيو. ملاقاتين کي چيائين، ”صاحب ٿورو (Busy) آهي، اوهانکي کو urgent ڪم يا پرابلم آهي تہ مون کي ٻڌايو مان Solve ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.“

”نہ، نہ“ ملاقاتين کي شايد اندر جي ماحول جو اندازو ٿي چڪو هو. ان ڪري مٿانئن انگريزيءَ جو پوت جهڪو ٿيڻ لڳو هو. هنن سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي چيو، ”نيڪ آهي، جيستائين صاحب واندو ٿئي، ايستائين اسان انتظار ٿا ڪريون.“

هو ڪرسين تي ائين ٿي ويٺا جو دلاور حسين کي مهمان ۽ مائيءَ جو قصو ياد اچي ويو:

چون ٿا تہ، هڪ گهر ۾ ڪو ماڻهو مهمان ٿي آيو. ميزبانن بہ ٿي ڏينهن تہ سانده سندس خوب خوشامند ۽ خاطر مدارت ڪئي. پر مهمان يا تہ گهر کان واندو هو يا ڪيس خاطر مدارت ۾ مزو اچي ويو هو، سو وڃڻ جو نالو نہ ٿي ورتائين.

ميزبان تنگ ٿيڻ لڳا ۽ مهمان مان جان ڇڏائڻ جون دعائون گهرڻ سان گڏ، مهمان کي ڪيڻ لاءِ اَنسنا اُٽڻ لڳا.

هڪ ڏينهن صبح جو پهر هو. گهرڌياڻي گهر جو چلهو دکايو، ائين ئي سامهون مهمان ننڍ اکڙا قدم کڻندو ڪمري کان ٻاهر آيو. گهرڌياڻيءَ کي مهمان مان جان ڇڏائڻ جي هڪ ترڪيب سُجهي آئي. مهمان جيئن ويجهو آيو، مائيءَ ڏاڍيان آواز ۾ چلهہ تي تئو رکندي چيو، ”تپ توا ڇهہ مهينا“.

مهمان اوڙاپو ٻڌي مرڪيو، سندس چال ڍال ۾ ڪو فرق ڪونہ آيو. هو اڳتي وڌيو، ٿالهيءَ جي وڻ جي هيٺان پيل کٽ تي ويهندي چيائين، ”کُپ کُٽي ٻارنهن مهينا.“

سو دلاور حسين وٽ ويٺل سڪريٽريءَ جي مهمانن جي روِيي مان بہ ائين پئي لڳو، جڻ تہ طئہ ڪري آ يا هجن تہ، جيڪڏهن کين اڳيئن جنم تائين انتظار ڪرڻو پيو تہ ڪندا، پر ملاقات هر حال ۾ ڪندا.

دلاور حسين بہ پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ هر حربو هلائڻ لڳو.

وقفي وقفي سان ڪائنڻ پڇندو رهيو، ”سائين ڪو ڪم ڪار آهي تہ مون کي ٻڌايو، ڪنهن کي فون ڪرڻي آهي تہ مان فون ڪري ٿو وٺان.“
پر آيلن جو جواب هڪ ئي هو، ”هاها ڪم آهي پر اسان صاحب کي پاڻ کي ٻڌايئنداسين!“
جيئن وقت گذرندو رهيو، تيئن تيئن دلاور حسين جي طبيعت جو جلال وڌڻ لڳو. سندس اندر ۾ ويٺل آفيسر آرس پڳو. شرم حياء جا پردا ٽٽا، هن وڏي زورائتي انداز ۾ ويٺلن سان مخاطب ٿي چيو، ”الاءِ ڪيتري دير کان ويٺا آهيو. باربار توهان کي چوان ٿو. ڪم ٻڌايو ڪم ٻڌايو. اهڙو ڪهڙو خاص ڪم آهي. جيڪو مون کي نہ ٿا ٻڌايو. سيڪريٽريءَ کي پلا پيڻ جو سڱ ڏيڻ آيا آهيو ڇا؟“
ٻڌندڙن تي بم ڪريو.
ڄڻ تہ سندن ڪنن جا پردا ڦاٽا.
ٻ پوءِ ٻي لمحي ۾ سندن ڪرسيون خالي هيون.
سندس بي باڪي، لاپرواهي، شاهانہ رسمن جي ڪلم ڪلا لتاڙ جي باوجود بہ اڪثر ماڻهو محسوس ڪندا هئا تہ هو ڪنهن اونهي درد ۾ ٻڏل هو.
درد!!؟؟
شايد هو ننڍپڻ ۾ ڏٺل غريبيءَ جي ڏنين کي وساري نہ سگهيو هو.
شايد هو، ڪانون جي وچ ۾ هَنجُ هو.
شايد پيءُ وٽان ڪيس ورتي ۾ مليل احساس تہ سندن وطن غلام هو. سيڪريٽريٽ جي فائيلن ۾ لڪل غلاميءَ جي نانگن ڪيس ڏنگيو ٿي.

شايد شايد شايد............انيڪ شايد هئا. پر سڀ کان سگهارو شايد جنهن تي سيني کي اتفاق هو تہ هو عشق جو سٽيل هو
هو صوفي هو.
پاڙهو، هو،
پٽائي ڪيس برزبان ياد هو.
ڪبير جا دوها، درياءَ جيان سندس زبان مان نڪرندا هئا.
ان سان گڏ هو صاحب بہ هو.
پروٽوڪول جو قائل، مجال آهي جو ڪو سندس اجازت کان بغير ڪمري ۾ داخل ٿئي ۽ ڪرسيءَ تي ويهي.
پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود بہ، ڪو درد هو، ڪو ڏک هو، جنهن رکي رکي سندس اندر کي جهوريو ٿي ۽ هو اداس ٿي ويندو هو.

ائين ڇو آ تہ اسان ماڻهو پنهنجي غمن ۽ خوشين کان وڌيڪ ٻين جي غمن ۽ خوشين ۾ دلچسپي وٺندا آهيون؟ ٻين جي ذات ۽ ذاتي دکدائڪ زندگي، اسان جي انا ۽ اسان جي اندر کي الاءِ ڇو تسڪين جي احساس سان مالا مال ڪندي آهي؟.

ٻين جي غمن، خوشين، خوبين ۽ خامين جون گهڙيل ڪهاڻيون اسان کي الائي ڇو پنهنجي وجود جي احساس کان عاري ڪري ڇڏينديون آهن؟

اهيو سبب هو جو اسان سيني جي ٽوهہ ۽ جستجو هئي تہ آخر ڪهڙو درد هو جنهن کي دلاور حسين جڳ جهان کان لڪايون ٿو وتي. ڳالهہ جي تان ان تند تي اچي ٽٽندي هئي تہ صاحب کي عشق جي چوٽ لڳل هئي ۽ بيوفائي جو ڏنگيل هو.

دلاور حسين صاحب جي حوالي سان عشق، وفا ۽ بيوفا جو لفظ ايترو تہ ورجايو ويو هو جو، مون کي ڏهاڪا اڳ اسان

جي ڳوٺ ۾ عشق، محبت ۽ وفا جو هڪ لازوال داستان ذهن تي تري ايندو.

چاليهه پنجاهه سال اڳ جي ڳالهه آهي، يا ائين چئجي ته اجان وڌيڪ بهتر ٿيندو، انگريزن جي زماني جي ڳالهه آهي. اسان جي ڳوٺ جي وڏيري جاڻ جون به خاصيتون ملڪان ملڪ مشهور هيون.

هر هڪ کي گاريون ڏيڻ ۽ ماني کارائڻ.

سندس سخا جو گڻ ايڏو ته سگهارو هو جو ماڻهو سندس زبان درازيءَ کي وساري ويهندا هئا ۽ ور ور ڪري پيا سندس مهمان نوازيءَ جا ڳڻ ۽ ڳيچ ڳائيندا هئا.

سندس مهمان نوازيءَ جا ڳڻ ۽ ڳيچ ڳائجن به ڇو نه، الائي ڪيترا دفعا ائين ٿيو هو جو سياري جي سرد راتين ۾، جڏهن ٿهر جو پارو ٿي پيو، ماڻهن جي ڇا مجال، رات جا رولاڪ جانور، ڪتا به وجي ڪنهن پلال جي ديري يا ٽڏ ڪان بچڻ لاءِ ڪنهن ٽا نيڪي جاءِ جو پاسو جهليندا هئا. اهڙين آڌي راتين ۾ وڏيري خانڻ کي آزمايو ويندو هو. سندس اوطاق تي اڌرات جو سڏ ٿيندو هو. وڏيرو ٻاهر نڪرندو هو. ٻهر ٻُتون لڳل ٻه چار ماڻهو بيٺا هوندا هئا ۽ وڏيري کي ماني کارائڻ جي سدا هڻندا هئا.

وڏيرو همراهن کي اوطاق ۾ ويهاري اندر ماڙيءَ ۾ ويندو هو ۽ ويرم ئي نه گذرندي ته وڏيرو مهمانن جي اڳيان ڇانورن جون تازيون مانيون، پلي يا ساڳ جو ڀوڙ ۽ تازو ڇاڏيءَ مان ڪڍيل ڏونئري جو وٽو يا مکڻ ۽ ماکي اچي رکندو هو.

عجيب ڳالهه هئي.

سياري جي بي رحم سرد رات.
ان رات ۾ پنڊيءَ تي پيل چانورن جون گرم مانيون، پلي، ساڳ جو ٻوڙ،
ڏونئرو، مکڻ ۽ ماکي.
ائين لڳندو هو ڄڻ ته ماڙي اندر وينل وڏيريءَ جي اکين مان ننڊ اڏامي وئي هئي ۽ هوءَ ان انتظار ۾ هئي ته اجهو مهمان آيا جن جي چانورن جي ماني پلي ساڳ جي ٻوڙ ۽ ڏونئري مکڻ سان خاطر تواضع ڪرڻي هئي.

اهيو ئي سبب هو ته وڏيري خانڻ جي ستن ڪوهن ۾ هاڪ هئي. چڱا ڀلا نامي گرامي ڏوهاري وڏيري جي ماڙي ته چاهه سندس راڄ ڀاڳ ڪان به پيا ڪڻُ ڪندا. چي، ”ماني آهي ڪاني، وڏيرو مٽير مڙس. ائين نه ٿئي ته ڪاني اچي سيني ۾ نڪاءُ ڪري.“
چاليهي جا ڏينهن هئا ۽ تيرهون مهينو.

الاهه الاهه، چاليهي جا ڏينهن ۽ تيرنهين مهيني جي شدت جو احساس انهن کي ئي هوندو جن اتر سنڌ ۾ ڪي گهڙيون گذاريون هونديون.

چاليهي جا ڏينهن، جڏهن آسمان مان باهه جا اُلا ڪرندي محسوس ٿيندا آهن، هوا، اڻ ڏٺل آڳ لڳندي آهي ۽ زمين تتل تئو تي پوندي آهي.

چاليهي جي ڏينهن ۾ اتر سنڌ ڪچڙي منجهند جو ائين ويران ٿي ويندي آهي، ڄڻ ته ”گهوڙا ڙي گهوڙا ڙي“ جو آواز بلند ڪري مدد خان پناڻ جي لشڪر جي آمد جو اطلاع ڏنو ويو آهي. بيوس لاچار ماڻهو پنهنجي سر بچائڻ لاءِ ڪچن پڪن

اجهن ۾ لڪي ويا آهن، پڪين ڊرون جهازن جي دهشت سبب اڏامڻ ڇڏي ڏنو آهي.
جيت جڻين ڪنهن خودڪش بمبار جي خوف ڪان ڏرتيءَ جي آخري تهه ۾ وڃي پناهه ورتي آهي.

ان ئي اتر جي چاليهي جي ڏينهن لاءِ ئي ته لاڙجي شاعر محمد صديق مسافر چيو هو:

ويساڪ جو مهينو، جنهن ۾ لُڪون ۽ جهولا،
ڄڻ آسمان اُڇليا ٿي، زمين تي گرم گرم گولا.

ان ئي چاليهي جي ڏينهن ۾ شروع ٿيندو آهي تيرهون مهينو ماڻهن جو ان ختم. مال جو چارو ختم. ساوڪ ختم. پاڻي ختم. هرشيءِ ختم.
تڏهن ئي ته ان موسم جو ماڻهن، نالو ئي رکي ڇڏيو آهي تيرهون مهينو.
اهڙا ئي چاليهي جا ڏينهن هئا ۽ تيرهون مهينو.

منجهند جو وقت هو، وڏيري خانڻ پنهنجي اوطاق جي ڪنڌين کي پاڻي هڻائي، زمين تي چڱو خاصو ڇڻڪار ڪرائي، نوڪر ڪان چلم سَرُڪرائي اجان چلم مان پهريون ڪش مس هنيو هو ته اچانڪ هڪ همراهه گهوڙو ڊوڙائيندو، سڌو اچي وڏيري خانڻ جي مٿان بينو هو. چاليهي جا ڏينهن، مٿان ڏرتتي، جسم اڳيئي تتل. هيڏانهن وري گستاخ سوار، گهوڙو اچي سڌو وڏيري جي کٽ جي سامهون جهليو هو.

خانڻ برابر مهمان نواز هو. سندس اوطاق هر آئي وئي جي لاءِ آشيانو هئي. لنگر خانو هئي. پر وڏيرو ته پوءِ به وڏيرو هو نه! وڏي شان، مان ۽ دبدبي وارو ستين ڪوهين هاڪارو. هر ڪو ڪيس جهڪي ۽ نوڙي ملندڙ. پر هاءِ! هي ڇا ايندڙ ته

گستاخيءَ جا ليڪا لنگهي ويو هو. گهوڙو سڌو اچي وڏيري جي مٿان جهليو هئائين.

ان کان اڳ وڏيري جي گاريل فطرت ڦڙڪي اٿي، گهوڙي سوار مخاطب ٿيو، ”سائين وڏا، معاف ڪجو، معذور سيد آهيان، مهرباني ڪري گهوڙي تان لهڻ ۾ مدد ڪجو“.

”سيد“ لفظ ٻڌڻ سان ائين لڳو ڄڻ ته چاليهي جو جهولو ٿڌو ٿي ويو هجي.

زمين نري پئي هجي.

آسمان گرم گرم گولا اڇلائڻ بند ڪري ڇڏيا هجن.

هونئن، سنڌڙيءَ جو ڪٽي ڪير ڪيڏو به سرڪش سنڌي هجي، ڏنو ته ائين ويو آهي ته، سندس سر هميشه ڏاڍي جي لٺ ۽ سيد جي عظمت آڏو جهڪيل رهيو آهي ۽ شايد اڃ ڳڻين نسلن تائين جهڪيل رهي.

وڏيري خانڻ چلم ڇڪڻ ڇڏي ڏني.

اوطاق ۾ وينل به هاري اٿيا. هڪ تڙتڪڙ ۾ کٽ تي رلي وڇائي، وهاڻو سڌو ڪيو. ٻئي وري گهوڙي تي وينل سيد کي گهوڙي تان لاهي، وجي وڇايل رليءَ واري کٽ تي ويهاريو. جنهن کٽ تي رلي وڇائي هئي ان گهوڙي جا سنج لاٿا. گهوڙي کي ٿالهيءَ جي وڻ هينان وجي ٽانيڪو ڪيو.

وڏيرو خانڻ پاڻ اٿيو. تڙ تڪڙ ۾ سيد کي هٿ منهن ڌئاريائين ۽ پوءِ حويليءَ ۾ اندر هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن وَڏيرو حويليءَ مان نڪتو ته، سندس هٿ ۾ سيد جي لاءِ مانجهاندي جي ماني هئي.

ماني کائي، سيد صاحب جڏهن واندو ٿيو، تڏهن وڏيري خانڻ، سيد کان حوال وٺڻ جي ابتدا ڪندي چيو، ”جيءُ سائين!“

”منو ڪير پيءُ.“ سيد صاحب وراڻيو. ”عزت بخشڻ لاءِ توهان جا وڏا وڙ، وڏا احسان، پر عرض اهيو آ ته مان توهان سان نويڪلائيءَ ۾ ڪجهه ڳالهائڻ چاهيان ٿو.“

سيد جي ڳالهه ٻڌي، وڏيري خانڻ اوطاق ۾ ويٺلن کي ٻاهر وڃڻ جو اشارو ڏنو. جڏهن سڀ ٻاهر هليا ويا ته وڏيرو پنهنجي کٽ تان اٿي وڃي سيد جي کٽ جي پيرانديءَ کان ويٺو.

هڪ دفعو جيءُ جو ورجاءُ ٿيو.

سيد جيءُ جي جواب ۾ حوالن جي ابتدا ڪئي.

”سائين! ڪڇي جو غريب معذور سيد آهيان. توهان جي سخاءُ مهمان نوازي ۽ حشمت جي هاڪ ٻڌي اٿم. گهڻي آيو آهيان هڪ انوکي ڪم لاءِ اميد اٿم، نه ته ناراض ٿيندا نه ئي وري مايوس ڪندا“.

”نه سائين توهان حڪم ڪيو.“ وڏيري خانڻ ادب مان وراڻيو، اسان ته توهان جي ذات جا ٻانها غلام آهيون.“

”وڏيرا سائين!“ سيد ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”توهان جي ڳوٺ ۾ جيڪا لاڏائو ريبارن جي ڏٽي اڇي ويني آهي.“

سيد جي ڳالهه ختم ڪرڻ کان اڳئي وڏيري کي ياد آيو ته، برابر ڳوٺ جي پرسان لاڏاڻو ريبار اڇي وينا هئا.

پر اهيو ته معمول هو. لاڏائو ريبار وقت به وقت اچي ويهندا هئا. ڪجهه وقت ويهڻ کان پوءِ وري لڏو پٽي ٻي منزل ڏي روانا ٿي ويندا هئا.

سيد ڳالهه جاري رکي، ”سائين ان ڏٽيءَ ۾ منهنجي ساهه جو سڳو اٽڪيل آهي. ان ڏٽيءَ ۾ منهنجو پرين پيارو آهي. بس توڏي الله پاڪ جو نالو وٺي آيو آهيان ته ڪيئن به ڪري مون

ڪي هڪ دفعو هڪ گهڙيءَ لاءِ پنهنجي پرينءَ سان ملاءِ، ان جو ديدار ڪراءِ.“

وڏيرو خانڻ ڳالهه ٻڌي حيران ٿي ويو. هن ٽيڏي اک سان سيد ڏي ڏٺو. هو ٻنهي ٽنگن کان معذور هو، هلڻ کان هلاڪ هو. وري صدا هنئين هئائين ته کهڙي !! عاشقيءَ جي ميل ميلاپ جي!!

وڏيري سان اڄ ڏينهن تائين اهڙي گستاخيءَ جو ڪنهن سوچيو به ڪونه هو. پر سيد، معذور سيد ڪو صفا زور آور ماڻهو هو.

سيد کي انڪار ڪرڻ قيامت ڪاري ڪرڻ جي برابر هو. وڏيري قيامت ڪاري ڪرڻ نه ٿي چاهي.

قيامت جي ڏينهن رب پاڪ اڳيان پنهنجي منهن تي دانگي نه ٿي ملڻ چاهي.

”سائين!“ وڏيري خانڻ ادب مان ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”انگل ته توهان اگرو ڪيو آهي پر، توهان کي ننهن ڪري مان پنهنجي قيامت ڪاري نه ٿو ڪرڻ چاهيان. مان ڪوشش ته پوري پوري ڪندس، پر توهان جي پرينءَ جو پتو مون کي ڪيئن پوندو؟“

سيد جو منهن سرهائيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳو. هن ڪيسي ۾ هٿ هنيو ۽ هڪ پرت پريل ريشمي رومال ڪڍيو.

رومال وڏيري جي حوالي ڪندي چيائين، ” سائين توهان هي رومال ڏٺيءَ جي پرسان وجي ظاهر ڪجو، منهنجي سڄڻ سائڻ توهان وٽ پاڻهئي هلي ايندي.

سيد ڪچڙي منجهند ڏاران اوطاق ۾ آيو هو. هاڻي سج نيزي پاند اچي چڪو هو. هرڪو وجي گهرن ۽ واهيرن ۾ ٽانيڪو ٿيو هو.

رومال وڏيري جي حوالي ڪرڻ ڪانپوءِ سيد به آهلجي پيو ۽ ڏسندي ڏسندي ڪيس به ننڊ اچي وئي.

وڏيري خانڻ کي ننڊ صفا نه آئي. هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي، ولوڙ هئي. سيد جو عشق ڪنهن سگهڙ جي ٻڌايل داستان جهڙو هو. هو حيران هو ته معذور سيد ايڏا ڪشالا ڪري پنهنجي پرينءَ سان ملڻ آيو هو. وري عجب جهڙي ڳالهه اهيا هئي ته ڪنهن معذور ماڻهوءَ سان به نينهن جو ناتو لاتو هو!

وڏيري خانڻ دل ئي دل ۾ چيو، پلا ان عشق کي آزمائڻ ۾ حرج ڪهڙو آهي.

ٽيپهريءَ ڌاران وڏيري خانڻ وهنجي ململ جو پهراڻ ۽ ريشمي گوڏ ٻڌي. سندس ٻنيءَ ۾ ويٺل ريڍارن جي ڏُٽيءَ ڏي نڪري آيو. پنج ڇهه خيما جن جي اڳيان ريڍارن جا اڌ اگهاڙا ٻارڙا ڪيڏي رهيا هئا. پر ۾ ئي رڍن ۽ ٻڪرين جا ننڍڙا ڦر ائين بي چينيءَ ۽ بيقراريءَ ۾ ڪُڏي رهيا هئا، ڄڻ ته سڄ کي ايلاز ڪندا هجن ته سنت ئي لهه. ته جيئن اسان جون امڙيون جهنگ مان موٽي اچي اسان کي پنهنجي سيني سان لڳائين. گهڻين ئي ڪوششن ڪان پوءِ به وڏيرو خيمي اندر ويٺل عورتن جو اندازو نه لڳائي سگهيو.

خير، وڏيرو پنهنجي راجوٽيءَ مان مريادا جو خيال رکندي خيمن ڪان ٿورو پريرو پيچرو وٺي خيمن سامهون ئي پر ڇگي پنڌ تي پنهنجي ڪوهه تي اچي بيٺو. شام جو پهر هو، ڪوهه تي بيٺل نم، انب ۽ ٽالهي جي وڻ تي ويٺل پکي، سڄ جي تپش گهٽ ٿيندي ئي ڄڻ ته الهڙ جوانڙيءَ ٽي جيان آرس پيجي اٿيا هئا. اهڙيون اهڙيون منيون ٻوليون تي ٻوليائون، ڄڻ

تہ باري بي پرواھہ جو سچ جي ڏنگائيءَ کي مڃو ڪرڻ جي شڪريو ادا ڪندا هجن.

وڏيري خانڻ جو خيال لاتيون لنوندڙ پکين ڏي نہ وڃڻو هو نہ ويو. هو تہ صرف هڪئي سوچ ۾ ٻڏل هو تہ، سيد جي محبوبا کي پاڻ ڏي ڪيئن متوجہ ڪري. لاشعوري طرح هن جو هٿ پهراڻ جي کيسي ۾ ويو.

هن رومال ڪڍيو ۽ رومال کي ائين هوا ۾ لهرائڻ لڳو جڻ تہ ٻچيتا ڪانوَ ڪيس نونگا هڻندا هجن. جن کي هو اڏائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

گهڙي مس گذري، وڏيري ڏٺو، هائو ٻيلي هڪ نوجوان عورت، جنهن جي عمر مشڪل سان ٽيھہ پنجٽيھہ سال هئي، دلو ڪڇ تي ڪنيون ڪوھہ ڏانهن ائين وکون پرينديءَ تي آئي، جو لڳو ٿي جڻ تہ هو پنڌ نہ ڪندي هجي. اُڏامندي هجي. اڏامندي بہ اهڙي جوش، جذبي ۽ محبت سان هجي، جيئن ماکيءَ جي مک گل ڏانهن اڏام پريندي آهي، يا گل جي خوشبو ماکيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي.

هوءَ جڏهن ويجهي پهتي تہ وڏيري جي وات مان بي اختيار نڪري ويو، ”الله اڪبر ايڏو حُسن.!“

گهڙي پل لاءِ وڏيري کان سيڪجهہ وسري ويو تہ هو راڄ جو وڏيرو هو. پنهنجي رتبي جي حساب سان پاڙي اوڙي جي نياڻيءَ کي تڪڻ سندس شان جي خلاف هو.

وڏيري کان اهيو بہ وسري ويو تہ سندس هٿ ۾ سيد جو پنهنجي پرينءَ لاءِ ڏنل پرت پريل ريشمي رومال هو. هو تہ حُسن جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويو هو.

هن کي هوش تڏهن آيو جڏهن هن عورت جو روئڻهارڪو آواز ٻڌو، ”او وڏيرا سائين، او وڏيرا سائين!“
وڏيري ڇرڪ ڀريو. حسن جي سمنڊ ۾ ٻيڙي ٻڏڻ کان بچي وئي. عورت جو روئڻهارڪو سڏ، ايلازن ۽ التجائن ۾ مٽيو ۽ هن چيو، ”وڏيرا سائين! وڏيرا سائين! نالي خدا جي، واسطي منڙي محمد ڪريم جي ، صدقي پيران پير دستگير جي مون کي ٻڌاءِ ته توکي اهيو رومال ڪٿان مليو آ.“
عورت جي ايلازن ۽ التجائن ۾ وڏيري خانڻ جو ڌيان عورت جي حُسن تان هٽيو. هن کي معذور سيد ياد آيو ۽ هن جا پرينءَ سان ملڻ لاءِ ڪيل ڪشالا ياد آيا. عورت جي تڙپ مان وڏيري اندازو لڳائي ورتو هو ته، جيڪڏهن سيد وٽ سڪ جو درياءُ هو ته هن پاسي به پورو سمنڊ هو.
وڏيرو آزمودگار ۽ تجربيڪار انسان هو. زندگيءَ جا انيڪ لاها چاڙها ڏٺا هئائين، خوشيون غم برداشت ڪيا هئائين. ٿوري پل لاءِ هن عورت کي آزمائڻ چاهيو، ڪٿي هوءَ ڍنگ ته نه ڪري رهي هئي، مڪر ته نه ڪري رهي هئي.
وڏيري عورت کي چڙٻيندي چيو. ”مائي چري ٿي آن يا ڳَل ٿڙي ٿي چا، جو رومال رومال ٿي ڪرين؟ ڪهڙو رومال؟“
”وڏيرا سائين!“ عورت جو آواز سڏڪن ۾ اٽڪڻ لڳو هو.
”تون چا به چئه ڪهڙا به ڳالهاوَ ڏي، هي تنهنجي هٿ جو رومال منهنجي منڙي جو، منهنجي سائينءَ جو آ.“ عورت سڏڪن ۾ ساهه کنيو، وري ڳالهايو، ”وڏيرا سائين مان پرديسڻ آهيان، پر تنهنجي پاڙي ۾ آئي آهيان، تنهنجي سام آهيان- تون ننگي ننگ ڪر. هي منهنجو رئو ميڙ ٿي، مون کي ٻڌاءِ ته منهنجو منڙو سائين ڪٿي آ؟“

عورت پنهنجو رئو لاهي وڏيري جي پيرن تي وڌو. وڏيري پنهنجا پير ايڏي تيزيءَ سان پوئتي ڪيا ڄڻ ته رئي ۾ دوزخ جي باهه هجي.
منڙي سنڌ، پنهنجي ٻچڙن جي عجيب ريتن روايتن ۽ رسمن تي مرڪيو.
رئو پيرن تي پوڻ ڪانپوءِ وڏيري وٽ وڌيڪ انڪار ۽ آزمائش جي ڪا گنجائش نه هئي. هن عورت کي ٻڌايو ته سيد سندس اوطاق ۾ آرامي هو ۽ ساڻس ملڻ لاءِ اتاولو هو. پنهنجي منڙي سائين، سيد جي موجودگيءَ جو ٻڌي عورت جو لاثاني حُسن اهڙو نکريو جنهن جي ڪابه تشبيهه شايد بيان نه ڪري سگهجي.
ملاقات جو طئه ٿيو. سومهڻيءَ ڪانپوءِ جڏهن هئو مئو ٽرندي وڏيرو سيد کي ڪوهه تي هنن وٽن هيٺان وني ايندو. عورت کي هتي اچڻو پوندو.
عورت وڏيري جا احسان مڃيا، ٿورا ڳايا. اچڻ جو اقرار ڪيو. ڪوهه مان دلو پاڻيءَ جو ڀريو، پوءِ دُٽيءَ ڏانهن رواني ٿي وئي.
اها رات وڏيري جي زندگيءَ جي عجيب رات هئي. هن کي خبر هئي ته لاڏائو رات جو ڏاڍا سچيت هوندا اهن. معذور سيد هن وٽ سوالي ۽ سام ٻڌجي آيو هو. هن نه ٿي چاهيو ته جي دُٽيءَ جا ڏنار جاڳي پون ۽ سيد کي نقصان پهچي. ان ڪري هن ڳوٺ جي چئن جوان پهلوان مردن کي پاڻ وٽ سيد جي حفاظت لاءِ گهرايو.
سومهڻي گذري وڏيري سيد کي خود سهارو ڏنو ۽ چار کهاڙين، لنين ۽ لوڙهن سان مسلح جوان ائين ڪڍ هلڻ لڳا،

جڻ تہ سيد گهوٽ هجي ۽ هو ڄاڃي. هو اسر ويل جي روايت
کان هٽي ڪري سيد کي لائڻ لاءِ وٺي ويندا هجن.
گهگهہ اونداهي رات هئي.
قافلو کوهہ تي اچي پهتو.
وڏيري سان آيل هڪ همراهہ پاڻ سان آندل رلي وڻن جي
جهڳٽي جي هيٺان وڇائي سيد کي سولو ڪري ويهاريو.
ڪاجهڻ مس گذري هوندي. هڪ دفعو ٻيهر ائين لڳو جڻ تہ
عورت اڏامندي ٿي آئي. عورت جي اچڻ تي سيد صرف ايترو
چيو، ”بسم الله بسم الله.“
وڏيري سان آيل چار همراهہ پهريداريءَ لاءِ چئني ڪندن
۾ پکڙجي ويا. وڏيرو بہ وڻن کان ٿورو پرڀرو هڪ جهپ جي
اوٽ وٺي ويهي رهيو.
عاشق معشوق جو ميلاپ هو. انسان ڪٽي ڪيڏي بہ
عقيدت ۾ هجي. تماشو ڏسڻ تہ سندس فطرت ۾ آهي. وڏيري
جي اندر ۾ بہ سيد جي عقيدت جو بت ڊٺو، هُن جي اندر جو
تماشبين جاڳي پيو. هن سوچيو، ڏسان تہ سهي، سيد ۽ سندس
محبوبہ ڪن ڇا ٿا؟
ان سوچ ايندي ئي هو جهُپ جي اوٽ مان نڪتو.
ان طرف مڙيو جنهن طرف سيد ۽ سندس محبوب هئا. اتان جو
نظارو ڏسي پهريان تہ وڏيري کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي جڏهن
ڪيس ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ ڪيس يقين نہ ٿي آيو. جڏهن ڪيس
يقين آيو تہ اڳيان ڪيس حيرت انگيز جهان نظر آيو.
وڏيري ڏٺو، معذور سيد ۽ سندس محبوبہ هڪ ٻئي جي
آمهون سامهون اکين اکين ۾ ملايون ائين وينا هئا جڻ تہ
هڪڙو استاد هجي ٻيو شاگرد فرق صرف اهو هيو تہ، پتو نٿي

پيو تہ ٻنهي مان استاد ڪير هو شاگرد ڪير هو، طالب ڪير هو مطلوب ڪير هو. عاشق ڪير هو، معشوق ڪير هو. فنا ڪير هو، باقي ڪير هو. عابد ڪير هو، معبود ڪير هو؟

ٻنهي جا جسم نہ هئا ڄڻ تہ پٿر جا بت هئا.

ٻنهي جون اکيون ائين ٿي لڳو ڄڻ تہ هڪٻئي جي وجود کي پار ڪري هن ڪائنات جي ڪهڪشائن ۾ گم ٿي ويون هجن.

وڏيري جي لاءِ حيرانيءَ جي ڳالهہ هئي.

جسمن جي ميلاپ کان سواءِ بہ، انسان اکين ذريعي عشق ۾ ائين ٻُڏي ٿي سگهيو جو، پنهنجي آس پاس جو ڪو پتو ڪونہ ٿي پيو. وڏيري خانڻ جي حيراني ايتري حد تائين وڌيل هئي جو جيڪڏهن هو سالڪ هجي ها تہ شايد سلوڪ جي انيڪ ڪيفيتن جو مٿس اظهار ٿئي ها.

پر هو وڏيرو هو صرف وڏيرو.

رات گذرندي رهي.

وڏيري جا آندل همراهہ پوري ايمانداريءَ سان پهرو ڏئي رهيا هئا.

وڏيرو خود ڄڻ تہ پنڊ پهڻ ٿي ويو هو.

هو ڏانهن اکين جي اڻ کٽ ڪهاڻي جاري هئي.

رات گذرندي رهي، پهريون پهر، ٻيو پهر ۽ ٽيون پهر بہ پنهنجي آخري لمحن ۾ ٽٽڻ لڳو.

تيزيءَ سان گذرندڙ رات، وڏيري جي اندر ۾ اڻ تڻ پيدا ڪئي، ڪيس خيال آيو، هاڻي متان مائيءَ جا وارث سجاڳ ٿي پون. ان اڻ تڻ ۾ ئي هن آهستي آواز ڏنو، ”سائين، سائين!“

اکين جون پنبڙيون چنڀيون.

جسمن ۾ جنبش ٿي.

سيد ائين بيدار ٿيو، ڄڻ تہ ازل جي لڪيل سپني ڪهاڻين جي پڙهائي پوري ٿي وئي هجي. يا ڄڻ تہ آدم کي اڄ ئي جنت مان ڪڍي زمين تي اڇلايو ويو هجي!
عجب انداز مان سيد جواب ڏنو، ”جيءُ وڏيرا سائين جيءُ!“
وڏيري بيحد ادب ۽ احترام مان وراڻيو، ”سائين! رات لڙڻ لڳي آهي. هاڻي پاڻ کي هلڻ کپي.“
”سائين بسم الله بسم الله، هلو هلو.“ ڪجھ گھڙيون اڳ اکين جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويل سيد جو انداز ائين لڳو ڄڻ تہ فرمانبردار معصوم ٻار هجي.
وڏيري پنهنجي همراهن کي سڏيو.
عاشق معشوق جي جدائي ٿي.
وڏي عجيب جدائي هئي.
ٻنهي جي اکين مان ڪو ڳوڙهو نہ ڳڙيو.
ٻنهي هڪٻئي جي هٿن کي نہ ڇهيو.
ٻنهي هڪ ٻئي سان ڪا ڳرانڙي ڪانہ پاتي.
ٻنهي هڪ ٻئي سان ٻيهر ملڻ جو ڪو واعدو، اقرار نہ ڪيو.
ٻئي هڪ ٻئي کان ائين جدا ٿيا ڄڻ تہ هڪٻئي کي سڃاڻندا ئي نہ هجن.
وڏيرو سيد کي وٺي جيئن اوطاق ۾ پهتو، سيد چيو، ”سائين توهان جي وڏي مهرباني، وڏا وڙ، لڪين احسان ۽ ٿورا، هاڻي مهرباني ڪري گهوڙو سنجرائي ڏيو ۽ اجازت ڏيو، موڪل ڏيو.“
”هن مهل“؟ وڏيري حيرت مان چيو، ”سائين! اڃان تہ ڳپل رات پئي آهي، اڃان تہ وڏو اسر آهي، اوندھ انڌوڪار آهي. هن مهل اوهان ڪيئن ويندا. ٿورو ترسو. نيرن پاڻي ڪري پوءِ وڃو.“

”نہ سائين نہ.“ سيد محڪم انداز ۾ انڪار ڪندي چيو، ”توهان جا وڏا احسان، پر هاڻي اسان هتي هڪ پل، هڪ گهڙي بہ رهي نہ سگهنداسين. مهرباني ڪري اسان کي موڪل ڏيو.“

مجبور ٿي وڏيري سيد جو گهوڙو سنجرايو. سيد کي گهوڙي تي ويهاري روانو ڪيو. وڏيرو پاڻ بہ سڄي رات جو ٿڪل هو، سو ڇيله سڌي ڪرڻ لاءِ اوطاق ۾ وڇايل بستري تي آهلجي پيو. اجان ڪا جهٽ، ڪا گهڙي مس گذري هوندي جو لاڏائو ريڊارن جي ڏُٽيءَ مان اچانڪ روڄ راڙي جو آواز اڀريو. وڏيرو آواز ٻڌي هڪدم پنهنجي کٽ تي اٿي وينو.

سندس دل ۾ شڪ جاڳيو، متان ريڊارن پنهنجي رن کي ماري وڌو هجي. سندس شڪ يقين ۾ ان وقت بدلجي ويو، جڏهن واءُ سواءُ ونڻ لاءِ موڪليل هڪ همراه اچي کيس ٻڌايو تہ ريڊارن جي ڏُٽيءَ ۾ هڪ عورت مري وئي آهي. چون ٿا تہ هوءَ جهنگ جي خيال سان اٿي هئي، ٿوري وقت ڪانپوءِ جيئن هوءَ موٽي ۽ زمين تي وڇايل پاٿاريءَ تي ليٽي دانهن ڪيائين. دانهن ڪرڻ سان نہ ساه تو ڏنو نہ مون ڏنو.

وڏيري وقت وڃائڻ بنا پنهنجي ڳوٺ جي دائيءَ کي گهرايو. کيس سڄي ڳاله سمجهايائين ۽ چيائين تہ هوءَ ڏسي اچي تہ مائي پنهنجي موت مئي آهي يا گهرپي ڇڏيو اٿائونس. مائي ٿوري دير ڪانپوءِ موٽي آئي ۽ اچي تصديق ڪيائين تہ مائي برابر پنهنجي موت مئي هئي.

هاڻي وڏيري جو سڄو خيال سيد ڏانهن هليو ويو. وڏيري رات جيڪو لقاءُ ڏنو هو، تنهن کيس يقين ڏياريو تہ، سيد جي زندگيءَ جو بہ خير نہ هو. وڏيري هڪدم ڳوٺ جي

هڪ همراهہ کي پنھنجي گھوڙي تي سيد جي ڳوٺ ڏانھن روانو ڪيو.

گھوڙيسوار جيئن سيد جي ڳوٺ جي ويجھو پھتو، اتي بہ روج راڙو ھو. معلوم ڪرڻ تي پتو پيو تہ ڳوٺ جو معذور سيد ڪلهہ صبح جو ڪنھن ڪم ڪار سانگي نڪتو ھو. اڄ صبح جو سوير جيئن واپس وريو، گھوڙي تان لھي پنھنجي ڪٺ تي ويھندي دانھن ڪري ڪِري پيو، پوءِ نہ ساهہ تو ڏنو نہ مون ڏنو.

معذور سيد ۽ ريدارڻ جي ڪھاڻي، ھڪ سچي ۽ لازوال ڪھاڻي، اڪين جي گھرائيءَ ۾ فنا ٿيڻ جي ڪھاڻي ھئي. ان ڪھاڻيءَ ۾ ھر عاشق جو مانُ ھو مرتبو ھو، عزت ھئي، وقار ھو، بلندي ھئي ۽ پتنگانہ ادا ھئي.

نہ ڄاڻ ڇو جڏھن مان سيڪريٽريٽ جي ورانڊن ۾ ويني ويني ٻڏندو ھئس تہ دلاور حسين صاحب عشق جو سٽيل ھو، بي وفائيءَ جو ڏنگيل ھو، تڏھن مون کي سيد ۽ ريدارڻ جي ڪھاڻي ياد ايندي ھئي. ۽ ان ڪھاڻيءَ ۾ صرف دلاور حسين ئي سيد جيان ھو، فنا في العشق. پر شايد سندس محبوبہ ريدارڻ نہ ھئي. ھوءَ ڪا جديد دور جي جديد ڇوڪري ھئي، ماڊرن گرل. ڇا بہ ھو، منھنجي دل اڪثر چوندي ھئي تہ، آئون دلاور حسين کان پڇان تہ سائين جيڪي ورانڊن ۾ ويھي اسين ڳالھيون ڪندا آھيون، سي سچ آھن ڇا؟

آئون غريب پٽيوالو اھڙي ذاتي ڳالهہ پڇڻ جي ڪيئن ٿي جرئت ڪري سگھيس. ان ۾ ڪو شڪ نہ ھو تہ دلاور حسين صاحب مون کي ياپائيندو ھو. مون کي پڙھڻ تي ھمٿائِيندو ھو.

نوان نوان ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. ڪتابن تي ڪچهري ڪندو هو. پر پوءِ بہ هو صاحب ۽ آئون غريب پٽيوالو.
جڏهن هو نئون نئون اسان وٽ بدلي ٿي آيو هو، تڏهن هڪ ڏينهن مون کي پنهنجي اوقات جو ڀرپور نمونو احساس ڏياريو هئائين.

ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن صاحب جيئن گهنٽي وڄائي، آئون سندس اڳيان حاضر ٿيس. صاحب ڪنهن فائيل کي وڏي غور سان پڙهي رهيو هو. مون کي ائين لڳو ڄڻ تہ گهنٽي وڄائڻ ڪانپوءِ صاحب ڪان وسري ويو هو تہ، مان بہ سندس اڳيان حاضر ٿيو هوس. ڪافي دير ڪان پوءِ نہ ڄاڻ ڇو مان پنهنجي عهدي ۽ حيثيت کي وساري ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

منهنجي ڪرسيءَ تہ ويهڻ شرط ائين لڳو ڄڻ تہ صاحب کي بجليءَ جو ڪرنٽ لڳو هجي. هن فائيل مان منهن مٿي ڪنيو ۽ ائين لڳو، پنهنجي سڄي قوت گڏ ڪري، رڙ ڪيائين، ”نان سينس، بد تميز، اڙي توکي ڪنهن چيو ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ.“

صاحب جي رڙ ٻڌڻ ڪانپوءِ مان بہ ڪرسيءَ تان ائين ٽپ ڏئي اٿيو هوس ڄڻ تہ آئون انسان نہ ڪو روبوٽ هئس. روبوٽي احساس سان گڏ اهيو بہ احساس اڀريو تہ، مان ڪو نجس ۽ ناپاڪ جانور هئس، يا ڪنهن لاعلاج بيماريءَ جو وچڙندڙ وائرس! ڪمري ڪان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ائين وکون وڌيون هيون ڄڻ تہ سوين ڪارا ڇتا ڪتا منهنجي ڪڍ هئا.

جڏهن مان پنهنجي پٽيوالي واري بئنچ تي اچي وينو هئس، تہ ائين لڳو هو ڄڻ تہ آئون اڏمئو ٿي پيو آهيان.

ان ڏينهن مون زندگيءَ جو سڀ کان اهم سبق سکيو هو. اسان پٽيوالن لاءِ صاحب، صاحب هوندا آهن، پوءِ اهي پنهنجي جوهر ۾ کٽي ڪاريهر هجن، ٿنڍڻ هجن يا صوفي!.

وقت گذرندو رهيو. ڳالهيون گردشون ڪنديون رهيون. سوال پنهنجي جاءِ تي موجود رهيو نه، ههڙي سني صاحب کي ڪهڙو ڏک هو، ڪهڙو درد هو، جنهن جي ڪري هو ڏکويل هو. جنهن جي ڪري هو ڪڏهن ڪڏهن ٻرندڙ جبل جيان ڦاٽي پوندو هو.

سوال، اسان سڀني جي دلين ۾ شدت سان موجود هو.

انومان هر هڪ وٽ هئا.

مڪمل ۽ مستند جواب ڪنهن وٽ به نه هو.

پوءِ هڪ ڏينهن سُٽ سلجهيو ۽ مون کي جواب مليو. جواب ڇا هو، شڪون ۽ شڪايتن جا انبار هئا، پيار جي گل ڦل گلزاري هئي. ڪجهه واعده هئا، ڪي اقرار هئا، ڪجهه ڳوڙها هئا، وفا هئي، بي وفائي هئي، جدائي هئي ۽ جدائيءَ جو درد هو.

ٻارنهن نومبر جو صبح هو. ڪراچيءَ جي موسم معتدل ٿڌاڻ ڏي مائل هئي. گرم ڪپڙا نه ڪنهن کي به پاتل ڪونه هئا، پر پکا هلائڻ جي ضرورت به ڪنهن محسوس ڪونه ٿي ڪئي.

حسب معمول دلاور حسين صاحب ساڍي ڏهين يا يارهين وڳي ڌاري آفيس ۾ آيو. مان ڪافيءَ جو ڪوپ ناهي اڳيان رکيو. جيئن ئي واپس ورڻ لڳس، اچانڪ منهنجي ڪن تي گهٽيل سڏڪي جو آواز پيو.

مون مُڙي پٺتي ڏٺو. صاحب جي اکين مان ڳوڙهن جي برسات جاري هئي.

آئون حيران ٿي ويس.
يا الاهي هي ڇا، دلاور حسين صاحب روئي رهيو آهي.
منهنجي دل ۾ آيو، آئون وڌي وڃي صاحب کي سيني سان لڳايان. سندس ڏک ونڊيان، کيس تسلي ۽ دلداري ڏيان.
پر مون کي صاحب جا ڏنل دڙڪا ياد هئا.
مون کي پنهنجي اوقات ياد هئي.
پنهنجي اوقات جي احساس باوجود، مون دل ٻڌي، صاحب کي، ”سر! خير ته آهي؟“
صاحب مون ڏانهن ڏٺو، مون کي ٻيهڻ جو اشارو ڪري پاڻ باٿ روم ۾ ويو. هٿ منهن ڌوئي، ٻاهر نڪتو. مون کي چيائين، ”گلو گاڏي لڳراءِ، تون به مون سان هل.“
ٿوري دير کان پوءِ اسين پارڪ ٽاور تي هئاسين. صاحب پارڪ ٽاور جي ريسٽورنٽ ۾ ان پاسي کان وينو جتان سمنڊ صاف نظر ٿي آيو. مون کي به ڪوپ ڪافي وٺي اچڻ جو چيائين.
مان ڪافي وٺي اچي صاحب جي اڳيان ٻينس.
صاحب مون کي ويهڻ جو اشارو ڪيو.
مون کي منهنجي اوقات ياد آئي.
مون کي احساس ٿيو ته آئون، پٽيوالو هئس، جيڪو صرف صاحبن جي خدمت ڪري ٿي سگهيو، سندس سامهون ويهي نه ٿي سگهيو.
منهنجي اندر ۾ گهنڊ اجان به زور سان وڳو، صاحب صاحب هوندا آهن، پوءِ اهي ڪاريهر هجن، ٽنڊڻ هجن يا صوفي!

صاحب ٻيهر ويهڻ جو اشارو ڪيو، آئون ذهن کي بغير سوچڻ جي تڪليف ڏيڻ جي صاحب جي سامهون ويهي رهيس.
ڪافيءَ مان نڪرندڙ گرم گرم ٻاڦ ڪافيءَ جي طلب کي اجاگر ٿي ڪيو، پر صاحب ڪافي پيئڻ بدران سمنڊ ڏانهن تڪيندو رهيو. آئون بہ صاحب جي احترام ۾ چاهڻ باوجود بہ ڪافيءَ مان ڍڪ نہ پري سگهيس.
ڪافي دير سمنڊ ڏسڻ ڪان پوءِ صاحب جو توجہ سمنڊ تان هٽيو، هن ڪافيءَ جي سرڪي پريندي مون کي چيو، ”ڪافي پيءُ“
ڪافيءَ جون سرڪيون پريندي صاحب چيو، ”گُلو!“
”جي سائين“ منهنجي وات مان ازخود نڪتو.
”گلو! ائين چو آهي تہ عشق محبت جي معاملي ۾ هميشہ لعنتاڻو مرد کي ڏنو ويو آهي. هميشہ قصوروار مرد کي سمجهيو ويو آهي. هميشہ بي وفائيءَ جو تمغو مرد جي سِرَ تي سجايو ويو آهي. پنهونءَ سسيءَ کي پاڻ تہ ڪونہ ڇڏيو هو نہ، ڏوڪو تہ ٻنهي سان ٿيو هو نہ، سسيءَ جڏهن پنهور ڇڏيو هو تہ، هو ڏانهن پنهون بہ هوش ۾ ايندي ونءي جو پڳو هو تہ پوئتي ڪنڌ ورائي نہ ڏٺو هئائين. هاءِ هاءِ ڇا ڪجي، ڇا چئجي ڪنهن سگهڙ ڪوشش ئي ڪانہ ڪئي تہ هو پنهونءَ جي درد جو داستان بيان ڪري، ڪنهن شاعر پنهونءَ جي سسيءَ ڏي واپس ورڻ واري ڪيفيت تي هڪ شعر بہ نہ لکيو. ڪنهن ڪهاڻيڪار پنهونءَ جي درد جو داستان پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ بيان نہ ڪيو.“
دلاور حسين هڪ پَل لاءِ رُڪجي، ساهي ڪنئي. وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين ”ان مرد جو حال ڪهڙُ ٿيو هوندو جنهن کي سندس زال مٽيي تي موهجي وڪرو ڪري ڇڏيو. ۽ ويچارو راڻو، راڻو بہ تہ چڪيا تي چڙهيو هو نہ. ڄام تماچي بہ تہ

بادشاهي ڇڏي اچي ڪينجهر جا ڪنارا وسايا هئا. پر، پوءِ انهن جا جذبا، ڏک ۽ تڪليفون هميشه ستن پردن ۾ ويڙهيل رهيا. ائين ڇو آهي مسٽر گلو، ٻڌاءِ ته ائين ڇو آهي؟"

دلاور حسين صاحب ايڏي شدت سان مون کان سوال ڪيو، جو ائين گهڙي پل لاءِ وائڙو ٿي ويس. سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته ته آئون صاحب کي ڇا چوان، ڪهڙو جواب ڏيان مون پنهنجي ناسمجهيءَ جو اظهار ڪندي چيو، "سائين مان ڪهڙو جواب ڏيان. توهان پاڻ علم پرور آهيو، علم جا پندار مون کان توهان بهتر ٿا سمجهو."

دلاور حسين صاحب ڄڻ ته منهنجو جواب ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.

"مسٽر گلو! عشق به وڏي ظالم شيءِ اٿئي. هڪ پل جي لاءِ اچي ته به زندگي ڀرجي لاءِ اکين ۾ اداسي ۽ ڳوڙهن جو ٿمر ڇڏيو وڃي. اڄ 12هين نومبر جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن منهنجي عشق جي ناڪاميءَ جو ڏينهن، وفا ڪرڻ ڪانپوءِ به اڪيلي رهڻ جو ڏينهن. ان ڏينهن تي هزار سمجهائڻ جي باوجود به اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا آهن."

منهنجي دماغ جي دري کلي، اندر ۾ احساس اڀرڻ لڳو، اڄ شايد ان سوال جو جواب ملڻ وارو هو، جيڪو الاءِ ڪيتري عرصي کان وٽي اسان پٽيوالن، چوڪيدارن، ڊرائيورن ۽ ڪلرڪن جي ڪچهرين جو موضوع رهيو هو ته، دلاور حسين صاحب ڪي اندر ۾ ڪو گهرو گهاءُ هو.

"مسٽر گلو! وقت جو وهڪرو به ڏاڍو عجيب اٿئي مولانا ابوالڪلام آزاد شايد غبار خاطر جي ڪنهن خط ۾ لکيو آهي ته، ڪوڪو وقت اهڙو اچي جو گذرڻ جو نالو نه وٺي، پاڻ ته

ڪيس ونگ پئجي ويا آهن، اڳتي چرڻ جو نالو نہ وٺي، پر جڏهن گذري وڃي تہ هميشہ ائين لڳي ڄڻ تہ اها ڳالهہ اڄهو هاڻي جي آهي.“

دلاور حسين صاحب ساهي کڻي وري چيو، ”پريا ٻارنهن سال گذري ويا آهن، ان ٻارنهن نومبر کي، پر وقت ائين لڳندو آهي ڄڻ تہ ڪلهہ جي ڳالهہ هجي.“

پوءِ دلاور حسين صاحب پنهنجي ماضيءَ جو ورق ورايو ۽ ٻارنهن نومبر سان لاڳاپيل پنهنجي پوري ڪهاڻي مون کي ٻڌائي.

پڙهڻ جو شوق، ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو دلاور حسين صاحب کي انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪراچيءَ وٺي آيو.

هن ۾ همت هئي. حوصلو هو. جذبو هو. جستجو هئي. ڪراچي اچڻ سان هن مختلف نوڪريون ڪرڻ شروع ڪيون. ڪڏهن هو ٻار پڙهائيندو هو تہ، ڪڏهن ڪنهن سنڌي اخبار ۾ ڪم ڪندو هو تہ ڪڏهن وري ڪنهن پيٽرول پمپ تي نوڪري. ان سان گڏ هو پڙهندو بہ رهيو. وقت گذرندو رهيو. هن بي اي جو امتحان پاس ڪري ورتو. امتحان پاس ڪرڻ سان ئي هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ ڪيس ماستريءَ جي نوڪري ملي وئي هئي. پنهنجي بيحد محنت ڪانپوءِ هو سال ٻن اندر ئي PCS جو امتحان پاس ڪري سيڪشن آفيسر ٿي ويو.

سيڪشن آفيسر ٿيڻ ڪانپوءِ، جڏهن هو چڱي گهر ۾ رهڻ لڳو، چڱو ڪائڻ لڳو ۽ چڱو پائڻ لڳو تہ سندس زندگيءَ جون سڀ دٻيل حسرتون جاڳڻ لڳيون. انهن سڀني حسرتن مان وڏي حسرت هُئي حُسن پرستي.

هو جڏهن ڪراچيءَ ۾ زندگيءَ جي اڻ ٽڪ جدوجهد ۾ مصروف هو پنهنجي روزيءَ جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ جي مِني بسن ۽ مزدائن جي ڌڪن تا ٻن واري سفر ۾ جڏهن ڪيس ڪنهن دريءَ واري پاسي کان ويهڻ جي سيٽ ملندي هئي، تڏهن سندس دلچسپيءَ جو سڀ کان اهم نڪتو پرسان گذرندڙ اهي ڪارون هونديون هيون جيڪي يا ته حسين ڇوڪريون پاڻ هلائينديون هيون يا وري منجهن ڪا حَسين ڇوڪري ويٺل هوندي هئي، پر اهو زمانو ته اهو زمانو هو جنهن ۾ شيخ اياز جي لفظن ۾ ساهه ڪي ٻيي جي ڳولا هئي، هر شيءِ اڻپوري هئي، ماني اڻ پوري، ڪپڙا اڻ پورا، ننداڻ پوري.
سيڪشن آفيسري انيڪ اڻ پوراين کي پورو ڪري ڇڏيو هو. دلاور حسين کي ماني ملي هئي، مانُ مليو هو، بس طلب هئي ته پيار جي.

گهڻو وقت ڪونه گذريو، هو سيڪريٽريٽ نمبر ٽي ۾ سڪيشن آفيسر هو، ڊپارٽمينٽ ۾ پرتين جو مرحلو پورو ٿيو هو. دلاور حسين جي ذمي نون پرتي ٿيلن جون ڊيوٽي رپورٽون وٺڻ ۽ سندن فائيل ناهڻ هئا.

هڪ ڏينهن دلاور حسين جي زندگيءَ جو نئون ورق وريو. هو پنهنجي ڪمري ۾ ڪم ۾ مصروف هو سندس ڪنن تي آواز پيو، ”سر!“.

هن ڪنڌ کڻي متي ڏٺو ۽ پوءِ ڏسندو رهجي ويو. سامهون حسين اپسرا بيني هئي. ڇوڪري دلاور حسين کي پاڻ ڏانهن متوجه ڏسي چيو، ”سر! منهنجو نالو نعيما آهي. منهنجي سليڪشن ٿي آهي، مون کي ڊيوٽي رپورٽ ڏيڻي آهي.“

دلاور حسين ڪنڌ ڪٽي متي ڏنو ۽ پوءِ ڏسندو ئي رهجي ويو. هوءَ حسين هئي، جميل هئي، باوقار هئي، سندس وار سنهري رنگ مائل هئا، قد و چولو، اکيون گهريون ۽ رنگ گلابي گلابي، آواز منڙو.

دلاور حسين آواز ٻڌي آواز ڏي متوجہ ٿيو. سندس دل جي ڌڙڪڻ ائين تيز ٿي جڻ مِنيءَ جي ڪنهن مندر ۾ گهنڊ وڳو. پيگوان عشق جو روپ ڌاريو ۽ دلاور حسين صاحب گهرن نيڻن جي گهرائيءَ ۾ گم ٿي ويو.

اکين جي دنيا بہ عجيب آهي.

تڏهن ئي تہ مرشد فرمايو:

”ڪَجَلُ هڏمَ پاءِ، تنهنجي رُکين ئي رڻ ڪيو.“

هو اکين جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويو.

ٻڏڻ ڪانپوءِ زندگيءَ جي نئن سر ترتيب ٿيڻ لڳي.

ڪالهہ تائين، سيڪشن آفيسر جي نوڪري جيڪا ٻُسي ٻُسي بي رنگ ۽ بي ڍنگ نظر ايندي هئي سا جڻ تہ دلاور حسين جي لاءِ بي پناهہ ڪشش ۽ اڻ لکي اتساهہ جو سبب بڻجي وئي هئي.

خبر ناهي تہ نعيما جي دل ۾ بہ دلاور حسين جي لاءِ ڪو جذبو ايريو هو يا نہ، پر دلاور حسين جي دل ۽ دماغ ڏينهون ڏينهن نعيما جي جادوءَ ۾ جڪڙجڻ لڳو هو.

هوءَ جڏهن سيڪريٽريٽ جون ڏاڪڻيون چڙهي، آفيس جي ڪاريڊور ۾ داخل ٿيندي هئي، دلاور حسين هن جي نفيس قدمن جي آواز کي محسوس ڪري وٺندو هو. هوءَ جڏهن دلاور حسين جي ڪمري اڳيان گذرندي هئي، دلاور حسين بي اختيار سڏ ڪندو هو، ”نعيما!“

دلاور حسين سيڪشن آفيسر هو. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سيڪشن آفيسر وڏو طاقتور عهديدار سمجهيو ويندو آهي. اڪثر ماڻهو سيڪشن آفيسر کي ”گورنمينٽ“سڏيندا آهن. سيڪشن آفيسرن جي اختيار ۽ طاقت کي نظر ۾ رکندي تڏهن ئي ته امر جليل صاحب لکيو آهي ته، ”جنهن رات سڪيشن آفيسر پنهنجي زال سان وڙهندا آهن، ان ڏينهن قانون تبديل ٿي ويندو آهي.“

سو سيڪشن آفيسر جي سڏ کي نه ورنائڻ، نعيما جي وس جي ڳالهه نه هئي. هوءَ دلاور حسين جي ڪمري ۾ ايندي هئي، دلاور حسين سرڪاري فائيلن جي بهاني سان هن سان ڪچهري ڪندو هو.

سلسلو اڳتي وڌيو، ڳالهين جون ڳنڍيون کليون، پتو پيو ته، نعيما ايڪسائيز کاتي جي هڪ اعليٰ عملدار جي ڌيءُ هئي، سندس چاچا، ماما، سنڌ سرڪار جي اعليٰ عهدن تي فائز هئا.

سلسلو اجان به اڳتي وڌيو. نعيما جو گهڻو وقت دلاور حسين جي ڪمري ۾ گذرڻ لڳو، ڏسندي ڏسندي سڄي سيڪريٽريٽ ۾ اها ڳالهه ڦهلجي وئي ته، ”جيڪڏهن دلاور حسين کان ڪو ڪم وٺڻو هجي ته بس نعيما کي چئو“

نعيما سان گڏ پرتي ٿي آيل سندس سرتيون ۽ سهيليون کيس چيڙڻ لڳيون ته دلاور حسين مٿس موهت هو.

ان ۾ رتيءَ برابر به شڪ نه هو ته دلاور حسين ته نعيما تي ان گهڙيءَ موهت ٿيو هو جنهن گهڙيءَ کيس پهريون دفعو ڏٺو هئائين. پر جڏهن به هو چاهيندو هو ته هو نعيما جي اڳيان پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري تڏهن سندس نرڙ تي پگهر اچي

ويندو هو، زبان خشڪ ٿي ويندي هئي ۽ سندس چنگهون ٽڙڪڻ لڳنديون هيون. چون ٿا، اظهار جي حساب سان عاشقن جا ٽي قسم آهن:

پهريون قسم هوندو آهي، ڏڄڻن عاشقن جو، هو صبح جو ننڊ مان اٿڻ مهل قسم کڻندا آهن، پنهنجو پاڻ سان واعدو، اقرار ڪندا آهن ته اڄ هو هر حال ۾ پنهنجي دل جو حال پنهنجي پرينءَ کي ٻڌائيندا. هو بستري مان اٿندا آهن، هٿ منهن ڌوئندا آهن، تيار ٿيندا آهن، محبوب ڏي ويندي ويندي پڪو پهه ورجائيندا رهندا آهن، پر اچانڪ جڏهن پرينءَ سان منهن مقابل ٿيڻ جي گهڙي ايندي آهي، سندن پيرن کي الاءِ ڇا ٿيندو آهي جو هو اهو رستو، پيچرو، گهٽ ۽ گهير ئي مٽائي ويندا آهن، جتان سندن محبوب جي آمد جو امڪان هوندو آهي.

عاشقن جو ٻيو قسم هوندو آهي شرميلن عاشقن جو. هو بزدل عاشقن جيان پرينءَ کي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائڻ جو پڪو پهه ڪندا آهن، پر بزدل عاشقن جيان رستو مٽائڻ بجاءِ محبوب جي سامهون ايندا آهن. پوءِ اچانڪ ڪين الاءِ ڇا ٿيندو آهي، پرينءَ کي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائڻ بدران ڪياڙي ڪنهندي سوچيندا آهن، اڄ نه سڀاڻي ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائينداسين.

عاشقن جو ٽيون قسم هوندو آهي بي باڪ ۽ بيڌڙڪ عاشقن جو، هو ڏسندا آهن ۽ محسوس ڪندا آهن ته سندن دل ۾ ڪا ڌڙڪ ۽ ڪشش آهي، هو ڪياڙي ڪنهڻ ۽ وقت وڃائڻ بدران سڌو پرينءَ جي سامهون ايندا آهن، سندن اکيون اکين ۾ ملائي چوندا آهن، ”تون اسان کي پنهنجي موهه ۾ منڌي ڇڏيو

آهي، اسان کي تون ڏاڍي تي وڻين، هاڻي وڏيڪ آهي تنهنجي مرضي، اسان کي قبول ڪرين يا نہ ڪرين.“

دلاور حسين لڳو ائين تي ڄڻ تہ عاشقن جي ٻئي نمبر قبيلي جو فرد هو. هر روز پنهنجي عشق جي اظهار جو وچن ورجائيندو هو، پر جڏهن وقت ايندو هو تہ هو هميشہ اظهار ڪرڻ بدران ڪا آفيس جي ڳالهہ ڪري ويهندو هو.

عاشقن جا ڪٽي ڪيترائي قسم ۽ قبيلا هجن، هڪ ڳالهہ طئہ آهي تہ عشق جو صرف هڪ ئي قبيلو آهي. جڏهن بہ جتي بہ ايندو آهي ان فرد جي هرانداز، هر رنگ ۽ هر ڍنگ کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي ۽ ڍنگي ڇڏيندو آهي. عاشق پنهنجي عشق کي ستن پردن ۾ لڪائي يا پنهنجي دل ۾، اڄ نہ سڀان جي اظهار جا وچن پيو ورجائي، پر سندس اکيون، سندس زبان، سندس چهرو، غرضڪِ جسم جو هر عضوو پيو گواهي ڏيندو آهي تہ همراهہ ”عشق“ ۾ آهي.

ساڳيو حال دلاور حسين جو هو. هو عشق ۾ اظهار جي وسيلن کي تلاش ڪري رهيو هو، پر سندس وجود مان نڪرندڙ عاشقيائي، برقياتي لهرن سندس ڪيفيت کي آسپاس جي ماحول تي اظهار ڪري ڇڏيو هو. شايد نعيما بہ محسوس ڪري ورتو هو. ان ڪري ئي تہ هو معمول کان وڏيڪ سينگار جي ايندي هئي.

ٻن ٽن مهينن جي اڄ نہ سڀان جي ڪيفيت کان پوءِ هڪ ڏينهن نيٺ پيار جي اظهار جي همت پيدا ٿي ۽ همت پيدا ٿيڻ جي ڪهاڻي بہ عجيب هئي. دلاور حسين سان گڏ هڪ ٻي ڇوڪري لطيفان بہ ڪم ڪندي هئي. لطيفان کي دلاور حسين پيڻ ڪري سڏيو هو ۽ هوءَ بہ دلاور حسين جي بيحد عزت

ڪندي هئي. هڪ ڏينهن لطيفان دلاور حسين وٽ ويٺي هئي ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ دلاور حسين کان پڇيائين، ”دلاور حسين! اڄ نعيما موڪل تي آهي ڇا؟“

ان ڏينهن اتفاق سان نعيما نہ آئي هئي. دلاور حسين ڪنڌ ڌوڻي نهڪار ڪئي تہ هوءَ ڪونہ آئي هئي.

”دلاور حسين!“ لطيفان چيو، ”دلاور حسين! تو کي نعيما ڏاڍي وڻندي آهي.

سوال هو يا بمر گولو؟

سوال هو يا ٻرندڙ جبل؟

سوال هو يا تتل ٽامو؟

جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ دلاور حسين الاءِ ڪيترين ڪيفيتن مان گذريو. ۽ پوءِ هر روايتي عاشق جيان وراڻيائين. ”نہ نہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي.“

لطيفان هڪ وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو،”مون کي خبر ڪونہ هئي تہ ڪو منهنجو ياءُ گدڙن جي ڪڙمر قبيلي جو آهي.“

”ڇا مطلب؟“ دلاور حسين لفظ ائين چيا ڄڻ تہ لفظن کي ادا ٿيڻ لاءِ ايلاز ڪندو هجي.

”مطلب تہ تون ڊڄڻو آهين، بيوقوف آهين، چريا! سيڪريٽريٽ جي ماڻهن کي تہ ڇڏ، سيڪريٽريٽ جي پٽين کي بہ اندازو آهي تہ تون نعيما تي عاشق آهين.“

”نہ نہ.................“

ان کان اڳ جو دلاور حسين پنهنجو جملو پورو ڪري، لطيفان ڪيس وچ ۾ روڪيندي چيو،”بس بس هاڻي بس. جي تو کي وڻندي آهي تہ ان ۾ خراب ڳالهہ ڪهڙي آهي. چريا تون پڙهيل لکيل آهين، سيڪشن آفيسر آهين، اڳتي شاندار

مستقبل اٿئي، تون بہ ڏڄين ڇو ٿو. ڪيس سڌو سنئون پنهنجي دل جي ڳالهہ ڇئي ڏي. وڌ ۾ وڌ ڇا ڪندي، نهن ڪندي نہ، توڪي بندوق تہ نہ هڻندي نہ.“

همت جڙ پڪڙڻ لڳي.

شرميلو انسان، شرم ڇڏڻ لڳو.

حوصلي منهن مٿي ڪنيو. دلاور حسين اقرار ڪيو،”ها برابر وڻندي آهي، پر........“

”پر ڇا؟“ لطيفان سخت استاد جيان سوال ڪيو.

”پر، ڏڄان ٿو تہ هن کي چوان تہ ڪيئن چوان، جي هوءَ نهن ڪري، سيڪريٽري صاحب کي دانهن ڏئي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟“

”ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. تون دل ٻڌي چوينس.“

دلاور حسين کي دل ٻڌندي ٻڌندي الاءِ ڪيترا ڏينهن گذري ويا. لطيفان جي ٽوڪن، ڇڙٻن ۽ دڙڪن نيٺ رنگ لاتو.

شايد مارچ اپريل جا ڏينهن هئا. نعيما ۽ دلاور حسين ڪمري ۾ اڪيلا ويٺا هئا. دلاور حسين پنهنجي پيار جي اظهار لاءِ اندر ئي اندر ۾ الاءِ ڪيترا جملا ناهيا ۽ ڊاهيا. پوءِ الاءِ ڪٿان همت هن جي دل ۾ داخل ٿي، هن هڪدم ٽشو پيپر جي دٻي مان ٽشو پيپر ڪڍي پنهنجو منهن اگهيو ۽ نعيما کي مخاطب ٿيندي چيائين. ”نعيما! هڪ ڳالهہ چوڻي آهي.“

نعيما دلاور حسين ڏانهن ڏٺو. لڳو ائين ڄڻ تہ هوءَ بہ ”ڳالهہ“ ٻڌڻ لاءِ منتظر هئي.

”چئہ چئہ، ڇا ٿو چوڻ چاهين.“

”نعيما!“ ائين چئي، دلاور حسين هڪ دفعو ٻيهر ٽشو پيپر سان پنهنجو منهن ائين صاف ڪيو ڄڻ تہ سندس سڄو منهن پاڻيءَ ۾ پسيل هو. ”نعيما! مون کي تون ڏاڍي وڻندي آهين. مان

توکي Propose ڪرڻ ٿو چاهيان، مان توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان. مان پنهنجي لاءِ ٻڌائي ڇڏيانءِ ته مان هڪ غريب دوڪاندار جو پٽ آهيان. هن مهل سيڪشن آفيسر آهيان ۽ ساڍا ٻارنهن هزار روپيه پگهار اٿم.“

نعيما خاموشيءَ سان ڳالهه ٻڌندي رهي. دلاور حسين جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ ڪافي دير تائين خاموشي رهي. نعيما جي چهري تي جيتوڻيڪ ناگواريءَ وارو تاثر محسوس نه ٿي ٿيو، پر خوشگواريءَ جو تاثر به مليو نه ٿي،

دلاور حسين ڌڙڪندڙ دل ۾ دهرائڻ لڳو:-

تنهنجي رمز سجڻ مان چا سمجهان،

اقرار به آ، انڪار به آ.

ٿوري دير کان پوءِ نعيما ڳالهايو، ”دلاور حسين، تون ڏاڍو سنو ۽ شريف آهين، پر منهنجو رشتو منهنجي مالڪن جي مرضيءَ سان ٿيندو.“

دلاور حسين کي پاڻ کي مليل، ”سني“ ۽ ”شريف“ جو سرٽيفڪيٽ ڏاڍو سنو لڳو. سندس خود اعتماديءَ ۾ اضافو ٿيو. هن جو نرڙ جو پگهر سڪڻ لڳو. زبان جي هٿڪ گهٽجڻ لڳي ۽ لفظن ۾ رواني پيدا ٿيڻ لڳي. ان ئي ڪيفيت ۾ دلاور حسين چيو، ”نعيما! چا تنهنجا مالڪ، تنهنجو رشتو مون سان نه ڪندا چا؟“

”نه ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي، پر هنن جا پنهنجا Standards ۽ خواهشون آهن.“

ٿوري دير ويهڻ کان پوءِ نعيما موڪلايو. نعيما جي موڪلائڻ کان پوءِ دلاور حسين، نعيما جي والدين جي ”اسٽينڊرڊس“ تي مسلسل سجو ڏينهن ۽ سجي رات سوچيندو

رهيو. هن کي احساس هو ته هو غريب دوڪاندار جو پٽ هو. ڪيس ڪا به اباڻي ملڪيت ڪانه هئي. هو ”آڙين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا“ واري قبيلي مان هو.
هوڏانهن ڇا هو.
هوءَ ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ جي اعليٰ عملدار جي ڌيءُ هئي.
جتي پئسي جون نديون ٿي وهيون.
جنهن جو ڪلفٽن ۾ عاليشان گهر هو.
۽ هوءَ جيتوڻيڪ عهدي ۾ دلاور حسين کان ننڍي هئي، بلڪ ائين چئجي ته دلاور حسين جي ماتحت هئي، پر آفيس ڏهن لکن واري گاڏيءَ تي چڙهي ايندي هئي. سوچن دوران دلاور حسين پنهنجو پاڻ کي تسلي ۽ دلدار ڏيڻ سان گڏا اهيو به رکي رکي سوچيندو رهيو ته، ”ڪاش نه چوانس ها، ڳالهه ڍڪي ته پئي هئي نه!“
بي ڏينهن نعيما هن جي ڪمري ۾ آئي، سندس منهن تي مرڪ هئي، اهڙي مرڪ جيڪا اندر جي پسند جي جذبن جو اظهار ڪندي آهي. هن اچڻ سان ئي دلاور حسين کي چيو ”دلاور! رات نماز پڙهڻ کان پوءِ مان تنهنجي لاءِ دعا گهري هئي.“
”منهنجي لاءِ دعا؟ ڇا گهريئي؟“
”مون دعا گهري ته، الله سائين توکي سهڻي زال ڏئي“.
”پوءِ اهيا دعا ڇو نه گهريئي ته الله سائين توکي منهنجي زال ڪري.“
نعيما هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو. دلاور حسين به نعيما جو ٽهڪ ۾ سات ڏنو. پوءِ ٽهڪن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿيو.
ٽهڪن جا اڻ کٽ سلسلا ۽ ڳالهين جا بي انت قافلا جنم ٿيو به طرفي عشق جو. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هڪ ڏينهن نعيما چيو،

”دلاور حسين تون ڳالهين جو جادگر آهين. اڄ مان اقرار ڪريان ٿي تہ مان بہ تو ۾ Involve ٿي وئي آهيان.“
دلاور حسين مرڪيو، مرڪ جنهن ۾ فاتحانہ اظهار هو تہ، ڀراڙيءَ جي هڪ بي پهچ، سادي انسان، عشق جو قلعو فتح ڪري ورتو هو.
اهي ڪي چوٽيون ۽ پهاڪا ناهن. انسان جي صدين جي تجربن جو نتيجو آهن تہ، هر ابتدا کان پوءِ انتها آهي،
هر صبح کان پوءِ رات آهي.
هر خوشيءَ کان پوءِ غم آهي.
دلاور حسين نعيما جي دل جو دروازو کڙڪايو. دروازو کليو، پيار داخل ٿيو، اقرار ٿيو، پر هاڻ ڙي قسمت، سٽت، انتها جي بہ ابتدا ٿي وئي.

انساني سماج جي بيرحم سچن ۾ هڪ سچ اهو بہ آهي تہ، انسان جو بڻ بڻياد ان جو پس منظر، سندس قبر تائين ساٿ ڏيندا آهن. انسان جاگڻ ۽ خوبيون کڻيون بہ هجن اميرن جي هن دنيا ۾ خاص ڪري ان انسان جي جيڪو غريبيءَ جي ڌرتيءَ تي بيهي، اميريءَ جا ڏاڪا چڙهڻ شروع ڪندو آهي، ان جي ڳٽ جو پئمانو هميشہ ماضي ئي رهندو آهي. ان اميرن جي دنيا ۽ خاص ڪري سنڌين جي مڊل ڪلاسي اميرن جي دنيا عجيب ۽ نرالي آهي.

هاڻ هاڻ، سونهاري سنڌ جو اهو سونهري دؤر گذري ويو جنهن ۾ لياريءَ جي گهٽين ۾ گهور ڪنڌڙ هڪ يتيم ٻار پنهنجي اڻٿڪ محنت ۽ بي پناهہ ديا نتداريءَ سان ڪراچيءَ جو امير ترين شخص ٿي اڀريو ۽ زمانو اڄ بہ هن کي ”سر عبدالله هارون“ جي نالي سان ياد ڪري ٿو. ۽ هڪ ڊڪڻ جي پٽ کي

زمانو ”شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي“ جي نالي سان ياد ڪري ٿو.

پر هاءِ ڙي منهنجي منڙي سنڌ!

گذريل ٽن چئن ڏهاڪن کان پيدا ٿيل مڊل ڪلاس جنهن جو پس منظر غريب، هاري ناري، مزدور، دڪاندار ماستر ۽ ڪلارڪ هو، انهن جو اولاد پڙهيو، نوڪريون ورتائون، خوب رشوت جو پئسو ڪمايائون ۽ پوءِ اچانڪ کين پنهنجي ٻڻ ٻٽياد مان بدبوءِ محسوس ٿيڻ لڳي. پوءِ هنن ڇا ڪيو، پنهنجا نالا مٽايا، ذاتيون مٽايون ٻڻ ٻٽياد مٽايا.

ان ڪُوڙي مڊل ڪلاس جي سنڌ جي سماج تي ٻي رحماڻي اجاره داري آهي.

اهو اجاره دار ڪلاس جڏهن ڪنهن نئين ماڻهوءَ کي پنهنجي صفن ۾ داخل ٿيندي ڏسندو آهي ته سندس پس منظر جو پوت ڊيجارڻ لڳندو آهي ۽ ه نئين داخل ٿيندڙ کي ڪُٻٽيو سمجهي ان کي ٽوڪ ٽنول ڪندي، نظر انداز ڪرڻ لڳندو آهي.

رُوش جو شڪار ٿيڻ لڳو.

دلاور حسين جو عشق ٻه ان اڊنگي مڊل ڪلاسي نعيما پڙهيل لکيل هئي.

عمليت پسند هئي.

دلاور حسين کي پسند ڪندي هئي.

پر هوءَ هئي ته مڊل ڪلاسي ڇوڪري.

ايڪسائيز عملدار جي ڌيءُ.

ڪلفٽن ۾ سندس گهرهو.

پڻس ڪيس زيرو ميٽر ڪلٽس ڪار تحفي ۾ ڏني هئي.

هوءَ مهانگن شاپنگ سينٽرن تان خريداري ڪندي هئي ۽ امپورٽيڊ ميڪ اپ استعمال ڪندي هئي.
ان جي برعڪس دلاور حسين چا هو.
هڪ غريب صوفيءَ جو پٽ. غربت جي بيرحم ديو سان جنگ ڪندي ڪندي هو تازو تازو سيڪشن آفيسر ٿيو هو.
هو اجا تائين موٽن داس مارڪيٽ مان ورتل ڪپڙا پائيندو هو، هن، پرفيوم ته پري جي ڳالهه هئي، ڪڏهن روايتي سادو پائوڊر به نه هنيو هو.
جڏهن نعيما ۽ دلاور حسين جي چاهتن جو رنگ گهرو ٿيڻ لڳو تڏهن دلين جو ميلاپ پڙاڏو پيدا ڪرڻ لڳو. جڏهن پڙاڏو پيدا ٿيو ته ڳالهه سيڪريٽريٽ جي چار ديوارين مان نڪتي ۽ اچي گهر تائين پهتي.
ماءُ هڪ ڏينهن نعيما کان پڇيو، ”چوري، اهيو سيڪشن آفيسر ڪير آهي؟“
”دلاور حسين نالو اٿس.“ نعيما وراڻيو.
”دلاور حسين صفا ڄٽڪو نالو اٿس. ڪٿان جو آهي.“
”اتر سنڌ جو.“
”تون شادي ڪندينءَ ان سان؟“
”منهنجي دل چوي ٿي.“
”بڻ بڻياد جي خبر اٿئي؟ خاندان ڪيئن اٿس، پيءُ ڇا ڪندو اٿس؟“
”دلاور حسين، ٻڌايو آهي ته، سندس پيءُ فوت ٿي ويو آهي ۽ اهو هڪ دڪاندار هو.“
”دڪاندار؟“ طنز جي وڏي چولي دلاور حسين ۽ نعيما جي عشق کي پاش پاش ڪرڻ لاءِ اُٿي.

”دڪاندار؟“ نعيما جي ماءُ هڪ دفعو ٻيهر ورجايو.
”ڇري تہ نہ ٿي آن، ڪل تہ نہ ٿڙي ٿي. تون دڪاندار جي پٽ سان شادي ڪندينءَ، جنهن وٽ نہ ڪو Background نہ مال نہ متاع. ڪجهہ سوچيو اٿئي تہ Society ۾ اسان جو نڪ ڪيئن ڪپبو.“
ماءُ جي تنبيهہ نعيما جي عشق جي بنيادن کي ڪمزور ڪرڻ جي ابتدا ڪئي.
هن کي دلاور حسين سان عشق هو، ان ۾ ڪو شڪ نہ هو.
پر هوءَ مڊل ڪلاسي ڇوڪري هئي، ان ۾ بہ تہ ڪو ابهام ڪونہ هو نہ.
والدين سان گڏ هر مڊل ڪلاسي ڇوڪريءَ جي خواهش هوندي آهي تہ، سندس وَرُ ڪو اعليٰ امير خاندان جو ڊاڪٽر، انجنيئر، CSS يا PCS پاس، ڪو اهڙو ڇوڪرو هجي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڪيس هني مُون تي لنڊن، نيويارڪ نہ، تہ بہ دبئي، بئنڪاڪ يا ڪوالالمپور تہ وٺي وڃي.
نعيما جڏهن غور ڪيو تہ دلاور حسين جي ڪل ملڪيت سندس اباڻو ٽُٽل گهر ۽ ٻارنهن هزار پگهار هئي. سندس نوڪريءَ کي ٽي سال مس ٿيا هئا. رشوت مان مال ميڙڻ جا اجان ڪيس موقعا نہ مليا هئا. جيتوڻيڪ هن جو بہ دلاور حسين سان عشق هو، پر هوءَ هئي تہ مڊل ڪلاسي ڇوڪري. اعليٰ سوسائٽيءَ ۾ اعليٰ رتبي جي طلبگار. سوچن جا زاويا بدلجڻ لڳا.

عشق جو تاجي پيتو ٽٽڻ لڳو.
ڪچهريون گهِريون ٿيڻ لڳيون.

نعيما ٻن ٻيڙين جي سوار. هن دلاور حسين سان پيار ڪيو ٿي، پر سوسائٽيءَ ۾ والدين جو نڪ ڪٽرائڻ نہ ٿي چاهيو.
دلاور حسين پنهنجي شاعرانہ زبان جو ڀرپور استعمال ڪيو.
هن نعيما کي باربار يقين ڏياريو تہ هُو هن کي خوش رکندو.
هو، سندس هر خواهش پوري ڪندو.
پر نعيما هڪ مڊل ڪلاسي سنڌي ڇوڪري، خاندان جي هماليہ جهڙن انائن ۽ هڪ غريب شخص جي پيار جي ٽياس تي ٽنگجي پئي. هوءَ بهادر نہ هئي تہ مالڪن سان مڪمل بغاوت جو اعلان ڪري، پر اهڙي بيرحم بہ نہ هئي جو هوءَ دلاور حسين سان قطئہ تعلق ڪري.
حد تہ اِهيا هئي تہ، هوءَ آفيس ايندي هئي، دلاور حسين جون ڳالهيون ٻڌندي هئي ۽ روئندي هئي.
گهر ويندي هئي.
ماءُ ۽ پيڻ جا دڙڪا دهمان ۽ طعنا ٻڌندي هئي ۽ روئندي هئي.
لڳو ائين ٿي جڻ، تہ هڪ ڇوڪري ٻن انتهائن جي وچ ۾ صرف روئڻ لاءِ پيدا ٿي هئي.
سُتت ئي نعيما جي ماءُ محسوس ڪري ورتو تہ، جي قصو ائين هليو تہ ڳوڙهن مان بغاوت جنم وٺندي، جنهن کي روڪڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو.
آخر تہ مڊل ڪلاسي گهر هو.
جتي پنهنجي آزاد خيالي ۽ ٻارن جي پسند نا پسند جو خيال رکڻ بہ تہ سوسائٽيءَ ۾ نڪ اوچو رکڻ لاءِ ضروري هو.
ڳالھ اجا گهر ۾ هئي، ٻاهر ڪانہ نڪتي هئي. جي ڳالھ ٻاهر نڪتي تہ لوڪ ڇا چوندو!

”اڙي! نعيما ويچاريءَ جي مرضيءَ جو گلو گُهٽيو ويو.......ويچاري.....“

نعيما جي ماءُ کي پنهنجي روشن خياليءَ جو هر حال ۾ ڀرم رکڻو هو.

ان ڪري هن ڇوڪريءَ جي هٿان نڪرڻ کان اڳ ۾ جنگي بنيادن تي پنهنجي رتبي ۽ برابري جي بنياد تي رشتي جي تلاش شروع ڪئي.

وقت هٿن مان واريءَ وانگر وهندو ٿي ويو. هر لمحو طوفان هو.

دلاور حسين جڻ ته محسوس ڪري ورتو هو ته نعيما جي بزدليءَ سبب هو هارائي چڪو هو، پر هن چاهيو ٿي ته، وقت کي ونگ پئجي وڃن ته هو ٿورو وقت نعيما سان گڏ گذاري سگهي.

پر، ڪاتبِ تقدير، انسانن جي تدبيرن ۽ خواهشن جو محتاج نه آهي.

ڪاتب تقدير جو قلم هليو.

ٻن ٽن هفتن اندر نعيما جو رشتو هڪ سيٺ جي پٽ سان طئه ٿي ويو.

ڇوڪرو برطانيه مان پڙهيل هو، هڪ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ اعليٰ عهدي تي هو.

ان رات رنگيءَ جا ٿي رنگ هئا.

نعيما جا والدين ائين ٿي خوش ٿيا، جڻ ته هنن سڄي سنڌ تي پنهنجي فتح جو جهنڊو هڻي ڇڏيو هجي.

نعيما ويچاريءَ جون روئي روئي اکيون سُڄي پيون هيون. هن سُڄيل اکين ۽ ڏکندڙ آواز ۾ رات جو دير سان دلاور حسين کي فون ڪئي، ”دلاور! منهنجو رشتو طئہ ٿي ويو.“
هن جي طرف خاموشي هئي. ان مختصر خاموشيءَ کان پوءِ جڏهن دلاور حسين ڳالهايو تہ، ائين لڳو، ڄڻ تہ هو اهڙو مسافر هو. جنهن مختصر عرصي ۾ صحراءِ گوبي پار ڪيو هجي. هاڻي مٿس ڪنهن بہ ڏک، تڪليف ۽ مصيبت جو اثر نہ ٿو ٿي سگهي.
دلاور حسين هڪ لفظ ۾ وراڻيو، ”مبارڪ اٿئي!“
نعيما اندازو نہ لڳائي سگهي تہ دلاور حسين جي لهجي ۾ ڏک هو، ڪاوڙ هئي. ڪروڌ هو، شڪست هئي يا ڪجھ بہ نہ هو.
نعيما چيو، ”دلاور مان مجبور آهيان. مان تنهنجي پيار کي وساري نہ ٿي سگهان ۽ نہ وري مان ماءُ پيءُ کان ڪنڌ ڪڍائي ٿي سگهان.“
ائين چئي هن سڏڪي ڏنو ۽ باقي وقت سُڏ ڪندي رهي.
دلاور حسين، غريب ابنِ غريب، صحراءِ گوبيءَ جو مسافر، جن لاءِ تنبوري جي تان تي درد جو داستان بيان ڪندڙ بيان ڪيو:

ڏکوين اهجاڻ، ڪلهي ڦاٽو ڪَنجرو،
وجي گوندر گاڏيون، لوڪ نہ آڇين پاڻ،
سورن اسان ساڻ، ننڊ ئي نينهن ڪيو.

دلاور حسين صحراءِ گوبيءَ جو مسافر. هُو سُڏڪندڙ نعيما کي دلاسا ڏيندو رهيو. دلداريون ڏيندو رهيو. آٿتون ڏيندو رهيو. ڪيس پرچائيندو رهيو.
وقت رڪڻو هو نہ رُڪيو، گهوٽيتن کان وڏيڪ ڪنواريتن کي شاديءَ جي جلدي هئي. شاديءَ جي تاريخ 12 نومبر طئہ ٿي.

شادي کان لڳ ڀڳ ٻہ هفتا اڳ، نعيما، دلاور حسين کي چيو،
”دلاور! مون کي پنهنجا هٿ ڏي.“
دلاور حسين پنهنجا هٿ اڳتي وڌائي ميز تي رکيا.
نعيما پنهنجا هٿ دلاور جي هٿن تي رکي ڇڏيا.
اِهيو پهريون ۽ آخري دفعو هو. ٻن عاشق معشوقن، هڪٻئي کي ڇُهيو هو.
نعيما هوريان هوريان دلاور حسين جي هٿن کي زور ڏيڻ لڳي.
دلاور حسين کي احساس ٿيڻ لڳو.
حوا ۽ آدم جنت جي بدلي ڌرتي جو طلبي هئي؟
رانجهي هزاري جو تخت ڇو ڇڏيو هو؟
دلاور حسين، هزاري جي تخت جو وارث رانجهو نہ هو.
هو تہ ابنِ آدم هو، هڪ غريب دڪاندار جو پٽ. هن پنهنجا هٿ نعيما کان ڇڏائيندي چيو، ”ڇري! ايترو پيار نہ ڪر مون سان. شاديءَ ڪانپوءِ تہ تون مون کي سڃاڻندينءَ بہ ڪونہ.“
الله اڪبر، دلاور حسين جا لفظ هئا يا ٻرڇيون ۽ ڀالا.
هڪ دفعو ٻيهر نعيما جي اکين جا بند ڀڄي پيا. هوءَ پرس کڻي تکڙو تکڙو آفيس مان نڪري وئي. ان رات، سڄي رات فون تي سُڏڪندي ۽ دلاور حسين کي ڏوراپو ڏيندي رهي تہ، هن ڪيس ائين ڇو چيو هو تہ، هوءَ ڪيس شاديءَ ڪانپوءِ وساري ڇڏيندي. سڏڪندي سڏڪندي هن دلاور حسين کي چيو تہ، هن جي شادي ڀل تہ ڪٿي بہ، ڪنهن بہ جاءِ تي، ڪنهن سان بہ ٿئي، پر جڏهن بہ سندس ساهہ جو سڳو ٽٽو تہ، سندس زبان تي نالو صرف دلاور حسين جو هوندو.
وقت نہ رُڪڻو هو، نہ رُڪيو.

12 نومبر جي رات نعيما جي هڪ عاليشان، شادي هال ۾ نهايت عاليشان طريقي سان شادي ٿي وئي. ان رات دلاور حسين پنهنجي ڳوٺ ۾ سڄي رات سڏڪندو رهيو هو.

ان کان اڳ ۾ دلاور حسين نعيما کي شاديءَ کان پوءِ هني مون تي بئنڪاڪ وڃڻ لاءِ موڪل جو آرڊر تحفتن صحيح ڪري ڏنو هو.

مهيني اندر سڀ ڪجهه بدلجي ويو.

سنڌ سيڪريٽريٽ ساڳي هئي.

ماڻهو ساڳيا هئا، پر طور طريقا ۽ انداز بدلجي ويا هئا.

پوءِ هڪ ڏينهن هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ نعيما ڪليل نموني دلاور حسين کي چيو، ”مسٽر دلاور! تو کي ڪنهن بہ خوشفهميءَ ۾ نہ هجڻ گهرجي تہ ڪو پنهنجو Relation هيو. بس ”It was just a working relation, nothing else“

ان ڏينهن خبر ناهي تہ سسئي، سهڻي ۽ مومل مرڪيون هيون يا رُنيون هيون. دلاور حسين ڏاڍو رنو هو.

پارڪ ٽاور ۾ ويني ويني ناڪام عشق جي ڪٿا ٻڌندي ڪافي دير ٿي چڪي هئي. اسان ٻنهي جي ڪافي ٿڌي ٿي چُڪي هئي.

”گلو!“ دلاور حسين اچانڪ مون کي مخاطب ٿيو.

”جيءُ سائين!“ مون ڇرڪ پرينديءَ جواب ڏنو.

”ائين چو آهي تہ اسين پاڃن جي پنيان ڊوڙندا رهندا آهيون. اڻ ٿيڻي جي ٿيڻ جي تمنا ڪندا رهندا آهيون. ميڻ بتيءَ جيان ٻرندي ٻرندي فنا ٿي ويندا آهيون؟“

ٿوري دير خاموش رهڻ کانپوءِ وري دلاور حسين ڳالهايو.

”انهن ٻارنهن سالن ۾ مان سڪيشن آفيسر مان ايڊيشنل سيڪريٽري تي ويو آهيان. بي تحاشا پئسا ڪمايا اٿم. ٻه شاديون ڪيون اٿم. چار ٻار اٿم. پر هي نياڳو ٻارنهن نومبر جو ڏينهن هميشه مون کي ماضيءَ ۾ ڇو وٺي ويندو آهي؟“

مان دلاور حسين صاحب کي ڪهڙو جواب ڏيان ها.

منهنجي بي جوابيءَ سبب هڪ دفعو ٻيهر خاموشي ڇانئجي وئي.

اچانڪ ٽڏي ڪافيءَ مان آلين اکين سان ڏڪ پريندي، دلاور حسين صاحب جهو نگارڻ لڳو:

جا پر هندو ڪن، مُئي پڃاڻان مَيت سان،
سا پر مون سڄڻن، جيئري ڪئي جهان ۾.

باب انون

# الوداع

رات جي چوٿين پهر جو آخري پهر.
رات جي الوداع جو پهر.
اڙي هي مون کي ڇا ٿو ٿئي. هي جسم جو ساهه ڇو ٿو ڇڏايئندو وڃي. آئون ٽنگون ٻانهون چوري ڇو نہ ٿو سگهان.
مان، هي ڇا، هي ڇا، سامهون ابو، امڙ، سخاوت علي، خير بخش مون کي ڇو ٿا سڏين!!؟؟
اڙي هي ڇا، منهنجون تہ اکيون بہ بند ٿيڻ لڳيون آهن.
ڪنن تي هي زوردار روئڻ جا آواز..........
ڇا مان..................م...............ر................ر.............ي................

*ختم شده*


دنيا دم درياءُ
(ناول)
ناصر زهراڻي
دل جي شيلف
۾ سانڍڻ جهڙو
ناول
ڌرتي جڏهن ڏٽين جي هٿ ناهي رهندي تڏهن نہ رڳو ان جا وسيلا مالِ غنيمت
ٻڻجي ويندا آهن پر اُتي مڪروه سماجي قدر، اخلاقي معيارن بدران رجعت
پسند عقيدا، نا انصافي، جنونيت، بي حسي، لالچ، خود غرضي، ذات پات
جي تفريق، مڪر ۽ فريب وارا لاڙا جنم وٺندا آهن. هن ناول جا ڪردار اهڙي
ئي سماجي تاڃيپيٽي سان تعلق رکندڙ حقيقي ڪردار آهن جن منجهہ اهي
سموريون نفسياتي ڪيفيتون موجود آهن. ٻئي پاسي ڪي هاڪاري ڪردار
آهن جيڪي اهڙي صورتحال ۾ سُک نٿا سُمهن ۽ ان کي تبديل ڪرڻ لاءِ
سوچين ۽ لوچين ٿا
دادلي زهراڻيءَ ”دنيا دم درياءُ“ نالي هن ناول جي صورت ۾ جڻ زندگيءَ
جو نوحو لکيو آهي. هي ناول جيتوڻيڪ ٻولي، ماحول ۽ اسلوب جي حوالي
سان بلڪل نئون ۽ نڪور آهي پر اهو روسي ناول ”ذلتون ڪي ماري لوگ“،
”بيچاري لوگ“ ۽ شرت چندر چٽرجيءَ جي ناولن جهڙي دل تي گهري
ڪيفيت طاري ڪري ٿو
سنڌي سماج ۽ ان جي لوڪ جي ٻهراڙيءَ کان وٺي شهري زندگيءَ جي
ڀرپور عڪاسي ڪندڙ هي ناول سماجي زندگيءَ جي حقيقت نگاريءَ جو
شاهڪار آهي. احساس ۽ جذبن جي نفيس تارن کي ڇهندڙ هي ناول دل جي
شيلف ۾ سانڍڻ جهڙو آهي
علي بخش پٺاڻ
ڏوڪري
ڊسمبر 2016 04